
نالي ماتر آزادي
ذوالفقار علي ڀٽو

# نالي ماتر آزادي

ذوالفقار علي پِتو

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# انتساب

**پاڪستان جي خودمختيار عوام جي نالي**

# سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”نالي ماتر آزادي“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب پاڪستان جي پهرين چونڊيل وزيراعظم ۽ 1973ع ۾ پاڪستان کي آئين ڏيندڙ قائد عوام **ذوالفقار علي ڀٽو** جو لکيل آهي جيڪو 1969ع ۾ آڪسفورڊ پريس پاران "The Myth of Independence" جي نالي سان ڇپيو آهي. ڪتاب جو انگريزي ايڊيشن هن لنڪ تان پڙهي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب ۾ ڀٽي صاحب پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي سان گڏ دنيا جي صورتحال، سياسي حالتن، پاڪستان کي گهيريل حالتن ۽ ايندڙ حالتن جي اپٽار ڪئي آهي، پاڻ لکن ٿا:
”آءٌ تسليم ڪريان ٿو ته هيءُ ڪتاب تڙتڪڙ ۾ ۽ اهڙين حالتن هيٺ لکيو ويوآهي، جن تي منهنجو ڪو وس نه آهي ۽ جڏهن حالتن جي خلاف اهڙي ڊوڙ لڳي پيئي آهي، جيڪا پاڪستان کي انتهائي تيز رفتاريءَ سان هڪ اهڙي چوُ واٽي طرف ڇڪي وڃي رهي آهي، جتان هڪ ڪان سواءِ باقي سڀ واٽون تباهيءَ ڏانهن وڃي رهيون آهن.“
رسول بخش پليجي صاحب آڪٽوبر 2011ع ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ هن ڪتاب بابت حوالو ڏيندي چيو هو ته ”ٻي جنگ عظيم مغربي سامراجي ملڪن برطانيا، فرانس، آمريڪا ۽ جرمني گڏجي سازش ڪري جرمني هٿان روسي انقلاب جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ ڪرائي هئي، پر ان ۾ ناڪام ٿيا ۽ سخت ڪمزور ٿي ويا، ان ڪري هنن پنهنجي غلام ملڪن ۾ اندران ئي اندران پنهنجن ايجنٽن سان ساز باز ڪري نالي ماتر ڪوڙي آزادي ڏيئي ڪين سڌي سامراجي غلاميءَ مان ڪيڻي آمريڪا جي اڻ سڌي اڳي ڪان سوين دفعا وڌيڪ رهزن ۽ سفاڪ غلامي ۾ ڏيئي ڇڏيو. ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪتاب ”نالي ماتر آزادي“ جو مطلب به اهو هو.“

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو **سنڌي ادبي بورڊ** پاران 1975ع ۾ ڇپايو ويو ۽ ٻيو ڇاپو 1989ع ۾ ڇپايو ويو. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان پياري امين ڀٽي سهيڙي ۽ نئين سر پروف ريڊنگ ڪري موڪليو آهي جنهن لاءِ سنڌس ٿورائتا آهيون.

**محمد سليمان وساڻ**

**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## فهرست


| | |
|---|---|
| شڪر ادائي | 06 |
| ديباچو | 07 |
| باب پهريون: برابريءَ لاءِ جدوجهد | 09 |
| باب ٻيون: عالمي طاقتون ۽ ننڍيون قومون | 15 |
| باب ٽيون: ورهاڱي ۽ هندستان جي غير جانبداريءَ ڏانهن آمريڪي رويو | 37 |
| باب چوٿون: چين جي خلاف هندستان جي آمريڪا کان امداد وٺڻ | 55 |
| باب پنجون: آمريڪا جي هندستان لاءِ امداد ۽ پاڪستان کان بي نيازي | 73 |
| باب ڇهون: پاڪستان کي هندستان جي قيادت جي حلقي ۾ آڻڻ جي آمريڪي حڪمت عملي | 85 |
| باب ستون: آمريڪي شرطن تي هندستان سان اشتراڪ عمل | 99 |
| باب اٺون: آمريڪي مطالبا ۽ پاڪستان لاءِ کليل راهون | 106 |
| باب نائون: هند و پاڪستان جنگ ۽ ان جا مثال | 119 |
| باب ڏهون: پاڙيسرين ۽ ڪن ٻين ملڪن سان تعلقات | 128 |
| باب يارهون: ويٽ نام جي جنگ ۽ پاڪستان | 132 |
| باب ٻارهون: چين ۽ پاڪستان جا تعلقات | 136 |
| باب تيرهون: يورپي ملڪن ۽ عظيم طاقتن سان تعلقات | 139 |
| باب چوڏهون: ڪي نتيجا | 149 |
| باب پندرهون: ملڪ جو بهترين دفاع | 153 |
| باب سورهون: اڳرائيءَ جي روڪٿام | 156 |
| باب سترهون: وڌندڙ بحران جو مقابلو ڪيئن ڪجي | 160 |
| باب ارڙهون: هندستان سان تنازعي جا بنياد | 165 |
| باب اوڻيهون: هندستان سان مقابلو | 179 |
| باب ويهون: پڇاڙي | 188 |

# شڪر ادائي

جناب جي. ايم. رحيم، جنهن ڏيان سان هن ڪتاب جي مسودي کي پڙهيو ۽ جيڪي قيمتي تجويزون ڏنيون، تنهن لاءِ سندس شڪريو ادا ڪري، هن ڪتاب ۾ جيڪي لکيو اٿم، تنهن جي سڄي ذميواري ڪٽڻ کان آءٌ پاڻ کي آجو نٿو ڪريان.

آءٌ هنن جو پڻ شڪر گذار آهيان: هميش هئملٽن هارپر ۽ ائيند رو، جن مون کي جان – ايف ڪينڊيءَ جي ”دي اسٽر ٽئيجي آف پيس“ مان اقتباس وٺڻ جي اجازت ڏني؛ جوناٿن ڪيپ لميٽيڊ ۽ ڪرٽس برائون لميٽيڊ، جن بيورلي نڪلسجي ”وردڪٽ آن انڊيا“ مان اقتباس وٺڻ جي اجازت ڏني؛ چيٽو ائنڊ ونڊسلميٽيڊ ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس جن مون کي اين. سي. چوڌريءَ جي ”دي ڪانٽيننٽ آف سرسي“ مان اقتباس نقل ڪرڻ جي اجازت ڏني.

# ديباچو

سن 1958ع ۾ جڏهن مون ٽيهن ورهين جي نسبتاً ننڍيءَ عمر ۾ مارشل لا حڪومت ۾ وزير تجارت جو اعليٰ سرڪاري عهدو سنڀالي پنهنجي سياسي زندگيءَ جو آغاز ڪيو، تڏهن پاڪستان هڪ اهڙيءَ صورتحال ۾ هو، جو ان جو هر اهم فيصلو، توڙي ڪٽي ان جو واسطو خالص داخلي نوعيت جي معاملن سان هئڻ گهربو هو، بين الاقوامي تعلقات خصوصا آمريڪا سان ڪيل معاهدن جي ڪنهن نہ ڪنهن حقيقي توڙي خيالي پهلوءَ ڪان متاثر ٿي رهيو- وزير تجارت جي حيثيت ۾، توڙي ٻارڻ، بجلي ۽ قدرتي وسيلن جي وزير جي حيثيت ۾، يا وري وزير صنعت جي حيثيت ۾، جيڪو قلمدان مون کي سنہ 1962-63 ع جي دوران مليو هو.

تاريخ جو مطالعو، پنتي پيل ملڪن جي مسئلن جي ڄاڻ، ۽ بين الاقوامي سياست ۾ منهنجي دلچسپي اهي اهڙيون ڳالهيون هيون، جيڪي مون کي پاڪستان جي وزير خارجہ جي حيثيت ۾ ملڪ جي خدمت ڪرڻ واسطي حق بجانب بنائي رهيون هيون. منهنجي اها خواهش جنوري سنہ 1963ع ۾ مسٽر محمد علي بوگري جي وفات بعد پوري ٿي.

بهر حال، انهيءَ ڪان اڳ ۾ مون کي پاڪستان لاءِ بنيادي اهميت وارن بين الاقوامي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو هو. آءٌ ڊسمبر سنہ 1960ع ۾ ٻارڻ، بجليءَ قدرتي وسيلن جي وزير جي حيثيت ۾ سوويت يونين سان تيل جي ڳاهہ بابت ڳالهين ڪرڻ واسطي ماسڪو ويس. آءٌ انهيءَ ڳالهہ جو هن هنڌ فقط هن ڪري ذڪر ڪريان ٿو، جو انهيءَ واقعي سان وقت جي ان نقطي جي نشاندهي ٿئي ٿي، جتي پهچڻ ڪان پوءِ سوويت يونين سان اسان جا ناتا سڌرڻ شروع ٿيا، جيڪي ان ڪان اڳ هوندئن نهايت غير تسلي بخش هئا.

سنہ 1960ع واري جنرل اسيمبليءَ جي انهيءَ مشهور اجلاس مان واپس موٽڻ بعد، جنهن ۾ وزيراعظم خروشچيف، صدر ناصر، صدر سوئيڪارنو، مسٽرمئڪملن، پنڊت نهرو، سينور فدل ڪاسٽرو ۽ ٻين گهڻن ئي مشهورومعروف مدبرن شرڪت ڪئي هئي، مون کي يقين ٿي ويو تہ پاڪستان سرڪار لاءِ اهو وقت اچي ويو آهي، جڏهن ان کي پنهنجي خارجہ پاليسيءَ تي نظر ثاني ڪري ان ۾ ترميم ڪرڻ گهرجي. انهيءَ خيال مطابق مون پنهنجيءَ حڪومت اڳيان ڪي تجويزون پيش ڪيون، جن کي آخرڪار قبول ڪيو ويو. اهو واقعو منهنجي وزير خارجہ بنجڻ ڪان اڳي جو هو. اهڙيءَ طرح منهنجي زوربار ڪري جيڪي تبديليون ٿيون، تن جي وسيلي فضا ساز گار ٿي ۽ مون سرڪاري طرح پنهنجي ملڪ جي وزير خارجہ جو عهدو سنڀاليو.

پڙهندڙ کي هن ڪتاب جي صفحن ۾ پاڻ هي معلوم ٿي ويندو تہ منهنجا رايا ڪهڙا آهن، عالمي مسئلن ڏانهن منهنجو رويو ڇا آهي، منهنجي راءِ موجب پاڪستان طرفان پرڏيهي طاقتن سان معاملن طئي ڪرڻ ۾ ڪهڙيون غلطيون ڪيون ويون، ۽ انهن

غلطين جو تدارڪ ڪيئن ڪجي؛ ۽ اهڙي خارجہ پاليسي ناهڻ لاءِ جيڪا انهن خطرن کي تاري سگهي جيڪي هن وقت ملڪ کي درپيش آهن، منهنجون تجويزون کهڙيون آهن. انهن خيالن جو اختصار ديباچي ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بيسود ٿيندي.
ان جي باوجود هتي هنن ڳالهين تي زور ڏيڻ مناسب ٿيندو تہ چين سان قريبي تعلقات جي پاليسي، جيڪا مون تشڪيل ڏني ۽ عمل ۾ آندي، پاڪستان لاءِ لازمي آهي؛ ٻيو تہ عظيم طاقتن سان معاملن هلائڻ ۾ اسان کي انهن جي دٻائن جو اهڙي وقت تي پنهنجن سيني موجود وسيلن سان مقابلو ڪرڻ گهرجي، جڏهن اهي اسان جي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ کي نقصان رسائينديون هجن؛ تہ اهڙا عهدناما، جن جو مقصد پاڻ کي نقصان پهچائڻ يا انصاف جي اصولن جي خلاف ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان تڪرارن جو نبيرو ڪرڻ هجي، جيڪي قومي سلامتيءَ بلڪ خود قومي بقا جي بيخ ۽ بنياد تي وار ڪن ٿا، تن کان بچاءُ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن آءٌ ڪن پاليسين جي پاڻ تي ذميواري ڪڻان ٿو تہ ان سان گڏ هيءَ حقيقت بہ تسليم ڪريان ٿو تہ جون 1966ع تائين، جڏهن مون وزير خارجہ جو عهدو ڇڏيو، مون انهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ هرطرح سان ڪوشش ڪئي.
جيتوڻيڪ منهنجي دل گهڻو ئي پئي چاهيو تہ 1965ع واريءَ پاڪستان-هندستان جنگ ۽ ان کان پوءِ ٿيل تاشقند پڌرنامي جي ڪجهہ وڌيڪ اپٽارڪريان، پر پوءِ مون مختلف سببن جي ڪري انهن ۽ ڪن ٻين موضوعن تي بحث ڪرڻ جي معاملي کي مستقبل ۾ ڪنهن مناسب موقعي تائين ملتوي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. تاريخ جي انهيءَ باب متعلق حقيقت بيان ڪرڻ جو مرحلو اجا اڳتي اچڻو آهي.
آءٌ تسليم ڪريان ٿو تہ هيءُ ڪتاب تڙتڪڙ ۾ ۽ اهڙين حالتن هيٺ لکيو ويوآهي، جن تي منهنجو ڪو وس نہ آهي ۽ جڏهن حالتن جي خلاف اهڙي ڊوڙ لڳي پيئي آهي، جيڪا پاڪستان کي انتهائي تيز رفتاريءَ سان هڪ اهڙي ڇوٽ واٽي طرف ڇڪي وڃي رهي آهي، جتان هڪ ڪان سواءِ باقي سڀ واٽون تباهيءَ ڏانهن وڃي رهيون آهن.

ڪراچي،
نومبر1967ع.

# باب ٻهريون
# برابريءَ لاءِ جدوجهد

١٩-مئي ١٩٥٤ع تي، پاڪستان ۽ آمريڪا ڪجهه مشڪل مذڪرات ڪانپوءِ، ”باهمي دفاعي امدادي معاهدو“ ڪيو ۽ هڪ اهڙي لاڳاپي واري دؤر ۾ داخل ٿيا، جنهن کي نرم لفظن ۾ ”خاص ناتو“ سڏيو ويو. آمريڪا پاڪستان کي ٻارهن سالن کان مٿيري عرصي تائين ڪافي اقتصادي ۽ فوجي امداد ڏيندي رهي. ١٩٥٩ ع ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ غلط فهميون پيدا ٿيون ۽ اهي خاص طرح سان هندستان ۽ چين واري جهڳڙي کان پوءِ جيئن پوءِ تيئن وڌنديون ويجهنديون ويون، آمريڪا ۽ پاڪستان جا لاڳاپا اختلافي صورتن ۾ هلندا رهيا، جن جو اثر ڪڏهن مالي معاملن تي ۽ ڪڏهن زياده موثر طريقي سان سياسي معاملات تي پيو. باهمي تعلقات جي اها لار آشنائيءَ جي چيڙي ڪانبيگانگيءَ جي چيڙي تي وڃي پهتي آهي. هڪ اهو به وقت هو، جڏهن پاڪستان کي ”آمريڪا جو ويجهن ۾ ويجهو ساٿي“ سڏيو پئي ويو ۽ آمريڪاجي ٻين طفيلي ايشيائي ملڪن کي چيڙائيندي، صدر ايوب خان ١٩٦١ع ۾ آمريڪي ڪانگرس ۾ پنهنجي هڪ تقرير دوران، انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته ايشيا کنڊ ۾ فقط پاڪستان ئي اهو واحد ملڪ آهي، جنهن جي سر زمين تي ”آزاد دنيا“ جي بچاءَ لاءِ آمريڪي فوجون ڪنهن به گهڙيءَ لهي سگهن ٿيون. جڏهن ”يو-ٽو“ واري واقعي ۾ ڪمال جي سياست ڪيڏندي آمريڪا مبهم بيان بازيءَ کان ڪم ورتو، تڏهن پاڪستان، شاهه کان وڌيڪ شاهه پرستيءَ جومظاهرو ڪندي، ڪليو ڪلايو اقرار ڪيو ته ”يو- ٽو“ هوائي جهاز پاڪستان مان اڏاڻو هو ۽ پاڪستان کي هڪ پڪي دوست جي حيثيت ۾ آمريڪا کي اهڙي اجازت ڏيڻ جو حق هو. هڪ چوٿائي صديءَ کان به گهٽ عرصي اندر، پاڪستان جي آمريڪا توڙي هندستان سان لاڳاپن جو هڪ دؤر پورو ٿيو آهي. زوردار ڪوششون ڪيون ويون آهن ته پاڪستان کي هندستان سان محاذ آرائيءَ واري موقف تان هٽائي، تعاون واري طريقي تي آندو جيءَ ۽ ان ئي سلسلي جي نتيجي طور پاڪستان جا آمريڪا سان تعلقات ڊرامائي انداز ۾ هڪ ”ويجهن ۾ ويجهي ساٿي“ واريءَ حيثيت مان بدلجي انهيءَ تي پهتا آهن، جواهو الزام هنيو وڃي ٿو ته آمريڪا جي مکيه ويري يعني عوامي جمهوريه چينءِ پاڪستان جي وچ ۾ سازباز آهي. اهي ٻئا چڪر ڪيئن مڪمل ٿيا آهن، اهوگهڻن لاڳاپيل حقيقتن جهڙوڪ قومي احساسات، جاگرافي، پرآشوب ماضي ۽ ڪهنه روايتن جي باهمي اثراندازيءَ جو دلچسپ مطالعو پيش ڪري ٿو.ايشيائي اسرندڙ قوم پرستيءَ جي جذبي کان متاثر ٿيل هڪ قديم قوم جو تفاخرءِ جذبا ۽ انهيءَ ۾ شامل آهن. اها ڪهاڻي مذهب کان وٺي اقتصاديات تائين جاگرافيءَ کان وٺي سياست تائين، تاريخ کان وٺي ڏندڪٿائن تائين ۽ قوميت ڪانوٺي نسل ڪشيءَ تائين هڪ وسيع افق تي پکڙيل آهي. گهڻو ڪري آمريڪا کي هن ڄار جي هر و ڪڙ

۾ وچڙايو ويو آهي. هيءُ ڪتاب هن گهڻ رخي صورتحال جي هڪڙي رخ پرکڻ جي ڪوشش آهي.
جيتوڻيڪ ويجهي ماضيءَ ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا جا لاڳاپا ناهموار حالات جا آئينہ دار پئي رهيا آهن، پر آمريڪا جي فقط انهيءَ فيصلي تہ پاڪستان جيفوجي امداد بند ڪئي وڃي-هڪ اهڙي ملڪ جي جنهن سان آمريڪا باهميءِ سيٽو ۽ سينٽو جي دفاعي معاهدن ۾ شموليت جي ڪري رسمي طور اجا تائينڳنڍيل ۽ جوابدار آهي-ٻنهي ملڪن جي انهيءَ خاص تعلق ڪي آخري طرحٻنجو ڏنو. اربع ڏينهن ١٢-اپريل ١٩٦٧ع تي واشنگٽن ۾ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي هڪ ترجمان هينين پڌرائي ڪئي:
”اسان هندستان ۽ پاڪستان جي فوجي امداد جي گنجائش متعلق پنهنجي پاليسيءَ جو مفصل جائزو ورتو آهي ۽ اهو فيصلو ڪيو آهي تہ سيپٽمبر ١٩٦٥ع کان روڪيل فوجي امداد نئين سر جاري نہ ڪنداسون،
”اسان انهيءَ ڪري آمريڪا جي پاڪستان ۾ پنهنجي اداري يو-ايس ملٽرياسٽنس ائڊوائيزري گروپ (يو-ايس ايم-اي-اي-جي) ۽ هندستان ۾ يو-ايس ملٽريسپلاءِ مشن (يو-ايس-ايم-ايس-ايم-آءِ) کي بند ٿا ڪريون. ٻنهي ملڪن ۾ پهرين جولاءِ ١٩٦٧ع تائين انهيءَ ڪم جي پوري ٿي وڃڻ جي توقع آهي.
”اسان اهو بہ فيصلو ڪيو آهي تہ آمريڪا جي حڪومت طرفان فاضل پرزن جي مختلف قسمن جي سپلاءِ تي پيل موجوده بندشن کي ختم ڪيو وڃي ۽ اهي هندستان ۽ پاڪستان کي اڳيئي ڏنل فوجي سامان لاءِ ڀلي وڪرو ڪيا وڃن. هن کان پوءِ اسان نقد پئسن تي فاضل پرزن جي خريداريءَ لاءِ ايڪسپورٽ پرمٽن جي اجراءِ جي سيني درخواستن تي الڳ الڳ ويچار ڪرڻ لاءِ تيار رهنداسين.
”آمريڪا پنهنجي فوجي سامان جي وڪري واري پاليسيءَ تي احتياط سان ان ڳالھ جي خاطري ڪرڻ لاءِ مسلسل نظرثان ڪندي رهندي تہ اها پاليسي پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ هٿيارن جي ڊوڙ کي تيز ڪرڻ جو ذريعو نہ بڻجي. اسان وڏي اميد رکون ٿا تہ ٻيئي ملڪ پنهنجن انهن مسئلن ۽ اختلافن کي، جن کين هڪٻئي کان پري ڪيو آهي، حل ڪرڻ لاءِ اڳيرو وڌندا ۽ اهي پنهنجي زرعي ۽ صنعتي ترقيءَ کي خاص ترجيع ڏيڻ لاءِ پنهنجن وسيلن کي استعمال ڪندا “[1].
اهو فيصلو برصغير ۾ عمومي طور ۽ ايشيا جي مستقبل تي خاص طرح، جنهن هينئر بحران جي مکيہ سرچشمي جي حيثيت سان يورپ جي جاءِ ورتي آهي، ۽ جنگ ۽ امن جي نهايت اهم معاملن تي اثر انداز ٿيو آهي، دور رس نتيجي جو حامل آهي. يورپ صدين تائين اهو مرڪز هو جتان جڳهڙن جي پڪيڙ پئي ٿي. انهيءَ چوڻ جو اهو مطلب ڪونهي تہ ايشيا مشڪلن کان آجو هو ۽ ساڳئي وقت يورپ انقلابن ۽ بغاوتن جي چنبي ۾ هو، تاريخ اجا تائين انسانن جي آباديءَ جي ڪنهن بہ حصي کي مڪمل طور تي سڪون نہ بخشيو آهي. جيڪي ٿيو آهي اهو اِهو آهي تہ شديد طوفان جي رخ ايشيا ڏانهن موڙ ڪاڌو آهي، جتي ويٽنام ۾ خوني جنگ لڙي پئي وڃي، جنهن جي نتيجي

تي ئي هر هنڌ جي ماڻهن جي قسمت جو مدار آهي. اهو لتاڙيل ملڪ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي. جيتوڻيڪ اهو معاملو وقتي طور ويٽنام تائين محدود آهي، پر اهو بلڪل ممڪن آهي تہ جڏهن اهو ڪنهن نازڪ مرحلي تي پهچندو تہ جنگ پنهنجون موجوده حدون لتاڙيندي ايشيا جي اٿاهہ زمين ڪي جنگ جي وسيع ميدان ۾ بدلائي وجهندي ۽ شايد ان جا تباهہ ڪن شعلا اڳتي بہ وڌي وڃن.

دنيا ڪيئن نہ قطعي طور تي تباهہ ڪن آڙاهہ جي ڪنڌيءَ جي ويجهو پهچي سگهي ٿي، اهو وچ اوڀر جي تازي جنگ واري زماني ۾ ڏٺو ويو هو. انهيءَ جنگ کان اڳي جي بحران آمريڪا ۽ روس جي اڳ ئي نازڪ تعلقات کي ختم ڪرڻ جو خطرو پيدا ڪري ڇڏيو. اهي تعلقات ختم نہ ٿيا ۽ روس پوئتي هٽي ويو، انهيءَ مان اسان کي غلط طور تي اهو نہ سمجهڻ کپي تہ روس هميشہ پوئتي هٽندو ۽ پنهنجي دنيا جي اڳواڻ هئڻ واريءَ دعويٰ کي ڌڪ هڻندو. عرب ملڪن ۽ يهودين جي وچ ۾ جنگ الهندي ۽ ڏکڻ اڀرندي ايشيا کي جنگ جي ساڳي ئي بڻيءَ ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ماڻهن ۾ اهو خطرو پيدا ڪيو تہ انهيءَ بڻيءَ جون چڻنگون گڏجي سڄيءَ دنيا ۾ باهہ نہ ٻاري ڇڏين. انهن پنجن ڏينهن واري جنگ جي ابتدا توڙي اختتام جو ويٽنام سان سنئون سڌو ڳانڍاپو هو. جيڪڏهن آمريڪا جنگ ۾ گهري نموني پاٿل نہ هجي ها ۽ جيڪڏهن انهيءَ جنگ ۾ روس جو وڌندڙ انتظار شامل نہ هجي ها تہ وچ اوڀر وارو بحران نہ ائين اوچتو ظهور پذير ٿئي ها ۽ نہ وري ائين بي وقتائتو ختم ٿئي ها. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ وڏي سياسي واقعي خاص طرح ايشيا ۾ اهڙي واقعي جي اصليت ۽ نتيجي کي ويٽنام جي جنگ کان الڳ نٿو ڪري سگهجي.

هڪ طرفيءَ حڪمت عمليءَ جو رجحان غلط آهي. جيتوڻيڪ ماڻهن جو اهوفطري لاڙو آهي تہ پنهنجيءَ حالت مطابق ئي ڪنهن مسئلي کي سوچين، پردنيا جا حالات انهيءَ محدود فڪر کي رد ڪريو ڇڏين. دنيا ۾ ٿيندڙ واقعا اهڙا ڏکيا ۽ هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن جو ڪو بہ هڪ اهم فيصلو فقط هڪ قوم جودر نٿو ڪڙڪائي. سياست جا هٿيار پنوهار هاڻ فطرتا حدن اندر مقيد نہ رهيا آهن. سڀني قومن خصوصي طور تي وڏين طاقتن جا اقتدام گهٽين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي ۽ هڪ وسيع ميدان کي سميٽڻ جي ڪري متاثر ٿين ٿا.

اهي اهم فيصلا، جيڪي بظاهر فقط پاڪستان کي متاثر ڪندا ڏسجن ٿا، تن جواطلاق، در حقيقت وڌيڪ وسيع آهي. ويٽنام جنگ جو اوپر جيڪڏهن فقط آمريڪا ۽ ويٽنام سان ئي تعلق رکي ها تہ اها هڪ سولي ڳالهہ ٿي پوي ها، پرجنگ جي اپاريندڙ هر قدم کي نہ فقط ويٽنام ۽ آمريڪا جي حالات تائين پرکڻو آهي، پر چين، روس ۽ ٻين ملڪن جي روڪڻ واري فيصلي جي انهن وسيع سببن کي، جيڪي ايشيا کي متاثر ڪن ٿا، نظر ۾ رکي سوچڻو پوندو. داءُ جيترا بظاهر نظر اچن ٿا، انهن کان مٿيرا لڳل آهن، انهيءَ کي وسيع تر قومي مفادن جي حفاظت کي نظر ۾ رکي تسليم ڪرڻو پوندو.

جيڪڏهن بين الاقوامي حالات کي هڪڙي ئي نقطہ نگاھ سان ڏسبو، تہ پوءِ آمريڪا جو پاڪستان کي فوجي امداد بند ڪرڻ وارو فيصلو بي وقتو ۽ يڪ طرفو قدم نظر ايندو. پر بهرحال جيڪڏهن دنيا جي واقعن جو ٻہ –طرفہ لاڳاپن سان نہ پر دنيا جي لحاظ سان تحقيقي تجزيو ڪيو ويندو تہ پوءِ اهوفيصلو نہ بي وقتو آهي ۽ نہ هڪ طرفو آهي. اهو تمام ضروري آهي، تہ انهيءَ اهم فيصلي ۽ آمريڪا ۽ پاڪستان جي مستقبل جي تعلقات کي گهري ۽ تحقيقي نموني سان جانچيو وڃي، تہ جيئن اهو متعين ڪري سگهون تہ اسان دنيا جي ٻين قومن سان ڪيئن ٻيٺل آهيون ۽ اڃا آئنده ڪيئن ٻيهنداسون. مستقبل کي اڳواٽ ڏسڻ جون ڪوششون صحيح سياسي فيصلن کي قائم ڪرڻ ۾ مدد گارثي سگهن ٿيون ۽ اسان جي ماڻهن کي بہ انهن مشڪلاتن ۽ موجهارن کان آگاھ ڪري سگهن ٿيون، جن کي هن بي يقينيءَ واري گڏ رهڻ ۽ گڏ تباھ ٿيڻ واريءَ دنيا ۾ منهن ڏيڻ جو امڪان آهي.

انهيءَ وقت کان جڏهن انسان زندگيءَ کي وڏيڪ وٽندڙ بنائڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجون چرون ڇڏي ٻاهر نڪتو، تڏهن کان هو پنهنجي هم جنسن سان مقابلي ۾ ئي رهيو آهي ۽ سيئي ساڳين ئي قوتن جي اثر هيٺ تحريڪ ۾ آيا ۽ سيئي ساڳين يا ملندڙ جلندڙ مقصدن لاءِ ڊوڙ ڊڪ پئي ڪئي آهي. تهذيب جي اوسر سان وجود جي بقا لاءِ جدوجهد جو وڏي ۾ وڏو اظهار ملڪن جي تعلقات ۾ ملي ٿو. ارسطو ان نتيجي تي پهتو تہ "اهو ظاهر آهي تہ رياست فطرت جي هڪ تخليق آهي ۽ ماڻهو فطري طور تي سياسي جانور آهي ۽ هر اهو شخص جيڪو فطري طور ۽ نہ فقط ڪنهن حادثي جي ڪري ڪنهن بہ ملڪ سان متعلق نہ آهي اهو يا تہ انسانيت جي درجي کان مٿي آهي يا ان کان هيٺ، تمدن ۽ علوم جي واڌاري پنيان اهائي انساني خواهش موجود آهي، جنهن جو اظهار رياست جي ذريعي ٿئي ٿو، تان تہ اتي زندگيءَ کي هڪڙي گڏيل وحدت اندر وڏيڪ آسائتو ڪجي. مختلف گروهن ۾ پنهنجي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي جهڳڙا پيدا ٿين ٿا، اهي تاريخ جا جزا آهن. اعليٰ شڪل ۾ منظم گروھ يعني قومي رياست نهايت ئي جابر آهي. ڇاڪاڻ جو اهي فرد جيڪي گڏجي اها رياست ناهين ٿا، انهن لاءِ اها نهايت ئي تڪليف ده آهي.

اهڙن گروهن جي وچ ۾ مقابلا يا سندن پنهنجي پاڻ ۾ جهڳڙا احتجاج جي هڪ شڪل پيدا ڪن ٿا، جيڪا آهي هڪجهڙائيءَ لاءِ جدوجهد. اهو تمدن جي ظهور پذير ٿيڻ سان ئي شروع ٿيو. قديم تهذيبي گهوارن جي جهڳڙن جون ثابيتون موجود آهن، جيڪي چار هزار ورهيہ قبل مسيح ۾ دجلہ-فرات وادي ۽ سنڌوماتر جي تمدن ۾ ظاهر ٿيا. انهن کان پوءِ جيڪي تمدن آيا، مثال طور مصر، يونان، ڪارٿيج ۽ روم، تن سڀني جو انهن ساڳئي قسمن جي جهڳڙن سان پلئہ اٽڪيو. قديم ايران ۽ بازنطين، سلطنت عثمانيہ، انگريز ۽ فرينچ شهنشاهيتن جي بينڪي اڏن ۽ نازي جرمنيءَ ساڳئي ڊرامي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن جو محرڪ ٻين تي مسلط ٿيڻ جي هبچ ۽ هڪجهڙائيءَ جي جدوجهد سان جهيڙڻ هو. جڏهن بہ ٻين کي مسلط ٿيڻ واري تحريڪ جي تحت

وقتي طور باهہ وساڻي يا تلوار واپس پنهنجي مياڻ ۾ وئي، پوءِ بہ اها جدوجهد ( برابر ي واري) مختلف نالن ۽ روپن ۾ جاري رهي. غلبي کي سيني کان وڌيڪ مضبوط جي بقا جو نالو ڏيئي صحيح عمل سمجهيو ويو آهي، انهيءَ کي گوريءَ ماڻهوءَ جي ذمہ داري جي نالي سان سڏيو ويو آهي. انهيءَ کي انهن نظرين سان شاندار بنايو ويو آهي تہ اهي فقط حاڪم قوم جون ذميواريون آهن. اڄ انهيءَ قديم جدوجهد کي مختصرا جمهوريت جي نظريي ۾سمايو ويو آهي جيڪو آمريت جو ضد آهي.
ويجهڙي زماني ۾، انسانيت کي ظلم ۽ ستم کان نجات ڏيارڻ لاءِ هر هنڌ جي ستم زده ماڻهن کي، جيڪي بينڪي سامراجيت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئا، وڏوزور ڏيئي هن ڳالهہ تي آماده ڪيو ويو تہ اهي ”نازي ازم“ جي خلاف جدوجهد ۾ حصو وٺن.
نازي ازم جي شڪست کان هڪدم پوءِ ايشيا ۽ تمام گهڻين قومن پنهنجي سياسي آزادي حاصل ڪئي. تقريبا ٻن صدين جي غلاميءَ کان پوءِ هندستان ۽ پاڪستان اسان جي ايشيا کنڊ جون وڏيون ڏريون هيون جيڪي مٿين معنيٰ ۾ آزاد ٿيون. ويهن سالن جي آزاديءَ هندستان ۽ پاڪستان جي ماڻهن تي واضع طور تي انهيءَ تفاوت جو انڪشاف ڪيو آهي، هو حقيقتا محض آزادي ۽ برابر درجي وارين ٻين رياستن جي وچ ۾ هوندو آهي. برابريءَ جاري رهي آهي. ڌارين جي غلاميءَ جي جاءِ ڌارين جي دخل اندازيءَ والاري آهي ۽ اها فيصلہ ڪن طاقت، جيڪا اسان جي ماڻهن جي زندگيءَ کي بنيادي طور تي متاثرڪري سگهي ٿي، انهيءَ کي نئين – بينڪيت جي قانون سان بي اثر بنايو ويو آهي. جنگ کان پوءِ نازي ازم جي خلاف آمريڪا ۽ روس جي وچ ۾ سرد جنگ جاري ٿي، جيڪا مائوزي تنگ جي ١٩٤٩ع واري ڪامياب لانگ مارچ کان پوءِ پاڻ وڌيڪ تيز ٿي ويئي.
آزاديءَ کان وٺي پاڪستان جا پرڏيهي تعلقات مختلف درجن ۾ ظاهر پئي ٿيا آهن. ڪي قدر اهي تعلقات بدلجندڙ حالتن کان متاثر ٿيا ۽ ڪي قدر جذبات ۽ ظاهري فيصلن کان، جيڪي نين قومن جي سوچ تي لازمي طور تي پنهنجو اثر ڪن ٿا. پاڪستان جي برصغير ۽ ايشيا ۽ دنيا ۾ ڪردار ڪي صحيح ۽ غيرجانداريءَ سان ڏسڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ٻين ملڪن سان سندس تعلقات کي عارضي طور تي جانچڻ جي جاءِ دنيا جي واقعات ۽ انهن صحيح حقيقتن کي نظر ۾ رکي متاثر ڪريون، جن ننڍين توڙي وڏين قومي رياستن کي متاثر ڪيوآهي. نظرياتي سياستدانن جو خصوصا پاڪستان ۾ اهو لاڙو پئي رهيو آهي تہ ڪنهن بہ پاليسيءَ جي اچانڪ ظاهر ٿيل واقعن جي بنياد تي چند چاڻ ڪن ۽ تڪڙن ۽ هڪ طرفن نتيجن تي پهچن. اسان جي جامد فيصلن ۽ انهن تي ضد ٻڌي بيهڻ واري عادت ڪري تڪليفون پيدا ٿين ٿيون. حقيقتن کي زياده صحيح طور تي سڃاڻڻ لاءِ اسان کي پراڻين عادتن کي الوداع ڪرڻي پوندي. حقيقتاً تازن ظاهر ٿيل واقعن جي اثر کي تڏهن ئي پرکي سگهبو، جڏهن هر وڏي واقعي کي جيڪو بين الاقوامي طاقتن جي ٽڙيل پکڙيل مونجهاري واريءَ سياست جي ڪري ظاهر ٿو ٿئي ان جي صحيح مقام تان جانچبو، منهنجي ڳالهہ تنهن ڪري لازمي طور تي آغاز

ڪان شروع ٿيڻ کپي يعني برصغير جي ورهاڱي کان ٿورو اڳ هٽلر جي ٿرڊ رائيش جي شڪست کان وٺي.

---

[1] ڊان ڪراچي 13 اپريل 1967ع

# باب ٻيون
# عالمي طاقتون ۽ ننڍيون قومون

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي پڄاڻيءَ ڪان هڪ نئين سياسي صورتحال پيدا ٿي آهي، جيڪا، چاڪاڻ ته شايد ايتري قدر واضع آهي، جو ان کي صحيح پس منظر ۾ نه ڏٺو ويو آهي ۽ ان جي اثرن کي ڪڏهن به پوري طرح نه سمجهيو ويو آهي. ١٩٣٩ع تائين اهو چئي سگهجي ها ته وڏيون طاقتون هي هيون:

1.آمريڪا.
2.برطانيا.
3.فرانس.
4.جرمني.
5.روس.
6.جپان.
7.اٽلي.

اوڻيهين صديءَ ۾ ۽ ويندي ويهين صديءَ جي پهرين اڌ تائين، پر ڏيهي معاملن کي هلائڻ جو روايتي طريقو علائقي معاهدن تي مبني هو، جنهن جو مقصد هوننڊين قومن جي حمايت سان وڏين طاقتن جي گروهه بندين جي وچ ۾ توازن قائم رکڻ. انهيءَ تمام نازڪ توازن کي برقرار رکڻ سان ئي امن قائم رکيو ٿي ويو، ۽ امن تڏهن خطري ۾ پئجي ٿي ويو جڏهن توازن، اٽلي هڪ نه ٻئي ٽولي جي فائدي ۾ ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ ننڍيون قومون مختلف سياسي سوديبازين جي ذريعي وڏين طاقتن جي پاليسي ۽ ڳانڍاپي تي اثرانداز ٿي سگهيون ٿي.

اڄ دنيا جي عالمي طاقتن جي ميدان ۾ اچڻ سان اهو ڪجهه بدلجي ويو آهي. عالمي طاقتون وڏين طاقتن وارين سيني ڪلاسيڪي صفتن سان گڏ ساڳئي وقت تي وڏيڪ طاقتور آهن ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي قسمتن جي تعين ڪرڻ ۾وسيع تر ڪردار ادا ڪن ٿيون. گذريل ويهن سالن جي اندر انهن عالمي طاقتن جي ظهور، حڪومت هلائڻ جي طريقهٔ ڪار جي سڄي نظريي کي بدلائي ڇڏيو آهي. اهي سڀ ننڍيون قومون، جيڪي ترقي پذير قومن جي باب ۾ اچي وڃن ٿيون، تن لاءِ وڏين طاقتن سان لڳاپي کي متعين ڪرڻ ۽ پنهنجي قومي مفاد کي مقدم رکڻ وڏيڪ منجهائيندڙ ۽ مشڪل ٿي پيو آهي. ننڍي قوم جيڪا حڪمت عمليءَ جي نون طريقن کي سمجهي نٿي سگهي تنهن جي قسمت ۾ نااميدي، نراسائيءَ جو احساس، تنهائي ۽ شايد پڇاڙيءَ ۾ مڪمل تباهي لکجي چڪي آهي. هڪ ترقي پذير ملڪ جي حيثيت سان، پاڪستان کي اهو سمجهڻ کپي ته پنهنجي معاملات کي هن نئين صورتحال ۾ ڪيئن هلائجي.

اڄ وڏي طاقت ڇا آهي ۽ ڪي ڏهاڪا سال اڳ هڪ وڏي طاقت ڇا هئي اها هڪ ڳڻ آهي جيڪا چند ڇاڻ جي لائق آهي. شهنشاهي دؤر ۾ وڏي طاقت جي اثر جو دائرو ۽ قبضو

عالمي نوعيت جو نه پر علاقائي نوعيت جو هو. سڪندراعظم ڪوشش ڪئي ته سڄي دنيا فتح ڪري، پر اها هڪ ننڍڙي دنيا هئي. رومين جون فوجون سڄي يورپ ۽ ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪجهه حصن تي ڇانئجي ويون، پر جن ملڪن ۾ روم جو حڪم جاري ٿي ٿيو تنهن ڪان دنيا اجا به وڌيڪ وسيع هئي. شارل مين يورپ تي قابض هو، پر سندس زماني جي سياسي يورپ جون سرحدون مشرق طرف ڪنهن گهٽيءَ حد تائين پکڙيل نه هيون. چنگيز خان جي ڪٽڪن ايشيا لتاڙي ۽ يورپ جي ڪجهه حصن تي گهوڙا ڊوڙايا، پر سندس فتحون دنيا لاءِ عمومي طور تي دير پا نتيجن جون حامل نه رهيون. نيپولين هڪ عالمي سرشتي جو خواب ڏٺو جيڪو ماسڪو جي رڪ ۾ ختم ٿيو. هٽلر به ساڳيءَ هوس ڪان متاثر ٿيو، پر هو به ماسڪو جي دروازن تان پوئتي هڪاليو ويو.

سڪندر ڪان وٺي هٽلر تائين، ڪيترائي فا تح دنيا جي فتح ڪرڻ لاءِ نڪتا پرناڪام ٿيا. هڪ ڪان وڌيڪ ڪندن ۾ بيشمار علائقا هڪ نه ٻيءَ شهنشاهي طاقت جي قبضي ۾ برابر آيا پر گهٽي وقت تائين نه برطانيا جي وسيع شهنشاهت تي سج ڪونه ٿي لٿو، پر سندس طاقت جي عروج واري زماني ۾ به برطانيا کي ٻين بادشاهي قوتن، خاص ڪري اسپين، فرانس ۽ جرمنيءَ جي حرص جو مقابلو ڪرڻو ٿي پيو ۽ اهڙيءَ ريت دنيا، نه ئي ڪڏهن ڪنهن هڪ بادشاهي طاقت جي رهبريءَ هيٺ رهي ۽ نه وري ڪنهن معاهدي تحت ڪن اعليٰ طاقتن جي وچ ۾ ورهائي ويئي. ٻي عالمي جنگ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن مرڪزي طاقتون ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويون تڏهن دنيا اتحادي طاقتن جي زيرنگين هئي، پر جنگ جي خاتمي ڪان اڳي ئي اتحادي طاقتن ۽ روس جي وچ ۾ پنهنجن مفادن تي جهڳڙو ظاهر ٿي جيڪو هو. پراڻين شهنشاهيتن جهڙوڪ برطانيا، فرانس ۽ نيدرلئنڊس جو اختيار ايتريقدر ته گهٽجي چڪو هو جو هنن کي مجبورا پنهنجن ڏيساورن وارين بادشاهتن تان هٿ ڪڍڻو پيو. انهيءَ خلا ۾ فقط به طاقتون اڀري وڌيون جيڪي ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ طاقتور ۽ ڪامياب ٿي آيون هيون، يعني آمريڪا ۽ روس. اهي طاقتون ناگزير طور تي سياسي خلا کي پر ڪندي پنهنجي پنهنجي اثر وارين ايراضين کي مشرق توڙي مغرب ۾ اڳتي وڌائيندڍيون ويون. مغرب ۾ هو برلن ۽ وچ يورپ ۾ پهچي، هڪٻئي جي آڏو صف آرا ٿيون. مشرق ۾ روسين پنهنجي اثر کي پئسفڪ سمنڊ تائين وڌايو، ساڳيءَ طرح آمريڪا، جپان ۽ فلپائين ۾ داخل ٿي، عارضي طرح ڏکڻ - اوڀر ايشيا ۾ مرٽينگ فرانسي شهنشاهيت کي سهارو ڏنو. جيئن آمريڪا روايتي طور انهيءَ معنيٰ ۾ شهنشاهي قوت نه هئي جو ڏارين علائقن تي عملي طرح قابض هجي، سواءِ فلپائين ۽ ڪئريبين جي چند زيرحمايت ٽڪرن جي، ۽ جيئن ته روس پنهنجي مارڪسي نظريي جي ڪري ڏارين ايراضين تي عملي طرح قابض ٿيڻ جو جواز پيش ڪري نٿي سگهيو، انهيءَ ڪري ڪشمش جي هڪ نئين شڪل ظاهر ٿي. اها جديد نئو آبادياتي نظام جي ابتدا هئي. هاڻي ضروري نه رهيو هو ته ننڍن ملڪن جي قسمتن کي پنهنجي هٿ وس رکڻ لاءِ انهن جي علائقي تي حڪم هلائجي.

شهنشاهيت جو بنيادي مقصد بينڪن ۾ پئداوار جي وسيلن کي استعمال ڪرڻ هو. وسيع ايراضين کي قانڊينڊي ڪين شهنشاهي طاقتن جي وچ ۾ ورهايو ٿي ويو، جن محڪوم ماڻهن جي پئداوار جي وسيلن کي چوسي ٿي ورتو. شهنشاهيت جي روپ جي ڪلاسيڪي معنيٰ ۾ خاتمي کان پوءِ، صرف استحصال جو طريقو قيرقار هيٺ آيو. جيئن ئي سامراجي طاقتون پنهنجن بينڪن مان نڪتيون تيئن ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ جي پاليسي بيڪار ٿي ويئي، ۽ انهيءَ جي جاءِ نئين زماني جي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ ”ملايو ۽ حڪومت ڪريو“ جي پاليسيءَ والاري، جيتوڻيڪ مقصد ساڳيو هو. حالتن جي تبديليءَ طريقہ ڪارجي تبديليءَ کي لازمي ڪري ڇڏيو. ماضيءَ ۾ ڪالونيون جدا گانہ طور تي الڳ الڳ شهنشاهي طاقت جي استحصال هيٺ هيون.هاڻي جيئن تہ انهن طاقتن پنهنجن قبضن کي خالي ڪري ڇڏيو آهي، انڪري انهن لاءِ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ سابق ڪالونين جي گروپن جي وسيلن کي بهتر اجتماعي استحصال خاطر ملائي ڇڏين. جيئن تہ استحصال ڪندڙن جي حالت بدلجي ويئي آهي، انڪري اهو بہ ضروري ٿي پيو آهي تہ جنهن جو استحصال ڪيو وڃي ان جي بہ حالت بدلائي وڃي. اڳ شهنشاهي طاقتون استحصالي مقصدن جي پنيان ڏار ڏار رڌل هيون. هاڻي جيئن تہ پنهنجي استحصال مشترڪ فائدي لاءِ اهي پاڻ ۾ گڏجي ويون آهن، انهي ڪري انهن لاءِ اهو بہ اهڙو ئي لازمي ٿي پيو آهي تہ سندن سابق ڪالونيون پنهنجي وسيلن کي ڪٺو ڪن تہ جيئناستحصال ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. نئين ماحول جي اها تقاضا آهي تہ ٻنهي، سابق ڪالونين ۽ سابق ڪالونين تي قابض ملڪن ۾ ڪجهہ انتظام ڪيا وڃن تہ جيئن تجارتي مارڪيٽون مغرب جي ترقي يافتہ قومن لاءِ فائدي وارن معاهدن تحت گهٽي درآمد ۽ برآمد جو حوصلو پيدا ٿيون ڪن. اهي سامان جي وڏيڪ کپت جي حوصلہ افزائي ڪن ٿيون ۽ هڪ منظم طريقي سان وسيلن جواستحصال ڪن ٿيون. هو بين الاقوامي بنياد تي اڳهن جي گهاٽي واڌيءَ کي آسان بنائين ٿيون. انهيءَ ۾ گهٽائي فائدا آهن، جن مان گهٽي ۾ گهٽا فائدا سابق سامراجي طاقتن کي ئي رسن ٿا، ”آزاد دنيا“ جي مفادن جو تحفظ سهٽي نموني ٿئي ٿو، پر اقتصادي استحصال مکيہ مقصد رهي ٿو. هي آبادياتي نظام مان قري نوآبادياتي نظام ڏانهن اچڻ لاءِ هڪ اٽڙ عمل آهي، اهوئي تہ سبب آهي جو اسان جي آزادي محض خيالي رهجيو وڃي.

مغرب، جنهن ماضيءَ ۾ محڪوم ماڻهن جي اتحاد لاءِ جدوجهد ۾ گهٽ همدردي تي ڏيکاري، تنهن هينئر اوچتو سابق نوآبادياتي ماڻهن جي اتحاد کي پسند ڪيوآهي، انهي حد تائين جو گهٽين جاين تي سابق ڪالونين تي اتحاد کي مڙهيو پيو وڃي. هر هنڌ ”تعاون“ ڪليدي لفظ ٿي چڪو آهي. اسان اتحاد جي خلاف نہ آهيون. حقيقت ۾ اسان آفريقي ايشيائي ملڪن جو اتحاد چاهيون ٿا، پر اهواتحاد جيڪو رضاڪارانہ طور عمل ۾ اچي، ۽ غيرن جي حفاظت کان سواءِ هڪجهڙائيءَ جي بنيادن تي قائم ڪيو وڃي. اتحاد واسطيدار ماڻهن جي مفاد لاءِ ئي حاصل ٿيڻ گهرجي ۽ نہ ٻاهرين طاقتن ۽ سندن ايجنٽن جي فائدي لاءِ. انهي کي عوام جي خدمت لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي نہ کي

ٻاهرين عنصرن جي حڪم هيٺ رکيو وڃي. اسان جي ماڻهن کي اها آزادي هئڻ گهرجي ته اتحاد جي فائدي ۾ پنهنجا فيصلا پاڻ ڪن. انهيءَ قسم جو اتحاد ڌارين جي مفادن جي خلاف آهي، جيڪي اقتصادي ۽ فوجي ڪاتن ۾ استحصال جي مقصدن تحت اتحاد ڪي مڙهين ٿا. ماڻهن جي مرضيءَ سان ڪيل ايڪي ۽ انهن تي زوريءَ مڙهيل ايڪي ۾ بنيادي فرق آهي. اهو ايڪو فقط "رومين" جي امن جو هڪ تسلسل آهي. اهو ايڪو جيڪو استحصال کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تنهنجي اهي ڌاريون طاقتون يقيني طور تي مخالفت ڪن ٿيون جن جو عزم پنهنجين رعايتن کي هڪ نه ٻيءَ شڪل ۾ قائم رکڻ آهي يا ڊپ اٿن ته اهي رعايتون وڃائڻ هليون نه وڃن، انهي چوڻ جي ضرورت ئي ڪانهي ته مغرب انهن حڪومتن جي ايڪي يا باهمي تعاون کي نٿو چاهي جيڪي پنهنجي آزاد حيثيت تي زور ڏيون ڏين ۽ پنهنجن وسيلن کي پنهنجن ئي مفاد، لاءِ قبضي ۾ رکن ٿيون. اهڙين حالتن ۾ هرڪا ڪوشش ڪٽي ٿي وڃي ته ڪين الڳ الڳ ڪري ڪمزور ڪيو وڃي. حقيقتا آمريڪا ويٽنام ۾ پاڻ کي رتورت ڪري ڇڏيو آهي، ته جيئن اتر ۽ ڏکڻ ويٽنام جي ايڪي کي روڪيو وڃي. ساڳيو مسئلو ڪوريا جو آهي. ڪڏهن ڪڏهن حالتون شايد اهڙو ٻه ماحول پيدا ڪن ته جيئن غيرڪميونسٽ حڪومتن جي ورهاڱي کي ٽيڪو ڏنو وڃي جهڙي طرح اهو پيڳيءَ دل سان برصغير ۾ ۽ ان جي ابتڙ وچ اوڀر ۾ ڪيو ويو هو.

بهرحال اهڙا واقعا استثنائي حيثيت رکن ٿا. اهي ورهاڱا حالتن مطابق، ڪڏهن ته برداشت ڪيا ٿا وڃن، ڪڏهن انهن جي پنيرائي هن ڪري ڪئي ٿيوجي. ته يا ته ان ڪان وڏيڪ وڏين مصيبتن کي روڪيو وڃي يا غير معمولي مفادن جي پوئواري ڪئي وڃي. "ملايو ۽ حڪومت ڪريو" جو متو ظاهر آهي ته هر هنڌ استعمال نٿو ٿي سگهي، پر هڪ عام تجويز جي حيثيت سان اهو ناقابل ترديد آهي، عموما اهي هيسجنڌڙ ترقي پذير قومن تي استعمال ٿئي ٿو ۽ خصوصا انهن "پابند" حڪومتن تي جن جا ليڊر پنهنجن ملڪن کي آسانيءَ سان اقتصادي ۽ فوجي استحصال لاءِ ڪليل رکن ٿا. ڪمزور ادارن وارين حڪومتن جي چوندٻ ۾ اهو ياد رکڻ ڪپي ته جانبدار يا غير جانبدار حڪومتن جي درجه بنديءَ کي هاڻي معياري قرار ڪونه ٿو ڏنو وڃي، اهو متروڪ ٿي چڪو آهي. انڊونيشيا ۽ گهانا غير جانبدار آهن پر ٻئي مغرب وٽ ٻڌل آهن. بدلجنڌڙ حقيقتن درجه بنديءَ کي وڏيڪ لچڪيدار ڪري ڇڏيو آهي، پرخاص طور تي فقط ڪمزور ادارن واريون حڪومتون، جانبدار خواهه غيرجانبدار، انهن حڪومتن جي درجي ۾ اچي ٿيون وڃن، جن جي ٻڌي پسند ڪئي ٿي وڃي. مغربي طاقتون اتي ايڪي کي مڙهڻ گهرن ٿيون، جتي سندن مقصدن جي پورائي ٿئي ٿي. سواءِ ان حالت جي، جتي ورهاڱو هنن لاءِ وڏيڪ سودمند هجي جيئن شام ۽ مصر جي حالت ۾. برصغير پاڪ و هند قائم ڪرڻ رکڻ ۽ ايشيا، آفريڪا ۽ وچ اوڀر ۾ فيڊريشن قائم ڪرڻ وارين اٽڪلن جو تجزيو انهيءَ جديد نوآبادياتي پس منظر ۾ ڪرڻو پوندو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي پڄاڻيءَ سان مغرب سابق بينڪن ۾ مصنوعي وفاق قائم ڪرڻ جي ڪوشش پئي

ڪئي آهي، ويندي انهيءَ حد تائين جو صدين جي دشمن شهزادن کي به انهيءَ مقصد تحت هڪ اصول تي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. اهڙي ڪوشش هندستان ۾ ڪئي ويئي ۽ ملائيشيا ۾ ڪامياب ٿي ۽ وڌيڪ ويجهڙائي ۾ ايراني نار ۾ اهو اصول عمل ۾ آيو.

شهنشاهيت جي خاتمي ۽ عالمي طاقتن جي اوسر عظيم طاقت جي سموري تصور کي بدلائي ڇڏيو آهي. ان جا مفاد بنيادي طرح هاڻي عالمي نوعيت جا آهن ۽ سندس توسيع جو اوزار جنگي جهاز جي بجاءِ نظريو آهي. عظيم طاقت جو هاڻي مقصد اهو نه آهي ته اها دنيا تي روايتي انداز ۾ قبضو ڪري، پرماڻهن جي ذهنن تي ضابطو قائم ڪري ۽ ترقي پذير ملڪن جي ليڊرن جي تابعداري حاصل ڪري ۽ سو به هريرو سڌيءَ طرح مداخلت جي بجاءِ اقتصادي غلبي ۽ ٻين طريقن سان. جديد نوآبادياتي دؤر ۾ ڪنهن به عظيم طاقت لاءِ ڪنهن ايراضيءَ تي عملي طرح قبضو ڪرڻ لازمي نه آهي، ڇاڪاڻ ته سندس عالمي پاليسيءَ جا مفاد اڻ سڌي استحصال ۽ ٻين گهٽن قسمن جي لالچ جي ذريعي پلئه پئي سگهن ٿا. ڪيترين طاقتور پرڳپت اتڪلون ۽ ذريعا جيڪي گهٽ وڌ ڏورانهين قبضي هيٺ عمل پذير ٿين ٿا، اهي ساڳيائي نتيجا حاصل ڪن ٿا جيڪي ماضيءَ ۾ عملي غلبي جي صورت ۾ حاصل ٿيندا هئا. مواصلات جي موجوده ذريعن جي ڪري عظيم طاقتن لاءِ اهو ممڪن ٿي پيو آهي ته ڪنهن مستقبل قبضي کان سواءِ سڄي دنيا جي ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ تي پنهنجو حڪم هلائين ۽ پنهنجون هدايتون جاري ڪن. هن جديد نظرياتي ۽ نوآبادياتي غلبي جي حوس ڪري دنيا جون طاقتون دنيا جي هر حصي ۾ هڪ خوفناڪ عالمي رقابت ۾ داخل ٿي چڪيون آهن.

اهي ڪهڙا جزا آهن، جن مان ڪا عالمي طاقت نهي ٿي؟ اِهو فقط ايراضيءَ جي وسعت يا مادي وسيلن ۽ اقتصادي دولت تي مبني نه آهي، اهو ڪو فقط سائنسي ۽ فني برتريءَ جو سوال نه آهي، اهو فقط نظريات جو معاملو ناهي. اهو دراصل انهن سيني عنصرن جو ميل آهي.

هندستان ۽ برازيل پيڪيڄ جي لحاظ کان تمام وڏا ملڪ آهن، پر ٻنهي منجهان ڪو هڪ به عالمي طاقت ناهي. چيڪو سلوواڪيه ۽ بيلجم شايد جديد ترين هٿيار تيار ڪري سگهن، پر انهن مان ڪو به عالمي طاقت بنجڻ جو خواب ڏسي نه ٿو سگهي. ڪالهه جون وڏيون طاقتون، مثلا برطانيه ۽ فرانس هاڻي فقط پاسيريون عالمي طاقتون آهن. اسان جي زماني ۾ موجود، ۽ جنهن ايندڙ زماني تائين اسين اڳڪٿي ڪري سگهون ٿا، عالمي طاقتون فقط ٽي هونديون- آمريڪا، سوويت يونين ۽ عوامي جمهوريه چين. يورپ هڪ ڪنڊ جي حيثيت سان هڪ چوٿين وڏي طاقت جي صلاحيت رکي ٿو، پر انهيءَ مقصد لاءِ مشرقي ۽ مغربي يورپ جي درميان ميلاپ ۽ ٻين ڳالهين کان علاوه فرانس، جرمني ۽ برطانيه جي درميان سياسي ۽ انتظامي تعاون جي ضرورت آهي. هڪ

”يورپين يورپ“ جو هڪ ۽ قابل طاقت جي روپ ۾ اڀرڻ، امن ۽ استحڪام لاءِ مفيد ۽ قابل قدر آهي، پر ان جو فوري طور تي ڪو امڪان نظر نہ ٿو اچي.
هن دؤر جي ننڍين قومن جي سامهون سوال هيءُ آهي تہ اهي پنهنجن معاملن کي اهڙي نموني سان ڪهڙيءَ طرح انجام ڏين، جو سندن بنيادي مفادن جو تحفظ ٿئي، سندن علاقائي سالميت برقرار رهي ۽ اهي عالمي طاقتن خواہ ننڍين قومن سان پنهنجن تعلقات ۾ خودمختاري برقرار رکي غير مساوي طاقتن ۽ ننڍين قومن جي درميان تعلقات غير مساوي بنياد تي رکيل آهن. جنهن ڪري وڏيون طاقتون ننڍين قومن کان بيشمار رعايتون هڪجهڙي معاوضي ڏيڻ جي تہ ڳالهہ ڪانهي، ڪافي مقدار ۾ ئي، ڪي جوابي رعايتون ڏيڻ کان سواءِ حاصل ڪن ٿيون. ڪنهن بہ ننڍي قوم لاءِ ممڪن ناهي تہ اها حق ۽ انصاف يا سندس مقصد جي برحق هئڻ جي دعويٰ جي آڌار تي ڪنهن عالمي طاقت کي پنهنجي اثر هيٺ آڻي سگهي. آخري تجزيي ۾، مقصد جي سچائي فيصلہ ڪن عامل جي حيثيت نہ ٿي رکي، پر عالمي طاقتن جو بي مهر ذاتي مفاد ئي سندن حڪمت عمليءَ جي تشڪيل ڪري ٿو، ۽ ڪنهن بہ عالمي طاقت ۽ ننڍين قومن جي درميان لامتناهي ۽ غير مساوي مقابلي ۾ عالمي طاقت جي انهيءَ ذاتي مفاد جي ڪامياب ٿيڻ جا وڌيڪ امڪان هوندا آهن.
پوءِ ڀلا ڇا، ننڍين قومن کي عالمي طاقتن جي حڪمن جي بي چون وچرا تعميل ڪرڻ گهرجي ۽ مادي فائدن ۽ اقتصادي خوشحاليءَ جي وعدن جي عيوض پنهنجي آزاديءَ جو سودو ڪرڻ گهرجي؟ ان جو جواب هڪ زوردار ”نہ“ آهي. ترقي پذير قومن جا ماڻهو عالمي ڪشمڪش جي شڪنجي ۾ ڦاسي. مايوسيءَ جي حالت ۾ انهيءَ نتيجي تي پهچي سگهن ٿا تہ اهي موجوده صورتحال تي جزوي طور مس اثرانداز ٿي سگهن ٿا ۽ ان کان زيادہ سندسن اختيار ۾ ناهي تہ هو پنهنجي حڪمت عملين جي هڪ ٻي عالمي طاقت جي ضرورتن مطابق ڪاٽ ڇانٽ ڪن. اهو خيال، هڪ غير ضروري حد تائين قنوطيت وارو آهي ۽ اها ڳالهہ انسان جي طرفان آزاد ٿيڻ لاءِ ڪيل جدوجهد جي منافي آهي، جنهن جو هو هڪ قومي- رياست جي تصور جي ذريعي اظهار ڪري ٿو. آزاديءَ جي جذبي جي قوت کي آخرڪار فتح حاصل ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ اها قوت اهڙي ٻي قوت کان وڌيڪ زوردار آهي، جنهن لاءِ انسان پنهنجي زندگي قربان ڪري سگهي ٿو. قومن جي لاءِ هاڻي بہ اهو ممڪن آهي تہ اهي پنهنجن معاملن کي هوشياريءَ سان سرانجام ڏيئي پنهنجي آزاديءَ کي برقرار رکن ۽ عالمي طاقت سان پنهنجي تعلقات جي سلسلي ۾ پنهنجي لاءِ عمل جي لچڪ قائم رکي سگهن.
ننڍين قومن لاءِ هيءُ ڳالهہ مصلحت جي خلاف ۽ شايد خطرناڪ بہ ثابت ٿيندي تہ اهي باقي ٻين طاقتن جي قطع نظر، پاڻ کي فقط هڪ عالمي طاقت جي مفادن سان وابستہ ڪري رکن. مشترڪ مفاد ۽ واقعن جي صورتحال کان شايد ڪنهن ننڍي قوم جي لاءِ اهو ضروري ٿي پوي تہ اها ٻين جي مقابلي ۾ ڪنهن هڪ عالمي طاقت سان وڌيڪ ويجهو لاڳاپو رکي، پر اهڙي صورت ۾ بہ ان جي لاءِ ناممڪن ناهي تہ اها ٻہ- طرفن

باعزت تعلقات جي بنياد تي ٻين طاقتن سان معمول جي مطابق لاڳاپا قائم رکي. جڏهن کنهن مملڪت جا قومي مفاد کنهن عالمي طاقت جي مفادن سان ٽڪرائجي پون ته پوءِ بهتر اهو آهي ته اها مملڪت انهيءَ وڏي طاقت سان سڌيءَ طرح گفتگوءَ جي ذريعي تنازعي جي حدن کي متعين ڪري ڇڏي. انهيءَ وڏي طاقت سان هڪ اهڙو قابل عمل متوازن رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جيڪو انهيءَ کان بلڪل بي تعلق هجي، جنهن تي اهم مفادن جو ٽڪراءُ هجي، بشرطيڪ ٽڪرجندڙ مفادن جو الڳ ڪرڻ نه فقط ممڪن هجي، پر اهو محتاط انداز ۾ٻه- طرفو هجي. هن ڳالهه جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته روڪٿام ڪرڻ واري سياست کان ڪم ورتو وڃي ته جيئن انهيءَ عالمي طاقت جي مداخلتن کان بچاءَ جي صورت نڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته اهڙيون مداخلتون ڪمزور قوم کي وڏين قومن جي تعزيري سياست جو شڪار بنائي ڇڏينديون آهن. جيڪڏهن هيءَ ڳالهه ڪارآمد ثابت نه ٿئي ته بهتر ائين هوندو آهي ته مداخلت جي خلاف موقف اختيار ڪري هڪ مستقل بحراني ڪيفيت پيداڪرڻ جي بدران ڪا قوم هڪ ئي شديد بحران کي فوري طور قبول ڪري ۽ ان باري ۾ هڪ مضبوط طرز عمل تي ڄمي بيهي، اهڙي صورت ۾ جڏهن ماڻهو معاملي کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، تڏهن پهرين بحران کان پوءِ ايندڙ هر هڪ بحران ننڍي طاقت کي نقصان تي نقصان پهچائيندو آهي. ايتريقدر جو اها عالمي طاقت آخرڪار ان تي مسلط ٿي ويندي آهي. پوءِ جيڪڏهن مڪمل تحفظ ممڪن ٿي نه سگهي، ته پوءِ بهتر ائين آهي ته هڪ مثبت موقف اختيار ڪري مفاهمت لاءِ هڪ نئون انداز پيدا ڪيو وڃي.

دٻاءُ هڪ ڪينئون به آهي ۽ هڪ وڏي بلا به آهي. جيڪڏهن توهان انجي مٿان پير ڏيئي ڪيس ڇٽي ڇڏيندا ته اهو ڪينئون آهي، پر جيڪڏهن توهان ڇرڪي پنتي هٽي ويندا ته پوءِ اهو هڪ وڏي بلا بنجي پوندو آهي. سال ١٠٦٢ع ۾، جڏهن برما اهو محسوس ڪيو ته آمريڪا سان تعلقات جو ڪو ٻيو باعزت رستو ڪونهي ته ان هڪ مضبوط رويو اختيار ڪيو. ٿوري عرصي لاءِ ان جا آمريڪا سان تعلقات ڪشيده رهيا، پر هاڻي اهي بهتر آهن. ٻنهي ملڪن تي جڏهن اها ڳالهه واضح ٿي ويئي ته دخل اندازيون برداشت نهڪيون وينديون، تڏهن انهن کي نئون تعلق تلاش نه ڪرڻو پيو. اهڙيءَ طرح ڪئمبوڊيا پڻ، آمريڪا سان عالمي مفادن سان واسطو رکندڙ لاڳاپن جي سلسلي۾ تعريف لائق استقلال جو مظاهرو ڪيو آهي. ان کان اڳا به وڌيڪ ويجهي وقت ۾ برما ڪئمبوڊيا طرفان چين سان پڻ سخت رويي جو اظهار ڪيو ويوآهي. بلڪ سچ ته اهو آهي ته ثقافتي انقلاب جي عروج واري زماني ۾ پوئين ذڪر ڪيل ملڪ پيڪنگ کان پنهنجي سفير کي هٽائڻ جي ڌمڪي ڏني هئي، ۽ جيڪڏهن چو اين لائي مداخلت نه ڪري ها ته گهٽو ڪري ائين ٿي به وڃي ها. انهيءَ صورت ۾ ڪئمبوڊيا کي هڪ ئي وقت تي ٽن مان ٻن عالمي طاقتن سان تعلقات قطع ڪرڻ جو هڪ مشڪوڪ امتيز حاصل ٿي وڃي ها.

گهلجڻ واري پاليسي موتمار آهي. ڪنهن عالمي طاقت سان مقابلي ڪي ٽارڻ گهرجي، پر جيڪڏهن اهو اٽل ٿي پوي ته ان ڪي فوراً ۽ جوانمرديءَ سان منهن ڏيڻ گهرجي. دير مدار تهذيب جو نتيجو لازمي طور جزوي ناهڻ جي صورت ۾ قومي مفادن ڪي ڌڪ هٽندا آهن. بهرحال، مقابلي تي لهڻ کان اڳ ۾، هن ڳالهه جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته تنازعي جي نقطن کي بي اثربنائي سڌي سنئين سياسي تصادم کان پرهيز ڪئي وڃي. انهيءَ قسم جي تدبير کي پهرئين قدم طور اختيار ڪرڻ سان متعلقه مملڪت پنهنجي موقف کان هٽي نه ٿي وڃي. بلڪ ان جي ابتڙ، اهو ثابت ٿئي ٿو ته ان کي پنهنجو مقصد ايترو ته عزيز آهي، جو اها هڪ عالمي طاقت جي خواهشن جي خلاف صورتحال جي روشنيءَ ۾ هڪ لاءِ حاصل بحث جي بجاءِ، جنهن ۾ قاسڻ کان ڪوئي قومي مقصد ته حاصل نه ٿو ٿئي، اٽلو ڇڪتاڻ وڌي ٿي، وڌيڪ عملي انداز ۾ پنهنجي مقصد جي پيروي ڪندي. هڪ ڀيرو جڏهن تنازعي جي نقطن کي بي اثر بنائڻ سان عملي طور تي باهمي لحاظداري حاصل ٿي وڃي، تڏهن ترغيب ۽ اڻ سڌي ڪوشش وڌيڪ اثرائتي ٿئي ٿي. ڪنهن عالمي طاقت سان سڌي سنئين تصادم کان بچڻ ۾ ئي وڌيڪ سلامتي ۽ مصلحت آهي. زياده عقلمندي هن ڳالهه ۾ آهي ته هينئرو جهڪي وار بچائجي، گوهي ڏيئي موٽي اچجي، پاسو ڪري وڃجي ۽ پٺئين دروازي کان داخل ٿجي. انصاف يا معاهدي ۾ شامل هئڻ جو واسطو ڏيڻ جي سڌين مسلسل ڪوششن سان ڪنهن عالمي طاقت کي پنهنجو بنائڻ يا ڪيس سندس حڪمت عمليون تبديل ڪرڻ تي آماده ڪرڻ بيسود آهي. ماضيءَ ۾ ڪيل خدمتن جي ياد ڳيري ڏيارڻ به بيڪار آهي. انهن معاملن ۾ نه عاجزي، نه خوشامد برآمد، نه جذباتيت ۽ نه دليل بازي ڪنهن قسم جو وزن رکن ٿيون. سڌي سنئين حقيقت هيءَ آهي ته آخرڪار ڪنهن عالمي طاقت تي سبقت حاصل ڪرڻ جو امڪان گهٽ ئي آهي، ۽ انڪري هڪ ننڍي قوم لاءِ بهتر اهوئي آهي ته اها حقيقت پسندانه رويو اختيار ڪري پنهنجي حڪمت عملي ۽ ڪم ڪار جي تدبير جي تعمير موضوعي طريقن سان ڪرڻ بدران، معقوليت پسنديءَ واري انداز ۾ ڪري. اهڙيءَ قوم جي مقصدن جي تڪميل جو امڪان هن طرح سان وڌائي سگهجي ٿو ته ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا جون ننڍيون قومون (جن کي ملائي سلائي اڄڪلهه "ٽين دنيا" سڏيو وڃي ٿو )، پنهنجو اجتماعي آواز ۽ استقامت دٻاءُ وجهن ۽ اهڙين عالمي ۽ نيم عالمي طاقتن جو سياسي دٻاءُ به ان سان شامل هجي، جن جي مفادن ۽ مقصدن لاءِ اهو موزون هجي. اهڙين طاقتن جي حمايت ڪي، جيڪي مدد ڪري سگهن ٿيون، ترقي پذير ملڪن جي تعاون سان ملائي، واسطيدار مملڪت اهڙيون سازگار حالتون پيدا ڪري سگهي ٿي، جو عالمي طاقت کي لازمي طور سندس موقف بدلائڻو پوندو. وڏي حد تائين انهن ئي ٻاهرين طاقتن جي جبر ذريعي واسطيدار رياست اختلافي نقطن تي عالمي طاقت جي رويي ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿي. ٻين لفظن ۾، ننڍين رياستن لاءِ ضروري آهي ته آهي سيني وڏين طاقتن سان، انهن جي موقف کان قطع نظر، پنهنجن ٽڪرجندڙ مفادن بابت ڳالهين ٻولهين جو سلسلو جاري رکن، ۽ جيستائين سندن وس

۾ هجي، انهن تي اثر وجهڻ جي ڪوشش ڪن، مگر اهڙيءَ طرح جو اهي پاڻ مداخلت ۽ الٽيميٽيم جي حد تائين نہ ڦاسي پون. اختلافي نقطن کي پاسيرو رکي هڪ ننڍي قوم عالمي طاقتن سان، تصادم جي اصلي مسئلن کانسواءِ باقي ٻين سڀني معاملن ۾ عام رواجي ۽ دوستانہ تعلقات قائم رکي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح واسطيدار رياست جي لاءِ اهڙين عالمي طاقتن سان، جن جا مفاد سندن مفادن سان هم آهنگ هجن، بهتر تعلقات قائم رکڻ لاءِ معقول گنجائش نڪري سگهي ٿي. ان صورت ۾ اهي عالمي طاقتون، جن جا مفاد انهيءَ ننڍي قوم جي مفادن جي خلاف هجن، تنهن جي انهن عالمي طاقتن سان مخلصانہ تعلقات تي اعتراض ڪري نہ ٿيون سگهن. نہ وري هن سبب جي ڪري انهيءَ وڏي طاقت کي، جنهن جو جواز ملي سگهي ٿو تہ اها ان جي معاملن ۾ مداخلت ڪري يا ان جي قومي مفادن تي مخالفانہ اثر وجهي، ڇاڪاڻ تہ معمول مطابق تعلقات لاءِ ڪي بہ پيشگي شرط نہ رکيا ويندا.

ننڍين قومن کي دنيا جي ٻن اشتراڪي ديون سان پنهنجا تعلقات ڪيئن نباهڻ گهرجن؟ چين ۽ روس جي باهمي تفرقي جا ڪيئي اصولي ۽ سياسي سبب آهي. انهن مان هڪ سبب شايد عالمي طاقتن جي هڪٻئي سان مقابلو ڪندڙ مفادن ۾ سمايل آهي. جيڪڏهن چين ۽ روس جي درميان تنازعو نہ هجي ها، تہ سوويت يونين ۽ چين جي سرڪردگيءَ ۾ ڪميونسٽ دنيا ۽ آمريڪا جي قيادت ۾ سرمائيدار دنيا جي لاءِ دنيا کي نظرياتي طور اثر جي ٻن حلقن ۾ ورهائڻ مشڪل نہ ٿئي ها. اهڙي ورهاڱي ۾ چين کي ثانوي حيثيت نصيب ٿئي ها. پر برطانيا جي برعڪس، چين ثانوي حيثيت ۾ ڪردار ادا ڪرڻ تي رضامند ناهي. اهڙيءَ طرح دنيا جي تقسيم ٿيڻ جو خدشو چين جي آمريڪا ۽ روس مساوي حيثيت جي جستجو جي سبب ڪان ٽري ويو آهي. زندگيءَ جي هيءَ سياسي حقيقت، چوٽيءَ وٽ اها عالمي ڪشمڪش، باقي دنيا لاءِ انتهائي حڪمت عمليءَ جو بنياد مختلف طاقتن جي موجوده سياسي تنازعن جي حيثيت پسندانہ جائزي تي هئڻ گهرجي. ان مان ڪشيدگيءَ ۾ تہ واڌارو ٿي ويندو آهي، پر اهڙا موقعا بہ ملي ويندا آهن، جن کي ننڍيون قومون پنهنجن حقيقي مفادن، بلڪ دراصل پنهنجي خودمختاريءَ جي حفاظت لاءِ نظرانداز ڪرڻ کي مهانگو سمجهنديون آهن.

عالمي طاقتن جا ٽڪراءَ فقط نظرياتي ناهن. بلڪ انهن ۾ قيادت لاءِ ڪشمڪش پڻ شامل هوندي آهي. آمريڪا ۽ سوويت يونين جي شروعاتي صف آرائيءَ جي جاءِ تي هاڻي آمريڪا ۽ عوامي جمهوريہ چين جو مقابلو اهڙيءَ طرح رونما ٿيو آهي، جن سوويت يونين ٻنهي جي دريان هڪ ٽياڪڙ جي صورت اختيار ڪئي آهي. ائين پيو معلوم ٿئي تہ انهن ٽن ديوقامت طاقتن جي قوت جي توازن ۾ سوويت يونين کي هرويرو درمياني حيثيت قبول ڪرڻي پيئي آهي، جيڪا هڪ ئي وقت فائديمند بہ آهي، تہ خطرناڪ پڻ. جيئن تہ اشتمالي دنيا، خاص طور تي مشرقي يورپ جي اشتمالي ملڪن جي قيادت جي روسي دعويٰ نظرياتي بنيادن تي قائم آهي، انڪري سوويت يونين فقط بين الاقوامي اشتماليت جي قيمت تي بہ عوامي جمهوريہ چين سان پنهنجي نظرياتي

اختلاف کي هڪ اهڙو مقام تي پهچڻ جي اجازت نہ ٿي ڏيئي سگهي، جتان کان واپسيءَ جو ڪو امڪان نہ هجي. ٻنهي طاقتن جي درميان وڌندڙ خليج روسجي طاقت کي مشرقي يورپ ۾ ڪمزور ڪري وڌو آهي، جتي پيچيده ۽ گهريون تبديليون ايشيا ۾ چين جي اثرورسوخ تي اثرانداز ٿيڻ کان سواءِ سوويت يونين جي قيادت تي بہ جاڙا ڏياءَ اثرانداز ٿيندا، يعني مغرب جي طرفان آزاد خيالن جي ڌمڪي ۽ مشرق جي طرف کان چيني روايت پسندن جي پريشاني ۽ نہ وري سوويت يونين آمريڪا سان پنهنجي خير سگاليءَ کي انهيءَ حد تائين وڃڻ جي اجازت ڏيئي سگهي ٿي، جتي اها ”سرمايہ داري جي سربراه“ يعني آمريڪا سان گڏ شمار ٿيڻ لڳي. اهو نتيجو ڪيندي اسين نظريات جي اهميت جي بيان ۾ مبالغ آرائي نہ ڪري رهيا آهيون. ڪن وقتن تي قومي ضرورتون يقيناً نظرياتي ضرورتن جي جاءِ والاري سگهن ٿيون، پر انهيءَ ترجيع کي ڪڏهن بہ تسليم نہ ڪيو ويندو آهي. ان جي برعڪس، جڏهن اهي رجحان وڌيڪ ظاهر ٿي پوندا آهن، تڏهن قومي مقصدن جي حصول لاءِ نظريات کان ڪم وٺڻ خاطر ان جي ان جي زباني تعريف وڌائي ڪري سگهبي آهي. پوءِ جيڪڏهن سوويت يونين آمريڪا ۾ چين سان پنهنجن تعلقات جي باري ۾ هڪ لچڪيدار طريقہ ڪار رکي ٿي ۽ ان طرح اها ڪن وقتن تي آمريڪا سانوڌيڪ هم آهنگي روا رکي ٿي ۽ ڪن وقتن تي جيتوڻيڪ هاڻي تمام گهٽ موقعن تي چين سان پڻ، پر اها انهيءَ راهہ کي اڻچاڻايل مدت تائين اختيارڪري ان کي، عالمي معاملن ۾ پنهنجي موقف کي خطري ۾ وجهڻ کان سواءِ، پنهنجي پاليسيءَ جو هڪ مستقل اسلوب بنائي نہ ٿي سگهي.

جيتوڻيڪ عوامي جمهوريہ چين ۽ آمريڪا هڪٻئي جا زبردست حريف بڻجي چڪا آهن، ۽ ويٽنام جي جنگ انهن کي بين الاقوامي جنگ جي ڪنڌيءَ تي آڻي بيهاريو آهي، تڏهن بہ هي فرض ڪرڻ گهرجي تہ انهن جي تعلقات ۾هميشہ ئي اهڙي شدت رهندي، ٻن وڏين طاقتن وانگر آمريڪا جا مقصد پڻ عالمي آهن، پر ان جا پهريان مقصد يورپ سان ئي وابستہ آهن، جتي ان کي سوويت يونين جي بنيادي مفادن سان مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. آمريڪا سان چين جو سيني کان وڌو تڪرار ويٽنام جي جنگ کان علاوه، تائيوان جي مستقبل جو آهي، انهيءَ ڳالهہ تي زياده بحث جو امڪان ناهي تہ آمريڪا جي سلامتيءَ لاءِ جرمني وڌيڪ اهم آهي يا تائيوان. جيڪڏهن نوبت ٻنهي ملڪن مان هڪ جي چونڊ يا سياسي قوت آزمائيءَ تائين پهچي وڃي، تہ پڪ ئي پڪ آمريڪا جرمني ۽ يورپ جي مستقبل کي اوليت ڏيندي. فقط بچاءَ جي نقطہ نگاهہ کان تائيوان جو هٿ مان نڪري وڃڻ آمريڪا جي سلامتيءَ جي مفادن کي ايتري خطري ۾ نہ وجهندو، جيترو جرمنيءَ جو نڪري وڃڻ. ائٽلانٽڪ سمنڊ جي علائقي ۾ ڪن ايشيائي مملڪتن ۾ آمريڪا کي دفاعي سهوليتن جو هڪ سلسلو ميسر آهي، جنهن کان چين گهيري ۾ آيل آهي ۽ آمريڪا کي ڪيرنئي اهڙن جنگي اهميت جي ٻيٽن تي پڻ تلسط حاصل آهي، جيڪي چين جي ڪناري جي سامهون واقع تائيوان ۽ ٻين ساحلي ٻيٽن جو گشت ڪندو رهندو. ان طرح تائيوان ۽ ٻين ساحلي ٻيٽن جو هٿ مان نڪري

وجهه، آمريڪا جي ايشيا ۾ جنگي ضرورتن لاءِ تمام گهٽي اهميت جو حامل ناهي. انهيءَ قسم جا ايڏا گهٽا ۽ ايڏا مختلف قسمن جا فائدا آمريڪا کي يورپ ۾ حاصل ڪينهن. اتي، آمريڪاکي بنيادي طور سڀ کان وڏيڪ فوجن ۽ ائٽمي ميزائيلن تي انحصار رکڻوپوي ٿو.
آمريڪا ۽ سوويت يونين جا هڪٻئي سان ٽڪرجندڙ مفاد فقط يورپ تائين محدود ڪينهن. اهميت جي لحاظ کان وچ اوڀر جي حيثيت ثانوي آهي. يورپوانگر اتي پڻ آمريڪا جي رقابت چين سان نه، پر سوويت يونين سان آهي.آمريڪا جي لاءِ تيل جي دولت وارو وچ اوڀر، سئيز واهه ۽ اسرائيل جو مسئلوتائيوان جي مستقبل کان تمام گهٽي اهميت رکن ٿا. قومي مفاد ۽ عهدوپيمان، ٻنهي خيالن کان وچ اوڀر جيڪو يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جي وچ ۾ هڪ چؤواٽي جي حيثيت رکي ٿو، آمريڪا جي عالمي مقصدن ۾ ڏور اوڀر تي فوقيت رکي ٿو. ٻي مهاڀاري لڙائي کان پوءِ آمريڪا انهيءَ خطي ۾ برطانيه ۽ فرانس جي جاءِ والاري آهي. ايراني نار جي پسگردائي وارو علائقو سڄيءَ دنيا جي پيٽرول جو 37 سيڪڙو پيدا ڪري ٿو، ۽ ان ۾ سڄيءَ دنيا جي پيٽرول جي تصديق ٿيل ذخيرن جو سٺ سيڪڙو موجود آهي. آمريڪي ڪمپنين جو ان علائقي ۾ اڍائي سئو ارب ڊالرن جو مجموعي سرمايو سيڙيل آهي. انهيءَ قسم جوٻئي طرف سوويت يونين انهيءَ خطي ۾ اسرائيل جي خلاف عربن جي مقصد جي حمايت ڪري ۽ اسوان بند جي تعمير ۾ ڊرامائي طور شريڪ ٿيڻ کان پوءِ عرب رياستن کي مسلسل وڏي مقدار ۾ اقتصادي ۽ فوجي امداد ڏيئي پنهنجي اثر و رسوخ ۾ لاڳيتو اضافو ڪيو آهي.
وچ اوڀر ۾ سوويت يونين ۽ آمريڪا جي تمام وڏي بازي لڳل آهي، جيڪا اهميت جي لحاظ کان يورپي مفادن کان ٻئي درجي تي آهي. جيستائين آمريڪا جو تعلق آهي، اسرائيل هڪ بين الاقوامي تشويش جو موضوع به آهي ۽ هڪ بيحد اهم داخلي مسئلو پڻ، انهيءَ خطي ۾ آمريڪي مفاد ايترا ته آهن جوروس، جنهن جا مفاد پڻ حالانڪ غور لائق آهن، تنهن پنهنجي انهيءَ موقف ۾، جيڪو هن وچ اوڀر جي بحران جي آغاز ۾ اختيار ڪيو هو، هن خوف کان ترميم ڪري ڇڏي ته آمريڪا پنهنجن مفادن جي هر قيمت تي حفاظت ڪندو. جون ١٩٦٧ع واري مخصوص جنگ ۾ آمريڪا جي وقتي ڪاميابين جي باوجود روس ۽ آمريڪا يورپ وانگر وچ اوڀر ۾ پڻ فوقيت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪٻئي کان گوءِ کٽي وڃڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن.
هن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته سوويت يونين کي وچ اوڀر جي تازي تڪرار ۾ پريشاني نصيب ٿي. ان کي جيڪا ناڪامي ٿي، تنهن جو تدارڪ ضروري هو ان ڪري وزير اعظم ڪوسيجن جو تڙ تڪڙ ۾ جنرل اسيمبليءَ جو رخ ڪرڻ، صدر پوڊ گورني جا قاهره، بغداد ۽ د مشق جا جلدي جلدي دورا ڪرڻ ۽ عرب رياستن جي جنگي ساز و سامان جو نقصان فوري طورپورو ڪرڻ، اهي سڀ اقدامات سوويت يونين جي انهن

پختين ڪوشش جوحصو هئا، جيڪي ان نہ صرف عرب رياستن ۾ بلڪ سڄي دنيا ۾ پنهنجيوقار کي بحال ڪرڻ لاءِ ڪيون.
هيءَ ڳالهہ دعويٰ طور اعتماد سان چوڻ تہ آمريڪا ۽ سوويت يونين جو يورپ ۾ موجوده باهمي ناهہ ۽ وچ اوڀر ۾ روسي موقف جي ناڪامي جي ڪري هاڻي ٻنهي طاقتن جي درميان ڇڪتاڻ ۾ ڪمي بين الاقوامي زندگيءَ جي هڪ مستقل سياسي حقيقت بڻجي ويئي آهي، هڪ خطرناڪ قسم جي سڌي سادي وضاحت ڏيندي. جيتوڻيڪ سوويت يونين انهيءَ قسم جو ناهہ چاهي ٿي، تڏهن بہ بين الاقوامي صورتحال جا تضاد ڪيس ان جي اجازت بلڪل نہ ٿا ڏين.
آمريڪا جا عوامي جمهوريہ چين سان ڪي بہ علاقائي تنازعا ڪينهن، جڏهن تہ سوويت يونين ۽ عوامي جمهوريہ چين جي درميان علاقائي اختلاف موجود آهن ۽ اهم ڳالهہ جيڪا موجوده عالمي طاقتن جي حيثيتن تي اثرانداز ٿي رهي آهي، سا اها ننگي حقيقت آهي تہ جنگي نقطہ نظر ۽ صنعتي ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جي حوالي سان آمريڪا ۽ سوويت يونين ئي اهي بہ وڏيون طاقتون آهن، جيڪي هم پلہ هئڻ جي حيثيت رکن ٿيون. انهن ٻنهي ايتري خوفناڪ جنگي طاقت حاصل ڪري ورتي آهي، جو ٻئي نہ فقط هڪٻئي کي تباهہ و بربادڪري سگهن ٿيون، پر پاڻ سان گڏ باقي دنيا کي پڻ غرق ڪري سگهن ٿيون. چين اڃا تائين انهيءَ درجي جي عام صلاحيت حاصل نہ ڪئي آهي. آمريڪا ۽ سوويت يونين جي درميان ”دهشت جي توازن “ (بئلنس آف ٽيرر) چين کي هڪ اهڙي حيثيت ڪري ڇڏي آهي، جو هو ان جو پڙ هڪ يا ٻئي طرف جهڪائي سگهي ٿو. جيڪڏهن چين آمريڪا جي هٿون تباهہ ٿي وڃي تہ هڪ اهڙو خلا پيدا ٿي پوندو جو سوويت يونين جي سلامتيءَ کي خطري ۾وجهي ڇڏيندو. ان ڪري چين سان سوويت يونين جي اختلافن جي باوجود اها ڳالهہ سوويت يونين بنيادي قومي مفاد ۾ ناهي تہ اهو چين سان پنهنجن تڪرارن کي آخري انجام تائين پهچائي ڇڏي. ان طرح يورپ ۽ وچ اوڀر ۾ روس سان پنهنجي رقابت ۽ روس سان مصلحت پسندي ۽ چين سان دشمنيءَ جي باوجود اها ڳالهہ آمريڪا جي قومي مفاد ۾ هرگز ناهي تہ چين جي خلاف پنهنجي جدوجهد کي انهيءَ حد تائين رسائي، جتان ڪان واپسي ممڪن نہ ٿئي. ان ڪري هيءَ ڳالهہ قابل فهم آهي تہ انهن. نهايت صاف ۽ ظاهري طورناقابل مصالحت اختلافن جي باوجود، جيڪي آمريڪا ۽ چين جي درميان آهن، ۽ وچ اوڀر جي انهن سيني حاليہ واقعن جي باوجود، جن مان روسي آمريڪ: ڇڪتاڻ ۾ ڪميءَ جو اظهار ٿئي ٿو، اهڙي صورت وري بہ رونما ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ چين ۽ آمريڪا سندن درميان موجود رڪاوٽن کي اورانگهي وڃڻ ۽ ڪنهن اهڙي عملي ناهہ تي پهچي وڃن، جيڪو سوويت يوين جي مواقف نہ هجي. ان سان گڏو گڏ امڪان اهو بہ آهي تہ حالات انهيءَ خليج جي هٿان پل ٻڌي وڃهن، جنهن چين ۽ سوويت يوين کي هڪٻئي کان جداڪري رکيو آهي ۽ انهن کي ائنگلو-آمريڪا طاقتن جي خلاف متحد ٿيڻ تي انهن شڪستن جي مدنظر مجبور ڪري وڃهن، جن سان هنن جو مقابلو ٻي افروايشيائي ڪانفرنس نہ ڪري

سگھڻ واري واقعي کان وٺي وچ اوڀر واري صورتحال جي ابتريءَ تائين رهيو آهي. اهي ناڪاميون انهيءَ اثر جي سبب کان، جيڪو ويٽ نام جي ڪري چين – سوويت مفادن تي پئجي رهيو آهي، اڃا بہ وڌيڪ سنگين ٿي ويون آهن.
طاقت جي مرڪزن جي بدلجي وڃڻ ۽ مشرق ۽ مغرب جي نظرياتي ڇڪتاڻ جي جزوي طور تي اٽر- ڏکڻ جي باهمي ڪشمڪش کان مغلوب ٿيڻ جيڪري جيڪا امير ۽ غريب قومن ۾ هولناڪ عدم توازن جي سبب کان پيدا ٿي آهي، بين الاقوامي سماجي حالت هڪ متغير ڪيفيت ۾ آهي. گذريل ڏهاڪي جي شديد ڪشمش جي جاءِ تي هاڻي مرڪزي طاقت جي تفويض جو عمل شروع ٿي ويو آهي. انهيءَ تبديليءَ جي رفتار اسان جي تصور کان تمام گھڻي وڌيڪ آهي ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ تيز ٿيندي وڃي ٿي. ۽ انهن سيني کان وڌيڪ عظيم تبديلين جي جاءِ ايشيا آهي. اهڙي پٽڙي صورتحال ۾ بين الاقوامي واقعن جي آئنده رخ جي مطابق ڪي بہ غير عقلي اندازا قائم ڪرڻ موتمار ٿيندا. في الحال آمريڪا چين سان هڪ اهڙي دشمنيءَ واري ڪشمڪش جي حالت ۾ آهي، جو اها جنگ کان ٿوري ئي گھٽ آهي. انهيءَ قسم جي حالت هميشه رهي نہ ٿي سگھي. موجوده رجحانن مان، جيڪي ٽڪراءَ ڏانهن اشارو ڪري رهيا آهن، اندازو لڳائيندي واقعاتي هوا جي رخ ۾ تبديلي ڏورانهين ڳالھ معلوم ٿي رهي آهي. هيءَ اڳڪٿي وڌيڪ امڪاني نظر اچي رهي آهي تہ ٻنهي عظيم طاقتن جي درميان وچ اوڀر واري جنگ جي سلسلي ۾ناهہ نوهہ جوجيڪو ڊرامائي مظاهرو ٿيو هو، ۽ جنهن جو صدر جانسن گلاس برو ۾ وزيراعظم ڪوسيجن سان چوٽيءَ وارين ڳالهين ۾ جيتري تندهيءَ سان پيڇو ڪيو هو، تنهن جو انجام چين جي نقصان جي صورت ۾ ظاهر ٿيندڙ، ۽ اهڙي طئي ٿيل موجوده بين الاقوامي صورتحال کي برقرار رکڻ جي حق۾ هوندو، جنهن نگراني آمريڪا ۽ سوويت يونين ڪندا. اهو گھڻي قدرممکن آهي، پر اقتدار جي سياست جي ولولہ انگيز ست- رنگيءَ ۾ هر قسم جي ممڪن ڳالهين کي خيال ۾ رکڻ ضروري هوندو آهي، بين الاقوامي سياست جي متعلق هڪ حيران ڪندڙ ڳالھ هيءَ آهي تہ ان ۾ ڪو بہ اهڙو قانون شامل ڪونهي، جيڪو ڪنهن اهڙي تبديليءَ ۽ قيرقار کي قانون جي خلاف قرار ڏي، جيڪا مادي مفادن جي باهمي عمل جي نتيجي طور ايندي آهي.
هاڻي گھڻي ماڻهن کي هن ڳالھ جو يقين ٿيندو پيو وڃي تہ آمريڪا ۽ سوويت يونين سرد جنگ جي خطرناڪ مرحلي کي ختم ڪرڻ ۾ مصروف آهن. ڪين هميشہ هن ڳالھ جو احساس ڪو نہ ٿو رهي تہ مقابلي جي حالت ۾ تخفيف، زياده سنگين مسئلن کي تيزيءَ سان سامهون آڻيندي ۽ دنيا جي مختلف حصن ۾ مسلح تصادمن جو سلسلو شروع ٿي ويندو. سرد جنگ ذري گھٽ ويهن سالن کان بہ زياده عرصي تائين ان ڪري جاري رهندي آئي آهي، جو آمريڪا ۽ سوويت يونين پنهنجن تڪرارن کي حل ڪرڻ لاءِ جنگ کي هڪ طريقي هئڻ جي طور قطعا رد ڪري ڇڏيو آهي. دنيا سرد جنگ جي روايتي سٺاءِ ۽ انجي ڪوتاهين کان پوري طرح واقف ٿي چڪي آهي. ماڻهو هاڻي

انهيءَ علم جي بنياد تي پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ محفوظ سمجهڻ لڳا آهن ته هيءَ سرد جنگ اوچتو ئي اوچتو گرم ٿي ڪليل اڳرائي جي ڌماڪي جي صورت اختيار نه ڪندي. سرد جنگ ۾ هڪ نه ٻيءَ صورت ۾ تحفيف، حقيقي طور خطرناڪ حالات پيدا ڪري سگهي ٿي. انهيءَ طرح سان پيدا ٿيندڙ خلا ۾ ڪا اهڙي وڏي طاقت داخل ٿي سگهي ٿي، جيڪا استحصال جي خاتمي لاءِ جنگ کي وسيلو بنائڻ ۾ جديد جنگي طور طريقي جي نتيجن کان نه ڊڄندي هوندي. انهيءَ ڳالهه جي روڪٿام لاءِ، تسليم شده عظيم طاقتون، جيڪي جنگ کان بيزار ٿي چڪيون آهن، شايد اهڙن ناهن تي راضي ٿي پون، ۽ اهڙين اصلاحي تدبيرن جي اجازت ڏئي وجهن، جن جو نتيجو نه ته ناانصافيءَ واري ”موجوده صورتحال“ کي قائم رکڻ جي صورت ۾، ۽ نه حقيقي مفادن کان هٿ ڪڍڻ جي صورت ۾ نمودار ٿئي. پر جنهن وقت تائين قومون هڪٻئي جو استحصال ڪنديون رهنديون، جيستائين آمريت موجود هوندي ۽ شهري آزاديون ساڪت رهنديون، جيستائين عوام کي سندن حقن کي محروم رکيو ويندو، ۽ غريبن کي لٽيو ويندو، تيستائين سرد جنگ باقي رهندي ۽ شايد آخرڪار وڏين طاقتن جي درميان ٻن نظرين جي اختلافن جي بنياد تي حقيقي جنگ به ڇڙي پوندي. مظلوم قومون پنهنجي نجات ڏيندڙ جي ڳولا ڪڏهن به ترڪ نه ڪنديون، ۽ جيڪڏهن ڪين انهيءَ ذميواريءَ جو چوغو پائڻ لاءِ ڪوبه تيار نه مليو، ته محڪوم عوام پنهنجو پاڻ کي نجات ڏياريندا ۽ هڪ اهڙو منصفانه مساواتي نظام قائم ڪري وجهندا، جيڪو جبر ۽ تسلط، غربت ۽ افلاس ۽ ظلم ۽ استحصال کان پاڪ هوندو. آخري تجربي طور، سرد جنگ جي ڄاتل سڃاتل پاڇي هيٺان رهڻ، فرقيوارانه جنگ جي ڌڪاءَ جي تجربي ڪرڻ کان بهتر ٿيندو، جنهن جي طرف اسين آهستي آهستي وڌندا نظر اچون ٿا.

ڪو وقت اهڙو هو، جڏهن آمريڪا ۽ سوويت يونين دنيا جا ٻه اهم ترين مخالف هئا. ڏهه سال اڳي، ڪي ٿورا ئي ماڻهو انهن جي موجوده تعلقات جي نوعيت تي اعتبار ڪن ها. ساڳيءَ طرح، هن امڪان کي به رد ڪري نه ٿو ڪري سگهجي ته ڪو اهڙو وقت ڪو نه ايندو، جڏهن آمريڪا ۽ چين کي باهمي بقا جو طريقو تلاش ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ائين نه ٿيو، ته پوءِ ان جو نتيجو دنيا، يا گهٽ ۾ گهٽ ايشيا جي تباهي ۽ بربادي‌ءَ جي صورت ۾ نڪرندو. دنيا ۾ ڪي به مستقل دشمن ڪين هوندا آهن. آمريڪا ۽ چين جي موجوده دشمنيءَ کي ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن هوش منديءَ جي آڏو گوڏا جهڪائڻا پوندا. ويهين صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي جي اڌ کان وٺي پنجين ڏهاڪي جي اڌ تائين نازي فاشزم تصادم جو سبب رهي. پنجين ڏهاڪي جي درمياني حصي کان وٺي ڇهين ڏهاڪي جي اڌ تائين سوويت يونين ۽ آمريڪا سرد جنگ ۾ ڦاٿا پيا هئا. ڇهين ڏهاڪي جي اڌ کان وٺي، اسان آمريڪا ۽ چين جي درميان وڌندڙ دشمني ڏٺي آهي. پر اها مخالفت هميشه جي لاءِ قائم رهي نه ٿي سگهي. پروفيسر ٽائنبي کان وڌيڪ احتياط کان ڪم وٺندي، جنهن هن اڳڪٿي ڪرڻ جي جرئت ڪئي هئي ته تاريخ هڪ عديم النظير پاسو ورائيندي، آءُ گهٽ ۾ گهٽ ايتريقدر اڳڪٿي ڪرڻ لاءِ آماده آهيان ته

انين ڏهاڪي جي درميان حالات ۾ تبديلي ايندي. جيڪڏهن ماضي مستقبل جو مظهر آهي، ته پوءِ حيرت ٿيندي جيڪڏهن آمريڪا ۽ چين جي مقابلي جي شدت انين ڏهاڪي کان پوءِ به قائم رهي سگهي. جيئن آمريڪا ۽ سوويت جي مقابلي جو نتيجو پڻ. فتح تهڙيءَ طرح چين ۽ آمريڪا جي تقابل ۽ تصادم جي تيز نوڪن جي گسي گسي مڏين ٿيڻ جي صورت ۾ نڪرندو.

ان مان اسين هي سبق حاصل ڪري سگهون ٿا ته ننڍين قومن کي عالمي طاقتن جي اختلافن جي وهڪري ۾ نه وهڻ گهرجي ۽ هڪ طاقت جي حمايت ۾ يا ڪنهن ٻي طاقت جي مخالفت ۾ حد کان ايترو ٻاهر نڪري وڃڻ نه گهرجي، جو انهن جي پنهنجي مستقبل کي ناقابل تلافي نقصان پهچي. بلڪ ڪين عالمي طاقتن جي موقف کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ اڳرائيءَ جي خلاف سينو سپرڪري سامراجيت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ انصاف جي بنيادن تي بيٺل مقصدن جي حمايت ڪرڻ گهرجي. ننڍين قومن لاءِ بهتر ٿيندو، ته اهي عالمي طاقتن جي حريفانه ڇڪتاڻ ۾ گهٽي کان گهٽو غيرجانبداريءَ وارو رويو اختيار ڪن. انهن جي لاءِ ڪنهن وڏي طاقت جي خلاف ڪنهن ٻي وڏي طاقت سان مڪمل ايڪو ڪرڻ ڪوتاهه انديشي ٿيندو. ان جو هرويرو اهومطلب ڪونهي ته پنهنجن قومي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪا ننڍي قوم ڪواهڙو موقف اختيار نه ڪري، جيڪو ٻين وڏين طاقتن جي مقابلي ۾ ڪنهن هڪ وڏي طاقت سان زياده هم آهنگ هجي. پر ان جو اهو مطلب ضرور آهي ته ننڍي رياست ڪنهن هڪ وڏي طاقت جي خلاف ڪنهن ٻي وڏي طاقت سان اهڙو ايڪو ڪرڻ کان گريز ڪري، جنهن ۾ بين الاقوامي معاملن ۾ اڳواٽ طئي ٿيل موقف اختيار ڪرڻو پوي ۽ سو به فقط عارضي مادي فائدن جي خاطر يا انهيءَ سبب کان ته انهيءَ جي برسر اقتدار حڪومت کي اهو انديشوآهي ته اها انهيءَ طاقت جي سهاري کان سواءِ پنهنجي ئي عوام هٿان ختم ٿي ويندي.

عملي حالتن ۾، ننڍين قومن کي اهڙي حڪمت عملي ناهڻ گهرجي، جنهن جي ذريعي سڀني عالمي طاقتن سان معمول جي مطابق ٻه طرفا تعلقات قائم ٿين، جن ۾ انهن طاقتن جي طرفان ڪنهن مداخلت جو امڪان نه هجي ۽ جن جي درجي بندي روشن خيال قومي مقصدن جي بنياد تي بلڪل سمجهه ۾ اچڻ جهڙي هجي. انهن تعلقات کي جيڪڏهن فائدي بخش ۽ معقول ٿيڻو آهي ته اشتراڪ عمل جا شرط اهڙا هئڻ گهرجن، جن ۾ خالص نظرياتي معاملن يا دفاعي عهد و پيمانن ۾ هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ ترجيع نه ملي، نه ته انهن جا تعلقات گهڻ رخين ذميدارين جي صورت اختيارت ڪندا. جيئن ته عظيم طاقتن جون ذميداريون عالمي نوعيت جون هونديون آهن، انڪري ڪنهن وڏي طاقت سان دفاعي معاملن ۾ ٻه طرفا تعلقات قائم رکي انهيءَ سلسليوار ردعمل ۾ڦاسي پوڻ کان بچڻ مشڪل آهي، جنهن جو نتيجو گهڻن رخن وارين ذميدارين جي صورت ۾ نڪرندو. انهيءَ قسم جي معاهدي مان ٻه طرفا فائدا ختم ٿي وڃن ٿا ۽ اهي معاهدا اسان کي ٻين وڏين طاقتن سان تصادم جي طرف گهلي وڃن ٿا. ٻه طرفا تعلقات جي

شرطن کي ڪڏهن اهڙو نه هئڻ گهرجي، جو انهن مان ٻين عالمي طاقتن سان انهن ئي قسمن جي تعلقات جي وسعت ۽ شڪل ۾ڪنهن طرح به بگاڙ پيدا ٿئي. ٻين لفظن ۾، ٻه طرفا تعلقات کي ڪنهن به صورت ۾ گهڻ رخين ذميدارين جي شڪل اختيار نه ڪرڻ گهرجي، جيڪي ان وقت سامهون اچن ٿيون، جڏهن مختلف ٻه طرفن تعلقات جي شرطن ۾ بنيادي معاملن تي اختلاف، ناقابل تصفيه ٿي پوي ٿو.
ٽين دنيا جي قومن جي لاءِ لازم آهي ته فقط عالمي طاقتن سان، بلڪ نيم عالمي طاقتن مثلا برطانيه، فرانس ۽ جرمنيءَ سان پڻ ٻه طرفا دوستانه تعلقات وڌائيندا رهن. فرانس کي، جنهن جي طاقت ائٽمي هٿيارن جي ڪري اڳي کان وڌيڪ ٿي ويئي آهي، آفريڪا جي فرينچ ٻولي ڳالهائيندڙ رياستن جو اعتماد حاصل آهي. ان جي راءِ کي باقي آفريڪي ملڪن، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ پڻ وقعت حاصل آهي. وچ اوڀر جي تازه ترين بحران جي دوران فرانس عرب ملڪن ۾ پنهنجو مقام ٻيهر حاصل ڪري ورتو آهي ۽ جيڪي زيادتيون ان سنه ١٩٥٦ع واري سئيز جي جنگ ۾ ڪيون هيون، تن جي تلافي پڻ ڪري ڇڏي آهي. (هن ڳالهه جو اقرار ته ١٩٦٨ع جي فرانس ١٠٥٦ع واري فرانس ناهي)، صدر ناصر ان وقت ڪيو هو، جڏهن هن وچ اوڀر واري جنگ جي تعميري ڪردار ادا ڪرڻ تي جنرل ڊيگال جي تعريف ڪئي هئي. فرانس پنهنجي لاءِ نه فقط يورپي ملڪن ۾ بلڪ دنيا جي قومن ۾ پڻ هڪ خاص مقام پيدا ڪري ورتو آهي. هن پنهنجي دورانديشيءَ واري خارجه پاليسيءَ جي صدقي سوويت يونين ۽ عوامي جمهوريه چين سان قريبي لاڳاپا پيدا ڪري ورتا آهن. ويٽ نام جي جنگ ۽ ايشيا جي عام صورتحال جي سلسلي ۾ ان جي صحيح جائزن هن جو ڊيل اجا به وڌيڪ وڌو ڪيو آهي، جڏهن ته ان جي خارجه حڪمت عمليءَ بين الاقوامي توازن ۾ اڳي کان وڌيڪ ترقي پسندانه تبديليءَ جي لاءِ نوان موقعا پيدا ڪري وڌا آهن. خود اختياريءَ جي حق جي اصولن لاءِ پنهنجي مستحڪم حمايت سان، جنهن کي هن الجزائر ۾ خود پنهنجي سامراجي مفادن جي خلاف هڪ جرئتمندانه انداز ۾ استعمال ڪيو، هن ٽين دنيا جي قومن تي ڏاڍو صحتمند اثر ڇڏيو آهي.
فرانس ۽ جرمنيءَ جي باهمي تعاون کي، جيڪو ڪونراڊ ائڊينائر جي سرپرستيءَ ۾ ڏاڍي حوصلا افزا انداز ۾ شروع ٿيو هو، تنهن کي هن کان پوءِ ڪجهه ناڪاميون نصيب ٿيون. جيڪڏهن انهن ٻن ملڪن جي يگانگت مستحڪم ٿي وڃي ته اهي يورپ ۾ هڪ طاقتور سياسي عنصر ۽ باقي دنياجي لاءِ امن جو هڪ مضبوط قلعو بڻجي سگهن ٿيون. في الحال اولهه جرمني، جيڪا هڪ ورهايل ملڪ جو هڪ حصو آهي، پنهنجي قوميت جي اتحاد جي خواهان آهي. انهيءَ عظيم مقصد جي حصول ۽ پنهنجي بچاءَ جي لاءِ ان جو دارو مدار في الحال آمريڪا تي آهي. انهيءَ ڪري ان جي خارجه پاليسي جمود جو شڪار ٿي ويئي آهي. ان کي سندس هڪ وڏي اتحاديءَ جي طرفان بي وفائيءَ جو دائمي ڌڙڪو لڳل رهي ٿو، ڇو ته سوويت يونين ۽ آمريڪا جي درميان ڪو به بنيادي ناهه وفاقي جمهوريه جرمنيءَ جي لاءِ هڪ وڏي نقصان جو سبب ٿيندو.

چانسلر ڪيزنگر جي ماتحت مخلوط حڪومت جي نهي وجهڻ کان پوءِ فرانس جي طرف قدم وڌائڻ ۽ جنرل ديگال جي خيالن جي مواقفت ۾ يورپ جي طرف وڌڻ جي تحريڪ ٻيهر اٿي رهي آهي. بهرحال ١٩٦٩ع لاءِ مقرر ٿيل عام چونڊن کان اڳ ۾ جرمنيءَ جي خارجه پالسيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي وڏي تبديليءَ جي اميد رکڻ قبل از وقت آهي، جيستائين آمريڪا ۽ سوويت يونين جي درميان ڪنهن اهڙي شرط تي ڪوئي بنيادي ٺاهه نه ٿي وڃي، جنهن کي جرمنيءَ جي وفاقي جمهوريه پنهنجي لاءِ هڪ تاوان سمجهي.

برطانيه عظمي؛ هاڻي ايشيا ۾ هڪ مضبوط طاقت جي حيثيت وڃائي ويٺوآهي، پر اهو آمريڪا جي عالمي مفاد جي سهاري لاءِ هڪ اهم حاشيه بردارطاقت جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سئيز کان اوڀر وارن علائقن جي متعلق ان جي اشتعال ڏياريندڙ حڪمت عملين مغربي ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ڪيئي ٿاري سگهڻ جي لائق مصيبتون پيدا ڪيون آهن. وچ اوڀر واري تصادم کان پوءِ هن ڳالهه ۾ شڪ پيدا ٿي چڪو آهي ته برطانيه وري ڪڏهن به " سئيز کان اوڀر " طرف پنهنجي ڳالهه مڃائي سگهندو. هاڻي ان کي پنهنجي عوام جي فلاح و بهبود ۽ ٻين ملڪن تي بالا دستيءَ جي وچان ڪنهن به هڪ شئي جي چونڊ ڪرڻي پوندي.

دولت مشترڪ باهمي فائدي جي هڪ نقطي کان لنگهي چڪو آهي. هاڻي انجي حيثيت فقط هڪ علامتي اداري جي رهجي ويئي آهي ۽ ان کي هڪ مناسب انداز ۾ رضاڪارانه طور تي جيترو به جلد ختم ڪيو وڃي، اوتروئي اها برطانيه ۾ دولت مشترڪ جي ايشيائي ۾ آفريقي قومن لاءِ بهتر ٿيندي. ايشيا ۽ آفريقا جي قومن جي سيني اجتماعي مايوسين ۽ انهن جي جذبن کي سنڀالڻ ۾ دولت مشترڪ جي ناڪاميءَ جي عڪس برطانيه سان انهن جي تعلقات مان پوي ٿو ۽ انهن مان بيڪار پيچيدگيون پيدا ٿين ٿيون، جيئن ته دولت مشترڪ جي اندورني جهڳڙن کي نبيرڻ لاءِ ان جي اندر ڪوئي ذريعو موجود ڪونهي، ان ڪري اهي جهڳڙا تعداد ۾ وڏي وڏي غلط فهمين ۾ اضافوڪندا رهن ٿا. اڄ برطانيه ۽ ڏکڻ آفريقا جا باهمي تعلقات بهتر آهن، ڇاڪاڻ ته اهي ٻه طرفي بنياد تي قائم آهن. جڏهن ڏکڻ آفريقا دولت مشترڪ ۾ شامل هو، تڏهن انهيءَ ملڪ سان برطانيه جا تعلقات ڪشيده هئا، ۽ انهيءَ ڪشيدگيءَ جو سبب اها ڇڪتاڻ هئي، جيڪا دولت مشترڪ جي گهڻ رخي ميلاپ جي سبب کان انهيءَ اداري جي خلاف پيدا ٿي پيئي هئي. دولت مشترڪ کي رضاڪارانه طور تي ختم ڪرڻ سان، نه فقط ان جي سيني ميمبرن سان برطانيه جا ٻه طرفا ناتا بهتر ٿي پوندا، بلڪ برطانيه پڻ انهيءَ قابل ٿي پوندو ته اڳوڻن ورثن جي بار کان آزاد ٿي، يورپي برادريءَ ۾ داخل ٿي وڃي ۽ ايشيا ۽ آفريقا جا ملڪ پڻ پنهنجن پنهنجن ڪنڊن ۾، ۽ ايشيائي استحڪام جي لاءِ زياده فطري ۽ بامقصد ڪم سر انجام ڏيڻ جي لاءِ آزاد ٿي پوندا. حقن ۽ فرضن ۾ بي ترتيب قسم جي گهڻ نه هوندي، جنهن کان فقط اجتماعي ۽ انفرادي مشڪلات ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ ايشيا آفريڪا جي ماڻهن جون طبعي حوصله منديون ڪمزور ٿي

وجن ٿيون. برطانيه جي جاءِ يورپ ۾ آهي ۽ جيترو جلد برطانيه انهيءَ نڪتي کي سمجهي ويندو، اوتروئي يورپ ۽ سڄي دنيا جي امن لاءِ بهتر ٿيندو. برطانيه پنهنجو آغاز يورپ مان ڪيو هو ۽ هاڻي ان کي يورپ واپس پهچڻ گهرجي. في الحال برطانيه جي غرضن جا چنبا. سندس طاقت کان گهڻي قدر ٻاهر تائين ڦهليل آهن. ڪيس وقت جي آواز مطابق پاڻ کي ٻيهر حالات سان نهڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، خصوصا يورپ جي سلسلي ۾ ايشيا ۾ برطيانيه جي فوجي ذميوارين ۾ ڪمي ڪرڻ جو فيصلو انهيءَ رخ ۾ هڪ قدم آهي.

ترقي پذير قومن کي عالمي طاقتن سان تعلقات مرتب ڪرڻ ۾ هميشه مشڪل ۽ پريشانيءَ جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. برخلاف ان جي، انهيءَ لاءِ هيءَ ڳالهه مقابلتاً آسان آهي ته اهي پنهنجن باهمي مفادن جي بنيادن تي بينل حڪمت عملين کي پاڻ کي وڌيڪ ملائي ڇڏين ته جيئن عالمي طاقتن جي پيٽ ۾ انهن جي سودي ڪرڻ جي حثيت بهتر ٿي سگهي ۽ هو پاڻ کي وڌيڪ مستحڪم پڻ ڪري سگهن. ترقي پذير قومن جي هيءَ مسلسل ڪوشش رهڻ گهرجي ته اهي باهمي تعاون ۾ اضافو ڪن، ڇاڪاڻ ته اهو تعاون برابريءَ جو تعلق هئڻ ڪري انهن قومن جي برابريءَ جي ڪنهن ميمبر جي انتهائي اهم مفادن کي نقصان پهچائڻ جي قابل نه هوندو آهي.

آفريڪي ايشيائي استحڪام کي اقوام متحده جي اندر ۽ ٻاهر پختي اداري سان وڌائڻ گهرجي. ان ۾ ٻي افريشيائي ڪانفرنس جي منعقد ڪرڻ ۾ ناڪامي ۽ خود اقوام متحده جي اندروني بحران جهڙيون ڪيئي ناڪاميون لازمي طور ٿينديون. آزاديءَ ۽ انصاف جي ايڏي همه گير تحريڪ جي مقابلي ۾ بيشمار رڪاوٽن جو اچڻ هڪ لازمي امر آهي، پر انهيءَ آزمائش کي اتحاد لاءِ ڪيل عزم کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ گهرجي، جو وقت گذرڻ سان پڪ ئي پڪ ظهور ۾ ايندو. هڪ ٻيرو اقوام متحده جي مثان مصيبت جا سال ٽري وجن، ته اهو ادارو پنهنجي ابتدائي سالن وارن وعدن جي وفا ڪرڻ لاءِ هاڻي به ٽين دنيا جي ترقي پذير قومن لاءِ ترقيءَ ۽ سندن حفاظت جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو. في الحال ته اقوام متحده جو ادارو و بحران ۾ وڪوڙيو پيو آهي، ۽ ان جي سيني کان وڏي دشواري اها آزمائش آهي جنهن سان ان جو مقابلو وچ اوپر ۾ آهي. ڪن ماڻهن جو عقيدو آهي ته ڪيڏهن ان کي هن آزمائش ۾ ڪاميابي نصيب نه ٿي ته ليگ آف نيشنس وانگر هيءَ به ختم ٿي ويندي. پر سچ اهو آهي ته جيتوڻيڪ ان جي موت جو اعلان اڳ ۾ به ڪيو ويو آهي ۽ هيءَ اجا تائين زنده هلندي پيئي اچي، هڪ دفعو هيءَ پنهنجي موجوده مشڪلاتن تي قابو حاصل ڪري وجهي ۽ نئين سر پنهنجي تنظيم ڪري وجهي ته پوءِ اها پنهنجو اثر و رسوخ مجرائي سگهي ٿي ۽ ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا جي قومن کي بين الاقوامي واقعن جي روش تي اثر انداز ٿيڻ ۽ پنهنجي جائز جدوجهد جي مدد لاءِ عوامي راءِ جي طاقت کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ سندن اجتماع جو هڪ موثر مرڪز بڻجي سگهي ٿي. ان هوندي به جيڪڏهن هيءَ انجمن موجوده مسئلن جي بار هينان دبجي به ويئي ته قومن جي هڪ ٻي متحده انجمن

وجود ۾ اچي ويندي، جيڪا مظلوم ماڻهن ۽ استحصال ٿيل قومن جي خدمت ۾ وڏيڪ وفاداري ۽ طاقت ۽ انصاف جي تحفظ لاءِ بين الاقوامي مجلس هميشه موجود رهندي. سڄيءَ دنيا کي عظيم تر طاقتن جي جائداد ۾تبديل ڪري نہ ٿو سگھجي. اقوام متحده پنهنجين سڀني ڪمزورين جي باوجود، ”ليگ آف نيشنس “ جي هڪ سڌريل صورت آهي، ۽ جيڪڏهن اها ڇڙوڇڙ ٿي ويندي تہ ان جي ڦٽل نشانن تي هڪ وڏيڪ مؤثر عالمي مجلس وجود ۾ ايندي.

جيئن جيئن اهڙا هٿيار، جيڪي سڄن سڄن ڪندن کي تباه ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا، فني اعتبار کان ڪمال جي نقطي تي پهچي رهيا آهن، تيئن تيئن ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ترقي پذير ملڪن لاءِ اڄا بہ وڏيڪ لازم ٿيندو وڃي ٿو تہ هڪ اهي هڪٻئي جو موقف کي وڏيڪ جامع انداز ۾ باهمي استحڪام جي روشنيءَ ۾ ٻيو تہ سڀني ترقي پذير ۽ ترقي يافتہ قومن جي درميان بهتر ناهہ جي لاءِ سرگرميءَ سان ڪم ڪن. هيءَ ڳالهہ جيڪا عام طور تي چئي وڃي ٿي تہ دنيا سسي رهي آهي، ڪجهہ غلط ناهي، ڇاڪاڻ تہ مواصلات جي تيز رفتاريءَ اهڙن فيصلن تائين پهچڻ ۾ جيڪي بين الاقوامي امن کي متاثر ڪندا هجن يا بين الاقوامي جنگ جي طرف وٺي ويندا هجن، مفاصلن کي بلڪل بي اثر ڪري ڇڏيو آهي. اهم فيصلن جو اثر ڪنهن واحد قوم يا ملڪن تائين محدود نہ رهيو رهي. اڄڪلهہ اهڙن فيصلن جو پڙاڏو دنيا جي جي ڇئني ڪندن تائين ڦهلجي وڃي ٿو.

اقتصادي اعتبار کان دنيا جي اترين ۽ ڏاکڻين ملڪن ۾ جيڪو تضاد پيد اٿي چڪو آهي، تنهن جي پيش نظر ترقي پذير قومن جي ترقي يافتہ قومن سان بهتر اقتصادي تعلقات قائم ڪرڻ جي جدوجهد ۾ مٿن هيءُ فرض عائد ٿئي ٿوتہ اهي پنهنجن گڏيل مقصدن کي باهمي طور هڪٻئي سان مربوط ڪن، تہ جيئن گڏيل سودي ڪرڻ خاطر سندن قوت ۾ واڌارو ٿئي. اتر ڏکڻ جي ڇڪتاڻ، ڇاهي ترقي پذير قومن لاءِ ڪيتري ئي اهم ڇو نہ هجي، اولهہ ۽ اوڀر جي هن متضاد جذبن جي سامهون مغلوب ٿي وڃي ٿي، جنهن ۾ نظرياتي جذبن کي مشتعل ڪرڻ جي طاقت موجود آهي. اولهہ ۽ اوڀر جي اها متضاد ڇڪتاڻ دنيا جي اقتصادي ۽ سماجي معاملن تي غالب اچڻ جي ارادي جو اظهار آهي. انهيءَ ڪري هِن ڇڪتاڻ اندر انهيءَ عالمي تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو خطرو موجود آهي. جيڪو تهذيب کي رک جو ڍير بنائي سگھي ٿو. انڪري ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڪندن لاءِ ضروري آهي تہ اهي موجوده زماني جي واقعن جي ضرورتن جي مطابق يورپ ڪنڊ سان هڪ نئين ۽ هڪجهڙائيءَ واري انداز سان ناهہ ڪن.

بي مهاياري لڙائيءَ جي ڦهلايل تباهيءَ کان پوءِ يورپ بيمار ۽ ٿڪل حالت ۾ هو، اڄ ان ۾ هڪ نئين روح جا سڀ آثار موجود آهن جي هڪ پيرو جنگ کان بيزار ٿيل ماڻهن جي مقدر ۾ هڪ وڏيڪ خوشحال ۽ زياده پرپور زندگي نمودار ٿيندي نظر اچي ٿي. مشرقي ۽ مغربي يورپ جا ماڻهو جنگي هٿيارن کي هڪ طرف اڇلائي ڇڏڻ کان پوءِ وڏيڪ قريب باهمي تعاون جي ڪوشش ۾مصروف نظر اچن ٿا. ٻہ- طرفي ڇڪتاڻ ۾

نرمي اچڻ سان مشرق ۽ مغرب جي هڪٻئي سان لاڳاپن ۾ لچڪ وڌي ويئي آهي ۽ سياست ۽ اقتصاد ۾ پٽڙي ڪيفيت پيدا ٿي ويئي آهي. يورپ جي سالميت لاءِ هن حوصلہ افزا تحريڪ تحريڪ مان باقي يورپي مسئلن جي حل دستياب ٿيڻ جون تازيون اميدون پيدا ٿي ويئون آهن. ڌارين جي دخل اندازيءَ کان آجي يورپي اهتمام هيٺ زندگيءَ جي بساط جي هڪ هنڌ ڄميل حالت کي ٽوڙڻ جا بهتر امڪان نظر اچي رهيا آهن. هيءَ ڳالھ اجا ملاحظہ جي قابل آهي تہ ٻئي عظيم ترين طاقتون (آمريڪا ۽ روس) مشرقي ۽ مغربي يورپ جي قومن جي درميان وڌندڙ تعاون جي ڪهڙيءَ حد تائين اجازت ڏين ٿيون يا ان کي پنهنجي گرفت ۾ رکي سگهن ٿيون. پر واضح طور، صاف ڳالھ هيءَ آهي تہ يورپ ۾ انهيءَ قسم جي تعاون جو لاڙو موجود آهي. اها ڳالھ پڻ ٽين دنيا جي قومن لاءِ انهيءَ ڳالھ کي اجا بہ وڌيڪ ضروري ڪري ڇڏي ٿي تہ اهي نئين اڀرندڙ يورپ جي طرف نئين انداز ۾ اڳتي وڌن.

يوروپ ۽ ايشيا جي وچ ۾ نئين قسم جو باهمي تعلق اڀري رهيو آهي. ماضيءَ ۾، ايشيا تي يورپ جي غلبي جي سبب ڪري، ٻنهي کنڊن جي درميان باهميلاڳاپن جي بسنبت وڌيڪ اختلاف موجود هئا. هيءَ ڳالھ اٽتر هئي تہ عدممساوات ۽ استحصال جي بنيادن تي قائم ٿيڻ وارن لاڳاپن جي دوران انهن ٻن علائقن جي ماڻهن جي درميان جڳهڙا وڌن. مادي غلطي جو زمانو گذري وڃڻکان پوءِ يورپ ۽ ايشيا جي درميان تعلقات ۾ هڪ نئين گهرائي پيدا ٿي آهي.بدلجندڙ تعلقات جي دؤر ۾ ايشيا ۽ يورپ جا ماڻهو انهن باهمي اختلافن جيبجاءِ، جيڪي انهن کي هڪٻئي کان جدا ڪن ٿا، هڪجهڙاين جي تلاش ۾ لڳلآهن، جيڪي کين هڪٻئي سان ملائين ٿيون.” اڇيءَ چمڙيءَ واري آدميءَ جوبار“، ۽ ”غير مهذب“ ماڻهن کي مهذب بنائڻ جي لاءِ ”برترقومن“ جي ذمہ داريءَ جهڙن فضول اصطلاحن جا اثر هاڻي يورپي ماڻهن جي ذهنيت ۽ انهنجي ايشيائي ماڻهن سان ورتاءُ تي گهٽ ٿيندا وڃن ٿا. پراڻن روين جا نشان اجا بہ باقي آهن، پر تيزيءَ سان غائب ٿيندا وڃن ٿا. هاڻي زور يورپ ۽ ايشيا جي مشترڪ نسب نمائن ۽ ٻنهي کنڊن جي جاگرافيائي قربت ڏانهن منتقل ٿي رهيو آهي. هن ڳالھ کي وسارڻ نہ گهرجي تہ آباديءَ جا وڏا وڏا ريلا ايشيا کان يورپ جي طرف وڌيا آهن. انڪري انهن جي درميان هڪ حد تائين نسلي ۽ ثقافتي هم رنگي آهي. ٻئي کنڊ تهذيب جا گهوارا رهيا آهن ۽ ٻنهي مان مذهبي افڪار، فلسفہ، سائنس ۽ سياسي تصورات اتي دنيا ۾ ڦهليا آهن. ٻئي کنڊ خوفناڪ جنگين ۽ تباهيءَ جا آکاڙا بڻيا رهيا آهن. انڪري يورپين ۽ ايشيائين، ٻنهي کي هڪ منصفانہ بين الاقوامي امن جي قيام جي ضرورت جوهاڻي يڪسان طور وڌيڪ خيال رکڻ گهرجي. مستقبل ۾ ايشيا ۽ يورپ جي درميان اشتراڪ عمل کان دنيا جي زندگيءَ جي حالتن کي بهتر بنائڻ جا امڪان گهڻا روشن آهن. آئينده اچڻ وارا سال مشترڪ مفاد جي وسعت ظاهرڪندا. اها وسعت ان وقت وڌيڪ واضح ٿي ويندي، جڏهن وڏيون طاقتون يورپ ۽ ايشيا ۾ حالات جي بدلجندڙ حوالن جي روشنيءَ ۾ پنهنجن مقصدن کي نئين سر واضح ۽ مرتب ڪنديون، جڏهن حاڪميت

ڪي متحده مقابلي ڪي منهن ڏيٺو پوندو ۽ جڏهن سائنس جي زمين ۾ اقتصادي ۽ معاشري حالتن مان ڦٽندڙ واقعن جي عام تاجي پيٽي ۾ نوان ميدان سر ٿيندا.
هڪ عالمي ۽ بين البراعظمي ناهه ۽ رابطي جي اهميت هن ڪري گهٽ نہ ٿي ٿئي، جو جاگرافي هاٽي بہ هر ملڪ جي خارجہ پالسيءَ جي تشڪيل تي سڀ ڪان وڌيڪ اهم اڪيلي عامل جي حيثيت رکي ٿي. جيڪڏهن ڪا قوم پنهنجي ويجهي ڪان ويجهي پاڙيسري سان باهمي موافقت پيدا نہ ٿي ڪري سگهي تہ ڏورانهين قومن سان باهمي مفاهمت جي سطح تائين پهچڻ ان جي لاءِ اجا بہ وڌيڪ مشڪل ثابت ٿيندو. ڪنهن قوم جي بين الاقوامي لاڳاپن ۾پختگي ۽ لچڪ انهيءَ پختائيءَ ۽ لچڪ مان پيدا ٿيندي آهي، جيڪا اها پنهنجي ويجهي ڪان ويجهي پاڙيسريءَ سان پنهنجن لاڳاپن ۾ روا رکندي آهي. حقيقت ۾جيڪڏهن سڀ پاڙيسري ملڪ هڪٻئي سان سني مفاهمت پيدا ڪري وجهن تہ بين الاقوامي تعاون ۾ هوند وڏيون سهولتون پيدا ٿي وڃن. علاقائي جڳهڙا، جيڪي بن سيني جڳهڙن ڪان وڌيڪ اهم هوندا آهن، پاڙيسرين ۾ اٿندا آهن ۽ پاڙيسري رياستن جي تعلقات ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪندا آهن. ماڻهن جي درميان پيچيدگين وانگر، رياستن جي درميان سيني ڪان وڌيڪ پيچيده بين الاقوامي حالتون اتي پيدا ٿينديون آهن، جتي انهن جون سرحدون گڏيل هونديون آهن. ويجهڙائيءَ جي سبب ڪري ۽ باهمي تعلقات جي وسعت جي بدولت پڻ، پاڙيسري ملڪن جي خارجہ حڪمت پيدا ٿيڻ نہ فقط انهن جي باهمي اختلافن ۾ سختي ۽ شدت پيدا ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي، بلڪ سندن درميان طرح طرح جا روزمره جا مسئلا پڻ ظاهر ٿيندا رهندا آهن. اهوئي عمل جو اهو دائرو آهي، جنهن ۾ ڪنهن قوم جي قابليت جو اظهار ٿيندو آهي. جيتوٽيڪ هلندڙصديءَ ۾ مفاصلو، نسلي ۽ روحاني لاڳاپن ڪي گم ٿو ڪري ڇڏي، تڏهن بہ جاگرافي پنهنجن معنائن ۾ پاڙيسري ملڪن جي درميان تعلقات جي اهميت ڪي متعين ڪرڻ واري سيني ڪان وڌيڪ اثرائي چيز آهي، گهٽن ئي تعلقات ڪي بدلائي يا متاثر ڪري سگهبو آهي. پر هڪ جاگرافيائي پاڙيسريءَ جي موجودگيءَ جي حيثيت ڪي بدلائي نہ ٿو سگهجي. خارجہ پاليسيءَ جي تشڪيل۾ هيءَ هڪ دائمي عنصر آهي.
ڪنهن ملڪ جي خارجہ پاليسيءَ جي اهتمام ۾ بين ملڪن سان عام طور تي سٺن تعلقات قائم ڪرڻ جا فائدا اڪثر ان جي پنهنجن پاڙيسرين سان تعلقات جي ناڪاميءَ جي ڪري معطل ٿي ويندا آهن. هر قوم جي سياسي فلسفي ۽ معاشي نظام ۾ ترميم ۽ بدليءَ جا امڪان موجود هوندا آهن. فنون، سائنس، مادي وسيلا ۽ سياسي ڍانچا سڀ ڦيرڦار جو اثر قبول ڪندا آهن، پر طبعي جاگرافيائي حقائق ناقابل تبديلي هوندا آهن.
هر ملڪ جي خارجہ پاليسي ڪنهن بہ مقرر گهڙيءَ ۾ تغير پذير ۽ مستقل عاملن جي ميلاپ جو نتيجو هوندي آهي. ان ڪري خارجہ پاليسي طئي ڪرڻ جي مشڪل ڪم ۾ بين الاقوامي ادارن ڪي منهن ڏيڻ جي عمل ۾ مختلف ۽ انتهائي پيچيده عناصر جولحاظ ضرور رکڻ گهرجي، مثلاً قوم جي سياسي فلسفي، جو ان جي اقتصادي نظام جو، ان جي ثقافتي روايتن ۽ ان جي جاگرافيائي بيهڪ جو.

هن باب ۾ هڪ تمام پيچيده مسئلي کي سادي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ۽ ان جو مقصد تڏهن ئي پورو ٿيندو، جڏهن ان مان هيءَ ڳالهه واضح ٿي وئي هجي تہ دنيا بدليل سياسي حالات جي- جنهن ۾ ٽي عالمي طاقتون وجود ۾ اچي ويئون آهن، ۽ انسانن جي ذهنن تي قابو پائڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ هر هنڌ ڇڪتاڻ جاري آهي، تقاضا آهي تہ ننڍين قومن جا سياستدان، جن جي هٿن ۾ سندن ماڻهن جي قسمت جي واڳ آهي، گهڻي هوشياري ۽ احتياط ڪن. انهن ساستدانن جي خارجہ پاليسي جي اهتمام ۾ عالمي طاقتن جي طرف رويي جي انداز مان، ۽ خود انهن جي درميان استحڪام سان ئي آخرڪار هي طئي ٿيندو تہ جن قومن جي رهنمائي انهن جي ذمہ آهي، سي سياڻي جي دنيا ۾پنهنجي آزادي ۽ خود داري قائم بہ رکي سگهنديون يا نہ.

# باب ٽيون
# ورهاڱي ۽ هندستان جي غير جانبداريءَ
# ڏانهن آمريڪي رويو

پاڪستان ڪي، هڪ ايشيائي ۽ ترقي پذير ملڪ هئڻ جي ڪري پنهنجي پر ڏيهي پاليسي، عالمي صورتحال جي مطابق اهڙي ترقي پسندانه ۽ دانشمندانه قومي مفاد جي بنياد تي ترتيب ڏيڻي پوي ٿي، جنهن ۾ عالمي امن ۽ انصاف جو جذبو سمايل هجي. پاڪستان هڪ نظرياتي رياست آهي يا وڌيڪ صاف لفظن ۾ چئجي ته اها هڪ اهڙي رياست آهي، جنهن کي پنهنجو نظريو آهي. ننڍي کنڊ جي مسلمانن لاءِ پاڪستان خدا جي طرف کان پيدا ڪيل جذبي جو نتيجو آهي، ۽ خود اراديءَ جي حق ذريعي حقيقت ۾ منتقل ٿيل، انصاف ۽ مساوات جي نظريي جو اظهار آهي. ان مخصوص نوعيت جي لحاظ کان پاڪستان جونکي خصوصي ذميواريون آهن. ان کي لازمي طور اهڙي حيثيت اختيارڪرڻي پوي ٿي، جيڪا ان کي عالمي امن جي استحصال ۽ سيني لوڪن ۽ سيني قومن لاءِ هڪجهڙائيءَ جي حصول خاطر سندس حقيقي ذميوارين کي پوري ڪرڻ، ۽ ساڳئي وقت تي خود پنهنجي مسئلن کي منهن ڏيڻ جي اجازت ڏئي.
ننڍي کنڊ جا مسلمان ڌارين جي تلسط کي ختم ڪرڻ ۽ هڪجهڙائي حاصل ڪرڻ جي جذبي سان سرشار ٿي پنهنجي لاءِ هڪ جدا ملڪ حاصل ڪرڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيا ۽ اهي پاڪستان حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جيتوڻيڪ ڪي اهڙا به ماڻهو آهن جيڪي ننڍي کنڊ جي ورهاڱي تي اجا به افسوس ڪري رهيا آهن، ان جي باوجود هيءَ حقيقت بلڪل واضح آهي ته ملڪ جي ورهاڱي کان سواءِ، تقسيم کان اڳ واري هندستان ۾ رهندڙ ڪي به مسلمان انهن قدرن جي حفاظت ڪرڻ جي قابل نه رهن ها، جن کي اهي اعليٰ ترين، ۽ تسلط کان آزاد دنيا لاءِ اڻٽر سمجهن ٿا.
عملي طور سڄو هندستان قديم زماني ۾ شهنشاهه اشوڪ جي دؤر ۾ متحد هو، ۽ بعد ۾ وري مغل سلطنت جي انتهائي عروج واري زماني ۾ هڪ هو، جڏهن اورنگزيب جو فرمان ننڍي کنڊ جي هڪ ٻيءَ ڪنڊ تائين هلندڙ هو. ٻي ڪنڊ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين هلندڙ هو. ٻي حالتن ۾ اهو اتحاد ماڻهن جي مٿان زوريءَ مڙهيل هو. مختلف ٻولين وارو هندستان، هڪٻئي سان ٽڪرائيندڙ ثقافتن جو طاقتور معجون مرڪب هو، جن کي شهنشاهي نظامن هڪٻئي سان ڳنڍي رکيو هو. هيءَ هڪ واحد قوميت جي سرچشمي مان ڦٽي نڪرندڙ ثقافت ۽ اتحاد جو معاملو ڪو نه هو. درحقيقت قوميت يا هڪ وڏي قوم هئڻ جو تصور، جيئن اسين ان کي سمجهون ٿا، گهڻو پوءِ پيدا ٿيو. انگريزن پڻ هندستان کي اتحاد ڏنو، جيڪو انهن کان اڳ اشوڪا ۽ اورنگزيب وانگر، ملڪ جي مٿان زوريءَ مڙهيل هو. پوئين دؤر وارو اهو اتحاد پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان حيرت انگيز حد تائين گهڻ رنگي قسم جو هو، ڇاڪاڻ ته ملڪ جي ڪجهه حصن تي سڌيءَ طرح حڪومت هلائي ٿي وئي ۽ ٻين حصن تي نواب ۽ راجائون

حڪمراني هلائي رهيا هئا، جيڪي عهدنامن ذريعي شاهي تاج سان وابسته هئا. ان جي باوجود، انگريزن جي حڪومت جي دؤر ۾ ئي هندستان جي شعور ۾ قوميت جي ٻج ڦوٽهڙو ڪائڻ شروع ڪيو. ڏيڍ سئو سالن جي عرصي ۾ اها توقع نه پئي ٿي سگهي ته انهيءَ ٻوٽي جون پاڙون پوريءَ طرح سان مضبوط ٿي وينديون. ان جي باوجود، برطانوي حڪومت قومي شعور هڪ واحد ۽ ناقابل تقسيل اڪائيءَ ۾ نه، بلڪ ٻن طاقتور مختلف قومن ۾ بيدار ڪيو، جن مان هر هڪ وٽ پنهنجو جدا مذهب هو، جدا ثقافت هئي، ۽ مختلف امنگون هيون.

نندي کنڊ جي برطانوي فتح کان پوءِ، انگريزن ڏيڍ صديءَ کان وڌيڪ عرصيتائين ان کي ٻين طاقتن جي حريص نگاهن کان زبردست ڪوشش سان محفوظ رکيو. فرينچن ۽ پورچوگيزن کان علاوه، جن جي قبضي ۾ تمام ٽڪرا هئا، نندي کنڊ جو سڄو ساموندي ڪنارو ٻين طاقتن لاءِ بلڪل بند ڪيو ويو. هڪ ڇيڙي تي هماليه جبل آسمان سان ڇوٽيون گسائي رهيا هئا ۽ اهڙيءَ طرح ملڪ جي علحدگيءَ جي اهڙي اثرائتي ضمانت ڏئي رهيا هئا، جهڙي مهاساگر ڏيئي رهيا هئا. هماليه جبلن جي هن پار، جيڪي به روايتي ناتا قائم هئا، تن کي فاتحن ”تاج جي انتهائي منور هيري“ جي علحدگي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ٽوڙي ڇڏيو. انگريزن هندستان کي اسرار ۽ وهم، عجيب و غريب اختلافن، مختلف مذهبن ۾ ويڙهيو سردار ۽ نوابن جي سرزمين طور ڏٺو. اهو، اڇي چمڙيءَ واري ماڻهوءَ لاءِ دنيا کي مهذب بنائڻ جي سندس مهم ۾ سيني کان وڌيڪ ڳرو بار هو. انگريزن قوم ٻين بينڪي طاقتن کي ختم ڪرڻ کان پوءِ انسان سازيءَ جي نيڪ مهم کي پوري ڪرڻ لاءِ اڪيلي سر قدم وڌايو. سن ١٩٥٧ع واريءَ جنگ جو نتيجو، جنهن کي ”هندستاني بغاوت“ جو نالو ڏنوويو، ماڻهن جي جذبي کي انتهائي وحشيانه نموني سان دٻائڻ جي صورت ۾نڪتو. ان جون جوابي ڪارروايون ۽ سزائون ايتريقدر هيون، جو سامراجي برطانيه جي اختياريءَ واري پرواني ۾، ايندڙ ڪيترن ئي سالن تائين ڪنهن به عوامي بغاوت سان ڪو خلل پيدا نه ٿيو. برطانوي تلسط جي خلاف، ٻي حقيقي عوامي بغاوت، خلافت هلچل ئي هئي. انهيءَ اسلامي تحريڪ کي مسٽر گانڌيءَ ڏاڍي هوشياريءَ سان ڪانگريس جي طرفان قومي آزاديءَ جومطالبو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. ڪيترن ئي سالن تائين گانڌيءَ جي قابل رهنمائيءَ هيٺ ميدان ڪانگريس جي هٿ ۾ رهيو. نيٺ، آزاديءَ لاءِ جدوجهد ۽ انڊين نئشنل ڪانگريس هم —معنيٰ اصطلاحن جي حيثيت حاصل ڪئي. ان کان گهڻو پوءِ مسٽر محمد علي جناح، مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ نندي کنڊ جي مسلمانن لاءِ خود اختياريءَ جي حق لاءِ هلچل جو آغاز ڪيو. انگريز مسلمانن جي ورهاڱي واري مطالبي جا مخالف هئا. پاڪستان جي حصول واري جدوجهد ۾ مسٽر جناح کي، جيڪو هاڻي قائداعظم جي نالي سان سڃاڻ لڳو، انگريزن ۽ انڊين نئشنل ڪانگريس جي ٻٽي مخالفت سان منهن ڏيڻو پيو. ”ڦوٽ وجهو ۽ حڪومت ڪريو“ جي نسخي وارو بينڪي دؤر، هاڻي جديد بينڪن واري دور لاءِ جاءِ خالي ڪرڻ لڳو، جنهن کي ”متحد رکو ۽ حڪومت ڪريو“

جي نئين نسخي کي آزمائڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ جي ضرورت هئي. بدلجندڙ حالات ۽ انهن سان ٺهڪندڙ جديد بينڪن جي تقاضائن کي وڏيڪ تجارتي منڊين جي استحصال ڪرڻ ۽ ڪميونزم جي حد دخلين جي خلاف بچاءَ لاءِ ننڍي کنڊ جي اتحاد جي ضرورت هئي. هيءَ انديشو محسوس ڪيو پئي ويو ته ننڍي کنڊ کي تقسيم ڪرڻ جو مطلب ٿيندو، ”ورهاڱو ڪيو ۽ وڃايو.“ اهڙيءَ طرح ڪچي مال جي وسيع منڊين تائين پهچ ۾ رڪاوٽون پونديون، ۽ روس جي ننڍي کنڊ ۽ هندي مهاساگر کي پنهنجي قابو ۾ رکڻ جي قديم آرزو جي خلاف انهيءَ خطہ جو بچاءُ ڪمزور ٿي پوندو. انهيءَ دليل جي بنياد تي انگريزن پڇاڙيءَ تائين ورهاڱي جي خلاف ڪوشش جاري رکي.

جيڪڏهن انگريز هندستان کي هڪ ”متحد“ ملڪ جي صورت ۾ ڇڏي وڃن ها، ته اڄ ننڍي کنڊ ۾ چار پنج قومي مملڪتون موجود هجن ها. ان وقت انگريزن لاءِ انتخاب، هندستان کي هڪ متحد ملڪ جي حيثيت ۾ ڇڏي وڃڻ يا ان کي ٻن ملڪن جي صورت ۾ ورهايل ڇڏي وڃڻ جي درميان نہ، بلڪ هندستان کي ٻن قومن جي حيثيت ۾ ورهائي ڇڏڻ يا ان کي ٽڪرا ٽڪرا ٿي گهٽ ۾ گهٽ ڇئن پنجن مملڪتن ۾ ورهائجي وڃڻ لاءِ ڇڏي وڃڻ ۾ هو، پاڪستان جي تخليق، هندستاني قوميت جي نمايان صورت اختيار ڪرڻ جي عمل ۾ مدد ڏني آهي. جيڪڏهن هندستان ۾ پاڪستان جي خلاف نفرت ڦهليل نہ هجي ها، ته هندستان لاءِ ان جي مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ صوبن کي هڪٻئي کان ڇڄي ڌار ٿيڻ کان روڪڻ انتهائي دشوار ڪم ٿئي ها. هاڻي ٻہ صورت اها آهي تہ پاڪستان جي خلاف بغض هئڻ جي باوجود هندستان پنهنجي غير معمولي اتحاد کي ڏاڍي مشڪل سان ۽ مس مس قائم رکي سگهيو آهي. اها وڏي اهميت واري ڳالهہ آهي، جنهن کي انهن پرڏيهي طاقتن کي ياد رکڻ گهرجي، جيڪي پاڪستان ۽ هندستان جي درميان اثرائتو پرچاءُ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿيون. ”ڪميونسٽ خطري“ کي وڌيڪ اثرائتي نموني ۾ منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ناقابل تقسيم ننڍي کنڊ کي وجود ۾ آڻڻ بدران، ممڪن آهي تہ ان جا ٽڪرا هر طرف پکڙجي ڪن عالمي طاقتن جي مقصدن کي برباد ڪري ڇڏين. صاف لفظن ۾ ان جومطلب هيءُ آهي تہ پاڪستان کي جذب ڪرڻ جي ڪوشش، موجوده هندستان هيڪڙائيءَ جي انت آڻڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. اهڙي انتشار مان اهي سڀ تباهڪن نتيجا نڪري سگهن ٿا، جن کان مغرب پاڪستان کي هندستان سان ڪنفيڊريشن بنائڻ تي مجبور ڪرڻ سان بچڻ چاهي ٿو.

اهي ماڻهو جيڪي پاڪستان جي اصولي روح کي نہ ٿا سمجهن ۽ جن جو قوميت جو تصور رسمي علائقائي سببن تي ٻيڙيل آهي، تن انهيءَ جذبي کي سمجهيوئي ناهي، جنهن پاڪستان جي تحريڪ کي جنم ڏنو. اها تحريڪ، جيڪا دراصل مساوات لاءِ هڪ عظيم جدوجهد هئي، جنهن ۾ مسلمانن وحدتتي آزاديءَ کي ترجيع ڏني. اهڙا ماڻهو پاڪستان جي اقتصادي ۽ دفاعي قوت برداشت، بلڪ خود ان جي وجود تي تڪڙو ڪري فتويٰ ڏيڻ جا عادي آهن. اهي هن ملڪ تي دور کان نظر وجهندي ۽ ان جي بنيادن جي پوري ڄاڻ نہ رکندي هن فيصلي تي پهچي وڃن ٿا تہ جيڪڏهن هيءُ هڪ ئي ۽

سڄوسارو ننڍو کنڊ رهي ها تہ انهن جي عالمي مفادن ۽ مقصدن کي سمجهڻ وڏيڪ فائديمند ثابت ٿئي ها. اهي هن حقيقت کي سمجهڻ ۾ ناڪام رهن ٿا تہ پاڪستان جو اهوئي وجود، جيڪو ننڍي کنڊ جي ٻن چيڙن تي هڪ ناقابل تقسيم قوم جي صورت ۾ ٻنهي طرفن ڏانهن توازن قائم رکيو بيٺو آهي، پارت جي وحدت جو باعث آهي. جيڪڏهن پاڪستان جي متوازن ساهميءَ جي انهن ٻن پڙن مان ڪو هڪ بہ، هڪ يا ٻئي طرف ڏانهن جهڪي پيو تہ هندستان جو توازن پڻ متاثر ٿيڻ کان سواءِ نہ رهي سگهندو. اهڙن پرڏيهي مفادن لاءِ جيڪي ننڍي کنڊ جي ٻن قومن ۾ ورهاڱي کي شڪ و شبهي جي نظرن سان ڏسن ٿا، هيءَ پوئين صورتحال ڪيتري قدر نہ وڏيڪ ناپسنديده ثابت ٿيندي؟

پاڪستان جي مسئلن ۽ ان جي داخلي حيثيت جي تفصيلي اندازي ڪرڻ لاءِ، آزاديءَ کان اڳ ۾ ۽ آزاديءَ کان بعد ننڍي کنڊ ۾ ٿيندڙ واقعن جي ارتقا ۽ ٻنهي ملڪن ڏانهن عظيم طاقتن جي رجحان تي ڀيهر غور ڪرڻ ضروري آهي. ان لاءِ آغاز جو مناسب نقطو ننڍي کنڊ ڏانهن عظيم طاقتن جو اهو رويو آهي، جيڪو انهن ان وقت اختيار ڪيو هو، جڏهن هندستان ۽ پاڪستان آزاديءَ جي چانئٺ تي اچي پهتا هئا.

جرمنيءَ کي اڳي ئي تباهہ و برباد ڪيو ويو هو ۽ فرانس پنهنجي شڪست جي بي آبروئي ۽ بيعزتيءَ ڪري فوري طور پنهنجي اڳوڻي عالمي اهميت دوباره حاصل ڪرڻ جي حيثيت ۾ نہ هئي. هن اتحادي طاقتن جي امداد سان ڏکڻ- اوڀر ايشيا ۽ آفريڪا ۾ پنهنجين بينڪن تي وري قبضو ڪرڻ چاهيو. چين، جپان جي هٿان بري طرح چيڀجي چڪو هو، ان هوندي بہ چيانگ ڪائي شيڪ هندستان جي آزاديءَ ۾ دلچسپي ورتي هئي. پر برطانيہ هن کي بري طرح سان نڪرائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ انگريزن هن جي ڪوشش کي سندن سلطنت جي معاملن ۾ اجائي دخل اندازي ٿي سمجهيو. جنرل سمو ۽ سندس بيگم هندستان جو دؤرو ڪيو ۽ هندستاني اڳواڻن سان ڳالهيون ڪيون، جنهن کان پوءِ مسٽر نهروءَ 12 فيبروري 1942ع تي قديم هندستاني ۽ چيني تهذيبن جي قريبي ناتن ۽ واسطن جو ذڪر ڪيو ۽ هڪ وڏي وفاق جوخاڪو پيش ڪيو، جنهن ۾ هندستان، چين، ايران ۽ آسپاس جا ڪجهہ ٻيا ننڍا ملڪ شامل ڪيا ويا، جنهن جو مقصد انهن ملڪن جي آزاديءَ کي قائم رکڻ ۽ عالمي امن جي قيام ۾ مدد ڏيڻ هو، مسٽر چرچل، جنرل سمو، چيانگ ڪائيشيڪ ۽ مادام چيانگ ڪائي شيڪ جي هندستان جي دؤري جو ذڪر هيٺين لفظن ۾ ڪيو:

”هنن جي دوري جو مقصد جپان جي خلاف هندستان جي راءِ عامہ کي سازگار بنائڻ هو، ۽ جپان جي شڪست جي اهميت تي، دنيا لاءِ عام طرح هندستان ۽ چين لاءِ خاص طرح زور ڏيڻ هو، هندستان جي پارٽي اڳواڻن انهيءَ موقعي کي جنرل سمو جي ذريعي برطانوي حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ استعمال ڪيو تہ اها ڪانگريس جي مطالبن اڳيان جهڪي وڃي.

”جنگي ڪابينہ، شهنشاھ معظم جي حڪومت جي نمائندن ۽ ميشرس گانڌي ۽ نهرو(1) جي درميان هڪ پرڏيهي ملڪ جي سربراھ جي، هڪ طرح غيرجانبدار ثالث طور مداخلت ڪرڻ جي ڪوشش سان اتفاق ڪري نہ ٿي سگهي.“

مسٽر چرچل، جنرل سمو کي هن ڳالھ تي آماده ڪيو تہ ” اهڙي وقت ۾ جڏهن اتحاد جي بيحد ضرورت هئي، انهيءَ مسئلي تي زور نہ ڏي.“

سوويت يونين جنگ مان هڪ فتحمند عظيم طاقت جي حيثيت ۾ اڀري هئي، پر ان جو ننڍي کنڊ سان عملي طور ڪو بہ رابطو ڪو نہ هو ۽ اتان جي سياسي صورتحال متعلق ان جي ڄاڻ اڌوري هئي. ان کان علاوه، ان جي وڌيڪ دلچسپي مشرقي يورپ ۽ جرمنيءَ جي مستقبل سان وابستہ هئي. ان کي ايشيا ۾ جيڪا بہ دلچسپي هئي، تہ اها ايران جي اترين حصن، جپان جي علائقن ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ ڪومنتانگ جي درميان اقتدار جي داخلي ڪشمڪش ۾ قاتل چين تائين محدود هئي. هن جي معنيٰ اها ناهي تہ سوويت يونين کي هندستان ۾ ڪا بہ دلچسپي ڪانہ هئي، بلڪ کي ٻيا معاملا اهڙاهئا، جيڪي پهرين توجھ جا طلبگار هئا. پهرين ضروري ڳالھ اها هئي تہ سرد جنگ جي آزمائش جو مقابلو ڪيو وڃي، جنهن جو مرڪزي نقطو يورپ هو. برطانيہ جنگ برابر کٽي هئي، پر ان ۾ هن جي طاقت گهٽي قدرگهٽجي ويئي هئي. ڪجھ عرصي لاءِ ان مغرب جي ترجمان جي حيثيت محض تاريخي حقائق جي بنياد تي هئي. جنگ جي خاتمي کان گهڻو اڳي اها حقيقت ظاهر ٿي ويئي هئي تہ هن کان پوءِ آمريڪا مغرب جي قيادت جي ذميداري سنڀاليندي ۽ برطانيہ پنتي رهجي ويندو. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان بہ اڳيسن ۱۹۱۳ع ۾، برطانيہ ۾ رهندڙ آمريڪي سفير مسٽر والٽر ايچ، پيج صدر ولسن کي لکيو هو: ”دنيا جو مستقبل اسانجو آهي...... هي انگريز پنهنجو سرمايو خرچ ڪري رهيا آهن...... هاڻي سوال آهي تہ اسان دنيا جي قيادت جي سلسلي ۾ ڇا ڪنداسون جڏهن اها اجهوڪي اجهو واضح طور اسان جي هٿن ۾اچڻ واري آهي؟ ۽ اسين انگريزن کي جمهوريت جي انتهائي بلند فائدن لاءِ ڪهڙيءَ طرح استعمال ڪري سگهنداسون؟ (1) ”سن ۱۹۲۰ع ۾ هڪ آمريڪي ليکڪ، لڊويل ڊيني پنهنجي ڪتاب ”آمريڪا ڪانڪرس برٽن“ (آمريڪابرطانيہ کي فتح ڪري ٿو ) ۾ هن نتيجي تي پهتو: ”اسين هڪ وقت تي برطانيہ جي بينڪ هئاسون، هاڻي گهڻو وقت نہ گذرندو تہ اهو اسان جي بينڪ هوندو. نالي ۾ نہ، بلڪ درحقيقت، مشينن برطانيہ کي دنيا جي مٿان طاقت عطا ڪئي هئي. هاڻي اڳي کان بهتر مشينون آمريڪا کي دنيا ۽ برطانيہ جي مٿان طاقت ڏيئي رهيون آهن... برطانيہ کي آمريڪا جي خلافهاڻي ڪهڙي طاقت آهي؟ يا سڄي دنيا جي حيثيت ئي ڪهڙي آهي؟

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ، آمريڪا جي بالادستي ۽ فوقيت ۾ ڪنهن کي بہ ڪو شڪ ٿي نہ پئي سگهيو. بهرحال، ڪجھ سالن تائين آمريڪا صلاح ومشوري ۽ سفارتي پيش قدمي لاءِ برطانيہ جو سهارو وٺندي رهي ۽ ڪجھ مدت تائين برطانيہ آمريڪا لاءِ اهو ڪردار ادا ڪيو، جيڪو ڪنهن زماني ۾يونان، روم لاءِ ادا ڪيو هو. انهيءَ تبديليءَ

واري دؤر ۾ برطانيہ هندستان ۾پنهنجي سلطنت جو هي ڪاتو بند ڪري رهيو هو. آمريڪا جو هندستان جي صورتحال سان ڪو واضح ۽ سنئون سڌو تعلق ڪونہ هو. اها ان جي باري ۾ معلومات ۽ مشوري لاءِ گهڻي ڀاڱي برطانيہ تي آسرو رکندي آئي. اها حقيقت آهي تہ آمريڪا هندستان کي آزاد ڏسڻ جي خواهشمند هئي ۽ ڪن موقعن تي تہ هندستان جي آزاديءَ جو جلد اعلان ڪرڻ جي مطالبن سان برطانيہ کي چيڙائي بہ ڇڏيندي هئي. اهو چوڻ درست ڪونہ ٿيندو تہ آمريڪا ورهاڱي جي مخالف هئي، پر اهو يقينا چئي سگهبو تہ آمريڪا متحده هندستان کي ترجيح ڏيئي رهي هئي ۽ ان ڪري ان جي ڪانگريس جي متحده هندستان جي مطالبي سان همدردي هئي. آمريڪا، خطرن جي انهن برطانوي تخمينن سان بہ متفق هئي، جيڪي ان ورهايل هندستان جي ڪري مغرب جي مفادن کي لاحق ٿيڻ بابت لڳايا هئا. پر آمريڪا هندستان جي سياسي صورتحال جي تفصيلن ۽ باريڪين کان ايتري واقف ڪانہ هئي، جو اها ورهاڱي بابت ڪوبہ واضح موقف اختيار ڪري سگهي. ان جي باوجود، آمريڪا انهيءَ ملڪ جي سياسي ۽ جاگرافيائي اهميت کان خوب واقف هئي، ۽ اها چين ۽ هندستان کي مغرب جي ٻن مضبوط قلعن جي حيثيت ۾ ترقي ڪندي ڏسڻ جي توقع بہ رکي رهي هئي.

١٩٤٠ع واري ڏهاڪي وارن اوائلي ۽ درمياني سالن جي دوران ۾ انڊين نئشنل ڪانگريس جي اڳواڻن کي ڪيئي تجويزون پيش ڪيون ويئون ۽ نيٺ سنہ١٩٤١ع جي ٢١- جولاءِ تي اعلان ڪيو ويو تہ آمريڪا ۽ هندستان جي درميان نمائندن جو تبادلو ڪيو ويندو. ڊسمبرسنہ ١٩٤١ع ۾ جڏهن مسٽر چرچل واشنگٽن ويو، تڏهن مسٽر روز ويلٽ هن سان هندستاني مسئلي تي ڊگهيون ڳالهيون ڪيون. ان کان پوءِ سنہ ١٩٤٢ع جي فيبروري مهيني جي آخر ۾، صدر روز ويلٽ، ائورل هئريمن کي هدايتون موڪليون تہ هو برطانيہ سرڪار ۽ هندستان سياسي اڳواڻن جي درميان ڪنهن ناهہ تي پهچڻ جي امڪانن بابت مسٽر چرچل جو رايو معلوم ڪري. مسٽر هئريمن جي ملاقات جي جواب ۾مسٽر چرچل ٤- مارچ سنہ ١٩٤٢ع تي صدر روز ويلٽ کي لکيو:

”اسين هن باري ۾ سنجيدگيءَ سان غور ڪري رهيا آهيون تہ جنگ کان پوءِ ڊومينين اسٽيٽس جو اعلان، جنهن ۾ جيڪڏهن اهڙي خواهش ڪئي وڃي تہ علحدگي جو حق بہ شامل ڪيو وڃي، هن نازڪ موقعي تي ڪيو وڃي، اسانکي ڪنهن بہ طرح سان مسلمانن سان ناتا ٽوڙڻ نہ گهرجن، جن جو تعداد ڏهہ ڪروڙ ٿيندو ۽ اهي ئي اسان جي فوج جي انهن اهم عناصر کي موجود ڪري ڏين ٿا، جن تي هلندڙ جنگ ۾ اسان کي ڀروسو ڪرڻو پوندو آهي. اسان کي سوا ٽن کان چئن ڪروڙ اڇوتن جي طرف پڻ پنهنجن فرضن جو خيال رکڻو آهي، ۽ هندستان جي رياستن سان پنهنجن عهدنامن جو پڻ-اٽڪل اٺن ڪروڙن جي آبادي آهي-ظاهر آهي تہ اسين هندستان کي حملي ٿيڻ جي موقعي تي بدنظميءَ جو شڪار بنائڻ نہ ٿا چاهيون.“(1)

بعد ۾ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ جپان جي تيز رفتار پيش قدميءَ صدر روز ويلٽ کي مسٽر چرچل تي هندستان جي آزاديءَ لاءِ زياده زور ڏيڻ تي آماده ڪيو. مسٽر چرچل آمريڪا جي دٻاءُ جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

”جاچان جي الهندي طرف واڌاري سان آمريڪا هندستان جي معاملن ۾ وڌندڙ دلچسپيءَ جو سڌيءَ طرح سان اظهار ڪرڻ شروع ڪيو آهي. مهاڀاري لڙائيءَ جي جنگي حڪمت سان گڏ آمريڪين جو ڪن اهڙن سياسي مسئلن سان پڻ واسطو پئجي رهيو هو، جن جي باري ۾ انهن جا رايا مضبوط پر تجربو ٿورو هو. هاڻي جڏهن ته جپاني هندستان جي سرحدن جي طرف وڌي رهيا هئا، آمريڪا جي حڪومت هندستان جي معاملن ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ۽ مشورن ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو.“(1)

١١- مارچ سن ١٩٤٢ع تي صدر روز ويلٽ هندستان جي سوال تي مسٽر چرچل ڏانهن پنهنجا خيالات موڪلي ڏنا. هن آمريڪي حڪومت جي ابتدائي بنيادن جو مثال ڏيندي راءِ ڏني ته:

”هندستان ۾ هڪ اهڙي عارضي حڪومت قائم ڪئي وڃي، جنهن جي سربراهي هڪ ننڍي نمائنده جماعت ڪندي هجي، جيڪا مختلف ذاتين، ڌنڌن، مذهبن ۽ علائقن تي مشتمل هجي ۽ انهيءَ جماعت کي ڊومينين جي عارضي حڪومت تسليم ڪيو وڃي. صدر روز ويلٽ جي تجويز جو مرڪزي خيال اهو هو ته ان کي هڪ اهڙي اداري قائم ڪرڻ جو فرض سونپيو وڃي، جيڪوسڄي ملڪ لاءِ وڌيڪ حڪومت جي باري ۾ غور و فڪر ڪري“ (1)

٣. هندستان ۾ ڪرپس مشن جي اچڻ جي موقعي تي صدر روز ويلٽ جنهن هندستان ۾ خصوصي نمائندي ڪرنل لوئي جانسن جنهن جو مشن جي غوروخوص سان قريبي رابطو قائم ڪيل هو، ٢٢-اپريل تي هڪ اخباري ملاقات ۾، ٻين ڳالهين کان علاوه هيئن چيو:

”حملا آور کي پنتي ڌڪي ڪيڻ سان ئي هندستان دنيا جي وڏين حڪومتن جي درميان پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ جي اميد رکي سگهي ٿو. اسين، آمريڪا ۾ هندستان ۽ چين جي صورتحال جو گهري دلچسپيءَ سان مطالعو ڪري رهيا آهيون، ڇاڪاڻ ته اسين محسوس ڪريون ٿا ته ايشيا جي تقدير هندستانين ۽ چينن جي هٿن ۾ آهي. انهن ٻن عظيم ايشيائي ملڪن جي آزاديءَ جي واهه ۾ باهمي اتحاد کي بجا طور گذريل صدين جو سيني کان وڏو سياسي واقعو چئي سگهجي ٿو(1).“

انهيءَ دؤر ۾ صدر روز ويلٽ انڊين نئشنل ڪانگريس سان سڌي رابطي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن مسٽر نهروءَ کي واشنگٽن جي دوره ڪرڻ جي دعوت موڪلي، پر ڪانگريس اڳواڻ ڪرپس مشن جي طرف کان سندن سڀ جا سڀ مطالبا تسليم نه ٿيڻ جي ڪري ايتريقدر ته غصي ۾ هئا، جو مسٽر نهروءَ واشنگٽن وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ٢٦- اپريل سن ١٩٤٢ع تي مسٽر گانڌيءَ هڪ وڏي بصيرت واري ڳالهه چئي:

”جيڪڏهن انگريزن کي هندستان کي پنهنجي قسمت تي ڇڏي وڃڻو پيو، جيئن انهن کي سينگار پور ڇڏڻي پيئي، تہ اهنسا جي اصول واري هندستان کي ڪوئي نقصان نہ پهچندو. گهڻو ڪري جپاني هندستان کي سندس قسمت تي ڇڏي ڏيندا. آمريڪي فوجن کي انگريزن سان گڏ هليو وڃڻ گهرجي. اسان کي معلوم آهي تہ آمريڪي امداد جي معنيٰ ڇا آهي. اڳتي هلي ان جي معنيٰ، جيڪڏهن آمريڪي راڄ نہ تہ آمريڪي اثر ٿيندو، جنهن سان برطانوي اثر بہ گڏهوندو(1).“

وري، ١٧- مئي تي مسٽر گانڌيءَ لکيو تہ ” آمريڪا جنگ ۾ ڦاسڻ کان بچي سگهي ها، ۽ هاڻي پڻ اها ائين ڪري سگهي ٿي، بشرطيڪ اها پاڻ کي انهيءَ نشي کان آجو ڪري، جيڪو مٿس سندس بي انتها دولت چاڙهي رکيو آهي“(1). هڪ هفتو پوءِ هن اعلان ڪيو، ”هندستان کي خدا جي هٿن ۾ ڇڏيو، يعني جديد گفتگوءَ جي انداز ۾ ان جو مطلب ڪيس طوائف الملوڪي جي حوالي ڪري وڃڻ هو، ۽ اها طوائف الملوڪي ڪجهہ مدت لاءِ خانہ جنگي يا بنان روڪ ٽوڪ جي لڳندڙ ڌاڙن جي صورت اختيار ڪندي. انهن واقعن وچان، انهيءَ غير حقيقي هندستان جي جاءِ تي هڪ حقيقي هندستان اڀري نروار ٿيندو.“

هتي هن ڳالهہ جو بہ ذڪر ڪرڻ گهرجي تہ ڪيئي ماڻهو اجا تائين هن ڳالهہ تي يقين رکن ٿا تہ جڏهن هڪ ڀيرو هندستان جي ورهاڱي جو مطالبو تسليم ڪيو ويو هو تہ اهو بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن ملڪ تقسيم ڪيو وڃي ها ۽ انهن نگران غير ملڪي عناصر کي هٽائي ڇڏجي ها، جيڪي اڻٽر حالات ۾ ملڪي انتظاميہ، هٿياربند فوجن، پوليس ۽ عدليہ ۾ رهجي ويا هئا. انهن پرڏيهي عناصر کي هٽائڻ جي نتيجي ۾ شايد وڏيڪ رتوڇاڻ ٿئي ها. پر ان مان هندستان ۽ پاڪستان جي درميان وڌيڪ صاف ۽ زياده قدرتي سرحدي ليڪ ظاهر ٿي بيهي ها. ان جي ڪري پاڪستان جي ماڻهن جون دليون بي انصافيءَ وارين سرحدن جي فيصلن ۽ فتوائن سبب نہ سڙن ها ۽ ڪين اهو فريب برداشت ڪرڻو پوي ها، جيڪو الحاق جي هڪ دستاويز جي ذريعي هڪ اهڙي سربراهہ مملڪت جي ذريعي ڄمون ۽ ڪشمير جي ماڻهن سانڪيو ويو، جيڪو غيرملڪي هو ۽ جنهن سيني مسئلن جو جائزو پنهنجي ملڪ جي مفاد جي نقطہ نظر کان ورتو.

ڊسمبر ١٩٦٤ع ۾ لنڊن ۾ انڊين نئشنل ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي ملاقاتن جي موقعي تي، آمريڪا جي پرڏيهي معاملن جي قائم مقام سيڪريٽري مسٽر ڊيناچيسن لکيو:

”مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن هندستاني ليڊرن انهيءَ عالي ظرفيءَ جومظاهرو ڪيو، جنهن جو هيءُ موقعو تقاضا ڪري ٿو تہ اهي برطانوي ڪئبينيٽ مشن جي طرفان گذريل بهار واري موسم ۾ پيش ڪيل دستوري مسودي ۾ ڏنل انهن صاف ۽ واضح دفعات جي بنيادن تي ترقيءَ جي ميدان ۾گڏجي اڳتي وڌي سگهن ٿا، جن ۾ اهو چيو ويو آهي تہ هڪ هندستاني وفاقي يونين قائم ڪئي وڃي، جنهن ۾ آباديءَ جي سيني

عناصر لاءِ سندن جائز سياسي ۽ اقتصادي امنگن جي حصول لاءِ ڪافي گنجائش هجي.“(1)

هندستان ۽ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان ڪجهه مهينا اڳ ” ٽرومين نظريي“ جو اعلان ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ ٢١ جون ١٩٧٤ع تي ”مارشل پلان“ ظاهر ڪيو ويو، جنهن جو مقصد مغربي يورپ جي قومن کي سوويتيونين جي خطري جي خلاف سهارو ڏيڻ هو. آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ جو هيءُ وڏو مقصد، ته ڪميونزم جي واڌ جي روڪٿام ڪئي وڃي. هاڻي هڪ صاف ۽ واضح صورت اختيار ڪري بيٺو هو. ٽرومين جو اصول يونان ۽ ترڪيءَ کي سوويت يونين جي دخل اندازي ۽ داخلي ڪميونسٽ تخريبڪاريءَ جي خلاف مدد ڏيڻ لاءِ ترتيب ڏنو ويو هو. مارشل پلان کي مغربي يورپ ۾ ڪميونزم کي روڪڻ لاءِ تخليق ڪيو ويو هو ۽ سنه ١٩٤٩ع ۾ اتر ائٽلانٽڪ ٺاهه جي تنظيم (ناٽو) سوويت يونين جي فوجي خطرن کان اولهه يورپ کي مستحڪم ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي ويئي. سوويت يونين جي خلاف سخت ۽ شديد صف آرائيءَ جي انهيءَ دؤر ۾ مسٽر رچرڊ. پياسٽيبنس لکيو: ”ننڍي کنڊ جي ٻن باهمي مخالف قومن جي درميان ڪيل ورهاڱي ان جي اقتصادي ۽ سياسي فوجي وحدت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري رکيو ۽ ان جي مختلف حصن تي حڪومت ڪرڻ جي ڪم کي گهڻو وڌيڪ مشڪل بڻائي ڇڏيو.“

هڪ يا ٻن ليکڪن جا خيال، چاهي اهي ڪيتري قدر به مشهور و معروف ڇو نه هجن، ڪنهن حڪومت جي پاليسي مرتب ڪري نه ٿا سگهن، پر جيڪا ڳالهه ڪنهن ترديد جي خوف کان سواءِ چئي سگهجي ٿي، سا اها آهي ته مغربي ملڪن جا مفاد هڪ گڏيل هندستان جي تقاضا ڪري رهيا هئا، ته جيئن سوويت يونين جو زياده مؤثر انداز ۾ مقابلو ڪري سگهجي ۽ اقتصادي استحصال لاءِ ويڪ وسيع منڊيون هٿ ۾ رکي سگهجن. بهرحال، غير ملڪي ڪارستانين جي باوجود، مسلمانن جو خود ارادیت جي حق لاءِ مطالبو اهڙو ناقابل مزاحمت بڻجي چڪو هو، جو نه برطانيه ۽ نه انڊين نئشنل ڪانگريس انهيءَ پاڪستان جي قيام کي روڪي سگهي، جيڪو خودارادیءَ جي حق جو سراسر مجسمو آهي.

جنهن وقت هندستان ۽ پاڪستان آزاد ٿيا، تنهن وقت پراڻي برطانوي سلطنت ٽٽي، ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهي هئي، پراڻي بينڪي نظام جي جاءِ، جيڪو سڌي علائقائي تسلط تي قائم هو، هاڻي اقتصادي ۽ مالي قبضي رکڻ جو طريقو والاري رهيو هو، جنهن سان گڏ هر کنڊ ۾ وڏي تعداد ۾ فوجي، سامونڊي ۽ هوائي اڏن جا انتظام، ۽ تمام وڏي پئماني تي اسلح سازي ۽ فوجي معاهدن جا سلسلا شامل هئا. اهو عالمي طاقتن جي قيادت جو آغاز هو. هندستان ۽ پاڪستان جي نين مملڪتن جو پهريون پيرو وڏين طاقتن جي اڻ سجاتل جوڙجڪ ۾ آمريڪا سان واسطو پيو. انهن ٻنهي ۾ آمريڪا جي ايشيائي پاليسيءَ جو وڏو مقصد اهو هو ته اها ايشيا ۾ پنهنجن مفادن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ چين ۽ هندستان جي شرڪت حاصل ڪري. آزاديءَ کان هڪدم پوءِ صدر ٽرومين

وڏي گرمجوشيءَ سان نهروءَ کي آمريڪا جي دوري ڪرڻ جي دعوت ڏني ۽ جڏهن پنڊت نهرو اوڏانهن ويو، ته هن جي نهايت شاندار نموني سان آجيان ڪئي ويئي. هن جي انهيءَ دوري جي دوران، ۽ ان کان پوءِ به آمريڪي انتظاميه ڏاڍي ڪوشش ڪندي رهي ته هندستان سان هڪ خاص تعلق قائم ڪيو وڃي. جڏهن سنه ١٩٤٩ع ۾ هندستان دولت مشترڪه ۾ رهڻ جو فصلو ڪيو ته "نيويارڪ ٽائيمس" انهيءَ فيصلي جو خيرمقدم ڪندي لکيو: "هيءُ فيصلو نه فقط دولت مشترڪ جي ترقيءَ لاءِ، بلڪ ڪميونسٽن جي فتوحات جي روڪٿام ڪرڻ ۽ ائٽلانٽڪ بلاڪ کان هڪ وڏيڪ وسيع دفاعي نظام لاءِ رستو هموار ڪرڻ واسطي پڻ هڪ تاريخي فيصلو آهي"(1). انهيءَ سال جي سرءُ واري موسم ۾ جڏهن وزيراعظم نهروءَ آمريڪا جي ڪانگريس کي چيو ته هندستان آزادي ۽ انصاف جي جنگ ۾ غيرجانبدار نه رهندو ته " نيويارڪ ٽائيمس" پسنديدگيءَ جي انداز ۾ لکيو ته "ايشيا ۾ جمهوريت جي صف بنديءَ لاءِ واشنگٽن پنهنجون اميدون هندستان تي، جيڪا ايشيا جي ٻي سيني کان وڏي قوم آهي، ۽ انهيءَ ماڻهوءَ تي مرڪوزڪيون آهن، جيڪي هندستان جي پاليسي طئي ڪري ٿو يعني وزيراعظم جواهرلال نهرو"(2)، آگسٽ ١٩٥٠ع ۾ انهيءَ ئي اخبار وري لکيو ته نهروءَ جڻ جمهوريت جي پڙ ۾ مائوزي تنگ جي مقابلي ۾ وزن رکي ٿو. ايشيا جي طرفداريءَ جي جدوجهد ۾ پنڊت نهروءَ جو حليف ٿيڻ، اسان جي لاءِ فوج جي ڪيترين ئي ڊويزن جي برابر آهي."(1).

چين کي، جيڪو آمريڪا جي ايشيائي پاليسيءَ جو بيو ٿنڀ هو، ڪميونسٽ انقلاب ڀهرين آڪٽومبر سنه ١٩٤٩ع تي ان وقت هٽائي ڇڏيو، جڏهن مائوزي تنگ فتح حاصل ڪئي. انهيءَ واقعي جو هندستان تي زوردار اثر ٿيو، جيڪو چين ۾ آيل تبديلين جي نتيجي ۾ عالمي سياست ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خودمختاريءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻ لڳو. هندستان، چين، سوويت يونين ۽ آمريڪا جي درميان هڪ متوازن پاليسي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو، پر آمريڪا انهيءَ جي هيءَ تشريح ڪئي ته اها سندس مفادن جي خلاف، چين ۽ سوويت يونين جي عالمي مقصدن جي فائدي ۾ آهي. ١٧- آڪٽوبر سن ١٩٤٩ع تي وزيراعظم نهروءَ اعلان ڪيو ته:

"هيءَ ڳالهه اڻٽر هئي ته هو (هندستان) پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ تي روشن خيال ذاتي مفاد جي روشنيءَ ۾ غور و فڪر ڪري، پر هن ساڳئي وقت تي انهيءَ پاليسيءَ تي پنهنجو هڪ اعليٰ نظرياتي رنگ به چاڙهيو آهي. اهڙي طرح هن پنهنجن اوچن آدرشن کي قومي مفاد سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ پاليسيءَ جا مکيه مقصد هي آهن ته امن جي جستجو، ڪنهن وڏي طاقت يا طاقتن جي گروهه سان گڏجي ويهڻ سان نه، پر هڪ اخلاقي يا تڪراري مسئلي تي آزادانه غور و فڪر ۽ ڪوشش سان، ڪئي وڃي"(1).

جيتوڻيڪ ڇهين ڏهاڪي جي وچ ڌاريءَ، هيءَ ڳالهه خاص حد تائين واضح ٿي چڪي هئي ته هندستان خودمختاري ۽ غير جانبداريءَ واري پرڏيهي پاليسيءَ تي هلڻ جو پڪتو

ارادو ڪري چڪو آهي، ان جي باوجود آمريڪا بار بار جي مايوسين هوندي به هندستان ۾ پنهنجو اثر و رسوخ وڌائڻ جي ڪوشش ۾ برابر مصروف رهندي آئي. ڊسمبر سنه ۱۹۵۰ ع ۾، آمريڪا هندستان سان هڪ چار نڪاتي ٺاهه تي صحيحون ڪيون ۽ آڪٽوبر سن ۱۹۵۱ع ۾ مسٽر چيسٽر بائولس کي انهيءَ ملڪ ڏانهن موڪليو ويو ته اهو ان جي حالتن جو اڀياس ڪري ۽ ان جي پهرين پنج سالہ رٿا ۾ فراخدلانه امداد جي آڇ ڪري.
سن ۱۹۵۱ع ۾ هندستان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ هڪ باهمي دفاعي امداد جي ٺاهه تي صحيحون ڪيون ويئون، جنهن هندستان کي انهيءَ قابل بنايو ته هو آمريڪا کان فوجي امداد جي بدلي ۾ حليف ملڪن تي عائد ٿيندڙ ذميداريون قبول ڪرڻ کان سواءِ ئي انهيءَ قسم جي ڪجهه امداد حاصل ڪري سگهي. سن ۱۹۵۲ع جي شروعات ۾ ٻنهي ملڪن جي درميان ۲۵ ڪروڙ ڊالرن جي هڪ ”انڊو- آمريڪن ٽيڪنيڪل فنڊ“ قائم ڪرڻ جي ٺاهه تي دستخط ٿيا، جنهن جي تحت پنجن سالن لاءِ وڏيڪ رقمون به مهيا ٿي پئي سگهيون.
آمريڪا جي انهن هڪ طرفہ ناز بردارين جو فائدو وٺندي هندستان پنهنجي آزادانہ ۽ غير جانبدارانہ پرڏيهي پاليسيءَ تي سختيءَ سان قائم رهندو آيو. جپان جي امن ٺاهه جي سوال تي هندستان جي حڪومت آمريڪا ڏانهن هڪ يادداشت موڪلي، جنهن ۾ ان انهيءَ امن معاهدي جي تائيد ڪرڻ کان پنهنجي مجبوري ظاهر ڪئي. ۲۶- آگسٽ سن ۱۹۵۱ع تي، انهيءَ يادداشت جي جواب ۾، آمريڪا هن ڳالهه تي افسوس جو اظهار ڪيو ته هندستان انهيءَ ٺاهه ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار ڪونه هو ۽ ان کي هن ڳالهه تي ڏک هو ته هندستان جپان سان هڪ جدا ٺاهه ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو. فيبروري سن ۱۹۵۳ع ۾، جڏهن صدر آئزن هاور فارموسا جي غيرجانبداري ختم ڪرڻ جي آمريڪي پاليسيءَ جو اعلان ڪيو، تڏهن صدر راجندر پرشاد ان تي نڪته چيني ڪئي ۽ مسٽر نهروءَ ان کي قابض ملڪن جي ”فوجي ذهنيت“ قرار ڏيندي خوب ننديو.
انهيءَ وقت ڌاري، آمريڪا طرفان انهن ملڪن تي جيئن پوءِ تيئن اثر وڌو ٿيويو، جن کي انهيءَ وقت جي اصطلاح ۾ ”دفاعي گهيري“ وارن ملڪن جو نالو ڏنو تي ويو. خاص طور ڪوريا جي جنگ کان پوءِ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي آمريڪي پاليسيءَ تي هڪ طرف نه صدارتي اصول ڪار تي مبني عالمي تصور ۽ ”حد اندر رکڻ“ (ڪنٽينمينٽ) جي پاليسي ڪارفرما هئي، ته ٻئي طرف” دفاعي گهيري“ وارو تصور اثرانداز هو، جنهن جنهن جي تحت جپان خاص طور تي آمريڪا جي پئسفڪ پاليسي جي مرڪزي سروڪار جي حيثيت سان اڀريو. چين جي هٿن مان نڪري وڃڻ کان پوءِ، آمريڪا کي ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ پنهنجي پاليسيءَ جي اصلوڪي تصور کي، جنهن ۾ چين ۽ هندستان انهيءَ پاليسيءَ جا به اهم ٿنڀ سمجهيا ويندا هئا، نئين سر ترتيب ڏيڻو پيو ۽ انهيءَ نئين تصور ۾، چين جي جاءِ جپان والاري.
بهرحال، پنڊت نهروءَ هندستان کي تابعداريءَ جي انهيءَ پوزيشن ۾ وجهڻ جي هر ڪوشش جو جوانمرديءَ سان مقابلو ڪيو، جنهن انهيءَ دور جي گهٽن ئي

مشهورومعروف همعصر آمريڪي سياستدانن کي ڏک ڏنو. مثلاً رچرڊ. پي. اسٽيبنس لکيو ته:

”هندستاني حڪومت طرفان ڏور اوڀر جي بحران جي باري ۾ هن ملڪ جي تعبير قبول ڪرڻ کان جيڪو انڪار ڪيو ويو، هن ۽ اسان جيڪميونسٽ چين جي خلاف حفاظتي پيش بندين جي جيڪا تائيد نه ڪئي ويئي. تنهن کان واشنگٽن ۾ ڪافي چڙ پيدا ٿي ۽ في الحال ايشيا جي سربراهه غير ڪميونسٽ حڪومت سان گڏجي مربوط ڪارروائيءَ جي امڪان کي ناس ڪري ڇڏيو. هندستان جي پاليسيءَ ۾ مغرب جي طرف کان بدگماني تڪليف ده صفائي سان جهلڪي رهي آهي، جنهن ۾ گهٽو زور ايشيا جي نئين سر وجود ۾ آيل قومن جي حقن تي آهي.(1)

٢٨- آگسٽ سن ١٩٥١ ع تي، ”نيويارڪ ٽائيمس پنهنجي اداريه ۾“ گم ٿيل اڳواڻ“ جي سري هيٺ لکيو:

”جواهرلال نهرو ڏاڍي تيزيءَ سان جنگ کان پوءِ واري دور جي وڏين مايوسين مان هڪ بڻجي رهيو آهي..... (ڪجهه سال اڳ تائين ) مغربي ملڪن لاءِ هو هڪ آزاد، جمهوري ۽ ڪميونزم جي خلاف ايشيا جو هڪ منطقي حامي نظر اچي رهيو هو، ۽ هو جنهن هندستان جي رهنمائي ڪري رهيو هو، سو ظاهر طور ايشيا جي اڳوانيءَ جو اميدوار هو...... ايشيا جي رهنمائي جي انهيءَ حيثيت کي سنڀالڻ بدران نهروءَ پنهنجين ذميدارين کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري هندستان جي لاتعلقيءَ جو اعلان ڪيو ۽ ان کي هڪ آزاد ” ٽين طاقت“ جي شڪل ۾ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هو اسان جي دور جي ٻن فيصله ڪن تحريڪن يعني ڪميونزم، جنهن جي سربراهي رشيا ڪري ٿي ۽ جمهوريت، جنهن جي سرپرست آمريڪا آهي-جي درميان هوا ۾ لٽڪيل رهجي ويو.“

مسٽر ريمنڊ ڪارٽيئر لکيو آهي:

”دنيا ۾ يقيناً ٻيو ڪو به اهڙو ملڪ ڪونهي، جتي آمريڪا کي هڪ قوم جي حيثيت ۾ هندستان کان وڌيڪ شڪ و شبهي سان ڏٺو وڃي ٿو، آمريڪيءَ کي هڪ فرد جي حيثيت ۾ وڌيڪ ڌڪار جي نظرن سان ڏٺو وڃي ٿو. نهروءَ ايشيا جي بچاءَ کي منظم ڪرڻ جي هر آمريڪي ڪوشش ۾ رخني وجهڻ کان ڪڏهن به بس نه ڪئي آهي.

پر هن معاملي ۾ نهرو فقط پنهنجي عوام جي بي اعتمادي ۽ دشمنيءَ جي ترجماني ڪري ٿو(1).“

”دي يونائيٽيڊ اسٽيٽس اِن ورلڊ رليشنس“ ۾، نيلسن.ايم. بڪلي ۽ اوسڪر. ٽي.بارڪ، سيٽو ۾ ايشيا جي شرڪت بابت چون ٿا:

”هن اتحاد جو وقار، هندستان، برما، سلون ۽ انڊونيشيا جي شرڪت تي نارضامنديءَ ڪري خاص طور مجروح ٿيو. اهي ملڪ، جن تازو برطانيه ۽ نيدر لئنڊس کان آزادي حاصل ڪئي هئي، سي سيٽو کي بينڪي راڄ کي قائم رکڻ جي اصلي مقصد کي لڪائي رکڻ جي هڪ ذريعي طور شڪ جي نگاهن سان ڏسي رهيا هئا... هندستان ۽

آمريڪا جي ناتن تي باهمي شڪ وشبهي ۽ غلط فهمين جو ڪکر ڇانيل هو. وزيراعظم جواهرلال نهروءَ جوپختو ارادو هو ته هندستان دنيا جي معاملات ۾ مڪمل طور آزاد ڪردار اداڪري ۽ هن پنهنجي ملڪ کي ڪميونسٽ يا ڪميونسٽ دشمن بلاڪ جوحليف بنائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو... اقوام متحده ۾ هندستاني نمائندن تي ڪميونسٽن جي ڇاڙتن هئڻ جو الزام لڳايو ويو. آمريڪا جي پرڏيهي معاملن واريءَ ڊپارٽمينٽ پنهنجي ايشيائي بچاءَ واري نظام جو لنگر هندستان ۾مضبوط ڪرڻ ۾ ناڪامي حاصل ڪرڻ کان پوءِ هندستان جي حريف، پاڪستان سان معاهدن ۽ فوجي امداد جي پروگرامن سان پاڻ کي ٻڌي ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح ٻارتي آمريڪي ناتن ۾ اڳي کان وڌيڪ تلخي پيدا ٿي پيئي.(1)

رسيل.ايچ. فائفيلڊ دعويٰ ڪري ٿو ته:

”منيلا ٺاهه جي ڳالهين وقت -١٩٥٤ع) ان سان سڌو واسطو رکندڙ طاقتن اهوئي ٿي چاهيو ته جيستائين ممڪن ٿي سگهي، زياده کان زياده ايشيائي قومون ان ۾ شامل ٿين. هندستان، انڊونيشيا، سلون ۽ برما جي شرڪت جو خيرمقدم ڪيو وڃي ها، پر انهن کان علحده رهڻ جو فيصلو ڪيو. در حقيقت، هندستان۽ انڊونيشيا ۽ ڪجهه قدر گهٽ، برما ۽ سلون پڻ منيلا ڪانفرنس تي نڪته چيني ڪئي ۽ هنن انهيءَ ڪانفرنس تي ڪشيدگيون پيدا ڪرڻ ۽ قومن کي هڪٻئي کان جدا ڪرڻ جو الزام لڳايو(1).

هندستان ۽ آمريڪا ۾ سندر لال پوپلاءِ ۽ فلپس ٽالبوٽ لکيو ته ”آمريڪي فوجي امداد ۽ سياسي اتحاد فقط پاڪستان جي حصي ۾ آيو ۽ ان سان گڏ هندستان جي حصي ۾ محض هن ڪري نه آيو جو هندستان اهڙي امداد ۽ تعلق کي رد ڪري ڇڏيو هو“(1)، ۽ آءٌ رچرڊ-پي —اسٽيبنس جي نظريي سان هن طرح اختتام ڪريان ٿو، جيئن مون شروعات به ان سان ڪئي هئي:

”جيڪڏهن آمريڪا پنهجي عالمگير فوجي حڪمت عمليءَ جي پروگرام جي وعدن تي ڪجهه گهٽ سختيءَ سان پابند رهي ها، يا جيڪڏهن هندستان ”سردجنگ“ جي آمريڪي نقطه نظر سان ذره گهٽ غير همدردانه رويو رکي ها، ته هيءُ ملڪ کو به اهڙو قدم کڻ کان هبڪي ها، جنهن سان اعتماد ۾ پيل شگاف جي مڪمل ٿيڻ جو انديشو هو، جيڪو ايشيا جي سيني کان وڌي جمهوريت سان وڌي رهيو هو. بهرحال، ان وقت صورتحال جنهن ڪڙيءَ تي بيٺل هئي، تنهن تي هندستاني-آمريڪي تعلقات ايترا ته بگڙي چڪا هئا، جوان مان اڪثر آمريڪين کي شڪ پيدا ٿي چڪو هو ته آئينده هندستانين جي احسانن جو خيال رکڻ واقعي ڪو ممڪن هو(1).

آمريڪا طرفان هندستان کي گهڻين ئي ترغيبن ڏيڻ جي باوجود، انهيءَ ملڪ سان وڌندڙ سرد مهري جا اثر گهڻن ئي وڏن آمريڪي آفيسرن ۽ سياسي اڳواڻن جي ڪيترن ئي بيانن ۾ ظاهر ٿيڻ لڳا. ١٢- فيبروري ١٩٥١ع تي صدر ٽرومين چيو ته:

”آءٌ مڃان ٿو ته اسان جي حڪومت ۽ هندستان جي حڪومت جي درميان انهيءَ طريقي ڪار جي متعلق اهم سياسي اختلافات موجود آهن، جيڪي انتهائي مؤثر طريقي سان

اڳرائي کي دٻائي ايشيا ۾ امن قائم ڪري سگهندا. بهرحال انهن اختلافن جي ڪري اسان کي هندستان جي عوام جي ضرورتن ڏانهن غافل ٿيڻ نه گهرجي"(1).
هندستان طرفان آمريڪي ترغيبن ۽ لالچن جي باوجود سرد جنگ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪرڻ تي آمريڪا کي نندي ڪنڌ ڏانهن پنهنجي رويي ۾ تبديلي آڻڻ تي مجبور ٿيڻو پيو. سينيٽر نولئنڊ، جيڪوسنه ١٩٥٢-٥٤ جي مدت دوران آمريڪي سينيٽ ۾ اڪثريتي پارٽيءَ جو اڳواڻ هو، تنهن جي متعلق چيو وڃي ٿو ته هو انهيءَ خيال جو حامي هو ته هندستان جهڙيون غير جانبدار قومون اسان جي ساڳيءَ فوجي يا اقتصادي امداد جون مستحق ناهن، جهڙيون اسان جون سرگرم اتحادي قومون حقدار آهن، ۽ نه وري اهي ڪانفرنس جي ميز تي ساڳيءَ سطح تي ويهي سگهن ٿيون." آگسٽ سنه ١٩٥٣ع ۾ آمريڪي حڪومت، ڪوريا جي متعلق تجويز ڪيل ڪانفرنس ۾ هندستان جي شموليت جي خلاف ظاهر ظهور مخالفت ڪئي. آمريڪي پرڏيهي وزير، ڊلس بين الاقوامي ميدان ۾ هندستاني حڪومت جي ڪن ڪمن تي ناراضگيءَ جي اظهار ۾ ڪنهن به پرده داريءَ کان ڪم نه ورتو. ڪانفرنس ۾ هندستان جي نمائندگيءَ جي مخالفت ڪندي هن چيو ته هندستان کي سندس غيرجانبداريءَ جي ايتري قيمت ته ضرور ادا ڪرڻ گهرجي ته هو هن ڪانفرنس کان ٻاهر رهي. ٤-جنوري ١٩٥٤ع جي " يونائيٽيڊ اسٽيٽس نيوز ائنڊ ورلڊ رپورٽ، " مطابق نائب صدر نڪسن جو رجحان هن ڳالهه جي حمايت ڏانهن هو ته جواهرلال نهروءَ جي هندستان جي تصديق شده غير جانبداريءَ جي خلاف پاڪستان کي هڪ متقابل طاقت جي حيثيت ۾ فوجي امداد ڏني وڃي."
سرڪاري ۽ غير سرڪاري راين جي هنن ٿورن پر معقول مثالن مان ڏسبو ته آمريڪا فقط ان وقت متبادل موقعا ڳولهڻ شروع ڪيا، جڏهن هو انهيءَ تڪليف ڏيندڙ نتيجي تي پهتو ته هندستان جي آزاد ۽ غير جانبداري نه پرڏيهي پاليسي پنهنجون پاڙون پختيون ڪري چڪي آهي ۽ هو آمريڪا جي ايشيائي حڪمت عمليءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جهڙيءَ طرح چين ۾ڪميونسٽن جي فتح کان پوءِ جپان، آمريڪا جي ايشيائي پاليسيءَ جي هڪ اهم ٿنڀ طور چين جي جاءِ والاري هئي، تهڙيءَ طرح آمريڪا جي عالمي مقصدن جو ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ واري هندستان جي جاءِ پاڪستان کي والارڻ لاءِ ڏني ويئي.
آمريڪا، هن احساس جي باوجود ته هندستان بي مروتي ڏيکاري رهيو آهي، هن اميد کي سيني سان لڳائي رکندي آئي ته وقت گذرڻ سان گڏوگڏ شايد هندستان پنهنجي نقطه نظر کي بدلائي وجهي. انهيءَ ڪري ڪا به اهڙي نامناسب ڳالهه نه ڪئي ويئي، جيڪا ان کي ناراض ڪري ها. مئي ١٩٥٣ع ۾، "مڊلايسٽ ڊفينس آرگنائيزيشن" جي قيام جي تجويز جي هندستان طرفان شديد مخالفت تي آمريڪا ۾ پيدا ٿيل ناراضگيءَ جي باوجود، مسٽر ڊلس ان کي آمريڪي امداد ڏيڻ جو سلسلو جاري رکڻ جو وعدو ڪيو ته جيئن هندستان پنهنجي پنج ساله رٿا تي عملدرآمد ڪري سگهي. اهو واعدو ڪندي

هن اقوام متحده ۾ هندستان جي ڪوريا ۾ جنگ بند ڪرائڻ جي ڪوشش جي تعريف ڪئي.
هندستان ڏانهن آمريڪي حڪومت جي رويي جو خلاصو پيش ڪندي بليڪ ۾ بارڪ لکن ٿا: ”انهن باهمي اختلافن ۽ الزامن تراشين جي باوجود، نه هندستان ۽ نه آمريڪا ڪنهن وڏي بگاڙ جي طاقت ساري پئي سگهيا، ڇاڪاڻ ته ٻنهي کي هڪٻئي جي ضرورت هئي. قوم جي شديد غربت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ هندستان اقتصادي ترقيءَ جو جيڪو حوصلو وڏائيندڙ پروگرام عمل ۾ آڻي رهيو هو، تنهن لاءِ ڪيس آمريڪا جي اقتصادي امداد ۽ فني تعاون جي ضرورت هئي. آمريڪي حڪومت پنهنجي جاءِ تي اهو سمجهي رهي هئي ته هندستان کي امداد ڏيڻ جو سلسلو بند ڪرڻ سان، هڪ اهم محاذ سوويت يونين جي قبضي ۾ وڃڻ لاءِ ڇڏي ڏيڻ هو، جو اهو ملڪ اڳيئي غير ترقي يافته ملڪن ڏانهن سازوسامان ۽ فني ڪارڪنن کي موڪلڻ ۾ وڏي دلچسپي ڏيکاري رهيو هو، ته جيئن اهو پنهنجي سياسي اثر و رسوخ کي وڌائي سگهي(1) “.
آمريڪا، نه ته آمريڪي هندستاني تعلقات جي انتهائي اونداهي دور ۾ ۽ نه آمريڪي پاڪ هندستاني تعلقات جي انتهائي روشن زماني ۾، هند و پاڪ تڪرارن ۾ پاڪستان جي هڪ حليف ۽ اتحاديءَ جو ڪردار ادا ڪيو. ان هندستان جي طرف کان انتهائي استعمال انگيزين جو انعام ان کي ڪثير رقمن جي امداد ڏيڻ جي صورت ۾ ڏنو ۽ پاڪستان جي پنهنجن مفادن سان مڪمل هم آهنگيءَ کي اهڙيءَ طرح سان تسليم ڪيو، جو ان جي سببن کي ٻنهي ملڪن لاءِ امداد جي سڄي سلسلي کي متعين ڪرڻ جو ڪو موقعو ئي نه ڏنو. جڏهن آمريڪا پاڪستان کي فوجي امداد ڏيڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن صدر آئزن هاور هندستان کي پڻ امداد ڏيڻ لاءِ پنهنجي ملڪ جي آمادگيءَ جو اظهار ڪيو. وزيراعظم نهروءَ کي ٢٤- آگسٽ ١٩٥٤ع تي مليل هڪ خط ۾ صدر آئزن هاور لکيو ته:
” آءٌ توهان کي هيءُ ذاتي پيغام هن ڪري موڪلي رهيو آهيان، جو آءٌ چاهيان ٿو ته عام ماڻهن تائين پهچڻ کان اڳ ۾ اوهان کي هيءُ اطلاع پهچي وڃي ته مون پاڪستان کي فوجي امداد ڏيڻ جو فيصلو ڪيوآهي، ۽ هن ڪري ٻه، جو آءٌ چاهيان ٿو ته اوهان کي سڌيءَ طرح سان مون وٽان معلوم ٿئي ته هيءُ قدم ڪنهن به طرح سان انهيءَ دوستيءَ کي متاثر نه ڪندو، جيڪا اسين هندستان لاءِ محسوس ڪريون ٿا...... جيڪي ڪجهه اسين تجويز ڪريهيان آهيون، ۽ جيڪي پاڪستان قبول ڪري رهيو آهي، تنهن جو رخ ڪنهن طرح سان هندستان جي خلاف ناهي. آءٌ هن ڳالهه جي ڪليل تصديق ڪريان ٿو ته جيڪڏهن اسان جي ڪنهن به ملڪ کي، جنهن ۾ پاڪستان پڻ شامل آهي، ڏنل فوجي امداد جو غلط استعمال ڪري ان جو رخ اڳرائيءَ لاءِ ڪنهن ئي طرف ڏانهن موڙيو ويو ته آءٌ هن ڳالهه جو ذمون کڻان ٿو ته اقوام متحده جي اندر خواه ٻاهر، انهيءَ اڳرائيءَ کي ناڪام بنائڻ لاءِ هڪدم موزون قدم کڻندس. مون کي يقين آهي ته پاڪستان ترڪيءَ جي وچ ۾ طئي ٿيل اشتراڪ عمل جو ناهه ٻنهي ملڪن جي دلين

۾ سمايل دفاعي مقصدن جو معقول دليل آهي. اسان کي هن ڳالهه جو به يقين آهي ته هندستان لاءِ مضبوط دفاعي صلاحيت جو هجڻ آزاد دنيا جي مفاد ۾ آهي، ۽ اسان انهيءَ اثرائتي طريقي جا مداح آهيون، جنهن سان توهان جي حڪومت اوهان جي فوجي شعبن جو انتظام هلايو آهي. جيڪڏهن اوهان جي حڪومت اهڙي فيصلي تي پهچي ته حالات کنهن اهڙي فوجي امداد جا طلبگار آهن، جيڪي اسان ٻنهي جي سلامتيءَ جي قانونن سان دائري ۾ اچي سگهن ٿا ته يقين ڪريو ته اوهانجي درخواست تي آءٌ نهايت همدرديءَ سان غور ڪندس. (1)

جيتوڻيڪ پاڪستان کي فوجي امداد ڏيڻ جي آمريڪي فيصلي هندستان ۾ شڪ شبها پيدا ڪيا، ان جي باوجود مسٽر نهرو غير جانبدار رهڻ جي پاليسيءَ تي ڄميو رهيو ۽ پهرين مارچ سن ١٩٥٤ع تي هن صدر آئزن هاور جي آڇ کي هيٺين لفظن ۾ ٺڪرائي ڇڏيو:

توهان انهيءَ معاملي ۾ منهنجي حڪومت ۽ اسان جي عوام جي خيالن کان واقف آهيو. اهي خيال ۽ اها پاليسي، جنهن تي اسان انتهائي محتاط غور و خوض ڪرڻ کان پوءِ ڪاربند ٿيا آهيون، تنهن جو بنياد اسان جي امن ۽ آزاديءَ کي اڳتي وڌائڻ جي خواهش تي رکيل آهي. اسين انهيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪندارهنداسون."(1)

انهيءَ ئي ڏينهن تي هندستان جي وزيراعظم آمريڪا جي پاڪستان کي ڏنل فوجي امداد تي سخت نڪته چيني ڪئي. ۽ ان کي هند و پاڪ معاملات ۾ "مداخلت" قرار ڏنو. هن چيو ته آمريڪا ايشيا تي " تلسط" قائم ڪرڻ چاهي ٿي ۽ اعلان ڪيو ته هن کان پوءِ هندستاني حڪمت ڪشمير ۾آمريڪي مبصرن کي غيرجابندارن طور تسليم ڪرڻ لاءِ انتهائي ناهي. جيستائين صدر آئزنهاور جي آڇ جو واسطو هو، تنهن لاءِ هن چيو ته " صدر اسان کي اهڙي آڇ ڪري اسان اسان ۽ خود پاڻ سان انصاف نه ڪيو آهي. جيڪڏهن اسين پاڪستان کي خود امداد ملڻ تي اعتراض ڪريون ٿا ۽ پوءِ جيڪڏهن اسين اهائي امداد پنهنجي لاءِ قبول ڪريون ٿا ته اسين محض منافق ۽ بي اصول موقعي پرست ٿينداسين."(1) پاڪستان ۽ آمريڪا جي درميان باهمي تحفظ ۽ تعاون جو ناهه ١٩- مئي سن ١٩٥٤ع تي طئي ٿيڻ کان فوراً بعد سيپٽمبر سنه ١٩٥٤ع ۾ منيلا ۾ اٺن ملڪن جي ڪانفرنس تي ۽ سيٽو جي قيام لاءِ هڪ ناهه ڪيو ويو. جيتوڻيڪ ڪئمبوڊيا، لائوس ۽ ڏکڻ ويٽنام، جنيوا جي جنگ بندي واري ناهه جي لحاظ کان هن قسم جي اتحاد ۾ شامل به ٿي پئي سگهيا، پر ان هوندي به آمريڪا انهن ملڪن کي انهيءَ علائقي ۾ شامل ڪري ڇڏيو، جنهن کي "مسلح حملي" کان بچائڻو هو. هڪ سال پوءِ، بغداد پئڪٽ وارو ناهه طئي ٿيو، ۽ ان کي عراق ۾ جولاءِ ١٩٥٨ع ۾ آيل فوجي انقلاب کان پوءِ سينٽو جو نالو ڏنو ويو. آمريڪا جي "دفاعي گهيري" ۽ "حد اندر رکڻ " واري پاليسيءَ جي عين مطابق، جنهن جي تقاضا ڪليدي رياستن کي اتحادي بنائڻ ۽ اتحاد کان ٻاهر رهڻ وارين رياستن کي اقتصادي امداد جي ذريعي راضي رکڻهئي، آمريڪا بغداد ناهه ۾ سڌيءَ طرح سان پاڻ اتحادي نه بڻي، ته جيئن ان طرح انهن غير

ڪميونسٽ مملڪتن جا اهي انديشا دور ٿين، جيڪي هن ٺاهه ڪي پنهنجي علائقي ۾ ” سامراجي مداخلت“ سمجهي رهيون هيون. پاڪستان سان وري عليحده طور ”ماٽريل ڊفينس پئڪٽ سال ١٩٥٦ “ جي ذريعي قول ۽ اقرار ڪيا ويا. وري ١٩٥٩ ع جي شروعات ڌاري آمريڪا، ترڪي، ايران ۽ پاڪستان سان تعاون جي ٻه طرفن معاهدن تي صحيحون ڪيون. جن جومقصد سينٽ جي فوجي پهلوئن ڪي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ هو. مارچ ١٩٥٩ع واري پاڪستان آمريڪي تعاون جي ٻه- طرفي ٺاهه جي مهاڱ ۾، آمريڪا پاڪستان جي ”آزادي ۽ سالميت“ جي تحفظ جو اقرار ڪيو.
جيتوڻيڪ ان وقت تائين پاڪستان پوريءَ طرح سان پنهنجو رخ موڙي آمريڪي اثر جي حلقي ۾ داخل ٿي چڪو هو، ان جي باوجود جيڪي ملحوظات آمريڪي اقتصادي امداد وارين پاليسين ۾ هوندا هئا، سي جيئن جو تيئن ساڳيائي رهيا. سال ٥٥-١٩٥٤ع جي مالي سال لاءِ امداد جي حصه رسيءَ لاءِ مسٽر ڊلس چيو ته سيني ڪان وڏي خرچ جي اڪيلي امداد ٽيهه ڪروڙ چوهتر لک ڊالرن جي ڪل رقم مان ساڍا اٺ ڪروڙ ڊالر هندستان لاءِ مخصوص آهي، ۽ هن آمريڪي ڪانگريس ڪي تاڪيد ڪئي ته نئين دهلي ۽ واشنگٽن جي درميان خارجه پاليسيءَ تي اختلافن هئڻ جي باوجود، اها درخواست منظور ڪئي وڃي. پنڊت نهروءَ جي تعريف، ”هڪ اهڙي رهنما طور جنهن پاڻ ڪي حڪومت جي جمهوري نظام لاءِ وقف ڪري رکيو هو، “ ڪرڻ ڪان پوءِ ڊلسوري چيو:
اسان جو عقيدو آهي ته اقتصادي ترقيءَ لاءِ هندستان جي عظيم ڪوشش جي حمايت ٿيڻ گهرجي. اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته آزاد قومن جي درميان خيالن جي اختلاف جي گنجائش هوندي آهي. اسان ڪي هندستان جي عوام جي قومي ترقيءَ ۾ مدد ڪرڻ جي پنهنجي خواهش ڪي ڪنهن عارضي اختلاف ڪان، خواه اهو ڪيڏو ئي اهم ڇو نه هجي، مغلوب ٿيڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي اهو تمام ضروري آهي ته اسين پنهنجي مدد ڪي جاري رکون ٻئي ڪنهن سبب ڪري نه، ته هن سبب ڪري ئي سهي ته اسين انهيءَ طرح سان پنهنجو دورانديشانه ذاتي مفاد پورو ڪريون. جمهوري ادارن تان ماڻهن جوڪڏهن اعتماد هليو ويو ته اهو اسان لاءِ وڏو المناڪ ڏينهن هوندو.(1)
(١) مارچ سن ١٩٥٦ع تي مسٽر ڊلس نئين دهليءَ ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ۾چيو ته ڪيس ڪو سبب نظر نه ٿو اچي ته پاڪستان ڪي آمريڪي هٿيارن جي فراهمي نندي ڪند ۾ هٿيارن جي ڊوڙ شروع ڪرڻ جو سبب بڻبي. هن خاص طور تي، ٻين معاملن ڪان هٽي، هندستان ڪي يقين ڏياريو ته:
”هندستان کي پنهنجي ليکي هر طرح سان مطمئن رهڻ گهرجي ته انهن هٿيارن ڪي سندس خلاف ڪنهن به اڳرائيءَ واري انداز ۾ استعمال نه ڪيوويندو. پاڪستان ڪي معلوم آهي ته جيڪڏهن ائين ٿيو ته آمريڪا سان ان جي سنن ناتن جو هڪدم خاتمو اچي ويندو ۽ هو اهو به ڄاڻي ٿو ته جيڪڏهن هندستان ڪنهن به اڳرائي جو شڪار ٿيو ته اقوام متحده جي چارٽر جي تحت آمريڪا ان جي مدد ڪندي.“(1)

٣١- مارچ ١٩٥٩ع تي بيروني امداد جي سلسلي ۾ صدر آئزنهاور هڪ خصوصي پيغام ۾ اعلان ڪيو تہ جيئن جيئن اسين ميزائيلي هٿيارن جي دؤر ۾ داخل ٿينداسون، تيئن تيئن اجتماعي سلامتيءَ جو مسئلو گهٽ نہ، پر هيڪاري وڌيڪ اهميت اختيار ڪندو ويندو. انهن دوست ملڪن ڪي جن جي سر زمين تي اهڙا ڪيئي هٿيار نصب ڪيا ويندا، سندن فوجن ۽ انهن جي بچاءَ لاءِ آمريڪي امداد جي مسلسل خاطري درڪار رهندي. هن چيو تہ آزاد دنيا جي ٻين ميمبر ملڪن طرفان ڪي ہ سئو پنجاهہ اڏا "اهم جنگي هنڌن تي، جن مان اڪثر بلڪل ضروري آهن، " آمريڪي فوجن جي استعمال لاءِ مهيا ڪيا ويا آهن. صدر اصرار سان چيو تہ:

"ڊالر جي مقابلي ۾ ڊالر ڳڻيندي اسين باهمي سلامتيءَ جي پروگرام تي خرچ ڪرڻ سان، پنهنجي لاءِ معقول فوجي حيثيت حاصل ڪري چڪڻ ڪان پوءِ، پنهنجين فوجن تي بئي خرچ برداشت ڪرڻ بنسبت، گهٽي قدر وڌيڪ جنگي حفاظت خريد ڪري سگهون ٿا. "

---

(1) برٽن. جي. هينڊرڪ، دي لائيف ائنڊ ليٽرس آف والٽر. ايچ. پيج ١٩٢٣ ج-١، ص -١٤٤.
(1) چرچل- اڳ ۾ ذڪر ڪيل ڪتاب، ص-١٨٥.
(1) چرچل – اڳ ۾ ذڪر ڪيل ڪتاب، ص ١٨٥.
(1) ايضاً ص ١٨٩.
(1) "ڪيسنگس ڪانٽيمپورري آرڪائيوز" ج- ٤٤، -١٩٤٠ع- ٤٣. ص ٥٢٩٩.
(1) آر. ڪوپلنڊ. " انڊين پالٽڪس" ١٩٤٣ع ص ٢٩٠.
(1) آر. ڪوپلنڊ. " انڊين پالٽڪس " ١٩٤٣، ص-٢٩٠.
(1) آر. ڪوپلنڊ. " انڊين پالٽڪس " ١٩٤٣، ص-٢٩٠.
(1) "انڊين ائنيوئل رجسٽر"۾ ١٩٤٦، ج-٢، ص-٨٨.
(1) ڪي پي ڪارونڪرن "انڊيا اِن ورلڊ افيئرس فيبروري ١٩٥٠- ڊسمبر ١٩٣٥ "، ١٩٥٨-ص-٢٨٣.
(2) ايضاً.
(1) ايضاً.
(1) ڪارونڪرن، اڳي بيان ڪيل عنوان، ص-٣٩-٢٣٨.
(1) "دي يونائيٽيڊ اسٽيٽس اِن ورلڊ افيئرس ١٩٥٠-١٩٥١"ص-٣١٥.
(1) ريمنڊ ڪارٽيئر"واءِ ڊز دي ورلڊ هيٽ ائميريڪا" رابرٽ گولڊوِن ۾ ايڊيٽر "ريڊنگز اِن ائميريڪن فارين پاليسي" نيويارڪ ١٩٥٩ع، ص ٥٩٨.
(1) ايضاً ١٩٦٠-ص٥٠-٧٤٩.
(1) "سائوٿ ايسٽ ايشيا اِن يو. ايس پاليسي"١٩٦٣ص-١٢١
(1) ايضاً ١٩٥٩ص-٧٠.
(1) " دي يو"ايس ان ورلڊ افيئرس اِن ١٩٥٢"-١٩٥٤ ص ١٣-٣١٢
(1) ڪيسنگس" ڪانٽيمپورري آرڪائيوز" جلد٨، ٢-١٩٥٠ ص ٣٨، ١٥٥
(1) دي يو. ايس ان اٽس ورلڊ رليشنس ١٩٦٠، ص -٧٥٠
(1) "ڪيسنگس ڪانٽيمپورري آرڪائيوز " ج-٩، ٤-١٩٥٢، ص ٦١- ١٣٤.
(1) ايضاً ص ٦٢- ١٣٤.
(1) "ڪيسنگس ڪانٽيمپورري آرڪائيوز " ص ٦٢- ١٣٤.

# باب چوٿون
# چين جي خلاف هندستان جي آمريڪا کان امداد وٺڻ

آمريڪا جي پاليسي فوجي معاهدن جي نظريي جي بنياد تي جيئن تہ مضبوطيءَ سان بدل هئي، ان ڪري هن ڳالهہ ۾ ڪنهن حيرت جي گنجائش ڪانہ هئي تہ ڇهين ڏهاڪي وارن سالن جي دوران پاڪستاني آمريڪي تعلقات ۾ اضافو ايندو رهيو، تان جوسنہ ١٩٥٨ع ۽ ١٩٥٩ع جي اوائل ۾ اهي انتهائي عروج تي پهتا، جڏهن تہ هندستان ۽ چين جا تعلقات اوچتو خراب ٿي ويا. آمريڪا ۽ پاڪستان جي تعلقات کي لداخ جي لڙاين دوران هلڪا جهٽڪا لڳا ۽ ڪجهہ وڏيڪ سخت جهٽڪا ان وقت لڳا، جڏهن هندستان ۽ چين جي سرحدي جهڳڙي ۾ شدت پيدا ٿيڻ لڳي. انهن واقعن ۾ آمريڪا کي هڪ وڏو نئون موقعونظر آيو هندستان تي پنهنجي اثر رسوخ وجهڻ جي ديرينہ آرزوءَ جي تڪميل جو.

١٩٥٩ع واري سال، هڪ دور جو خاتمو ۽ ٻئي جو آغاز ٿيندي ڏٺو. مسٽر منظور قادر ان وقت پاڪستان جو پرڏيهي وزير هو ۽ آءٌ نيويارڪ ۾ اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ ۾ پاڪستاني وفد جي سربراهي ڪري رهيوهوس. اتان ڪان مون هن کي خط لکي چتاءُ ڏنو تہ لداخ وارو ٽڪراءُ ننڍي ڪند ۾ڪيترين ئي تبديلين جو سبب بڻيو. ڊلس جو دور ختم ٿي چڪو هو ۽ حالات هڪ اهڙو نئون رخ اختيار ڪري رهيا هئا، جو ٥٨، ١٩٤٥ع واري دور جي بي لچڪ ڊپلومسي آئينده لاءِ موزون نہ پئي رهي سگهي. پنجين اوائلي ڇهين ڏهاڪي جون حالتون قطعي طور بدلجي چڪيون هيون. يورپ بدلجي رهيو هو ۽ سوويت يونين ۾ پڻ تبديليون اچي رهيون هيون، ۽ دنيا ڊلس وارنجامد اصولن کان هٽي ڪئمپ ڊيوڊ جي جذبي طرف وڌي رهي هئي. اِهي، ۽ ايشيا ۽ ٻين هنڌن تي رونما ٿيندڙ کي ٻيا حالات آمريڪا جي خارجہ پاليسيءَ ۾مڪمل تبديليءَ ۽ نظرثانيءَ جي تقاضا ڪري رهيا هئا. اهي تبديليون پاڪستان جي تعلقات کان گهڻو اڳي رونما ٿيون. انهيءَ وقت جي حڪومت جيڪا اڳين حڪومتن جي مقابلي ۾ آمريڪا کي وڌيڪ ويجهي هئي، نفسياتي طور تي پنهنجو پاڻ کي انهن تبديلين جي مطابق بدلائڻ لاءِ تيار نہ هئي، جيڪي جنگ کان بعد وارين آمريڪي پاليسين جي جمود مان پيدا ٿيون هيون.

انهيءَ تبديليءَ جي وسعت جو اندازو اقتصادي پيماني سان هن طرح لڳائي سگهجي ٿو تہ ٣٠-جون ١٩٥٩ع يعني آزاديءَ کان ٻارهن سال پوءِ تائين، هندستان کي مليل آمريڪي اقتصادي امداد جو سرڪاري تخمينو هڪ ارب ساڍا ستر ڪروڙ ڊالر هو، جنهن مان ٽيانوي ڪروڙ ڊالر زرعي شين جي صورت ۾، ۽ ستر ڪروڙ چاليهہ لک ڊالرن جي امداد ٻين صورتن ۾ ڏني ويئي. انهيءَ رقم جي پيٺ ۾، ١٩٥٩ع کان ١٩٦٣ع واري عرصي ۾ ان کي چئن ارب ڊالرن جي امداد ڏني ويئي.

مئي سن ١٩٥٩ع ۾ سينيٽر وائلي سمٿ، جيڪو ان وقت ڏکڻ-اوڀر ايشيا جي دوري تان واپس موٽيو هو، خارجه تعلقات واري ڪاميٽيءَ اڳيان هيٺيون بيان ڏنو:
”نهروءَ ۽ ان جي قريبي صلاحڪارن سان ڳالهائڻ کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ هن ڳالهه جي متعلق ڪو به شڪ ڪونهي ته انهن کي سرخ چينين ۽ سرحدن تي سندن ڪارروائين جي باري ۾ ڪجهه قدر فڪر مندي هئي... آمريڪاجي نقطه نظر کان اها هڪ اميد ڀري علامت آهي ته هندستان جي حڪومت سرخ چين جي ڪارروائين کان ڪجهه قدر تشويش ۾ آهي، ۽ جيئن ڪن ليڊرن طرفان مون کي سمجهايو ويو، ان کي هن ڳالهه جو احساس آهي ته سرخ چين هڪ مطلق نظام جي تحت صنعتڪاريءَ ۾ وڏي پيشقدمي ڪئي آهي، جڏهن ته هندستان جي ترقي هن ڪري سست رهي آهي، جو ان جو ارادو اهوئي رهيوآهي ته هو فقط جمهوري طور ۽ طريقن ۽ هندستاني قانون ساز اداري جي پوري مواقفت سان ڪم ڪندو.“
انهن سماعتن ۾ شايد پهريون ڀيرو پاڪستان کي ملندڙ فوجي امداد تي نڪته چيني ڪئي ويئي، جيتوڻيڪ آخري ڳالهه اهائي طئي ٿي ته امداد پنجن سالن لاءِ ساڳيءَ سطح تي جاري رکي وڃي. پر هندستان کي چين جي خلاف مضبوط بنائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو. آمريڪي سينيٽ جي تعلقات خارجه ڪاميٽيءَ طرفان آگسٽ ١٩٥٩ع ۾ مرتب ڪيل دستاويز بعنوان ” آمريڪي پرڏيهي پاليسي“ ۾ هيٺ ذڪر ڪيل مقصد واضح ڪيا ويا:
١- ايشيا جي ترقي پذير ملڪن ۾ تعاون جي رفتار کي تيز ڪرڻ لاءِ ٻه-طرفي امداد جو استعمال.
٢- آمريڪا جي فوجي، سياسي ۽ اقتصادي مقصدن جي حوالي سان ايشيا ۾ مقامي فوجي طاقتن ۽ آمريڪي اڏن جي ڪارڪردگيءَ جو نئين سر جائزو وٺڻ.
٣- ڪميونزم جي خلاف علاقائي يڪجهتيءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ واسطيدار ملڪنجي شموليت. هندستان ۽ پاڪستان جو ذڪر انهيءَ باري ۾ خاص طور ڪيوويو.
جڏهن آمريڪي پاليسين ۾ تبديلين جي تشڪيل ٿي رهي هئي، تڏهن آمريڪي نقاد پهريون ڀيرو معاهدن جي نظام ۽ انهن ۾ پاڪستان جي شموليت جي خلافت نقيد ڪري رهيا هئا. ”يونائيٽيڊ اسٽيٽس اِن ورلڊ افيئرس ١٩٥٩ع “ ۾ مسٽررچرڊ. پي. اسٽيبنس چيو، ”حقيقت ۾ ١٩٥٩ ع ۾ سيٽو جي تشڪيل ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا کي سياسي طور گهٽيءَ حد تائين اهڙيءَ طرح تقسيم ڪري ڇڏيو، جهڙيءَ طرح بغداد پئڪٽ کي هڪ سال کان پوءِ وچ اوڀر کي تقسيم ڪرڻو هو.“(1) اوتري قدرئي آمريڪا ۾ هندستان ۽ ٻين غيرجانبدار ملڪن کي امداد ڏيڻ جي ضرورت وڌيڪ محسوس ٿيڻ لڳي. مسٽر اسٽيبنس اڳتي هلي چوي ٿو:
” ايشيائي معاملات جو مطالعو ڪندڙ ٻين گهڻن ماڻهن محسوس ڪيو ته هن ٻئي ميدان يعني صحتمند قومي معاشرن جي تعمير ڪرڻ ۾ فوجي دفاع جي ميدان جي مقابلي ۾ وڌيڪ اهم ۽ تڪڙي ڪم ڪرڻ جي ضرورت هئي، جنهن تي آمريڪا کي

ڇهين ڏهاڪي ۾ وڌيڪ توجهه ڏيڻ لاءِ مجبور ٿيٽو پيو هو. گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ پوئين ميدان ۾ وڌيڪ وسيع محاذ تي ڪارروائي ٿي پئي سگهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ علائقي ۾ واقعي غيرجانبدار ملڪ پڻ عام طرح غير فوجي مقصدن لاءِ اهڙي غير ملڪي امداد قبول ڪرڻ لاءِ تيار هئا، جنهن سان ڪي " ڏاڍيا ڳنڍيل" نه هجن، ۽ جيڪا اهڙن شرطن تي حاصل ٿي سگهي، جيڪي انهن جي پنهنجي وقار جي مطابق هجن. اهي سڀ ملڪ، افغانستان کان وٺي فلپائين تائين، هن حقيقت کان باخبر هئا ته جديد مملڪتن جي حيثيت ۾، سندن ترقي ۽ واڌاري جي راهه ۾ ناموافق اقتصادي ۽ سماجي حالتون رڪاوٽ وجهي رهيون هيون...... گهٽائي مغربي مبصر جي پنج ساله ترقياتي رٿائن جي هڪبئي پٺيان ڪامياب تڪميل ڪي نه فقطهندستان، پر ايشيا جي آزاديءَ جي مقصد لاءِ فيصلہ ڪن اهميت جو حاملسمجهي رهيا هئا...

هندستان کي سندس ساڍن ايڪيتاليهه ڪروڙ ماڻهن جي آدم شماريءَ سان، جنهن ۾ هر سال ستر لک ماڻهن جو اضافو ٿي رهيو هو، وڌيڪ تيز اقتصاديترقيءَ جي ضرورت ايتريقدر ته گهٽي هئي، جو آمريڪا ان جي ڪميونسٽ ۽ آزاد ملڪن، ٻنهي کان امداد حاصل ڪرڻ تي ناراضگيءَ جو اظهار مشڪل ئيڪري پئي سگهي. خصوصا جڏهن هندستاني اهڙا ڪيئي ثبوت ڏيئي چڪاهئا ته اهي پنهنجيءَ آزاديءَ تي ڪنهن به صورت ۾ حرف اچڻ نه ڏيندا(1).

نومبر ١٩٥٩ع ۾ لداخ واري سرحدي جهڳڙي چيني- هندستاني اختلافن جيگنڀيرائيءَ کي ثابت ڪري ڇڏيو ۽ صدر آئزنهاور کي ايشيا جي دوره ڪرڻتي آماده ڪيو. جنهن ۾ هن چين ۽ هندستان جي درميان سرحدي تڪرار جي پسمنظر ۾ پنڊت نهروءَ سان علاقائي مسئلن جي باري ۾ تبادله خيالات ڪرڻپئي چاهيو. صدر انهن ڳالهين جي نتيجي تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ هنآمريڪا ۽ ايشيا جي اِنهيءَ عظيم ترين جمهوريت جي درميان بهتر مفاهمتجي دور جي آغاز جي اميد ظاهر ڪئي. جنوري ١٩٦١ع ۾ سينيٽر جان —ايف-ڪينيڊي آمريڪا جو صدر بڻيو. هو انهن آزاد خيال ڊيموڪريٽڪ سينيٽرنمنجهان هڪ هو، جن ڪميونزم جي خلاف صدر آئزنهاور جي معاهدن واريجامد پاليسيءَ جي قيام جي دانشمنديءَ ۾ شڪ شبهي جو اظهار ڪيو هو.هن خيال قيام جي دانشمنديءَ ۾ شڪ شبهي جو اظهار ڪيو هو. هن جيخيال ۾ انهيءَ قسم جو نظام، نه فقط دقيانوسي ۽ پراڻو هو، پر ان سان گڏو گڏاهو غير ڪميونسٽ دنيا تي آمريڪا جي اثر و رسوخ کي گهٽائڻ جو سببپڻ بڻجي پئي سگهيو. سينيٽر جي حيثيت ۾، ڪينيڊي انهيءَ صورتحال تي جيڪا سندس راءِ ۾ هندستان کي نظر انداز ڪرڻ برابر هئي، پنهنجيناخوشيءَ جو اظهار ڪري چڪو هو، ڇو ته هن جي خيال ۾ ايشيا اندر ڪميونزم کي حد اندر روڪي رکڻ جي آمريڪي حڪمت عمليءَ ۾ هندستان کي محوري حيثيت حاصل هئي. هن ٢٥-مارچ ١٩٥٨ ع تي پنهنجن انهن خيالن جي وضاحت هن لفظن ۾ ڪئي:

”جناب صدر صاحب! اچو تہ ايشيا کنڊ جي صورت جو پنهنجي ذهن ۾ هڪ دفعو ٻيو تصور ڪريون. هڪ طرف هندستان آهي، جنهن جي آدمشماري چاليهہ ڪروڙ آهي، ۽ ٻئي طرف چين آهي، جنهن ۾ ذري گهٽ سٺ ڪروڙ انسان آباد آهن. اسان کي هندستان جي غير جانبداريءَ وارين ڳالهين کان منجهڻ نہ گهرجي. اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ اسان جي قوم پنهنجي اوسر واري تعميري دور ۾ اوڻيهين صديءَ جي وڏن بين الاقوامي تنازعن ۾ عدم مداخلت جي پاليسي اختيار ڪئي هئي. جيڪڏهن دنيا جي نئين سر اسرندڙ غيرجانبدار قومن کي سندن بنيادي قوتن کي حقيقي اقتصادي بهتريءَ جي پروگرامن ۾ جذب ٿيڻ جو موقعو ملندو تہ سڄي مغرب جي مفادن لاءِ انهيءَ کان وڌيڪ فائديمند ٻي ڪا بہ ڳالهہ ڪا نہ ٿيندي.
فقط اِهوئي هڪ بنياد آهي، جنهن تي ايشيائي ۽ آفريڪي قومون اهو سياسي توازن ۽ سماجي استحڪام حاصل ڪري سگهن ٿيون، جيڪو ڪميونسٽ دخل اندازيءَ جي خلاف ڪين حقيقي بچاءُ مهيا ڪندو. اسان جي دوستيءَ کي فوجي معاهدن يا ”مغرب جي ٽڪيٽ تي ووٽ ڏيڻ“ جي برابر نہ ٿيڻ گهرجي. ائين ڪرڻ، انهن ملڪن کي فقط هڪ جماعتي طرز حڪومت جي وڌيڪ ويجهو وٺي وڃي ٿو يا دنيا ۾ اهڙا ويڇا پيدا ڪري ٿو، جو اهو مقامي جنگين جي امڪانن کي گهٽائڻ بدران، منجهن اضافي جا امڪان پيدا ڪري ٿو.
هندستان جي اقتصادي مستقبل تي غور ڪرڻ جي معاملي ۾ بهتر ٿيندو، جيڪڏهن اسين اهو ياد رکون تہ هندستان اقتصادي پرواز جي آغاز واري نقطہ کان اڳتي نڪري چڪو آهي ۽ هاڻي اهو اهڙي ڪوشش ۾ مصروف آهي، جيڪا ان کي هن صديءَ جي ٻجاڙيءَ تائين دنيا جي عظيم طاقتن مان هڪ بڻائيندي، جڏهن ان جي آدمشماري هڪ ارب کان ڪا ٿوري ئي گهٽ هوندي ۽ هو جديد سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ تباهيءَ جي سيني ذريعن کي پنهنجي ڪم ۾ آڻڻ جي قابل هوندو. مستقبل جي سيني کان وڌيڪ وڏي چئلينج اهائي آهي تہ هڪ اهڙي عالمي معاشري جي پرامن تنظيم ڪجي، جنهن ۾ نہ فقط آمريڪا، مغربي يورپ ۽ رشيا جهڙيون دولتمند صنعتي مملڪتون، بلڪ ايشيا، لاطيني آمريڪا، آفريڪا ۽ وچ اوڀر جون طاقتون نيون صنعتون رياستون پڻ شامل هجن. اهي رياستون پنهنجي عبوري اقتصادي دؤر مان ڪهڙي انداز ۾ اڀرن ٿيون، سا ڳالهہ نہ فقط ايندڙ نسل جي رنگ روپ تي اثرانداز ٿيندي، پر اها گهڻو ڪري سندن تاريخي پس منظر جي سڃاڻ تي پڻ وڏو اثر وجهندي. ٿوروئي عرصو ٿيو تہ پروفيسر ڊبليو-ڊبليو روستوف، انهيءَ سوال کي سينيٽ جي خارجہ تعلقات واري ڪاميٽيءَ اڳيان هنن لفظن ۾ پيش ڪيو هو:
”جا اِنهن نين طاقتور رياستن کي هڪ مطلق نظام جي ڍانچي وچان اپري بلوغت جي منزل تي پهچڻو آهي، جڏهن انهن جي ذهن تي سامراجيت جون تلخ يادون ۽ انهيءَ ڏک ڀري تبديليءَ جون يادگيريون حاوي رهنديون، جن مان اهي بنان ڪنهن مدد جي پار پيئون هونديون، جڏهن تہ مغرب هڪ تماشائي بڻيو ۽ پاسو وٺيو فقط دفاع جي مسئلن

۾ دلچسپي وٺندو رهيو، يا انهن رياستن کي هڪ جمهوري نظام جي ڍانچي وچان اهڙي طرح اپري نڪرڻو آهي، جنهنجي تعمير اهڙن انساني قدرن جي بنياد تي ٿيل هوندي، جن ۾ مغرب به ساڻن پائيوار هوندو ۽ تبديليءَ جي فيصلہ ڪن مرحلن تي سندن ياد ۾ اهو اشتراڪ عمل ۽ تعاون رهجي وڃي ٿو جنهن سان اهي پنهنجي مهم کي سرڪن ٿا؟ “

”جيڪڏهن اسان هينئر يا ايندڙ ڪجھ سالن ۾ عمل نہ ڪيو تہ انهيءَ سوال جي جواب ملڻ ۾ ڪا گهڻي دير نہ لڳندي، چاڪاڻ تہ هندستان، جيڪو غيرجانبدار ملڪن سان سيني ڪان وڏيڪ اهميت جو مالڪ آهي، پنهنجي تعميري دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. هندستان جو هڪ ڪامياب پروگرام بذات خود هڪ اهڙي مثال طور اهم آهي، جيڪو هو ٻين غير ترقي يافتہ ملڪن جي اقتصادي مستقبل ۽ خود پنهنجي مستقبل لاءِ پڻ، قائم ڪري سگهي ٿو. آمريڪا، مغربي يورپ ۽ جپان لاءِ هن ڳالھ جو مظاهرو ڪرڻ، تہ جمهوري عمل ۾ تخليق جي زور دار ترغيب آهي ۽ نہ نامراديءَ جي، سندن وس ۾ آهي...... هندستان اڄ اوتريءَ ئي وڏي اميد جو مظهر آهي، ۽ اوڏيءَ ئي عظيم آزمائش ۾ مبتلا آهي، جيڏيءَ ۾ مغربي يورپ سن ١٩٤٧ عجي دوران هو ۽ مون کي يقين آهي تہ اسان جا عوام اڃا بہ انهيءَ آزمائش جو ڪامياب مقابلو ڪري سگهڻ جي حيثيت ۾ آهن.“(1)

جان فشر سان گفتگوءَ جي دوران، هينيون سوال ۽ جان. ايف. ڪينيڊيءَ جو جواب معنيٰ خيز آهن:

سوال: ڇا، اوهان جي خيال ۾، مسٽر ڊلس جي انتظاميہ تحت، اسان جي طرفان ڪيترين ئي غير ترقي يافتہ مملڪتن کي پاڻ سان فوجي معاهدن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مجبور ڪرڻ، اسان جي غلطي هئي؟

جواب: آءٌ ائين چوندس تہ مسٽر ڊلس، اِنهن ٻين علائقن مان ڪن جي بنسبت، غالباً جرمنيءَ ۾ حقيقي طور وڏيڪ ڪامياب هو. اسوان بند جي معاملي ۾ انڪار، بغداد پئڪٽ جو تصور، جيڪو هن جو پنهنجو هو، ۽ آئزنهاور جو نظريو، جنهن کي درحقيقت هر ملڪ ۾ رد ڪيو پيو وڃي منهنجي خيال ۾ اهي سڀ ڳالهيون وچ اوپر ۾ مسٽر ڊلس جون ناخوشگوار يادگيريون آهن.(1)

بهرحال ١٩٥٩ع ۾ لداخ واري چيني هندستان تصادم کان اڳي، سينيٽر ڪينيڊي پاڪستان جي ناراضگيءَ جي قيمت تي هندستان کي مدد ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. انهيءَ ڳالھ جو ثبوت هنجي ٢٥- مارچ ١٩٥٩ع واري سينيٽ جي اڳيان ڪيل تقرير مان ملي ٿو:

”پاڪستان سان اسان جي خصوصي ۽ قيمتي حليفانہ لاڳاپن ۽ فوجي معاهدن جي هئڻ ڪري اسان لاءِ اهو ممڪن ناهي تہ اسين هندستان لاءِ بين الاقوامي سطح تي اهڙي ڪوشش ڪريون. مون پاڻ ڪجھ وقت تائين اهڙي پروگرام ترتيب ڏيڻ جي امڪان

جي جستجو ڪئي آهي، جيڪو هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي جون مشترڪ طور ضرورتون پوريون ڪري سگهي.

”آءٌ نهايت افسوس سان هن نتيجي تي پهتو آهيان ته پاڪستان ۽ هندستان جي درميان موجوده سياسي ويڇا انهيءَ قسم جي پروگرام جي اجازت نه ٿا ڏين.... هندستان ۽ پاڪستان جي درميان انتخاب ڪرڻ جو سوال تعميري رٿائن ۾ مدد ڪرڻ آهي. مون کي اميد آهي ته هاڻي اهو وقت گهڻو پري ناهي، جڏهن پاڪستان جي اقتصادي ترقيءَ ۽ اوسر ۾ مدد ڏيڻ لاءِ انهيءَ قسم جون گهڻن رخن واريون ڪوششون ڪري سگهبيون(1) “.

پر پهرين نومبر ١٩٥٩ ع تي جڏهن چين ۽ هندستان جي سرحدي ڇڪتاڻ زور ورتي، تڏهن سينيٽر ڪينيڊيءَ ڪئليفورنيا ۾ تقرير ڪندي هندستان جي مڪمل حمايت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو:

” اخباري سرخين ۾ ڪٽي کهڙيون ۽ جنگيون ڇاپايل هجن، هِن ايندڙ ٻي انتظاميه طرفان دنيا جي ٻيءَ ڪنهن به جدوجهد ايترو گهڻو ڌيان نه لهڻو جيترو انهيءَ، جيڪڏهن وقت سڄي ايشيا جي توجهه جو مرڪز بڻيل آهي: يعني هندستان ۽ چين جي درميان هلندڙ لڙائي...

۽ اها ڪشمڪش هندستان ۽ چين جي درميان مشرق جي اقتصادي ۽ سياسي قيادت لاءِ، سڄي ايشيا جي عزت لاءِ ۽ هن ڳالهه جي مظاهري ڪرڻ جي موقعي حاصل ڪرڻ لاءِ آهي ته ٻنهي مان ڪنهن جي طرز زندگي بهتر آهي...

”هيءُ ڳالهه يقينا ظاهر آهي ته هن چٽاڀيٽيءَ جو نتيجو سڄي ايشيا جي مستقبل کي بنيادي طور متاثر ڪندو-- يعني سرخ ۽ آزاد قومن جي تقابلي طاقت کي -- ۽ ان طرح آخرڪار خود اسان جي ملڪ جي سلامتي ۽ وقار کي پڻ هندستان جي آدمشماري آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي گڏيل آدمشماريءَ کان وڌيڪ آهي. جيڪڏهن هندستان چين سان برابريءَ وارو مقابلو نه ڪري سگهيو، جيڪڏهن هو اهو نه ڏيکاري سگهيو ته سندس نظام آمريت جي نظام جهڙو يا ان کان بهتر ڪم ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن هو اقتصادي جمود کان اهڙن اقتصادي نشو نما طرف نه اچي سگهيو، جيڪا سندس تيزيءَ سان وڌندڙ آدمشماريءَ کان وڌيڪ تيزيءَ سان اڳتي نڪري سگهي ته سڄي آزاد دنيا کي سنگين پسپائي جو مقابلو ڪرڻو پوندو. خود هندستان مايوسي ۽ عدم استحڪام جي چنبي ۾ ڦاسي پوندو، ۽ ايشيا ۾ سرخ چين جي خلاف سندس جوابي ڪردار ختم ٿي ويندو ۽ ڪميونزم کي ڪنهن به رنڊڪ کان سواءِ، وڏي کان وڏي ڪاميابي حاصل ٿي ويندي...

”اهو ڪافي ناهي ته اسين عارضي سهاري لاءِ هنگامي امداد مهيا ڪريون. اسان کي ٻين مغربي قومن سان گڏجي ڊگهي عرصي جي قرض ڏيڻ خاطرسنجيده ۽ دور رس پروگرام ۾ شرڪت تي رضامند ٿيڻ گهرجي، جنهن کي فني ۽ زرعي امداد جي پشت

پناهي به حاصل هئڻ گهرجي، جهن جو مقصد هندستان کي ڪميونسٽ چين جي چئلينج قبول ڪري ان کان اڳتي نڪري وڃڻ ۾ مدد ڏيڻ هجي...

”اسين چاهيون ٿا ته هندستان سرخ چين کان اها بازي کٽي. اسين چاهيون ٿا ته هندستان آزاد ۽ خوشحال ايشيا جو آزاد ۽ خوشحال اڳواڻ بڻجي. پر جيڪڏهن اسان جي دلچسپي خالص خود غرضانه، ڪميونزم جي خلاف ۽ فقط سرد جنگ جو هڪ حصو نظر ايندي، جيڪڏهن هندستاني عوام کي اهو احسان ٿيو ته اسان جامقصد محض سياسي آهن، ته پوءِ اسين ڪميونسٽ ۽ غير جانبدار پروپئگنڊا بازن جي هٿن ۾ کيڏنداسين، ٻاهرين ملڪن ۾ آمريڪا جي شبيهه کي بري طرح سان بگاڙينداسين ۽ انهيءَ نفسياتي اثر کي زائل ڪري ڇڏينداسين، جنهن جي اسان کي پنهنجي سخاوت ۽ فراخدليءَ مان توقع آهي(1). فوجي معاهدن جي متعلق، هن ٩- فيبروري ١٩٥٩ع تي دوباره زور ڏيندي چيو ته:

”اهي جٿادار حل مهيا نه ٿا ڪن. ان جي ابتڙ، اهي وچ — اوڀر ۾ خطرناڪ حد تائين ويڇا وجهن ٿا، اسان کي ڪن خاص حڪومتن سان وابسته ڪن ٿا ۽ گهٽو ڪري اسان کي اتان جي اهم قوم پرستيءَ وارين تحريڪن کان الڳ ڪري ڇڏين ٿا. غير حليف قومن کي مغرب سان اتحاد ڪرڻ يا بين الاقوامي ڪميونزم آڏو هٿيارن ڦٽي ڪرڻ جي درميان انتخاب لاءِ مجبور ڪرڻ سان دراصل ڪجهه حاصل نه ٿو ٿئي. حقيقت ته اها آهي ته گهٽن هنڌن تي انهيءَ قسم جي انتخاب تي زور نه ڏيڻ ئي اسان جي مفاد ۾ آهي، خاص طرح جيڪڏهن اهڙي انتخاب مان قوم جون قوتون حقيقي اقتصادي ترقي ۽ معاشياتي پرواز جي پروگرامن ۾ مشغول رهڻ بدران، ٻين رخن ڏانهن لاڙو رکائڻ لڳن.“(1)

14-جون سن 1960ع تي سينيٽر ڪينيڊيءَ آئزنهاور حڪومت جي پاليسين تي هنن لفظن ۾ حملو ڪيو:

”يقينا، اسان وٽ سن 1960ع ۾ خارجه پاليسيءَ جا اڪثر روايتي هٿيار موجود آهن: اسان وٽ بچاءَ جو هڪ محڪمو آهي، هڪ غير ملڪي امداد جوپروگرام آهي، مغربي دنيا سان اتحاد جو هڪ ناهه آهي، هٿيارن کي گهٽائڻ جي هڪ ڪاميٽي آهي، اطلاعاتي سروس آهي، خفيه ڪارروائي جو هڪ شعبو آهي، ۽ قومي سلامتيءَ جي هڪ ڪائونسل آهي. پر اسان پنهنجي بدلجندڙ عالمي حيثيت جي روشنيءَ ۾ انهن اوزارن جو نئين سر تخمينو لڳائڻ ۽ انهن جي قدرن کي متعين ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. اسان انهن هٿيارن کي هڪ اهڙي دور رس ۽ مربوط حڪت عملي: جي تشڪيل ڪرڻ ۾، جيڪا سوويت يونين جي عالمي تسلط جي پختي ارادي جو مقابلو ڪري سگهي — هڪ اهڙو پروگرام، جيڪو هوشياريءَ سان فوجي قوت، سياسي تخريبڪاريءَ، اقتصادي دخل اندازيءَ ۽ نظرياتي فتح جي مختلف هٿيارن کي وڏي ڪاريگريءَ سان ملائي استعمال ڪري ٿو. اسان کي جزوي پروگرامن، متروڪ حڪمت عملين ۽ بي معنيٰ نعرن تي ڀاڙڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوي ٿو. اسان وٽ جرمنيءَ جي مونجهاري کي

ٺوڙڻ، هٿيارن تي قابو حاصل ڪرڻجي مسئلي واري مونجهاري، برلن واري معاملي جي مونجهاري ۽ ٻين سيني مونجهارن مان پار پوڻ لاءِ ڪي به نوان نظريا ڪينهن. اسان وٽ پنهنجي شاندار حڪمت عمليءَ طور فقط هٿيارن جي ڊوڙ ۽ سرد جنگ جا هٿيار آهن......

”انڪري اسان کي هن فضول بحث کي ترڪ ڪري ڇڏڻ گهرجي ته ڪير خروشچوف جو مقابلو بهترين نموني سان ڪري سگهي ٿو، يا ”سخت“ طرز عمل کي ترجيع ڏني وڃي، يا ”نرم “ کي. اسان جو فرض اهو آهي ته اسان روسين کي اهو ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ، ته وقت ۽ تاريخ جو ڏارو سندن موافق ناهي، ته عالمي قوت جو توازن انهن جي طرف ڏانهن منتقل ڪو نه ٿي رهيو آهي، پنهنجي ۽ آزاد دنيا جي طاقت جي نئين سر تعمير ڪريون ۽ انهيءَ سبب ڪري هڪٻئي جي بقا لاءِ پرامن تصفيه هڪ لازمي امر آهي. اسان جو ڪم اِهو آهي ته اسين هڪ اهڙي قومي حڪمت عملي ترتيب ڏيون، جنهن جو بنياد سوويت يونين طرفان پيدا ڪيل بحران لاءِ آخري گهڙيءَ ۾ تيار ڪيل جوابن تي نه رکيل هجي، پر اها احتياط سان تيار ڪيل ڊگهي عرصي جي پاليسين جو هڪ اهڙو مڪمل مجموعو هجي، جيڪو غير ڪميونسٽ ملڪن جي طاقت ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو هجي. “(1)

مسٽر ڪينيڊي جڏهن آمريڪا جو صدر بڻيو، تڏهن هن کي پنهنجين رٿائن کي عملي جامو پهرائڻ جو موقعو مليو ويو. هن جي ملڪ جا هندستان ۽ پاڪستان سان تعلقات هاڻي هن نظريي جي بنياد تي متعين ٿيڻا هئا ته ڪميونزم جي ’حد بندي‘ اقتصادي طور مضبوط ڪيل، آزاد ۽ غير جانبدار قومن جي گهيري سان ڪئي وڃي، جن کي ڪميونسٽ داخل اندازيءَ جي خلاف آمريڪا جي فوجي طاقت جي پشت پناهي حاصل هجي. وڌيڪ اقتصادي مدد تي زور ڏيڻ جو مقصد آمريڪي مال لاءِ تجارتي منڊيون حاصل ڪرڻ هو، ته جيئن امداد حاصل ڪندڙ ملڪن سان مغرب دوستيءَ جا تعلقات قائم رهن. فوجي ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڪيل حيرت انگيز ترقيءَ جي ڪري فوجي اڏن ۽ اتحادن جو قدر ۽ سندن قيمت تمام گهٽي قدر گهٽجي ويئي. ٻين ڳالهين کان علاوه، انهن واقعن پڻ، فوجي امداد جي زور جو رخ بدلائي، وڌيڪ اقتصادي تعاون جي طرف ڪيو. ڪنهن امڪاني حملي جي خطري جي صورت ۾ يا پنهنجي ڪنهن اهم مفاد کي خطري پيش اچڻ جي حالت ۾ آمريڪا ۾ ويهي اتان ئي پنهنجي اختيار ۽ قابوءَ جي تحت ميزائل ڇوڙڻ جي اهليت ۾ اهڙن اتحادين تي آسري رکڻ جي ضرورت کي گهٽائڻ جي خوبي هئي، جيڪي پنهنجي علائقن ۾ آمريڪي اڏن رکڻ ڪري آمريڪا جي بين الاقوامي تعلقات ۾ سندس مفادن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ گهربل عمل جي آزاديءَ ۾ دخل ڏيڻ طرف مائل هيون. صدر ڪينيڊيءَ برسر اقتدار اچڻ کان کي ٿورائي ڏينهن پوءِ ڪياهڙا فيصلا ڪيا، جن جو جلد ئي آمريڪا، هندستان جي ناتن تي اثر ظاهر ٿيڻ شروع ٿيو، جواهرلال نهرو هن جي تحسين ۽ پسنديدگيءَ جو اظهار ان وقت ٿيو، جڏهن هن آمريڪي ڪانگريس جي گڏيل اجلاس کي هن طرح سان خطاب ڪيو:

” مون کي چٽيءَ طرح سان ياد آهي تہ جڏهن آءٌ انهيءَ هنڌ هيس، جتي هن وقت اوهين ويٺا آهيو،، مسٽر چرچل جي ڏنڌلي نہ ٿيندڙ فصاحت، نهروءَ جا بلند پرواز تصورات، ڏي گال جا باهمت الفاظ... “.

هندستان جي رويي ۾ اقوام متحده ۾ پڻ، انهيءَ تبديليءَ جي مطابق ڦيرو ڏنو ويو، جڏهن ان ڪانگو جي مسئلي تي آمريڪا جو ساٿ ڏنو ۽ سيڪريٽري جنرل ڊاگ هئمرشولڊ جي خلاف روس جي مهم جي مخالفت شروع ڪئي. اقوام متحده ۾ هندستان جي سابق ڪارروائين جي خلاف آمريڪا جون رنجشون گهٽيءَ حد تائين تيز رفتاريءَ سان ختم ٿي رهيون هيون، ۽ آفريڪي ۽ ايشيائي مسئلن جي متعلق معاملن ۾ اڳ وٺڻ لاءِ واقعي ان جي همت افزائي تي ڪئي ويئي. ساڳئي وقت تي هندستان جي نئين پنج سالہ ترقياتي رٿا لاءِ وسيع اقتصادي امداد جي باري ۾ ڳالهيون شروع ڪيون ويون، جنهن جي تحت هندستان کي ڏکهي عرصي واري ترقياتي فنڊ مان تمام گهٽ وياج تي اهڙا قرض ملڻ وارا هئا. جيڪي چاليهہ-پنجاهہ سالن جي مدت اندر واجب الادا ٿيڻا هئا. چيو وڃي ٿو تہ صدر ڪينيڊي انهيءَ نئين تجويز ڪيل ترقياتي فنڊ جو تقريبا ٽيون حصو هندستان لاءِ مخصوص ڪرڻ واسطي تيار هو.نائب صدر جانسن کي آمريڪا ۽ هندستان ۽ ٻين غير منسلڪ ملڪن سان هڪ نئون توازن قائم ڪرڻ لاءِ ايشيا جي دوري تي روانو ڪيو ويو. هندستان جي دوري جي دوران ۾ هن چيو تہ ”مون کي، ڪنهن بہ استثنيٰ ڪانسواءِ، يقين آهي تہ آمريڪا ۽ هندستان پاڻ ۾ دوستانہ ۽ صحتمند تعلقات قائم ڪرڻ ۾ مصروف رهندا. آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏيان تہ اها ڳالهہ ڪينيڊي آمريڪا لاءِ ڏاڍي پسنديده آهي. اسان جي صدر جان. ايف. ڪينيڊيءَ جي دلہ ۾ هندستان جي اڳواڻن لاءِ احترام جي جذبات جي سفير گالبريٿ جي هن هنڌ موجودگيءَ کان وڌيڪ، ثابتيءَ جي ڪا ضرورت ڪانهي(1).“ آمريڪا جي غير ملڪي تعلقات واري ڪاميٽيءَ جي چيئر من، سينيٽر فلبرائيٽ چيو تہ”هاڻي، اهو هندستان ۽ ان جي آسپاس وارن ٻين ملڪن جو ڪم هو تہ اهي هن علائقي جي بچاءَ لاءِ وڌيڪ سرگرم فوجي ۽ اقتصادي ڪردار ادا ڪن. چيو وڃي ٿو تہ ٦ مئي سنہ ١٩٦١ع تي آمريڪا جي گشتي سفير مسٽرائويرل هئريمن نهروءَ کي چيو تہ آمريڪي انتظاميہ جي اها خواهش آهي تہ ايشيا جا ڪي غير جانبدار ملڪ لائوس جي غير جانبداريءَ جي ضمانت ڏين.

”يونائيٽيڊ اسٽيٽس نيوز اينڊ ورلڊ رپورٽ“ جي اسٽاف رپورٽر مسٽر جارج.اي. جونس لکيو تہ ” سڄي دنيا جي سياسي مدبرن وچان هندستان جو وزيراعظم جواهرلال نهرو ڪينيڊي حڪومت جو انتهائي پسنديده لاڏلو ٻٻو پيو وڃي. “ هن وڌيڪ ظاهر ڪيو تہ هندستان لاءِ تجويز ڪيل ڀرپور اقتصادي امداد جو مقصد، هندستان ۽ نهروءَ کي مضبوطيءَ سان مغرب سان ٻڌي ڇڏڻ آهي. هن وڌيڪ لکيو تہ ”هندستان جو رويو پڻ هن نظريي جي پنيرائي ڪري رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هندستان ڊاگ هئمر شولڊ کي اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل جي عهدي تان هٽائڻ جي روسي ڪوشش جي خلاف صف آرا ٿي بيٺو هو. هن ڪانگو ۾ عين انهيءَ موقعي تي هندستاني فوجن کي داخل ڪيو،

جڏهن اقوام متحده جي فوج جو خاتمو بلڪل قريب نظر اچي رهيو هو. لائوس ۾ هن جنگبنديءَ لاءِ برطانوي اقدامات جي تائيد ڪئي ۽ خروشچوف کي پڻ انهن کي قبول ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.“
١٨مئي سن١٩٦١ ع تي، ڪرشنامينن لائوس تي جنيوا ۾ منعقد ڪيل ١٤ قومن واريءَ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندي سوويت يونين طرفان پيش ڪيل ”امن جي تجويز “ ۾ ويٽو جي حق جي شموليت خلاف مغربي ملڪن جو ساٿ ڏنو. ان ڪان هڪ مهينو اڳ ۾ ڪيوبا ۾ آمريڪا طرفان مداخلت جي سخت نڪتہ چيني ڪرڻ ڪان فقط چوويهہ ئي ڪلاڪ پوءِ نهروءَ وڏي آسانيءَ سان پنهنجو سر تار بدلائي ڪينيڊيءَ کي ”محرڪ شخصيت“ قرار ڏنو، ۽ اشاري طور چيو تہ ” ڪيوبا جي ڪهاڻيءَ جا ٻہ پاسا ٿي سگهن ٿا.“ هن اهو پڻ چيوتہ صدر ڪينيڊي ۽ هن جا چوٽيءَ وارا صلاحڪار چون ٿا تہ نهرو مغرب جوگهاتو دوست بڻجي سگهي ٿو. هو چون ٿا تہ ان مان آمريڪا کي هندستان ۽ ٻين غير ترقي يافتہ ملڪن ۾ وڏا فائدا حاصل ٿي سگهندا. انهيءَ ترقي پذيراعتماد جو مظاهرو وري ٻيهر جون ١٩٦١ع ۾ ان وقت ڪيو ويو، جڏهن واشنگٽن لاءِ هندستاني سفير مسٽر ايم. سي. چاڳلا اتان ڪان پنهنجي وطن واپس اچڻ واري رات جو چيو.
جڏهن آءٌ هت آيو هيس، تڏهن غير جانبداريءَ تي شڪ ۽ شبهي جو اظهار ڪيو ويندو هو. اڄ ان جو احترام ڪيو پيو وڃي. آمريڪا جي پاليسيءَ ۾ ايڏو تہ ڦيرو اچي ويو آهي، جو اڄ اها چاهي ٿي تہ آفريڪا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ غيرجانبدار مملڪتون هجن... ۽ اهي اقتصادي مدد وٺن. جيڪا ڳالهہ اسين ڪنهن عرصي ڪان تجويز ڪندا رهيا آهيون... يعني سماجي انصاف لاءِ ۽ نہ ڪن رجعت پسند حڪومتن کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ، ڊگهيءَ مدت وارا قرض-- اهاڳالهہ هن وقت هتي، گهٽ ۾ گهٽ وائيٽ هائوس جي طرفان قبول ڪئي ويئي آهي، جيئن ان جو صدر ڪينيڊيءَ جي تجويزن مان مظاهرو ٿي رهيو آهي.“
صدر ڪينيڊي ۽ هن جي ڪن صلاحڪارن ڪان علاوه، اتي ڪيئي سرڪرده ڊيموڪريٽ پڻ هئا، جن هندستان جي حق ۾ وڏي جوش و خروش سان سندن راءِ جو اظهار ڪيو. مثال طور مسٽر چيسٽر بائولس چيو تہ ”سنئين سڌي حساب موجب پڻ هيءَ هڪ وڏي غلطي آهي تہ انن ڪروڙ پاڪستانين کي راضي رکڻ لاءِ، جيڪي ٻن اهڙن حصن ۾ ورهايل آهن، جن جي وچ ۾ هڪ هزار ميل ڊگهو هندستاني علائقو حائل آهي، ڇٽيهن ڪروڙ هندستانين کي پاڻ ڪان بيگانو بڻايو وڃي.“ سينيٽر فلبرائيٽ چيو تہ ” پاڪستان کي ملندڙ آمريڪي فوجي امداد حد ڪان وڌيڪ گهٽي آهي ۽ اها پاليسي، هندستان کي پاڪستان طرفان انديشن هئڻ جي پيش نظر، سندس مالي ذريعا اقتصادي ترقيءَ ڪان هٽائي ٻئي رخ ۾ سيڙائڻ تي مجبور ڪريو ڇڏي.“
نندي کنڊ ۾ حالتن جي انهيءَ بدلجندڙ رخ هندستان لاءِ نہ فقط پراڻن جذبات کي نئين سر ڏڪائڻ شروع ڪيو، ساڳئي وقت ملڪ جي ورهاڱي خلاف سجاتل تعصبن کي پڻ ٻيهر اڀاريو. اهڙا آواز وري ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا، جيڪي مذهبي بنيادن تي ملڪ جي ورهاڱي

کي دقيانوسي چئي، هڪ اهڙي ملڪ جي سڄي وجود تي ئي اعتراض ڪرڻ لڳا، جنهن جا ٻہ حصا هڪ هزار ميلن جي دشمن علائقي ذريعي هڪٻئي کان دور ٻيٺل هئا. مسٽر چيسٽر بائولس جي انهيءَ سرد حساب تي، جيڪو آدمشماريءَ جي انگن ۽ ڊيگهہ ۽ ويڪر جي بنياد تي پنهنجن نتيجن تي پهتو هو، نئين سر تحقيق ۽ جاچ شروع ڪئي ويئي. نهروءَ جون مشڪلات پيدا ڪندڙ پاليسيون ۽ سندس غير جانبداريءَ مان پيدا ٿيل تلخيون وساريون ويئون، ۽ ان سان گڏ انهن وفادارين کي پڻ فراموش ڪيو ويو، جن سان پاڪستان پاڻ کي آمريڪي مفاد سان وابستہ ڪري رکيو هو. بيشڪ پاڪستان کي ڪافي مقدار ۾ اقتصادي ۽ فوجي امداد ڏني ويئي، پر اها هڪ معقول جوابي عيوض ڪان سواءِ ڪانہ هئي. پاڪستان، هندستان جي خلاف پنهنجي قطعي سلامتيءَ لاءِ ضمانت حاصل ڪرڻ ڪان سواءِ ئي، ڪميونسٽ ملڪن جي خلاف پنهنجي دفاعي ذميوارين کي ڇڪي تاڻي وسيع ڪرڻ جي ذمہ داري قبول ڪئي هئي. ان طرح هن سوويت يونين جي دشمني خريد ڪئي، جيڪا پاڪستان جي خلاف افغانستان ۽ هندستان جي ڪليل پنيرائي ڪري رهي هئي. معاهدن سان وابستگيءَ، اقوام متحده ۾ پاڪستان جي شبيهہ کي خراب ڪيو، پاڙيسري اسلامي عرب ملڪن سان سندس تعلقات ۾ ڪشيدگي پيدا ڪئي ۽ ان کي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن جي برادريءَ ۾ اڪيلو ڪري ڇڏيو. نندي ڪنڌ ۽ هماليہ جي سرحدن وٽ حالات ۾ آيل تبديلين هڪ ئي ڌڪ سان آمريڪا جي هن ذهن مان پاڪستان جيخدمتن ۽ هندستان جي دشمنين کي ميساري ڇڏيو.

٦- جون سن ١٩٦١ع تي ڪنسورشيم هندستان لاءِ ڪل ٻن اربن ۽ ويهن ڪروڙ ڊالرن جي امداد منظور ڪئي، جنهن مان اڪيلي آمريڪا هڪ ارب پنجيتاليهہ ڪروڙ ڊالرن ڏيڻ جو واعدو ڪيو، يعني اڌ کان وڌيڪ رقم-٩ جونسن ١٩٦١ع تي ”تائيم “ مئگزين جي مطابق آمريڪا جي هندستان کي امداد ڏيڻ جي شوق، ڪنسورشيم جي باقي ٻين امداد ڏيندڙ ملڪن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. ان جي برعڪس، پاڪستان جي ساڍن چورانوي ڪروڙ ڊالرن جي نسبتاً معمولي ضرورت ۾ انهيءَ ساڳئي ڪنسورشيم ڪاٽ ڪوٽ ڪئي. انسان گڏ اهو پڻ ٻڌو ويو تہ ”باهمي سلامتيءَ جي قانون “ ۾ غيرجانبدار ملڪن جي امداد لاءِ مناسب قاعدن شامل ٿيڻ کان پوءِ هندستان کي فوجي امداد پڻ ڏني ويندي. آمريڪا جي بچاءَ کاتي جي سيڪريٽري مئڪنمارا لاءِ چيو ويو تہ هن سينيٽ جي پرڏيهي تعلقات واري ڪاميٽيءَ آڏو بيان ڏيندي چيو تہ باهمي سلامتيءَ واري قانون مان اهي چار ئي شرط ڪڍيا ويندا، جيڪي امداد حاصل ڪرڻ واري ملڪ کي ”ڪميونسٽ بلاڪ“ جي خلاف آزاد دنيا جو سياسي ۽ فوجي حليف بڻجڻ جو پابند ڪن ٿا، ڇاڪاڻ تہ اهي شرط نين آزاد ٿيل مملڪتن کي ضروري فوجي امداد ڏيڻ جي سلسلي ۾ موزون ڪين آهن. “ ان کان علاوه هن دعوي ٰ ڪئي تہ هندستان پنهنجي پاڙيسريءَ جي مقابلي ۾ پنهنجين قابل انتظامي ۽ سياسي روايتن جي قوت سان وڌيڪ استحڪام حاصل ڪيو آهي ۽ هن هيءَ تجويز پيش ڪئي تہ هندستان جي معاملي ۾

”سڪيورٽي ائڪٽ “ جا چارئي شرط ختم ڪيا وڃن. هڪ طئي ٿيل پاليسيءَ کان اهڙو انحراف، امداد جي انهيءَ نئين فلسفہ جي علامت هو، جيڪوخاص طرح سان هندستان جي ضرورتن کي سامهون رکي ناهيو ويو هو. انهن واقعن صدر ڪينيڊي ۽ صدر ايوب خان جي درميان هڪ ملاقات ضروري ڪري ڇڏي ۽ صدر ايوب خان جولاءِ سن ١٩٦١ع ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا جي درميان اعتماد وارن تعلقات کي بحال ڪرڻ لاءِ نئين سر ڪوشش ڪرڻخاطر آمريڪا ويو. جنهن محتاط انداز ۾ پاڪستان کي امداد جي آڇ ڪئي ويئي، تنهن کي صدر ايوب خان ٩-جولاءِ سن ١٩٦١ع تي لنڊن ۾ هڪ ٽيليويزن انٽرويو ۾ هن طرح بيان ڪيو:

”هاڻي، هندستان جي معاملي ۾ آمريڪا ٻين امداد ڏيندڙ ملڪن کي بہ پنهنجي برابر امداد ڏيڻ تي راضي ڪرڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي. آمريڪا، پنهنجي معمول کان هٽي اهڙي وقت هندستان لاءِ پنهنجي طرفان هڪ ارب ڊالرن جو عطيو مخصوص ڪيو، جڏهن تہ اجا هندستان پنهنجي رٿا جي تشڪيل بہ پوري نہ ڪئي هئي.

”اسان جي معاملي ۾ هر قسم جا اعتراض ڪيا ويا. انهن مان ڪي حقيقي هئا، پر ڪي منهنجي خيال ۾، مصنوعي ۽ بي حقيقت هئا- مطلب تہ اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪيون ويئون، جيڪي ڪنهن ملاقاتيءَ کي ٽارڻ لاءِ ڪيون وينديون آهن. صورتحال کي سمجهڻ جي ڪنهن بہ حقيقي ڪوشش جيڪا بہ علامت نظر نہ آئي ۽ منهنجي خيال ۾ آمريڪا ڪا خاص ڪوشش ڪانہ ڪئي. جيڪڏهن آمريڪا ٻين امداد ڏيندڙ ملڪن کان اها توقع رکي پئي سگهي تہ اهي سندس امدادي ڪوشش جي برابري ڪن، تہ ڪيس انهن ملڪن کي اهو پڻ ٻڌائڻ گهربو هو تہ هيءُ (اسان جو) مطالبو پڻ ٿيندو ۽ آمريڪا انهن کان اها توقع رکي ٿي تہ اهي هيءَ، هوءَ يا ڪا ٻي ڳالهہ ڪندا.

” آءٌ فقط اهو چوان ٿو تہ آمريڪا هن معاملي ۾ ڪا خاص ڪوشش نہ ڪئي. پر اڃو تہ اها اميد ڪريون تہ ٻئي ڀيري ان جو هن سلسلي ۾ عمل بهتر هوندو.“(1)

ٻنهي صدرن جي درميان ٿيل مذاڪرات جو نتيجو، جهڙيءَ طرح سان سندن گڏيل پڌرنامي ۽ ميٽنگ کان پوءِ صدر ايوب خان جي بيان مان ظاهر آهي، مختصر طور هيٺئين نموني ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو:

(١) آمريڪا سان پاڪستان جو اتحاد وڌيڪ مضبوط ٿي ويو ۽ صدر ايوب خان جي ذهن ۾ جيڪي شڪ شبها پيدا ٿيا هئا، سي دور ٿي ويا.

(٢) صدر ڪينيڊي هن ڳالهہ تي رضامند ٿي ويو تہ هو ڪشمير جي سوال تي پنڊت نهروءَ سان ڳالهيون ڪندو ۽ انهيءَ مسئلي جي پرامن ۽ منصفانہ حل جي ضرورت کي، هن جي ذهن نشين ڪندو.

(٣) پاڪستان کي اها خاطري ڏني ويئي تہ ان جا فوجي مسئلا دشوار نہ بنايا ويندا ۽ جيڪڏهن ۽ جڏهن بہ هن علائقي کي هٿيارن جي امداد ڏني ويندي، تڏهن پاڪستان سان مشورو ڪيو ويندو. ڪيس وڌيڪ هيءَ خاطري پڻ ڏني ويئي تہ انهيءَ علائقي ۾ ان وقت تائين فوجي امداد نہ ڏني ويندي، جيسين ان لاءِ ڪافي جواز موجود نہ هوندو.

(٤) آمريڪا هندستان کي ڪي به هٿيار فروخت نه ڪري رهي آهي.
(٥) اقتصادي امداد لاءِ پاڪستان جون سڀ ضرورتون پوريون ڪيون وينديون.
(٦) سمر ۽ ڪلر جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ آمريڪا پاڪستان کي مالي ۽ فني امداد مهيا ڪندي.

صدر ايوب خان سڌريل تعلقات تي اطمينان جو اظهار ڪيو، پر جيئن بعد وارن واقعن مان ظاهر ٿيو، صدر ڪينيڊيءَ پاڪستان لاءِ گنجائش خاص طور هن ڪري رکي هئي، جو ١٩٥٩ع وارو چين ۽ هندستان وارو ٽڪراءُ اڃا اڳتي نه وڌيو هو. هن ڳالهه جون قياس آرايون ٿي رهيون هيون ته انهن ٻنهي جا اختلاف وڌي ويندا يا حل ٿي ويندا. سن ١٩٦١ ع ۾، صدر ايوب خان جي آمريڪا واري دوري جي دوران هن ڳالهه جو پوريءَ طرح اندازو نه لڳايو ويو هو ته هندستان ۽ چين جا اختلاف ڪيتري قدر گهرا ٿي چڪا آهن. هڪ وڏي ٽڪراءَ ۽ باهمي صلح صفائيءَ، ٻنهي ڳالهين جو امڪان هو. انهيءَ موقعي تي هيءَ ڳالهه مصلحت کان بعيد هئي ته هندستان جي مواقفت، ۽ پاڪستان جي مفاد خلاف هڪبئي جي پنيان اهڙا قدم کنيا وڃن، جو پاڪستان ناراض ٿي ماڻهين مخالف بڻجي وڃي. ننڍي کنڊ ۾ مستقبل جي غيريقيني ڪيفيت هن امر جي تقاضا ڪري رهي هئي ته گهٽ ۾ گهٽ عارضي طور، ٿوري عرصي لاءِ ئي سهين، موجوده حالات کي برقرار رکيو وڃي. وقت خودئي ظاهر ڪندو ته هندستان ۽ چين جي درميان اختلافات ڪيتري قدر گهرا آهن. انهيءَ وچ ۾ ڪولمبو پلان جون طاقتون، هڪ اهڙي تنازعي جو ٻنهي ڌرين کي قبول پوڻ جهڙو حل تلاش ڪري رهيون هيون، جيڪو ڪنهنڌارئي حملي جو نه، بلڪ هڪ تعزيري مهم جو نتيجو هو.

وقت گذاريءَ جي اها مدت مختصر ٿيڻي هئي. ساڳئي سال جي نومبر مهيني جي دوران، جڏهن نهرو واشنگٽن جي دوري تي ويل هو، صدر ڪينيڊيءَ هن کي ابراهام لنڪن ۽ روزويلٽ سان تشبيهه ڏني. گڏيل پڌرنامي ۾ ڪشمير جو ڪو ذڪر نه ڪيو ويو، حالانڪ ان ۾ برلن، ائٽمي تجربن تي بندش، هٿيارن کي عام ۽ مڪمل طور گهٽائڻ ۽ ڪانگو وغيره جهڙن مختلف بينالاقوامي مسئلن تي بحث ڪيل هو. هيءَ ڳالهه، ته اهو دورو گوا تي هندستان جي حملي کان ٿوروئي عرصو اڳي ٿيو، وڏيءَ اهميت جي حامل آهي. ائينمعلوم ٿي رهيو آهي ته صدر ڪينيڊيءَ سان ملاقات ڪرڻ کان پوءِ، پنڊتنهروءَ هن ڳالهه جو اندازو لڳائي ڇڏيو هو ته جيتوڻيڪ پورچوگال ”نيٽو“عهدنامي جو هڪ ميمبر ملڪ آهي، ان جي باوجود آمريڪا هندستان جي راهه ۾ رڪاوٽ نه وجهندي. هندستان جي گوا تي قبضي ڪرڻ تي جڏهن آمريڪا ۾ ڪسينجر کي جنوري ١٩٦٩ع ۾ خاص طور هن لاءِ هندستان موڪليو ويو ته هندستانين کي نئين سر خاطري ڏي ته آمريڪا هندستان جي خلاف ڪنهن به قسم جي ڪارروائي ڪرڻ جو ارادو نه ٿي رکي. ٦-جنوريءَ تي ڊاڪٽر ڪسينجر هندستان ۾ اعلان ڪيو ته ” اسين گوا جي ڪري هندستان سان سلامتي ڪائونسل ۾ ڪشمير جو مسئلو پيش ٿيڻ وقت پنهنجوساڻ نه پاڙينداسين.“ چيو وڃي ٿو ته چين ۽ پاڪستان جي تعلقات جو ذڪرڪندي ڊاڪٽر

ڪسينجر چيو ته ”جيڪڏهن پاڪستان اهڙوئي بيوقوف آهي، جو چين سان اتحاد جو ناهه ڪري ٿو ته پوءِ هڪ طاقتور ۽ خودمختار هندستان کان سواءِ ايشيا ڪيتريءَ دير تائين زنده رهي سگهندي ؟“ هن هندستانين سان اهو به واعدو ڪيو ته آمريڪا چين جي طرف حملي ٿيڻ جي صورت ۾ هندستان کي مدد ڏيندي چاڪاڻ ته اها چين کي هن ڳالهه جي اجازت نه ٿي ڏيئي سگهي ته هو هندستان کي تباهه ڪري. جيسين پورچوگال جي نيٽو ۾ شامل هئڻ جو سوال هو، ته چيو وڃي ٿو ته ڊاڪٽر ڪسينجر چيو ته هن پورچوگال کي انهيءَ معاهدي ۾ شامل ڪرڻ جي قدم کي ڪڏهن به دانشمندانه قدم نه سمجهيو هو. هن جي بيان مطابق، پورچوگال نيٽو جو ميمبر هن ڪري بنيو هو، جو ان وقت آمريڪا کي ” پيڪٽائيٽس“ (معاهدن ) جي بيماري لڳي ويئي هئي. هن ١٥- جنوريءَ تي ڪلڪتي ۾ تقرير ڪندي پاڪستان ۽ چين جي باهمي تعلقات جو ذڪر ڪيو ۽ چيو ته ڪيس يقين نه ٿواچي سگهي ته پاڪستان چين سان بچاءَ جو ڪو ناهه ڪري سگهي ٿو. بيان ڪيو وڃي ٿو ته هن وڌيڪ چيو ته ”منهنجي لاءِ هيءَ ڳالهه ناقابل يقين آهي ته پاڪستان، هندستان جي خلاف ڪنهن به قسم جي اڳرائيءَ جوحوصلو رکي ٿو.“ هن وڌيڪ چيو ته ”جيتوڻيڪ پاڪستان ڪميونسٽ چين کي تسليم ڪيو آهي، تڏهن به پاڪستان جي آمريڪا سان فوجي ناهه هئڻ ڪري، ڪميونسٽ چين سان پڻ ساڳئي وقت تي اهڙي ئي ناهه ڪرڻ ۾ تضاد ٿيندو.“ هن وضاحت ڪندي چيو ته ”چين ۽ پاڪستان اتحاد کي ناروا سمجهڻ جو هڪ سبب اهو به آهي ته پاڪستان جو آمريڪا سان اتحاد هو، ۽ هيءَ ڳالهه هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي جي مفاد جي منافي آهي ته اهي ڪنهن جهڳڙي کي نبيرڻ لاءِ ڪميونزم کي نندي ڪنڌ ۾ آڻين.“ انهيءَ ئي تقرير ۾ اڳتي هلي هن چيو ته پاڪستان جي چين سان اتحاد جو اصل ڪوئي به امڪان ان جي ”سودي بازيءَ“ جي قوت کي وڌائڻ خاطر به ڪونهي.“ آمريڪا جي امداد جي مقصدن جي تشريح ڪندي ڊاڪٽر ڪسيجنر چيو ته آمريڪا جا ٻه مقصد آهن: ڪميونزم جي روڪٿام، ۽ هڪ آزاد ۽ خوشحال معاشري جي تعمير. انهيءَ معاملي ۾ هن اعلان ڪيو ته جيڪڏهن هندستان پنهنجي علائقي مان چين کي پچائڻ لاءِ طاقت استعمال ڪئي ته آمريڪا هندستان جي انهيءَ سلسلي جي ڪارروائيءَ سان ”انتهائي همدرديءَ“ جو اظهار ڪندي.صدر ڪينيڊيءَ جي خاص سفير جي انهن اهم اعلانن کان علاوه سيڪريٽري آف اسٽيٽ، ڊين رسڪ ٧- جنوريءَ تي بيان ڏنو ته گوا ۾ هندستان جي ڪارروائي ڪري آمريڪا جي هندستان لاءِ امداد جي ارادي تي ڪو به اثر نه ٿو پوي.

هندستان جي هٿان گوا جي فتح لاءِ انهيءَ سازباز نه، ته همت افزائيءَ هندستاني ليڊرن جو حوصلو اجا به وڌائي ڇڏيو ۽ ڪانگريس جي صدر مسٽر سنجيوا ريڊيءَ ٤- جنوريءَ تي اعلان ڪيو ته ”هندستان پڪو ارادو ڪيو آهي ته هو جلد ئي پاڪستاني ۽ چيني اڳرائي کان پنهنجا علائقا خالي ڪرائيندو.“ هن اهو به چيو ته: ”ڪشمير ۾ جنگبنديءَ کي ڪشمير جي مسئلي جي مستقل حل طور تسليم ڪري نه ٿو سگهجي. سڄو ملڪ

ڪشمير جي ٽئين حصي کي، جيڪو پاڪستان جي غير قانوني قبضي ۾ آهي، آزاد ڪرائڻ لاءِ حڪومت جي پنيان آهي. "

آڪٽوبر سن ١٩٦٢ع جي چين ۽ هندستان جي سرحدي ٽڪراءَ، هندستان لاءِ آمريڪا جي مڪمل حمايت متعلق سڀ شڪ شبها ختم ڪري ڇڏيا. هاڻي اهوفيصلو ڪيو ويو ته پاڪستان سان بگاڙ جو خطرو کڻي به هندستان جي مدد ڪرڻ گهرجي. هي اهڙو موقعو هو، جنهن لاءِ آمريڪا ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان وٺي منتظر هئي. سندس اهو آرزو مندانه خواب هاڻي حقيقت جو روپ اختيار ڪري رهيو هو.

لداخ ۽ نيفا ۾ هندستاني فوج جي ڀاڃ آمريڪا ۾ فوري رد عمل پيدا ڪيو. پاڪستان سان صلاح مشوري جي تڪليف گوارا ڪرڻ کان سواءِ ئي، آمريڪا پنهنجن مغربي اتحادين کي هندستان جي فوجي امداد ڪرڻ لاءِ حرڪت ۾ آندو. انهيءَ وچ ۾ چين جنگبنديءَ جو هڪ طرفو اعلان ڪري پنهنجون فوجون پنتي هٽايون. پر پنڊت نهروءَ مغرب ۽ خاص طور تي آمريڪا طرفان سندس امداد لاءِ فوري ۽ پرجوش صداءِ لبيڪ کان حوصلو ڪري ڊسمبرسن ١٩٦٢ع ۾ اعلان ڪيو ته هندستان پنهنجي تياري جاري رکندو، خواه هندستان پنهنجي فوجي تياري جاري رکندو، خواه هندستاني-چيني جهڳڙا نبري به وڃن. هن زور ڏيئي هيءَ ڳالھ چئي ته هندستان پنهنجن دشمنن کي پنهنجين سرحدن کان ماري ڀڄائڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪندو. ١٠-ڊسمبر تي ائويريل هئريمن چيو ته چيني- هندستاني ڇڪتاڻ ڪافي عرصي تائين هلندي رهندي. انڪري آمريڪا کي هندستان جي فوجي امداد جاري رکڻ گهرجي. هن سوويت يونين سان هندستان جي تعلقات تي پسنديدگيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته سوويت يونين اهو واضح ڪري ڇڏيو آهي ته جيڪڏهن هندستان آمريڪا يا برطانيه کان فوجي يا ٻئي قسم جي امداد حاصل ڪري ٿو ته ڪيس انهيءَ تي ڪو به اعتراض ڪونهي.

انهيءَ مهيني ۾ نهروءَ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان تاريخي ناتن جو ذڪر ڪندي اعلان ڪيو ته "اسان جي آخري منزل ڪنفيڊريشن آهي، جيتوڻيڪ اسان جڏهن به اها ڳالھ ڪريون ٿا ته پاڪستان جا ماڻهو وحشت ۾ اچي وڃن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته اسين کين ڳڙڪائي ويندا سون." ان سان گڏو گڏ، هن هيءَ ڳالھ به زور ڏيئي چئي ته " جيستائين اسان جي چين سان جنگ جاري آهي، تيستائين پاڪستان سان تفصيلي ۽ مڪمل ناھ جون ڳالهيون ممڪن ناهن." ٢٨- ڊسمبر تي پاڪستان ۽ چين سرحدي ناھ تي صحيحون ڪرڻ لاءِ رضامند ٿيا. هندستان ۾ آمريڪي سفير، مسٽر گالبريٿ انهيءَ خبر تي هيئن چوندي تبصرو ڪيو ته " پاڪستان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته آمريڪي امداد جو مقصد، ڪميونسٽ اڳرائيءَ جي خطري جو مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش آهي."

حالات جي انهيءَ رخ دوران، صدر ڪينيڊي ۽ برطانوي وزيراعظم مئڪملن جي درميان ناسائو ۾ هڪ ملاقات ٿي ۽ هو ٻيئي هندستان کي هٿيارن جي اهڙي کيپ فراهم ڪرڻ جي رٿا تي متفق ٿيا، جنهن جي قيمت ٻارهن ڪروڙ ڊالر هئي ۽ جنهن جو اڌ حصو دولت مشترڪ کي ڏيڻو هو. آمريڪي فوجي امداد کي سياسي سهاري سان

مضبوط ڪرڻ لاءِ مسٽر گالبريٿ هندستان جي پرڏيهي معاملن جي سيڪريٽريءَ کي ٢٧- ڊسمبر تي اطلاع ڏنو ته ”چين جي خلاف لڙڻ لاءِ ڏنل فوجي امداد، ڪشمير جي ناهه جي شرط سان ڳنڍيل ناهي. آمريڪا، هندستان کي اهڙي، وقت، جڏهن ته هندستان ۽ پاڪستان جي درميان ڪشمير جي مسئلي تي ڳالهيون هلي اجا پوريون نه ٿيون هيون. انهيءَ قسم جي خاطري ڏياري پاڪستان ۽ هندستان جي درميان ڪنهن به ناهه جي امڪانن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ ا هڙيءَ طرح هن خود پنهنجي عمل سان، پاڪستان ۽ چين جي درميان قريبي تعلقات کي اڳتي وڌائي ڇڏيو. ڪشمير جي معاملي ۾، هندستان جو رويو ڪيس هڪڀئي جي پنيان ملندڙانهن تسلين جي ڪري جيئن پوءِ تيئن منفي رنگ اختيار ڪندو ويو، جيڪي آمريڪي حڪومت هندستان کي ڏيندي رهي ته ڪشمير ۽ ڄموءَ جي تڪرارجي فيصلي جو هندستان لاءِ آمريڪي اقتصادي ۽ فوجي امداد سان ڪو به واسطو ڪونهي. انهن خاطرين هن حقيقت سان گڏجي ته چين ۽ هندستان جو سڌو سنئون ٽڪراءُ ختم ٿي چڪو هو، هندستان کي هيڪاري وڌيڪ انتها پسند بڻائي ڇڏيو ۽ ڪشمير جي متعلق ڳالهين جو خاتمو ٿي ويو. مسٽر گالبريٿ جي يقين ڏهانين جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ، ڊين رسڪ وڌيڪ پنيرائي ڪئي ۽ مسٽر گالبريٿ انهن کي هڪ دفعو وري دهرايو. مسٽر رسڪ، مارچ ١٩٦٣ع ۾ بيان ڏنو ته ” جيتوڻيڪ آمريڪا جي حڪومت کي هن باري ۾يقين آهي ته ”سڄي ننڍي کنڊ جي سلامتيءَ لاءِ تمام ضروري آهي ته هندستان ۽ پاڪستان پنهنجا جهڳڙا پنهنجي وچ ۾ پاڻ طئي ڪن... پر آءٌ پنهنجي امداد جي مقصد کي لفظ مشروط سان ڪنهن به طرح منسوب ڪرڻ نه ٿو چاهيان.“ مسٽر گالبريٿ اپريل ١٩٦٣ع ۾ وري بيان ڏنو ته ”هندستان کي ڏنل آمريڪي امداد ڪشمير جي تڪرار جي فيصلي سان وابسته ناهي.“ پنڊت نهروءَ به ٧-اپريل تي لوڪ سڀا ۾ انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪئي ته مسٽرڊنڪن ۽ مسٽر رسڪ، ٻنهي کيس يقين ڏياريو هو ته برطانيه ۽ آمريڪا هندستان جي فوجي امداد جي سوال کي ڪشمير جي تڪرار جي فيصلي سان نه ٿا ڳنڍين.

انهيءَ قسم جي رويي ڪان، نه فقط ڪشمير جي مسئلي جو نبيرو جوکم ۾پئجي ويو، پر پاڪستان جي علاقائي سالميت لاءِ پڻ خطرو پيدا ٿي پيو. آمريڪا هميشه انهن خطرن کان بي پرواهه رهي، جن جي طرف پاڪستان سندس ڌيان ڇڪائيندو رهيو هو ۽ هوءَ اهوئي خيال ڪندي رهي ته پاڪستان پنهنجي سالميت لاءِ ڪيس هندستان طرفان درپيش خطري کي وڌائي پيش ڪري رهيوآهي.

آمريڪا، پاڪستان جي قيمت تي هندستان ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ تي بس نه ڪئي، پر ان پاڪستان طرفان پنهنجي سلامتي ۽ علاقائي سالميت لاءِ ڪيل جوابي ڪوشش تي ناراضگيءَ جو اظهار پڻ ڪيو. پاڪستان، چين سان تعلقات کي بهتر بنائڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي، تنهن کي آمريڪا ۾ غلط رنگ ۾ پيش ڪيو ويو ۽ ان جي خلاف تنقيد ڪئي ويئي. هن حالت ۾ ٻنان ڪنهن هڪ جي، ٻن نمونن جا معيار استعمال ٿيڻ لڳا. بدليل بين الاقوامي حالتن ۾ آمريڪا کي وابستگي ۽ عدم وابستگي

(الائين مينٽ ائنڊ نان الائينمينٽ) جي معاملن ۾ پنهنجو اڳوڻو موقف بدلائڻو پيو، پر پاڪستان جي طرفان ان جي مطابق ڪنهن به تبديليءَ کي گوارا نه ڪيو ويو. ٢٥- جولاءِ سن ١٩٦٣ع تي ”واشنگٽن ايوننگ اسٽار“ چيو ته:
”پاڪستان جي خطرن کي هتي بنان ڪنهن احترام ۽ عزت جي، سمجهيو وڃي ٿو، ۽ انهن کي ڪنهن به صورت ۾ انهيءَ پريشان حال علائقي جي سلامتيءَ لاءِ آمريڪا جي رٿائن تي اثر انداز ٿيڻ جي اجازت ڏئي نه ٿي سگهجي. جيڪڏهن پاڪستان چين سان تعاون ڪرڻ خاطر آمريڪا سان پنهنجن ناتن ۽ واسطن ۾ ڪا گهٽتائي ڪئي ته ان کي تمام جلد پنهنجي انهيءَ فيصلي تي پڇتائڻ جو موقعو ملي ويندو.“(1)
هندستان ۾ مقرر ٿيل نئين آمريڪي سفير مسٽر چيسٽر بائولس هندستان جي حمايت ڪرڻ جو هڪ ٻيو وعدو ان وقت ڪيو، جڏهن مئي ١٩٦٣ع ۾ هن اهو بيان ڏنو ته آمريڪا هندستان کي چين جي خلاف پنهنجي فوجي طاقت وڌائڻ لاءِ مدد ڏيڻ جي ڏاڍي خواهشمند آهي. هاڻي فقط انهيءَ ڳالهه جو تعين ڪرڻو آهي ته هندستان ڪيتري فوجي امداد جذب ڪري سگهندو. “ هندستان جي صدر جي آمريڪا واري دوري جي اختتام تي، صدر ڪينيڊيءَ ۽ هندستان جي صدر طرفان جيڪو گڏيل پڌرنامون جاري ڪيو ويو، تنهن ۾ چيو ويو هو ته ”ٻنهي جا ملڪ هن باهمي دفاعي فڪر منديءَ ۾ برابر جا شريڪ آهن ته ننڍي کنڊ جي خلاف چين جي اڳرائيءَ وارن ارادن کي ناڪام بنايو وڃي. ٻيئي صدر نه فقط ايشيا، بلڪ سڄي دنيا جي امن ۽ سڪون لاءِ هندستان جي آزادي ۽ خودمختياري ۽ ان جي علاقائي سالميت جي سلامتيءَ جي شديد اهميت کي تسليم ڪن ٿا.“ ٣٠-جولاءِ تي صدر ڪينيڊيءَ ۽ وزيراعظم مئڪملن، برچگروو ۾ فيصلو ڪيو ته هندستان جي هوائي فوج کي آواز کان وڌيڪ تيزرفتار لڙاڪو بمبارن سان مانوس ڪرڻ لاءِ آمريڪا ۽ دولت مشترڪ طرفان هوائي ڇٽي مهيا ڪئي وڃي ۽ ان جي قوت مدافعت کي ڪميونسٽ چين جي نئين حملي جي خطري جي خلاف وڌائڻ لاءِ وڌيڪ فوجي امداد ڏيڻ جون تدبيرون اختيار ڪيون وڃن. ان کان ٿوروئي پوءِ خبر ملي ته آمريڪا هندستان کي، بمبئي جي ويجهو تاراپور وٽ ائٽمي طاقت جي هڪ اهڙي اسٽيشن جي تعمير لاءِ اٺن ڪروڙ ڊالرن جي پرڏيهي مٽاسٽا واري ناڻي جي آڇ ڪئي آهي، جنهن جو شمار دنيا جي سڀني کان وڏين ائٽمي اسٽيشنن مان هڪ اسٽيشن طور ٿيڻ گهرجي.
انهن گهڻين ڪارروائين کان، جيڪي پاڪستان جي سلامتيءَ تي اثرانداز ٿي رهيون هيون، آمريڪا بي نيازي ۽ بي پرواهي ڏيکاريندي، چين ۽ پاڪستان جي درميان وڌندڙ تعلقات تي پنهنجي عدم اطمينانيءَ جو اظهار ڪرڻ جاري رکيو. پاڪستان ۽ چين جي درميان جولاءِ سن ١٩٦٣ ع ۾ طئي ٿيل هوائي ناهه تي تبصرو ڪندي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي هڪ پريس آفيسر بيان ڏنو ته ”انهيءَ هوائي رابطي جو، ننڍي کنڊ جي سلامتي ۽ استحڪام کي مضبوط بنائڻ جي ڪوشش تي، جن کي ڪميونسٽ چين روڪڻ چاهي ٿو، غلط اثر پئجي سگهي ٿو.“ هن کان پوءِ جنرل ليوشس ڪلي طرفان سينيٽ جي

پرڏيهي تعلقات واري ڪاميٽيءَ آڏو شاهدي ڏيندي هيئن چيو ويو، ته ڪيس اهو يقين نه ٿو اچي ته آمريڪا، پاڪستان ڪي سندس پاڙيسريءَ سان اسان جي روش ۽ سلوڪ جي طريقه ڪار ڪي متعين ڪرڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي.“ آمريڪا، اهو فيصلو ڪري ته نندي ڪنڊ جي ملڪن جي درميان نفاق قطعي هو، پاڪستان جي خطرن ڪي نظر انداز ڪري هندستان ڪي ڊگهي عرصي لاءِ فوجي امداد ڏيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

انهيءَ صورتحال پاڪستان لاءِ هينيان متبادل رستا ڪليل ڇڏيا:

١- هو پنهنجي علائقي مان آمريڪي اڏن کي ختم ڪري ۽ ساڳئي وقت تي ٻه-طرفن فوجي معاهدن، ميٽو ۽ سيٽو کان علحدگي اختيار ڪري. ساڳئي وقت تي هو سوويت يونين سان هٿيارن جي فراهميءَ لاءِ ڊگهي عرصي جي ناهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ چين جي عوامي جمهوريه سان سلامتيءَ جو ناهه به ڪري پئي سگهيو.

٢- هو انهن تدبيرن کي اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪري پئي سگهيو، پر انهن ڪي عملي جامو آمريڪا جي مخالف ڪارروائيءَ جي جواب ۾ آهستي آهستي ئي پهرائي ٿي سگهيو.

٣- سياسي وابستگيءَ ۾ ظاهر ڪو ڦيرو آڻڻ کان سواءِ، خفيه طور چين سان ناهه ڪري ٿي سگهيو.

٤- هو پنهنجين موجوده وابستگين کي برقرار رکندي، چين ۽ روس سان سياسي تعلقات کي وڌائڻ کان پرهيز ڪري پئي سگهيو.

٥- ڪنهن به مقرره پاليسيءَ تي گامزن رهڻ کان سواءِ هو هڪ موقعه پرست جو ڪردار ادا ڪري سگهي ها، ۽ جيڏانهن به هوا جو رخ ڦرندو ڏسي ها، تيڏانهن پنهنجي سياسي ٻيڙيءَ جو سڙهه ڦيرائيندو رهي ها.

هتي آءٌ حڪومت پاڪستان لاءِ ڪليل انهن رستن جي خوبين ۽ خامين متعلق ڪجهه به چوڻ نه ٿو چاهيان.

----------

(1) ”ڪيسنگس ڪانٽيمپورري آرڪائيوز “ جلد-٩، ٥٤-١٩٥٢، ص-١٣٧٤٤.
(1) ايضاً جلد-١٠، ٥٦-١٥٥ع، ص-١٤٨١٤.
(1) ”يونائيٽيڊ اسٽيٽس اِن ورلڊ افيئرس “ ١٩٦٠، ص-٢٨٢.
(1) ”يونائيٽيڊ اسٽسٽس اِن ورلڊ افيئرس“، ١٩٦٠، ص-٢٨٣، ٢٨٤ ۽ ٢٩٧.
(1) جان. ايف. ڪينيڊي، ” دي اسٽرئٽيجي آف پيس “ ١٩٦٠، ص-٨- ١٥٧.
(1) جان. ايف. ڪينيڊي، ” دي اسٽرئٽيجي آف پيس “ ١٩٦٠، ص-٢١٩.
(1) جان. ايف. ڪينيڊي، ” اسٽرئٽيجي آف پيس“، ص- ١٥٤.
(1) جان. ايف. ڪينيڊي، ” دي اسٽر ئٽيجي آف پيس، “ ١٩٦٠، ص-١٤٢-١٤٣.
(1) جان. ايف ” ڪينيڊي ” دي اسٽرئٽيجي آف پيس “ ص- ١٢٢.
(1) جان. ايف. ڪينيڊي، ”دي اسٽرئٽيجي آف پيس“، ص- 8 ۽ 9.
(1) ڊان ڪراچي —ايڊيٽوريل ٢٤- فيبروري ١٩٦١ع.
(1) فيلڊ مارشل محمد ايوب خان — ” اسپيچز ائنڊ اسٽيٽ مينٽس“ ج-چوٿون، جولاءِ ١٩٦١، ص- ٦.
(1) ڊان ڪراچي، ادايو ٨-جون ١٩٦٣.

# باب پنجون
## آمريڪا جي هندستان لاءِ امداد ۽ پاڪستان کان بي نيازي

هندستان جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ آيل ڦيرو، ايشيا جي ٻين غير جانبدار ملڪن جي نگاهن کان پوشيده نه رهي سگهيو. انڊونيشيا، جيڪو ايشيا ۽ آفريڪا جي قومن جي صف ۾ هڪ اهم غيرجانبدار ملڪ هو، تنهن جي وزير خارجه ڊاڪٽر سوباندريو 26- جونسنه 1963 ع تي چيو هو ته سندس ملڪ جي خارجه پاليسيءَ ۾ ”هندستان جي خود غرضانه ۽ سنگدلانه طرز عمل “ جي ڪري هڪ وڏي تبديلي آئي آهي. سلون جي پارليامينٽ جي هڪ ميمبر مسٽر سيناناڪي هندستان جي امڪاني حملي جي خطري کان پنهنجي ملڪ کي خبردار ڪيو، ۽ چيو ته ”هندستان، گانڌي مت جي باوجود جنگي جهازن ۽ آبدوزن سميت آمريڪي هٿيارن گڏ ڪرڻ ذريعي، هڪ سامراجي طاقت بڻجڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪري رهيو آهي.“ هن وڌيڪ چيو ته هندستان جو نشانو چين نه، بلڪ سلون آهي. انهيءَ قسم جا بيان ٻين به گهڻن ئي آفرو ايشيائي ملڪن جي سرڪرده سياسي مدبرن طرفان ڏنا ويا، جن ۾ هندستان جي وڌندڙ فوجي آڏار تي خطري جو اظهار ڪيو ويو. انهيءَ انديشن جي باوجود، پنڊت نهروءَ مغربي طاقتن طرفان گڏيل هوائي مشقن ۽ فوجي سازو سامان جي آڇ قبول ڪرڻ جو جواز پيش ڪندي 27- جولاءِ سنه1963ع تي هن ڳالهه تي زور ڏنو ته سندس ملڪ جي غيرجانبداري واري پاليسي ۾ ڪو به فرق ڪو نه آيو آهي. بهرحال، بعد ۾ هن ساڳئي سال جي دوران، مغربي طاقتن طرفان” هوائي ڇٽيءَ “ جي آڇ کي هن بنياد تي نڪرائي ڇڏيو ته هندستان جي سر زمين تي ٻاهرين طاقتن جا اڏا، اسان جي غير جانبداريءَ واري پاليسيءَ تي اثر انداز ٿيندا. انهيءَ وچ ۾، اهو پڻ ٻڌڻ ۾ آيو ته هندستان طرفان ڏهن ڪروڙ ڊالرن جي هنگامي فوجي امداد جي درخواست تي پڻ غور ٿي رهيو آهي، جيڪا ناسائو ۾ وعده ڪيل امداد کان علاوه هئي. ان کان سواءِ، آگسٽ سن 1963ع ۾ هندستان کي امداد مهيا ڪندڙ ڪنسوريشم طرفان ان جي ٽئين پنج سالہ منصوبي جي هلندڙ سال جي اقتصادي امداد جي رقم، ساڍن ايڪانوي ڪروڙ ڊالرن کان وڌائي هڪ ارب ڊالر ڪئي ويئي. امدادي رقم ۾ گهٽي کان گهڻو حصو ڏيندڙ آمريڪا هئي، جنهن اڪيلي سر ڇهن ڪروڙ ڊالرن جو اضافي حصو ادا ڪيو. ان جي ابتڙ، پاڪستان لاءِ امداد ۾ نه فقط اهو، جو اضافو نه ڪيو ويو، پر ان جو ڪجهه حصو، جنهن لاءِ آمريڪا جي انٽرنئشنل ايجنسيز طرفان اڳيئي وعدو ڪيو ويو هو، سو پڻ ڪاٽيو پئي ويو. وعدي ڏنل امداد ۾ جيڪا نمايان ڪٽر ڪئي ويئي، سا تربيلا بند جي اڏاهه رٿا واريءَ امداد مان هئي. فولاد جي ڪارخاني واريءَ رٿا ۾ دير ڪرڻ واريون چالون ۽ ڍاڪا جي هوائي اڏي لاءِ رقم جي ادائگي ۾ تعطل، انهيءَ پاليسيءَ جا ڪجهه وڌيڪ مثال آهن. اهي تبديليون، عالمي بئنڪ طرفان پاڪستان ۾ امداد جي صحيح تصرف بابت ڪيل اطمينان جي اظهار ۽ هندستان ۾ امدادي رقمن جي بيجا تصرف متعلق ڪيل ناموافق تبصري جي باوجود، عمل ۾ آنديون

ويئون. آمريڪي ڪانگريس جي هڪ ميمبر گروس، ايوان ۾ نمائندگي ۾ انهيءَ ڳالهه طرف اشارو ڪندي چيو تہ جيئن تہ عالمي بئنڪ جي رپورٽ هندستان لاءِ ناموافق هئي، ان ڪري آمريڪي انتظاميہ انهيءَ رپورٽ کي دٻائي ڇڏڻ ئي مناسب سمجهي ٿي.

ڪشمير جي متعلق، ڪنهن بہ اڳوات شرط کان سواءِ، مسلسل حمايت کي يقيني محسوس ڪندي، پنڊت نهروءَ 13- آگسٽ ١٩٦٣ع تي لوڪ سڀا ۾ هي اعلان ڪيو تہ "اهي رعايتون، جيڪي اسان پاڪستان کي پيش ڪيون هيون (ڪشمير جي تنازعي جي فيصلي لاءِ)، سي هاڻي باقي ڪنهن ۽ هاڻي ائين سمجهڻ گهرجي تہ اسان اهي واپس ورتيون آهن." واشنگٽن پوسٽ پنڊت جي انهيءَ سياسي قلابازيءَ تي تبصرو ڪندي لکيو تہ " جڏهن نهروءَ هيءُدليل پيش ڪري ٿو تہ ڪشمير جي فيصلي کان پوءِ بہ پاڪستان ۽ هندستان جي ناتن جو مجموعي لاڙو بنيادي طور غالبا اهوئي رهندو، جيڪو اڳ ۾ هو، تہ هو درحقيقت ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ واري پنهنجي انهيءَ ذاتي ناڪاميءَ جي تلخ تجربي جي آڌار تي اها ڳالهہ ڪري ٿو، جيڪو ڪيس هندن ۽ مسلمانن جي درميان صلح صفائي پيدا ڪرڻ جي ٽيهہ سالہ ڪوشش ۾ ٿيو هو. پاڪستان پوءِ بہ ورهاڱي جي ڏڪي کي محسوس ڪندو رهندو ۽ هندستان پوءِ انهيءَ علائقي جي عظيم طاقت رهندو ۽ ڪشمير کي ڇڏڻ کان پوءِ، هميشہ ڪان وڏيڪ هن ڳالهہ جو پڪو ارادو ڪندو تہ هو پاڪستان کان ٻنهي ملڪن جي حقيقي طاقت جي باهمي تعلق کي تسليم ڪرائي."

جيئن تہ پاڪستان جا آمريڪا سان تعلقات هڪ بحران کان ٻئي بحران ۾ منتقل ٿيندا پئي رهيا، ان ڪري صدر ڪينيڊيءَ محسوس ڪيو تہ پاڪستان ۽ هندستان سان آمريڪي تعلقات جي پيچيدگيءَ جو مسئلو اٿارڻ ضروري آهي، ۽ هن 12-سيپٽمبر سن 1963ع تي هڪ اخباري بيان ۾ چيو:

"اهو سچ آهي تہ اسان هندستان کي سنڀالي رکڻ چاهيون ٿا. ان تي سرءُ جي هلندڙ موسم ۾ ئي چين طرفان حملو ٿي سگهي ٿو. پوءِ اسين اهو نہ ٿا چاهيون تہ هندستان، جيڪو پنجاهہ ڪروڙ انسانن جو ملڪ آهي. سو بيوس ٿي پوي. جيڪڏهن اهو ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو، ۽ شڪست کائي ويو تہ اها ڳالهہ بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، طاقت جي توازن تي هڪ انتهائي تباهڪن ضرب ثابت ٿيندي.

ٻئي طرف، اسين جيڪي ڪجهہ هندستان کي ڏيئي رهيا آهيون، سو پاڪستان جي، جيڪو ان کان تمام ننڍو آهي، طاقت جي توازن کي بري طرح سان متاثر ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ طرح اسان هڪ ڏاڍي پيچيده معاملي سان دوچار آهيون، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي جي درميان دشمنيءَ تمام گهري آهي. جارج بال جو دورو انهيءَ دشمنيءَ کي گهٽ ڪرڻ جي هڪ ڪوشش هئي. منهنجو خيال آهي تہ اسان کي هن علائقي ۾ هڪ ڏاڍي ناقابل اطمينان صورتحال سان منهن ڏيڻو پوندو.[(1)]

ننڍي کنڊ ۾ طاقت جي توازن کي نظر انداز ڪندي ۽ پاڪستان سان مشوره ڪرڻ کان سواءِ، آمريڪا هندستان کي 1962ع ۾، ان جي چين سان ٿيل سرحدي ٽڪراءَ کان پوءِ

وڏي پيماني تي فوجي امداد مهيا ڪئي، ۽ اها ڳالهه صدر ڪينيڊيءَ جي انهيءَ وعدي جي باوجود ڪئي ويئي، جيڪو هن ڪجهه ئي عرصو اڳي صدر ايوب خان سان ڪيو هو ته اهڙي صورت ۾ پاڪستان سان مشورو ڪيو ويندو. پهريائين ته آمريڪي حڪومت هندستان کي ڏنل امداد کي ڄمون ۽ ڪشمير جي فيصلي سان مشروط ڪيو، پر جڏهن پنڊت نهروءَ ان معاملي ۾ جهڪڻ کان انڪار ڪيو، تڏهن اهو شرط واپس ورتو ويو. پاڪستان جي حڪومت طرفان هِنن انديشن جو اظهار بلڪل بي اثر ثابت ٿيو ته هندستان جي جنگي طاقت ۾ اضافي اڄڻ سان پاڪستان جي سالميت لاءِ خطرو وڌي ويندو، ۽ ان سان هندستان ۽ چين جي درميان وڏيڪ ڇڪتاڻ پيدا ٿيندي. صدر ڪينيڊيءَ جي صدارت واري دؤر ۾ هندستان جي دفاعي قوت کي وڌائڻ لاءِ هيٺيان قدم کنيا ويا:

(1) چيني — هندستاني سرحد تي جنگبنديءَ جي عمل ۾ اچڻ کان پوءِ، 18 کان21 ڊسمبر سن 1961ع تي ناسائو ۾ آمريڪا ۽ برطانيہ، هندستان لاءِ هنگامي بنيادن تي ٻارهن ڪروڙ ڊالرن جي فوجي امداد کي جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ پروگرام ۾، قسم قسم جي فوجي سازو سامان جي فراهمي شامل هئي، پر ان جي مرڪزي خصوصيت، فوج جي ڇهن ڊويزنن جي پهاڙي جنگ لاءِ هٿياربندي هئي.

(2) ناسائو واري فيصلي جي نتيجي ۾ هڪ آمريڪي برطانوي ۾ ڪئنيڊين هوائي مشن هن ڳالهه جي جائزي وٺڻ لاءِ هندستان جو دورو ڪيو ته جيڪڏهن چين ٻيهر حملو ڪري ته ان صورت ۾ هندستان جي هوائي فوج جون ضرورتون ڪهڙيون هونديون.

(3) هڪ ٻي آمريڪي مشن، هندستان جي هٿيارن ٺاهڻ جي صلاحيت کي وڏيڪ وسيع ڪرڻ جو تخمينو لڳائڻ لاءِ هندستان ويئي.

(4) 30-جون سن 1963، ع تي بَرچ گر و و نالي هڪ هنڌ تي آمريڪا ۽ برطانيہ فيصلو ڪيو ته ناسائو ۾ طئي ڪيل امداد کان علاوه، هندستان کي وڏيڪ مضبوط بنيادن تي فوجي امداد ڏيڻ جو پروگرام بنايو وڃي. انهيءَ ڳالهه هندستان کي هن لائق بنائي ڇڏيو ته هو جلد از جلد پنهنجي مستقل فوج کي يارهن ڊويزنن کان ٻاويهن ڊويزنن تائين وڌائي ۽ پنهنجين هوائي ۽ سامونڊي فوجن ۾ گهڻي اضافي ڪرڻ جا ارادا ڪري.

نومبر 1963 ع ۾ صدر ڪينيڊيءَ جي قتل ٿيڻ کان پوءِ سندس جانشين صدر جانسن پڻ ساڳئي نقش قدم تي گامزن رهيو. انهيءَ سان " ٽائيم" رسالي جي 27—ڊسمبر واري پرچي خبر ڏني ته نهرو هاڻي مغربي طاقتن جي هوائي دفاعي ڇٽي ۽ آمريڪي ستين ٻيڙي جي هندي وڏي سمنڊ ۾ موجودگي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پر هن پنهنجي منظوري ڏيڻ جي عوض ان کان ڏيڍ ارب ڊالرن جي وڏيڪ فوجي امداد طلب ڪئي آهي.

مارچ سن 1964 ع ۾ آمريڪا جي بچاءَ کاتي جي سيڪريٽري مسٽر رابرٽ مئڪنمارا هندستان کي فوجي امداد ڏيڻ جو پروگرام جاري رکڻ لاءِ آمريڪا جي مخلصانہ ارادي جو ٻيهر اعلان ڪيو. هن بيان ڏنو ته آمريڪا هندستاني فوج جي ڪجهه پهاڙي ڊويزنن کي جديد هٿيارن سان مسلح ڪرڻ جي ڪارروائي جاري رکڻ ۽ ڪيس اجا بہ ڪجهه

وڏيڪ امداد ڏيڻ جو منصوبو بنائي رکيو آهي. هن تسليم ڪيو ته هندستان کي ملندڙ امداد پاڪستان کي وڏي انديشي ۾ وجهي ڇڏيو آهي، پر هن جو خيال هو ته پاڪستان سميت سڄيءَ دنيا لاءِ هيءَ ڳالهه اهم آهي ته هندستان هن ڳالهه جي لائق بنجي ته هو ڪميونسٽ چين جي اڳرائيءَ خلاف پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي. بچاءَ کاتي جي سيڪريٽريءَ ايران، پاڪستان ۽ هندستان لاءِ امداد جاري رکڻ جي زوردار وڪالت ڪئي ۽ انهن ملڪن کي وچ اوڀر ۽ ڏکڻ ايشيا ۾، ڪميونسٽ مداخلت جي مقابلي ۾ آزاد دنيا جي بچاءَ جو پهريون مورچو قرار ڏنو. اهڙيءَ طرح هيءَ ڳالهه صاف ڪئي ويئي ته آمريڪا هاڻي هندستان کي عملي طور ڪميونزم جي خلاف اتحاد جي هڪ اڻ لکيل معاهدي جو ميمبر تصور ڪري ٿي ۽ ان کي گهٽ سيٽو ۽ سينٽو جي ميمبرن جي برابر حقن ۽ رعايتن جو مستحق سمجهي ٿي. پر هندستان جي حالت ۾ سيني ڪان وڏيڪ اهم فرق اهو ڪيو ويو، ته ان کي هڪ غير جانبدار ملڪ هئڻ جو ڏيکاءُ برقرار رکڻ جي اجازت ڏني ويئي ۽ ان کي انهن پريشان ڪندڙ ۽ خطري سان پريل ذميوارين کان آجو رکيو ويو، جيڪي معاهدن ۾ منسلڪ ٻين قومن کي ٻہ ۽ِ- طرفن بنيادن تي پابند رکنديون آهن.

پهرين مارچ سن 1964ع تي آمريڪا جي آنڊر سيڪريٽري جارج بال پاڪستان کي خبردار ڪيو ته " اسان کي ڪافي وڏي اميد آهي ته صدر ايوب خان سرخ چين سان پنهنجن تعلقات کي انهيءَ حد تائين اڳتي نہ وڌائيندو، جو اسان جي ٻنهي قومن جي درميان جيڪي تعلقات ۽ معاهدا آهن، سي مجروح ٿين." هن وڏيڪ چيو ته "اهي (چين ۽ پاڪستان جا تعلقات ) جنهن رويي جي عڪاسي ڪري رهيا آهن، تنهن جي متعلق اسان ڏاڍا فڪرمند آهيون. اسين انهيءَ ڳالهه جو ڏاڍي احتياط سان مشاهدو ڪري رهيا آهيون "، ۽ هن اڳتي هلي وڏيڪ چيو:

"پاڪستان تي هيءَ ڳالهه بلڪل واضح آهي ته ان جو دشمن سوويت يونين آهي ۽ هو دراصل هڪ اهڙي معاهدي جو رڪن آهي، جنهن جو رخ ڪميونسٽ اڳرائيءَ جي خلاف آهي، ۽ مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن سرخ چين طرفان پاڪستان جي خلاف ڪو ٻہ قدم کنيو ويو ته پاڪستان پنهنجو فوجي بچاءَ ڪندو. هن وقت تائين، سرخ چين سان سندس ڳالهين ۾ اِن جي برعڪس ڪو ٻہ اشارو ڪو نہ ٿيو آهي، پر اسين انهيءَ تعلق جو ڏاڍي دلچسپيءَ سان مطالعو ڪري رهيا آهيون."

اپريل سن 1964ع ۾ فلپس ٽالبوٽ، جيڪو ويجهي اوڀر ۾ ڏکڻ- اوڀر ايشيا جي معاملن لاءِ آنڊر سيڪريٽري هو، آمريڪي ايوان ۽ِ نمائندگان جي غير ملڪي تعلقات واري ڪاميٽيءَ کي چيو ته:

"ان سان گڏوگڏ پاڪستان ڪميونسٽن جي انهن ڳالهين مان فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا آهن، جن جو مقصد هندستان کي تنها ڇڏي ڏيڻ آهي ۽ ان ڪري ان چين سان واپار، صنعت ۽ حرفت، سرحدن ۽ شهري هوابازيءَ جي متعلق ناهه ڪري ڇڏيا آهن ۽ ان سان ثقافتي تبادلا پڻ وڌايا آهن. اسان پنهنجي فڪرمنديءَ ۽ هن عقيدي جو ڪليل

لفظن ۾ اظهار ڪيو آهي تہ چاهي پاڪستان کي انهن اقدامات مان ٿورو فائدو ڪٽي پهچي بہ وڃي، ان هوندي بہ ان جو سياسي اثر هيءُ ٿيندو تہ هڪ اهڙي دشمن کي تقويت ملندي، جنهن جي خلاف اسان باضابطه متحد آهيون.
بين معاملن وانگر، هن معاملي ۾ پڻ اسان کي ڪنهن بہ حڪومت جي خود مختار قومي حقن جي خلاف ورزي ڪرڻ کان سواءِ، پنهنجي مقصد جي تڪميل لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هن يقين تي اسين بہ ستور قائم آهيون تہ پاڪستان ۽ اسان جا قومي مفاد، هڪٻئي سان مطابقت رکن ٿا. انهيءَ ڳالهہ کي پاڪستان پڻ ڄاڻي ٿو[(1)]“.
آمريڪا ۾ پاڪستان جي خلاف تيزيءَ سان وڌندڙ نڪتہ چينيءَ سان گڏو گڏ، هندستان لاءِ آمريڪا امداد بہ وڌندي ويئي. انهيءَ موقعي تي، ۽ شايد اتفاقا نہ، ڪنفيڊريشن جي اها تجويز، جيڪا اڳي نهروءَ پيش ڪئي هئي، سا هاڻي ”نيويارڪ ٽائيمس“ ۽ ”واشنگٽن پوسٽ“ هتن ۾ ڪنئي. انهن ٻنهي بااثر اخبارن هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هڪ اهڙي وفاق جي وڪالت شروع ڪئي، جنهن سان گڏ ڪشمير جو مشترڪ دفاع بہ شامل هجي. گهٽ ئي بين بااثر ذريعن پڻ، جن ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري، ٻيئي حلقا شامل هئا، انهيءَ قسم جي خيالن جو اظهار ڪيو. غير سرڪاري سفارتي نمائندن هاڻي هن ننڍي کنڊ جا هن ڪري ڪثرت سان دورا ڪرڻ شروع ڪيا، جو هنن اتي ڪنفيڊريشن قائم ڪرڻ جي امڪانن جو جائزو وٺڻ پئي چاهيو. انهيءَ زماني ۾ آمريڪن ڪانگريس جي سامهون شهادت ڏيندي، آمريڪا جي سرڪاري ملازمن پنهنجي هن راءِ جو اظهار ڪيو تہ ڏکڻ اوير ايشيا ۾ چين جي روڪٿام جو معاملو ڪشمير واري تڪرار جي فيصلي کان وڌيڪ اهم آهي. فلپس ٽالبوٽ پرڏيهي معاملن جي ڪاميٽيءَ اڳيان چيو تہ جيسين آمريڪا جي امدادي پروگرام جي ڳالهہ هئي، تہ ان کي سڀ کان وڌي فڪرمندي هيءَ هئي تہ:
”آمريڪا کي ڏکڻ اوير ايشيا ۾ پنهنجي تعلقات جي مختلف پهلوئن کي متوازن رکڻ گهرجي. جيڪڏهن آمريڪا لاءِ دنيا جو اهم ترين مسئلو ڪشير هجي ها، تہ منهنجي خيال ۾ اهو چئي ڏيڻ اسان جو فرض ٿئي ها تہ جيستائين ڪشمير جي تڪرار جو فيصلو نہ ٿو ٿئي، تيستائين ٻنهي مان ڪنهن بہ هڪ ملڪ کي امداد ڪا نہ ملندي. جيڪڏهن ان جي برعڪس، ننڍي کنڊ ۾ ڪميونسٽ طاقتن جي مداخلت جي موقعن کي محدود ڪرڻ ۽ انهن ٻن ملڪن ۾ سخت انتشار ۽ افراتفري جي امڪانن کي گهٽ ڪرڻ هن سبب ڪري وڌيڪ اهم آهي تہ جيئن انهن ۾ زنده رهڻ جي طاقت واڌارو ڪري ۽ اهي دنيا جون اثرائتيون قومون بنجي سگهن، تہ پوءِ اسين جيڪي بہ تدبيرون اختيار ڪري سگهون، سي هن مقصد کي سامهون رکي اختيار ڪريون تہ اسين انهن ٻنهي جي تعميري مدد ڪري سگهون ۽ پنهنجين سفارتي ڪوشش ۾ هن ڳالهہ تي وڌو زور ڏيون تہ انهن جي هڏن تائين جذب تي ويل ثقافتي، مذهبي، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي تنازعن ۽ تڪرارن کي نرم ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪئي وڃي[(1)].

مسٽر وليم. ايس. گڊ، آمريڪي امداد جي نائب ناظم وڏيڪ صاف گوئيءَ کان ڪم وٺندي هائوس ڪاميٽيءَ کي ٻڌايو ته ”حالانڪ ڪشمير هڪ اهم مسئلو آهي، ان هوندي به اهو اسان لاءِ دنيا جي هن حصي ۾ ڪوئي انتهائي اهم مسئلو ڪونهي. “ 18-جون سن 1964ع تي، مسٽر ڊين رسڪ طرفان آمريڪا جي ”هندستان جي اقتصادي ترقيءَ ۽ دفاعي ڪوششن ۾ آئينده سال پڻ مدد ڪرڻ جي موقف تي مضبوطيءَ سان قدم ڄمائي رکڻ“ جي اهميت تي دوباره زور ڏنو ويو. سيڪريٽري آف اسٽيٽ پنهنجي انهيءَ بيان ۾ ڪن اهڙن ”ڪليدي مسئلن وارن علائقن جو ذڪر ڪيو، جتي آمريڪي امداد هڪ اثرائتو عنصر آهي.“ انهن علائقن ۾ ڏکڻ ويٽ نام، هندستان، برازيل، آمريڪا ۽ قبرص شامل هئا، مگر پاڪستان جو ڪو ذڪر ئي ڪو نه هو.

هن خيال جو، ته ايشيائي طاقتن جي هڪ اهڙي ڪوئليشن هجي، جنهن ۾ هندستان چين جي طاقت جو مقابلو ڪندڙ مرڪزي طاقت هجي“، ٻيهر اظهار سيپٽمبر سن 1964ع ۾ ان موقعي تي ڪيو ويو، جڏهن سينيٽر هيوبرٽ همفريءَ نائب صدر جي عهدي لاءِ پنهنجي انتخابي مهم دوران ان جي حمايت ڪئي. هن جي نقط نظر مطابق، آمريڪا کي گهربو هو ته اها”ايشيا جو سياسي مستقبل ڏکهي مدت لاءِ “ طئي ڪري ڇڏي ۽ هندستان کي ايترو مضبوط بنائي ڇڏي جو اهو دنيا جي هن خطه جي اڳواٽي ڪري سگهي. جڏهن سن1964ع جي آخري حصي ۾ عوامي جمهوريه چين پنهنجو پهريون ائٽم بم ڦاڙيو، تڏهن مسٽر چيسٽر پائولس هندستان کي هڪ دفعو ٻيهر يقين ڏياريو ته ”آمريڪا سان زياده گهري فوجي اتحاد سان سرحدي ڇڪتاڻ ۾ ستين بحري ٻيڙي جي سڄي ائٽمي طاقت هندستان جي طرفداريءَ لاءِ پهچي سگهي ٿي ۽ انهيءَ صورت ۾ هندستان کي نه فقط ائٽم بم هٿ اچي ويندا، پر ٻيڙي جي توشاخاني اندر موجود ”انهن کان به وڌيڪ تباهي ڦهلائيندڙ هائڊروجن بم پڻ، سندس تصرف ۾ اچي سگهن ٿا.“ فيبروري سن 1965ع ۾ مسٽر مئڪنمارا کي چين تي هيءُ الزام لڳائيندي ته، اهو آمريڪا ۽ پاڪستان جي درميان ڦوٽ وجهي رهيو آهي“، هن ڳالهه جي سخت ضرورت محسوس ٿي ته ”چين جي ڪميونسٽ خطري جي مقابلي لاءِ هندستان پنهنجي دفاعي قوت وڌائي ڇڏي.“ ڪيس يقين هو ته ”ان جي مدد ڪرڻ اسان جي مفاد ۾ آهي.“

چين سان پاڪستان جي وڌندڙ تعلقات تي ناپسندگيءَ جي اظهار لاءِ آمريڪا جي حڪومت جولاءِ سن 1965ع ۾ پاڪستان کي امداد ڏيندڙ ڪنسوريشم جو اجلاس هن بهاني تي ٻن مهينن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو ته ان لاءِ ڪانگريس طرفان اڃا اختيار ڪو نه ڏنو ويو آهي ۽ ڪانگريس طرفان اها رقم مخصوص ڪرڻ جي قدم کان سواءِ آمريڪا پاڪستان جي ٽئين پنجساله ترقياتي رٿا جي پهرين سال لاءِ مالي امداد جو ڪو وعدو نه ٿي ڪري سگهي. اهو فيصلو آمريڪي حڪومت ڪنسوريشم ۾ شامل ٻين ملڪن سان مشوره ڪرڻ کان سواءِ ڪري ڇڏيو. جولاءِ کان وٺي سيپٽمبر تائين التوا جي فيصلي جو اطلاع ڏيندي پاڪستان ۾ آمريڪي سفير صدر جانسن طرفان صدر ايوب کي هڪ پيغام ڏنو، جنهن ۾ چيو ويو هو ته جيڪڏهن پاڪستان ائين چاهي، ته هوند

انهيءَ درمياني عرصي ۾ هو ٻين معاملن تي گفتگو ڪري سگهي ٿو. ان جي برعڪس، ڪو ٿوروئي عرصو اڳي ڪنسوريشم طرفان هندستان لاءِ امداد ڪانگريس جي منظوري حاصل ڪرڻ کان اڳي ئي طئي ڪئي ويئي هئي. ڪنسوريشم جو اجلاس پاڪستان تي ڪليو ڪلايو دٻاءُ وجهڻ لاءِ ملتوي ڪيو ويو هو. صدر ايوب ڪي صدر جانسن جو پيغام پهچائڻ کان جلدئي پوءِ آمريڪي سفير مون سان ملاقات ڪئي ۽ اهي ”معاملا“ بيان ڪيا جن تي پاڪستان جي اقتصادي ضرورتن تي توجهه ڪرڻ لاءِ ڪنسوريشم جو اجلاس سڏائڻ کان اڳ ۾ غور ڪرڻ ضروري هو. اهي معاملا انهن تعلقات جي سڄي ساري سلسلي سان وابسته هئا، جيڪي پاڪستان جا عوامي جمهوريه چين، صدر سوئيڪارنو جي حڪومت ۽ ويٽ نام سان هئا.

آمريڪي حڪومت جو اهو قول ۽ اقرار، ته جيڪڏهن هندستان پنهنجي امداد جو بيجا استعمال ڪيو ته اها پاڪستان جي مدد لاءِ پهچندي، بلڪل واضح ۽ شڪ و شبهي کان بالاتر آهي. سيٽو ۽ سينٽو جي معاهدن جي شرطن ۽ ٻه - طرفن دفاعي معاهدن کان علاوه، آمريڪا جي پاڪستان لاءِ اڳوڻي سفير مسٽر مئڪناگيءَ 31-آڪٽومبر سن 1963ع تي حيدرآباد ۾ بيان ڏنو ته آمريڪا هن لاءِ هر احتياطي تدبير اختيار ڪندي ته اها ”امداد“ جيڪا هندستان کي چين سان وڙهڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ڏني ويئي آهي، سا پاڪستان جي خلاف استعمال نه ڪئي وڃي. نومبر 1962ع ۾ آمريڪا هن ڳالهه جي ضمانت ڏني ته هندستان سان گڏ، ڪنهن ٻه ٻاهرين طاقت طرفان اڳرائيءَ جي صورت ۾ اها سڌيءَ طرح سان پاڪستان جي مدد لاءِ پهچندي. ٩- نومبر سن ١٩٦٢ع تي آمريڪا جي سفير مسٽر مئڪناگيءَ ڪراچيءَ ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ اعلان ڪيو ته ” آمريڪا پنهنجي طرفان سرڪاري خور پاڪستان جي حڪومت کي يقين ڏياريو آهي ته جيڪڏهن هندستان کي ملندڙ امداد جو ڪنهن ٻئي ملڪ خلاف غلط رخ ۾ بيجا استعمال ڪيو ويو ته آمريڪا پنهنجي دستوري اختيارن مطابق، اقوام متحده جي اندر خواهه ٻاهر، هندستان طرفان ڪيل اهڙيءَ اڳرائيءَ کي ٻنهي هنڌ ناڪام بنائڻ لاءِ مناسب ڪارروائي ڪندي.“ هيءُ بيان، درحقيقت انهيءَ اعلان جي پٺڀرائي ڪندڙ هو، جيڪو هڪ ڏينهن اڳ ۾ آمريڪا جي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ طرفان ڪيو ويو هو. انهيءَ موضوع تي گفتگو ڪندي، 20-نومبر 1962ع واري ڏينهن صدر ڪينيڊيءَ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته: ”هندستان کي فوجي امداد ڏيندي، اسان کي پاڪستان سان پنهنجي اتحاد جو پڻ پورو پورو خيال آهي، هندستان کي ملندڙ اسان جي سڄيءَ امداد جو مقصد، چيني ڪميونزم جي تخريب ڪارانه ارادن کي شڪست ڏيڻ آهي. ننڍي کنڊ ۾ چينين جون دخل اندازيون هندستان کان سواءِ پاڪستان لاءِ پڻ خطري جو باعث آهن ۽ انهن جي مخالفت ڪرڻ ۾ ٻنهي جو مفاد مشترڪ آهي. انهيءَ نڪته طرف اسان ٻنهي حڪومتن جو توجهه ڇڪايو آهي. هندستان لاءِ اسان جي امداد ڪنهن به طرح سان، نه ته پاڪستان سان ڪيل اسان جي وعدن جي اهميت کي گهٽائي ٿي ۽ نه انهن کي مشروط بڻائي ٿي، ۽ اها ڳالهه پڻ اسان ٻنهي حڪومتن تي واضح ڪري ڇڏي آهي[(1)].

انهيءَ بيان جي خاتمي تي هن صدر ايوب جي آمريڪي دوره جي دوران 13-جولاءِ 1961ع واري گڏيل پڌرنامي ۾ ڏنل هڪ نڪتہ جو پڻ ذڪر ڪيو:

”بنهي صدرن 5- مارچ 1959ع تي ڪيل انهن ٻہ- طرفن معاهدن جي اهم مقصد جي هڪ دفعو ٻيهر توثيق ڪئي، جن ۾ ٻين ڳالهين کان علاوه هيءُ اعلان بہ ڪيو ويو هو تہ آمريڪا جي حڪومت پنهنجي قومي مفاد ۽ عالمي امن لاءِ هن ڳالھ کي نهايت اهم سمجهي ٿي تہ پاڪستان جي آزادي ۽ سالميت کي برقرار رکيو وڃي“.[1]

اڳوڻين سيني يقين ڏهانين کي دهرائيندي آمريڪي سفير ميڪناگيءَ چيو تہ ”آمريڪي پاليسيءَ جي متعلق انهن اعلانيھ بيانن کان علاوه، پاڪستان جي حڪومت کي سڏيءَ طرح پڻ انهيءَ طرح جون يقين ڏهانيون پيش ڪيون ويون آهن. معاملو صاف آهي، پاڪستان جي آزاديءَ ۽ بچاءَ جي متعلق آمريڪي پاليسيءَ ۾ ڪابہ تبديلي ڪا نہ آئي آهي.“ 17-سيپٽمبر 1963ع تي مسٽر فلپس ٽالبوٽ آمريڪي يقين ڏهانيون جي توثيق هن طرح ڪئي:

” آءٌ سمجهان ٿو تہ پاڪستاني حڪومت جا رهنما پاڪستان جي سلامتيءَ جي باري ۾ اسان جي فڪرمنديءَ کي انهيءَ طرح ئي سمجهن ٿا، جهڙيءَ طرح هندستان جا اڳواڻ هندستان جي سلامتيءَ لاءِ اسان جي فڪرمنديءَ کي سمجهن ٿا، ۽ منهنجو خيال آهي تہ ٻيئي ملڪ هن ڳالھ کان باخبر آهن تہ جيڪڏهن ٻنهي منجهان ڪنهن بہ هڪ ملڪ جي طرفان ٻئي تي حملو ٿيو، جنهن جو اسان جي نزديڪ امڪان تمام گهٽ آهي، تہ آمريڪا طرفان جوابي ڪارروائي ٿيندي.“ سن 1962ع کان پوءِ پاڪستان کي ملندڙ اقتصادي ۽ فوجي ٻنهي قسمن جي امداد ۾ درجي بدرجي آندل گهٽتائيءَ ۽ هندستان کي ملندڙ اقتصادي ۽ فوجي امداد ۾ هڪبئي پٺيان واڌاري، هندستان ۽ پاڪستان جي درميان طاقت جي توازن جي بگاڙي کي وڌائڻ کان علاوه نقصانڪار سياسي اثر پڻ مرتب ڪرڻ شروع ڪيا. پاڪستان کي بار بار يقين ڏيارڻ جي باوجود، جيئن جيئن هر روز طاقت جي ساهميءَ جو هڪ پڙ هندستان جي طرف ڏانهن وڌيڪ جهڪندو ويو، تيئن تيئن پاڪستان ۾ روزانہ وڌيندڙ بيچيني جو احساس پڻ وڌيڪ ڦهلجندو ويو. پاڪستان ڏانهن هندستان جو رويو وڌيڪ اڳرائيءَ وارو ٿيندو ويو ۽ ان جو زياده تر مظاهرو ڪشمير ۾ ٿيڻ لڳو، جيڪو ڇڪتاڻ جو مرڪزي نقطو هو. جمون ۽ ڪشمير جي رياست کي هندستان طرفان انڊين يونين ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ان وقت تائين ڪو بہ سخت قدم نہ کنيو ويو هو، جيسين آمريڪا ان کي فوجي امداد مهيا ڪرڻ جو فيصلو نہ ڪيو هو. پوءِ 1963ع جي آخر ڌاري هندستان ڪنهن بہ جواز کان سواءِ، آزاد ڪشمير جي چڪنوٽ ڳوٺ ۾ پنهنجي فوج داخل ڪئي ۽ آمريڪي پاليسيءَ جي وڌيڪ واضح ٿيڻ سان گڏوگڏ هندستان طرفان جارحانہ وطن پرستيءَ جا ٻيا بہ اشتعال ڏياريندڙ مظاهرا ڏاڍي ديده دليريءَ سان دهرايا وڃڻ لڳا. چڪنوٽ تي قبضي جمائڻ کان اٽڪل هڪ سال پوءِ، آڪٽومبر 1964ع ۾ وزيراعظم شاستريءَ هندستان جي طئھ ٿيل پاليسيءَ طور والاريل جمون ۽ ڪشمير جي علائقن کي هندستان سان ملائڻ متعلق اعلان ڪيو.

جڏهن پاڪستان آمريڪا وٽ ان جي خلاف احتجاج ڪيو، تڏهن مسٽر هئريمن طرفان فقط ”صدمي ۽ حيرت“ جو اظهار ڪيو ويو ۽ هن وعدو ڪيو ته هو ان باري ۾ آمريڪا جي فڪر ۽ تشويش ڪي نئين دهليءَ تائين پهچائيندو. هيءَ ڳالهه، ته ڪشمير ۾ هندستان جا دليرانه اقدامات آمريڪا جي فوجي، اقتصادي ۽ سياسي امداد جو نتيجو هئا، گهڻن ئي باخبر سياسي مبصرن جي نگاهن کان پوشيده نه رهي سگهي. مثال طور برٽرنڊ رسيل چيو:

”ڪشمير ۾ هندستان ڪيترن ئي سالن کان اقوام متحده جي نهرائن جي باوجود راءِ شماريءَ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪندو رهيو آهي. هڪ لک هندستاني فوج ڪشميرين جي خود مختياريءَ کي دٻائي رکيو آهي. اهو سيڪجهه ٿيندي رهڻ جي باوجود، مسٽر نهرو سترهن سالن تائين هندستاني آئين جي انهن ٻن قلعن کي عمل ۾ آڻڻ کان ڪترائيندو رهيو، جن جي ذريعي هو جمون ۽ ڪشمير کي حڪومت جي هڪ فرمان تحت، هندستان ۾ ضم ڪري پئي سگهيو. اسان کي اهو ضرور پڇڻ گهرجي ته وزيراعظم شاستريءَ انهن ٻن قلمن جو سهارو ڇو ورتو، ۽ هن ڇو شيخ عبدالله کي گرفتار ڪري ڪشميرين جي شڪايتن جي پرامن تدارڪ جو دروازو بلڪل بند ڪري ڇڏيو ؟ انهيءَ سوال جي جواب مان اسان کي جنگ ڇڙي پوڻ جي سبب جو صاف اشارو ملي ٿو. سرڪاري طور ڪشمير جي هندستان ۾ شموليت، انهيءَ ماتريءَ ۾ بغاوت کي اڀتر ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ بغاوت ۾ پاڪستان ۾ رهندڙ ڪشميرين جي شرڪت جي لازمي طور توقع هئي.“

وزيراعظم شاستريءَ ڪشمير جي والاريل رياست ۾ اهڙي پاليسيءَ جو آغاز ڪيو، جنهن جي اختيار ڪرڻ جي جرئت نهروءَ کي به ڪانه ٿي هئي. اها رياست ڏاڍي تيزيءَ سان مدغم ڪئي ويئي ۽ هندستاني آئين جا اهي متعلقه قلم منسوخ ڪيا ويا، جن ۾ ڪشمير کي خودمختاريءَ جو يقين ڏياريو ويوهو. تڪراري علائقي جي انتظاميه (سول سروس) کي هندستاني انتظاميه بنايو ويو. شيخ عبدالله کان وٺي هيٺ تائين سياسي ڪارڪنن کي جيلن ۾ بندڪيو ويو. حضرت بَل جي خانقاه واري واقعي کي وڏي بيرحميءَ سان دٻايو ويو ۽ جنگبنديءَ واري ليڪ جي پابنديءَ کي بهانو بنائي مسلمانن کي سرحدي علائقن مان پڇايو ويو ۽ انهن جي جاءِ تي ويڙهو قسم جي سِکن ۽ ڏوگرن کي آباد ڪيو ويو. وزيراعظم نهروءَ جي اقتدار واري ڏکهي زماني ۾ سياسي اڳواڻن جي گرفتارين کان سواءِ، هِن قسم جي ڪا به ڪارروائي نه ڪئي ويئي هئي. اهڙيءَ طرح جاڳي واٽي حالات ۾ بحران پيدا ڪيو ويو.

انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائيندي ۽ پاڪستان جي ارادي جو امتحان وٺڻ لاءِ هندستان اپريل 1965ع ۾ ڪڇ جي رڻ ۾ فوجي ڪارروايون شروع ڪري ڏنيون. هڪ آزمائشي حملو عمل ۾ آندو ويو ته جيئن پاڪستان جي طرف کان سياسي ۽ فوجي جوابي عمل جو صحيح اندازو لڳايو وڃي، ۽ انهيءَ ڳالهه کي طئي ڪري سگهجي ته پاڪستان ڪيتري حد تائين، پنهنجين سرحدن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ تيار آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ

معرڪي ۾ هندستاني فوجن جي حالت سٺي نہ رهي، ۽ انهن کي ڇڙ ڏيارڻ جهڙي شڪست ڏيڻ پاڪستان جي وس ۾ هئي، پر پاڪستان جنهن ضبط کان ڪم ورتو، پنهنجي جنگي برتريءَ مان وڏيڪ فائدو نہ ورتو، تنهن مان هندستانين کي اهو خيال ٿيو تہ پاڪستان ڇمون ۽ ڪشمير جي هندستاني منصوبي جي خلاف پڻ جنگي ڪارروائي کان ڪترائيندو. پر ساڻ ئي هن ڳالھ جو احساس ڪندي تہ پاڪستان جي صبر جو پئمانو نيٺ ڇلڪي پوندو ۽ اهو لڳاتار اشتعال انگيزيون برداشت نہ ڪندو. هندستان تدبير طور هڪ ئي وقت ۾ لاهور تي پڻ حملو ڪري ڏنو تہ جيئن طاقت هلائي ڪشمير جي مسئلي جو هميشہ لاءِ باب ئي بند ڪري ڇڏجي. انهيءَ صورتحال جي برعڪس، جيڪڏهن پاڪستان ڪڇ جي رڻ ۾ پنهنجي جنگي ڪاميابين مان فائدو حاصل ڪيو هجي ها ۽ انهيءَ علائقي ۾ پنهنجين ڪاررواين جي تڪميل ۾ هندستان جي هڪ ڊويزن فوج کي تهس نهس ڪري ڪريم شاهيءَ تي قبضو ڪري ڇڏي ها. جنهن جو ان کي حق پهچي رهيو هو تہ هندستان جو هوش ٺڪاڻي لڳي وڃي ها ۽ هو پنجن مهينن ۾ ئي ٻيو تصادم نہ ڪري ها.

جڏهن 6-سيپٽمبر 1965ع تي هندستان پاڪستان تي حملي جو آغاز ڪيو، تڏهن ٻن يا ٽن قومن کان سواءِ دنيا جي ٻين سڀني قومن انهيءَ واقعي تي ڏاڍي صدمي ۽ ناپسنديءَ جو اظهار ڪيو. برطانوي وزيراعظم هندستان طرفان جنگبندي لائين کي پار ڪرڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو. صدر ناصر ڪرشنا مينن کي صاف چئي ڏنو تہ هيءُ حملو بين الاقوامي سرحدن جي ڪليل خلاف ورزي آهي. عوامي جمهوريہ چين هندستان کي الٽيميٽم ڏنو تہ هو پنهنجي اڳرائيءَ کي ختم ڪري نہ تہ چين جي طرفان مداخلت لاءِ تيار ٿي وڃي. ايران، ترڪي ۽ انڊونيشيا طرفان پاڪستان کي اخلاقي ۽ مادي مدد ڏني ويئي. ڪاسابلانڪا ۾ سڀني عرب رياستن پاڪستان تي حملي جي مذمت ڪئي ۽ اقوام متحده ۾ لاطيني آمريڪا، آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن جي ڀاري اڪثريت طرفان هندستاني اڳرائيءَ تي سخت نڪتہ چيني ڪئي ويئي. اوڀر ۽ اولھ يورپ ۾ پاڪستان لاءِ وسيع پئماني تي همدردي هئي. آمريڪا طرفان جنگ ڇڙي پوڻ تي وڏي تشويش جو اظهار ڪيو ويو، پر ان جي بجاءِ جو آمريڪي حڪومت پنهنجين مختلف يقين دهانين تي عمل ڪندي پنهنجي حليف پاڪستان جي مدد لاءِ اچي ها، ان پنهنجو سڄو زور ۽ اثر رسوخ جنگبندي ڪرائڻ تائين محدود رکيو. انهيءَ مقصد خاطر آمريڪا اهڙيءَ طرح ٻنهي ملڪن جي خلاف تجارت کي بند ڪرڻ جو حڪم صادر ڪيو، ڇڻ تہ اڳرائي ڪندڙ ۽ اڳرائيءَ جو شڪار ٿيندڙ ملڪن ۾ ڪو فرق رکڻ ضروري ڪو نہ هو. پاڪستان پنهنجو سڄو جنگي سازو سامان آمريڪا کان ئي حاصل ڪندو هو، جڏهن تہ هندستان سوويت يونين ۽ ٻين ڪيترن ملڪن کان هٿيار حاصل ڪرڻ کان علاوه مقامي طور پاڻ بہ ڪيترائي هلڪي قسم جا هٿيار گولھ بارود تيار ڪندو هو. اهڙيءَ طرح مال برداريءَ جي ممانعت مان در حقيقت فقط پاڪستان کي ئي نقصان برداشت ڪرڻو پيو.

جنگ ۾ ان جي متعلق ٻين قومن جي رويي جي باري ۾ گھڻو ڪجھ لکيو ويو آهي. پر جيسين وڏيڪ معلومات نه ٿي پهچي، تيسين ايترو چوڻ ڪافي آهي ته آمريڪي رويي تي پاڪستان ۾ وڏي مايوسي محسوس ڪئي ويئي. جيڪڏهن آمريڪا پنهنجين حڪمت عملين ۾ ڦيرو نه آڻي ها ته هندستان پنهنجي دليرانه مهم جي شروعات ايتريءَ ابهرائي سان نه ڪري ها. جيڪڏهن ڪيس اهو ڏيکاريو هجي ها ته آمريڪا پنهنجن معاهدن جون ذميواريون نڀائيندي ۽ پاڪستان سان ڪيل ٻيا وعدا به پورا ڪندي ته هو پاڪستان تي حملي ڪرڻ جي جرئت ئي نه ڪري ها. جيڪڏهن طاقت جو توازن بگڙي نه ويو هجي ها ته هندستان حملي ڪرڻ جي قابل ئي نه هجي ها. اهي ڇهه پهاڙي ڊويزنون، جن کي آمريڪا چينين جي مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ۽ هٿياربند ڪيو هو، تن کي ڪشمير ۾ پاڪستان جي خلاف استعمال ڪيو ويو—اهو پاڪستان، جيڪو سيٽو ۽ سينٽو جو ميمبر ملڪ هو، هڪ پراڻو نيازمند ۽ پاڻ کان پنجوڻي وڏي ملڪ جي اگرائي جو نشانو هو، تنهن پنهنجي سيني کان وڏي حليف جي مدد حاصل ڪرڻ بدران، ان کي جنگبنديءَ جي فڪر ۾ مبتلا ڏٺو. آمريڪي نقطہ نگاهه تي پڻ غور و فڪر ضروري آهي. صدر ايوب خان ڊسمبر 1965ع ۾ هن اميد سان صدر جانسن سان واشنگٽن ۾ ملڻ لاءِ ويو هو ته روبرو ڳالهين ڪرڻ سان ٻنهي کي هڪٻئي جي موقف کي بهتر طور سمجھڻ ۾ مدد ملندي. پاڪستان ڪفاره طور، ۽ واشنگٽن ۾ حاصل ڪيل نئين مفاهمت جي احترام ۾ ڪجھ قدم کنيا. ان مان هيءُ خيال عام ٿيڻ لڳو ته تعلقات جو جيڪو قيمتي گلدان 1965ع جي جنگ کان پوءِ وارن اثرن کان پرزا پرزا ٿي ويو هو، تنهن کي هاڻي آهستي آهستي هڪ هڪ ٽڪرو ڳنڍي ٻيهر جوڙيو پيو وڃي. هر طرف اهڙي قسم جا اقدامات ڪيا ويا، جن کان اهرن اشتعال ڏياريندڙ سببن ۾ گهٽتائي پيدا ٿي، جن کي انگريزيءَ جي صحافي ٻوليءَ ۾ "اريٽيشن" چئبو آهي.

اهڙيءَ طرح آمريڪا طرفان پاڪستان جي فوجي امداد بند ڪرڻ جي فيصلي کان انهن ماڻهن کي صدمو پهتو، جيڪي ائين سمجهي وينا هئا ته خاص تعلقات وارا پرسڪون ڏينهن وري واپس اچي رهيا آهن. عالمي طاقتون ڪڏهن به خفگيءَ کان ڪو قدم نه کڻنديون آهن، ۽ نه وري اهي ڪن مجبورين جي دٻاءُ ۾ اچي پنهنجن حقيقي مقصدن کي نظرن کان دور ٿيڻ ڏينديون آهن. ڪن موقعن تي اهي رڪاوٽن کي هٽائڻ يا غلط فهمين کي دور ڪرڻ لاءِ وقت ونڊنديون آهن، پر اها ڳالھ انهن جي سياست جو فقط ٻاهريون ڏيک هوندي آهي. جنهن جي پٺيان گهرا مقصد پوشيده هوندا آهن. جيئن ته اها دعويٰ ڪئي وڃي ٿي ته فوجي امداد بند ڪرڻ جو فيصلو هندستان ۽ پاڪستان جي درميان تعاون پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيو وڃي ٿو، ان ڪري هن ڳالھ جو جائزو وٺڻ ضروري آ هي ته انهيءَ " تعاون " مان مراد ڪهڙي آهي ۽ ڇو انهيءَ لفظ تي ايترو گهڻو زور ڏنو پيو وڃي.

"ڪنفيڊريشن" يعني بين الاقوامي رياست جو نمونو ۽ "ڪنڊومينيم " يعني چند طاقتن جي انتظام هيٺ رهندڙ رياست جهڙا اصطلاح هاڻي پراڻا ٿي چڪا آهن. ان کان سواءِ،

هن نندي کنڊ ۾ انهن جي متعلق اهڙي قسم جا تاريخي تعصيب موجود آهن، جو انهن جو استعمال مشڪوڪ ٿي پيو آهي. هڪ پيرو ذهنن جو ميلاپ ٿي وڃي، ۽ هڪ مشترڪ مقصد ٿي پوي ته آئيني ٻوليءَ ۾ تعاون جي ترجمي ڪرڻ لاءِ ڪليا هميشه هٿ اچي سگهندا آهن. اهم ڳالهه تعاون جو ٻاهريون اظهار نه، بلڪ ان جو حقيقي مادو آهي. اهڙا ملڪ به آهن، جن جون وفاقي يا نيم وفاقي جوڙجڪون سندن ميمبر ملڪن جي درميان خوشگوار تعلقات پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت نه ٿينديون آهن. نائجيريا کي هڪ اهڙي ملڪ جي مثال طور وٺي سگهجي ٿو، جنهن ۾ وفاقي اِڪاين جي درميان اندروني اختلاف بدستور مشڪلاتون پيدا ڪري رهيا آهن. ٻئي طرف، ڪئناڊا ۽ آمريڪا جيتوڻيڪ ڪنهن آئيني ناهه ذريعي هڪٻئي سان ڳنڍيل ناهن، ان جي باوجود انهن جي تعاون جو انداز رسمي انتظامن جي طور ۽ طريقن کان گوءِ کڻي وڃي ٿو.

آمريڪي نقطه نظر جي خيال کان زياده رسمي ۽ مقرره معاهدن کي غور هيٺ آڻڻ کان اڳ ۾ ذهنن جو ميلاپ ضروري آهي. انهيءَ رخ ۾ پهرئين قدم طور چڪتاڻن کي هلڪو ڪرڻ، ۽ تڪرارن کي دٻائڻ گهرجي. جڏهن ٻن ملڪن جون فوجون هڪٻئي جي سامهون نه رهنديون آهن، تڏهن اهي ملڪ مشترڪ مقصدن طرف ڌيان لڳائي سگهندا آهن، بجاءِ ان جي جو اهي دقيانوسي قسمن جي قانوني معاهدن لاءِ پنهنجي محنت ۽ ڪوشش ضايع ڪن، جن مان فقط شڪ شبها مضبوط ٿيندا آهن ۽ تعصب پڙڪندا آهن. جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان پنهنجا اختلاف هڪ طرف رکي ڇڏين، ته اها ڳالهه بذات خود تعاون جي هڪ سلبي صورت آهي. تڏهن ئي انهن کي هڪ فرضي مشترڪ دشمن، يعني ڪميونسٽ چين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪنو ڪري سگهجي ٿو. آمريڪا جي نقط نگاه کان جيڪڏهن هڪ پيرو تعلقات جو رخ بدلجي وڃي ته تعاون لاءِ هڪ وڏيڪ وسيع ميدان پيد اڪرڻ جو ڪم وڏي حد تائين آسان ٿي پوي ٿو، ايتريقدر جو مستقبل ۾ تعلقات ڪنهن آئيني رابطي جي حد تائين پهچي سگهن ٿا. انهيءَ مقصد لاءِ هڪ لازمي ابتدائي قدم طور هندستان ۽ پاڪستان جي درميان تعاون پيدا ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ٿيندي رهي آهي.

----------

(1) ڊان ڪراچي، 11- اپريل سن 1964.
(1) ڊان. ڪراچي 11-اپريل سن 1964.
(1) ڊان، ڪراچي ٣- آگسٽ 1963.
(1) ڊان، ڪراچي ١٩- سيپٽمبر ١٩٦٣ع.
(1) انٽرنيشنل هيرالڊ ٽربيون، 22-23 جولاءِ 1967,ص-4.

## باب ڇهون
## پاڪستان کي هندستان جي قيادت جي حلقي ۾
## آڻڻ جي آمريڪي حڪمت عملي

جڏهن سياست ٽڪجي پوندي آهي، تڏهن طاقت پنهنجو قدم ميدان ۾ رکندي آهي. جيڪڏهن هندستان پاڪستان جي درميان تعاون پيدا ڪرڻ جون سڀ ڪوششون ناڪام ٿي وڃن، ته پوءِ زبردستيءَ وارين تدبيرن کي امڪان جي حد کان خارج سمجهڻ نادانيءَ جو دليل آهي. ان جو هرو ڀرو اهو مطلب ناهي ته آمريڪا، جنهن جا مقصد هندستان سان پوري طرح نه ٿا نهڪن، مايوس ٿي اهڙيون حالتون پيدا ڪندي، جيڪي. هندستان کي انهيءَ قابل بڻائي ڇڏينديون، جو هو پاڪستان جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي يا ان کي تباهه ڪري ڇڏي. ان هوندي به جيڪڏهن سيپٽمبر 1965ع جا سبق ياد رکيا وڃن ته پاڪستان لاءِ خارجه پاليسي ۽ دفاعي حڪمت عمليءَ جي تڪ تور ۾ هن امڪان کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏڻ عاقبت نا انديشي ٿيندي.

موجوده حالتن جي امڪاني نتيجن جي وضاحت لاءِ اڳين بابن ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا جي باهمي تعلقات جي تاريخ جو خاڪو پيش ڪيو ويو آهي. هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي. جڏهن اسان آزادي حاصل ڪرڻ جي ٻن ڏهاڪن کان پوءِ، واقعن طرف زياده باقاعدگيءَ سان توجهه ڏيون ۽ مسئلن جي طرف جوشيلي ۽ اڇاتري عارضي رد عمل جي پراڻي عادت کي ڇڏي ڏيون.

ظاهري طور، 12- اپريل سنه1965 ع واري فيصلي جو مقصد هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هٿيارن گڏ ڪرڻ جي ڊوڙ تي بندش وجهڻ ۽ انهن جي درميان هڪ وڏيڪ جنگ کي روڪڻ هو. انهيءَ سان اهو مقصد پڻ منسوب ڪيو ويو ته دفاعي خرچ جي رقمن کي زرعي ۽ صنعتي ترقيءَ طرف موڙيو وڃي. بهرحال، ڀهريائين ته هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هٿيارن جو ” توازن“ ئي جنگ جي امڪان کي گهٽائي سگهي ٿو. انهيءَ حقيقت جي تصديق اسان کي گذريل ويهن سال جي تجربي مان ٿئي ٿي. ننڍي کنڊ کان ٻاهر، ۽ تمام وڏي پئماني تي، سوويت يونين ۽ آمريڪا جي درميان هٿيارن جو جيڪو توازن موجود آهي، سو ڪين جنگ طرف نه، بلڪ مفاهمت جي طرف وٺي آيو آهي. عام طور تي جنگ ڪرڻ جي ترغيب ته ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن فوجي عدم توازن هوندو آهي. ڪجهه عرصي کان پوءِ آمريڪي فيصلي جو اثر، هڪ اهڙي صورتحال پيدا ڪندو، جنهن ۾ پاڪستان کي ضرب لڳائڻ لاءِ هندستان مضبوط پوزيشن ۾ هوندو. انهيءَ ڪري هيءَ ڳالهه ڪا لازمي نه ٿي ٿئي ته هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هٿيارن جي ڊوڙ، خود بخود ڪين جنگ جي طرف ڇڪي آڻيندي. هيءُ پڻ دليل ڏنو ويو آهي ته هٿياربند فوجن کي گهٽائڻ ذريعي به هٿيارن جو توازن حاصل ڪري سگهجي ٿو. اهو خيال ڪيتريقدر خطرناڪ ۽ ناقابلِ عمل آهي، سو اڳتي هلي ثابت ڪيو ويندو. فقط چوڪسيءَ ۽ تياريءَ سان ئي جنگ کي روڪي سگهجي ٿو. نه

فوجن جي ٻه- طرفي ڪمي ۽ نه هندستان جي حق ۾ ڪا برتري، جنگ جي مصيبت ڪي ٽاري سگهي ٿي. اجا به وڌيڪ واضح هي مغالطو آهي ته آمريڪا جو فيصلو هندستان ۽ پاڪستان جي درميان جنگ کي روڪڻ لاءِ ڪيو ويو هو. هٿيارن جي ڊوڙ کان قطع نظر پڻ، هندستان ۽ پاڪستان مستقل طور باهمي دشمنيءَ يا شديد مقابلي جي حالت ۾ مبتلا رهيا آهن، فقط ڇڪتاڻ جي درجي ۾ فرق رهيو آهي. اِنهن جا تعلقات ڪڏهن به معمول تي نه آيا آهن، نه وري انهيءَ وقت تائين معمول تي اچي سگهن ٿا، جيسين اهي بنيادي جهڳڙا نٽا نبيريا وڃن، جيڪي ورهاڱي جي وقت کان وٺي اندرئي اندر دکندا رهيا آهن. آمريڪا هميشه انهيءَ ڀڙڪي اٿڻ واري صورتحال کان باخبر رهي آهي، پر ان جي باوجود هن پاڪستان سان باهمي دفاعي ناهه ڪيا آهن، ۽ سيٽو ۽ سينٽو ۾ پاڪستان جي شموليت جو خير مقدم ڪيو آهي. درحقيقت، آمريڪا ته انهيءَ حد تائين به ويئي، جو ان پاڪستان کي اهو يقين ڏياريو ته هندستان جي طرفان اڳرائيءَ جي صورت ۾ اها پاڪستان جي مدد ڪندي. آزاديءَ واري وقت کان وٺي، هندستان ۽ پاڪستان پنهنجين هٿياربند فوجن کي مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو ۽ آمريڪا ئي هٿيارن جي انهيءَ ڊوڙ ۾ وڏي مدد گار رهي. اسان جي انتهائي ڪشيدگين جي دوران، آمريڪائي هٿيارن پهچائڻ جو سيني کان وڏو ذريعو بني رهي. سن1954ع ۾، دفاعي معاهدن جي طئي ٿيڻ کان پوءِ آمريڪا پاڪستان کي فوجي سازو سامان مهيا ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪا ڳالهه هندستان کي سخت ناگوار گذري. سن 1962ع ۾ چيني- هندستاني ٽڪراءَ کان پوءِ، آمريڪا هندستان کي فوجي امداد ڏيڻ شروع ڪئي ۽ هن انهيءَ سلسلي ۾ پاڪستان جي هنن احتجاجن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو ته اها امداد هندستان کي اڳرائي ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي. سن 1967ع جي تصادم کان پوءِ، وچ اوير ۾ هٿيارن جي آمدورفت تي تبصرو ڪندي، جيمس ريسٽن طرفان سندس معقول راءِ جو اظهار هن طرح ڪيو ويو:

”انتظاميه هڪ ئي وقت تي سيني قسمن جي ملڪن ۾ جديد توڙي قديم هٿيارن جي ذخيره اندوزي خلاف تقريرون به ڪري رهي آهي، ۽ مستقل مزاجيءَ سان وڌيڪ ۽ اجا وڌيڪ هٿيارن سان جهاز ڀري موڪلي به رهي آهي. دراصل، آمريڪا هن وقت دنيا جي بين سيني ملڪن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ملڪن ڏانهن وڌيڪ هٿيار موڪلي ٿي.

”حقيقتون چرڪائيندڙ آهن:1949ع کان وٺي جون 1966ع تائين، فقط هڪ آمريڪي حڪومت ( خانگي هٿيارن وڪڻندڙن جو شمار نه ڪندي) 16-ارب10- ڪروڙ ڊالرن جا هٿيار بين ملڪن کي فروخت ڪيا ۽ 30ارب ۽ 20ڪروڙ ڊالرن جا هٿيار مفت ڏنا. 46-ارب 30- ڪروڙ ڊالرن جي اها رقم، ساڳئي عرصي ۾ بين ملڪن کي آمريڪا جي طرفان ڏنل انهيءَ اقتصادي امداد ۽ قرضن جي رقم کان 4-ارب ڊالر وڌيڪ آهي، جيڪا 1948ع جي وچ کان وٺي ڏني ويئي آهي ۽ جنهن ۾ نمايان طور ڪامياب ٿيل ” مارشل پلان[(1)] پڻ شامل آهي.“

آمريڪا هنن دليلن جي بنياد تي هٿيار ڏيڻ بند نہ ٿي ڪري سگهي تہ انهيءَ جي نتيجي ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هٿيارن جي ڊوڙ شروع ٿي ويندي، نہ وري ڪنهن سنجيدگيءَ سان اها حجت پيش ڪري سگهجي ٿي تہ پاڪستان لاءِ فوجي امداد بند ڪرڻ جو فيصلو، جنگ جي تدارڪ يا جنگ جي طرف وڌي وڃڻ واري هٿيارن جي ڊوڙ جي پيش بنديءَ خاطر ڪيو ويو آهي.
ترڪي ۽ يونان آمريڪا کان هٿيارن جي تمام وڏي امداد حاصل ڪن ٿا، ۽ اهي هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرو قبرص جي مسئلي تي جنگ جي ڪناري تائين بہ پهچي چڪا آهن. ان هوندي بہ آمريڪا انهن ٻن ملڪن منجهان ڪنهن بہ هڪ جي فوجي امداد معطل نہ ڪئي آهي. اهو فرق هن ڪري روا رکيو ويو آهي، جو هاڻي سرد جنگ جو مرڪز يورپ کان ايشيا ڏانهن منتقل ٿي چڪو آهي، جتي ڪميونزم جي خلاف جدوجهد جي معني هاڻي، دراصل عوامي جمهوريہ چين جي خلاف جدوجهد ٿي وئي آهي.
هن ڳالهہ تي پڻ سنجيدگيءَ سان دليل ڏنئي نٿو سگهجي تہ فوجي امداد هن ڪري بند ڪئي وئي آهي جو دفاعي خرچن کي اقتصادي ترقيءَ جي طرف هن نيڪ مقصد سان منتقل ڪيو وڃي تہ هندستان ۽ پاڪستان کي وڌيڪ آسودو بنايو وڃي. شروعات کان وٺي ئي هندستان ۽ پاڪستان پنهنجي آمدنيءَ جي ذريعن جو هڪ وڏو حصو بچاءَ تي خرچ ڪندا رهيا آهن، پوءِ بہ ڪيترن ئي سالن تائين آمريڪا ٻنهي ملڪن کي سياسي يا اقتصادي شرطن کان سواءِ ئي فراهم ڪندي رهي آهي. پاڪستان ۽ هندستان اوچتوئي اوچتو تہ غريب نہ ٿي ويا آهن. ڏڪار ۽ غربت کي نوان ۽ عجيب آثار بہ نہ آهن، جو انهن آمريڪي ضمير کي هن لاءِ بيدار ڪري، دفاعي خرچن ۾ ڪمي آڻڻ طرف مائل ڪيو تہ جيئن اها رقم ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ خرچ ڪئي وڃي. جيڪڏهن آمريڪي حڪومت سچ پچ اهو محسوس ڪيو هجي ها تہ پاڪستان جي اقتصادي خوشحاليءَ کي سندس علاقائي سالميت تي ترجيح حاصل آهي تہ اها ٻن اهڙن غريب ملڪن کي، جيڪي تاريخي اعتبار کان هڪٻئي جا حريف آهن، ايڏي ڊگهي عرصي لاءِ ايڏي ڀاري مقدار ۾ فوجي امداد هرگز نہ ڏئي ها. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي کان پوءِ هر هنڌ جي قومن ڏٺو آهي تہ اقتصادي ڪمزوري، غير ملڪي مداخلت لاءِ دروازا کولي ڇڏي ٿي. جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان اقتصادي طور خود ڪفيل هجن ها تہ انهن جي سر زمين تي ڪنهن غالب ٻاهرين طاقت جي موجودگي ممڪن نہ ٿئي ها. اهڙيءَ طرح اهي اسباب، جيڪي غير ملڪي مداخلت کي ڪشش ڪن ٿا، سي انهن طاقتن لاءِ اڻ وٽندڙ ٿي نٿا سگهن، جيڪي ٻين رياستن جي معاملن ۾ پنهنجو اثر و رسوخ وڌائڻ چاهينديون آهن. اهڙين طاقتن جي مفادن ۽ سندن طرفان بيمارين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ابتدائي تضاد ٿيندو، جيڪي مداخلت کي دعوت ڏين ٿيون ۽ جيڪي غير ملڪي اثر و رسوخ کي وڌائڻ جون ذميواري هونديون آهن.

اهڙين طاقتن جي مفادن ۽ سندن طرفان بيمارين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ابتدائي تضاد ٿيندو، جيڪي مداخلت کي دعوت ڏين ٿيون ۽ جيڪي غير ملڪي اثر و رسوخ کي وڌائڻ جون ذميواريون هونديون آهن.

پوءِ پلا ڪهڙي چيز آمريڪا جي تاريخي حيثيت ۾ اهڙي وڏي تبديلي پيدا ڪئي آهي؟ ننڍي کنڊ ۾ ڪو به اهڙو نمايان نئون عنصر موجود ڪونهي، جيڪو انهيءَ تبديليءَ جو باعث هجي. آمريڪا جي پنهنجي فوجي امداد سان وارد ٿيڻ کان ڪيئي سال اڳي ئي هندستان ۽ پاڪستان 1948ع ۾ جنگ ۾ مشغول هئا. انهن جي درميان هٿيارن جي ڊوڙ، انهيءَ وقت کان اڳي شروع ٿي چڪي هئي، جڏهن آمريڪا جي مداخلت ان کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو ۽ انهن ملڪن ۾ افلاس ته انهيءَ وقت کان گهٽو اڳي موجود هو، جڏهن آمريڪا انهن جي دفاعي خرچن جي رخ بدلائڻ جي ڪوشش، انهن جي معاشي بيمارين جي علاج خاطر ڪئي. سڀ پراڻيون حالتون اڳي وانگر ئي قائم رهيون. البت، نوان عناصر ننڍي کنڊ کان ٻاهر اپريا آهن ۽ انهن جي انهيءَ ظهور ننڍي کنڊ جي انهن مسئلن کي، جيڪي اڳي ئي موجود هئا، هڪ مبالغه آميز رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ انهن جي باري ۾ هڪ نئين اهميت جو احساس پيدا ڪيو آهي. اهي خارجي عناصر، جن جي ڪري واشنگٽن ۾ هڪ عام نئين تشخيص وجود ۾ آئي آهي. سي ويٽ نام جي جنگ ۽ ايشيا ۾ چين جي وڌندڙ طاقت آهن. انهيءَ صورتحال کي گرفت ۾ رکڻ ضروري آهي، ۽ هندستان ۽ پاڪستان جي تعاون کان سواءِ اثرائتي انداز ۾ ائين ڪرڻ ممڪن ناهي.

اهي عناصر سن 1954ع ۾ موجود نه هئا ۽ 1962ع ۾ انهن جي اها اهميت ڪانه هئي، جيڪا اڄ آهي. پر ماضي قريب جي حالتن ڪري گهٽائي فيصلا ضروري ٿي پيا آهن، جن ۾ اهو فيصلو پڻ شامل آهي، جنهن جو 12- اپريل سن1967ع تي اعلان ڪيو ويو هو. اهو چوڻ صحيح ناهي ته آمريڪا هن ننڍي کنڊ کان بيزاريءَ جي حالت ۾ دستبردار ٿيڻ چاهي ٿي. ڪنهن به ٻئي ملڪ طرفان هنن ٻن ملڪن (پاڪستان ۽ هندستان) ۾ پنهنجو اثر و رسوخ وڌائڻ لاءِ ايتريون شديد ڪوششون نه ڪيون ويئون آهن، پوءِ به آمريڪا هڪ اهڙو فيصلو ڪيو آهي، جيڪو سطحي طور تي هن علائقي کان، جيڪو وڏين طاقتن ۽ ترقي پذير ملڪن جي درميان ميلاپ ۽ تعلق جو سڀني کان وڌيڪ حساس علائقو آهي، سندس ڪناره ڪش ٿيڻ جو تاثر ڏئي ٿو. ڇا هيءُ دليل ڏيئي سگهجي ٿو ته آمريڪا جي نظر ۾ صورتحال ايتريقدر مايوس ڪندڙ آهي، جو ان ۾ وڌيڪ سرمائي جي سيڙپ بيڪار ٿيندي؟ ڇا اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي ته دنيا جي سڀني کان وڏي طاقت سٺ ڪروڙ انسانن ۽ جنگي اهميت جي هڪ ننڍي کنڊ کي اوچتوئي اوچتو پنهنجي ڪاتي مان ڪڍي ڇڏيندي؟انهيءَ قسم جي دستبرداري بحث کان خارج آهي، خصوصا اهڙي وقت ۾، جڏهن آمريڪا وڏي وضاحت سان چئي ڇڏيو آهي ته اها ڪميونزم لاءِ ڪو به خال نه ڇڏيندي. آمريڪا جو بنيادي مقصد

اجا تائين اهوئي آهي ته اها هِن ننڍي کنڊ ۾ پنهنجو اثر و رسوخ وڌائي ۽ ان کي ايشيا ۾ ”آزاد دنيا“ جومضبوط قلعو بنائي.
اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي هندستان ۽ پاڪستان کي فوجي امداد بند ڪرڻ جي فيصلي جي اعلان کان فقط اٺ ڏينهن اڳي
آمريڪا جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ مسٽر ڊين رسڪ پاڪستان ۽ هندستان کي اپيل ڪئي هئي ته ”اهي ننڍي کنڊ ۾ حقيقي تعاون لاءِ ڪوئي رستوڳولين“، ۽ هن ايوان نمائندگان جي خارجه معاملات جي ڪاميٽيءَ کي اهوبه ٻڌايو هو ته ” اهڙو تعاون آزاد دنيا جي طاقت لاءِ هڪ مضبوط پشت پناه بنجي پوندو“.
گهڻو وقت نه گذريو ته هڪ آمريڪي صدر چيو هو ته جيڪڏهن ننڍو کنڊڪميونزم جي قبضي ۾ هليو ويو ته ايشيا کي قبضي ۾ رکڻ ممڪن نه رهندو. جيڪڏهن آمريڪا سڄيءَ دنيا ۾ جنگ جي باهه ڦهلجڻ جو خطرو فقط هن ڪري سِر تي کڻڻ لاءِ تيار آهي ته ويٽ فام ۾ ڪميونزم جي خلاف پنهنجو محاذ قائم رکي ته ڇا، هيءَ ڳالهه امڪان جي حد ۾ آهي ته هوءَ ننڍي کنڊ مان نڪري ويندي ۽ اهڙيءَ طرح ايشيا ۾ هميشه لاءِ پنهنجي حيثيت کي ختم ڪندي؟ هيءَ ڳالهه صاف طور سمجهڻ گهرجي ته فوجي امداد جي خاتمي جو اعلان، پنتي هٽڻ جو اعلان نه، ان جي برعڪس اهو طاقت جو کليو کلايو مظاهرو آهي، ۽ ان جي چنبي ۾ آيل ملڪن لاءِ هڪ الٽيميٽم ! ماضيءَ ۾ آمريڪا هيءُ موقف اختيار ڪندي هئي ته اها هندستان ۽ پاڪستان تي سندن باهمي جهڳڙن جي نبيري ڪرڻ لاءِ پنهنجو اثر استعمال ڪرڻ کان قاصر آهي، خاص طور سان هن ڪري، جو ان جي طرفان امداد جو مطلب ڪنهن ملڪ تي دباءُ وجهڻ نه هو. انڪري هوءَ دباءُ وجهڻ جي پنهنجي قوت کي استعمال ڪرڻ کان پرهيزڪندي رهي. هڪ ملڪ ۾ سندس طاقتور ۽ ٻئي ملڪ ۾ ان جي مقابلي ۾ ذرهڪمزور موجودگي، تعزيري اقدامات جي تقاضائن کي پورو نه پئي ڪريسگهي. ان جي باوجود وقت گذرڻ سان گڏو گڏ، ٻنهي ملڪن ۾ آمريڪا جوعمل دخل گهرو ٿي ويو آهي، ۽ هاڻي آمريڪا محسوس ڪري ٿي ته پهريون دفعو سندس اثر و رسوخ ايترو زياده ٿي ويو آهي، جو اها هڪ ئي وقت تي ٻنهي ملڪن تي دباءُ وجهڻ جي همت ڪري ڪين ملائڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿي.
1962ع جي چيني– هندي تصادم ۽ ان جي نتيجي طور هندستان جي وقار ۾ آيل زوال کان پوءِ آمريڪا طرفان اتي آهستي آهستي وڏي اثر و رسوخواري حيثيت اختيار ڪئي ويئي آهي. هندستان کي خوراڪ جي انهن هڪ ڪروڙ ٽنن ڪانسواءِ، جيڪي آمريڪا ان کي هر سال موڪليندي آهي، ۽ جيڪي فقط آمريڪا ئي موڪلي سگهي ٿي، ناقابل برداشت تڪليفن جومقابلو ڪرڻو پوندو.

جيڪڏهن گڏريل قرضن ۽ انهن جي وياج جي ادائگيءَ جي مسئلن کي نظرانداز ڪيو وڃي، ۽ هندستان جي اندروني خلفشار جو پڻ خيال نہ رکيو وڃي، تڏهن بہ آمريڪا وٽ هن جي موجوده محتاجي ۽ پاڪستان جي دستور موجب آمريڪا تي انحصار، انهيءَ ملڪ کي هي باور ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهن تہ ان جي موجوده فائديمند حيثيت جو هميشہ لاءِ برقرار رهڻ قرين قياس ناهي. ٻنهي ملڪن کي ملڻ واري امداد، اڄ ڪان اڳي ڪڏهن بہ وڏيڪ ڪانہ ٿي آهي، ۽ ان جي نتيجي ۾ انهن جي محتاجي بہ، هن ڪان وڏيڪ اڳي ڪڏهن بہ ڪانہ ٿي آهي، ۽ آمريڪا ننڍي کنڊ ۾ تعلقات جون ڪجھ فوري تبديليون چاهي ٿي. عالمي توڙي علاقائي، ڊگهي عرصي لاءِ فوري، مطلب تہ هر خيال ڪان، پاڪستان ۽ هندستان کي ايشيا ۽ ٻين ملڪن ۾ آمريڪي مقصدن جي حصول خاطر نيٺ گڏ ڪيو وڃي. هاڻي وقت آهي تہ گڏريل ٻن ڏاڪن جي عظيم سرمايہ ڪارين جو نفعو وصول ڪيو وڃي.“

سوويت يونين پڻ هندستان ۽ پاڪستان جي باهمي جهڳڙي جو نبيرو چاهي ٿي، پر ان جا اسباب مختلف آهن. هڪ حد تائين تہ ٻنهي عالمي طاقتن جا مفاد هڪجهڙا ۽ ساڳيا آهن. 12-اپريل 1967ع تي واشنگٽن ۾ جاري ڪيل بيان ۾ اعلان ڪيو ويو آهي تہ آمريڪا جي هندستان ۽ پاڪستان جي فوجي امداد بند ڪرڻ جي فيصلي تي، ٻين ملڪن ڪان علاوه سوويت يونين سان پڻ مشورو ڪري ان کي باخبر ڪيو ويو هو. جيڪڏهن ٻيئي عالمي طاقتون هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هڪ فيصلي کي زبردستيءَ مڃائڻ تي پاڻ ۾ رضامند آهن تہ پوءِ ان جي معني' اها آهي تہ پاڪستان کي وڏيڪ قربانيون ڏيڻيون پونديون، ۽ ان کي عوامي جمهوريہ چين سان دوستيءَ جي رستي تي وڏيڪ دليريءَ سان هلڻو پوندو. ان جي باوجود سوويت يونين جو عمل آمريڪا سان باهمي رضامنديءَ جو نہ ٿيو، ۽ جيڪڏهن اهو قبول ڪرائڻ تي زور ڏيڻ ۾ تعاون نہ ڪري تہ اهڙيءَ صورت ۾ پاڪستان لاءِ پنهنجي غير جانبداريءَ کي قائم رکڻ ۾ گهٽ مشڪل پيش ايندو.

روس، آمريڪا ۽ چين جي اثر کي روڪڻ لاءِ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان امن چاهي ٿو. آمريڪا انهن ٻنهي ملڪن جي درميان هن ڪري امن چاهي ٿي تہ هو ان جي ذريعي سوويت اثر و رسوخ کي ننڍي کنڊ ۾ ڦهلجڻ کان روڪي، هندستان ۽ پاڪستان کي مشترڪ طور مقابلي ۾ ڪٺو ڪري. اهو آهي اهم ترين فرق، ۽ جيڪڏهن چين ۽ روس جا اختلاف ايتريقدر گهرا نہ ٿي وڃن ها، تہ اهو فيصلہ ڪن ٿئي ها. سوويت يونين جي طرف کان هن ڳالھ جو گهٽ امڪان آهي تہ اها پاڪستان تي آمريڪا جهڙي شدت سان هندستان جي مقابلي ۾ گهٽ حيثيت قبول ڪرڻ لاءِ زور ڏي، ۽ چين سان کلم کلا دشمنيءَ جو رويو اختيار ڪري. ان جي برعڪس آمريڪا کي هن ۾ دلچسپي ٿيندي تہ پاڪستان هندستان سان تعاون ڪري ان طرح هو انهيءَ طرف کان چين جي چوڌاري وڏل گهيري کي مڪمل ڪري. هند و پاڪستان جو ننڍو کنڊ ئي هڪ اهڙو خال رهجي ويو آهي، جنهن کي پر ڪرڻ باقي آهي. فقط وقت ئي ڏيکاريندو تہ سوويت

يونين آمريڪا سان پنهنجي مشترڪ مفاد جي هڪ حصي جي تڪميل لاءِ ڪيستائين تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ٿي سگهي ٿو ته سوويت يونين جو موقف ڪجهه عرصي تائين آمريڪا جي موقف جي قريب رهي، پر هن ڳالهه جو امڪان گهٽ آهي ته مفاد جي قريب غير معين مدت تائين باقي رهي. هاڻي، سوويت يونين لاءِ يقينا اهو وقت اچي ويو آهي ته اها پنهنجي عالمي ڪردار جو نئين سر تعين ڪري، ۽ انهن شڪن ۽ شبهن کي دور ڪري. جيڪي ان آمريڪا جي ڳالهين ۾ اچي هڪ جي پنيان ٻي سودي بازيءَ ۾ قاسي پيدا ڪيا آهن. بهرحال، مستقبل ۾ سوويت يونين سان زياده فائديمند تعقات طئي ڪرڻ لاءِ پاڪستان وٽ داءُ پيچ لڙائڻ جي ڪافي گنجائش آهي. پر جيڪڏهن وقت ۽ موقعو هٿن مان نڪرڻ ڏنو ويو ته دير مدار سان ڪيل اقدامات بي معنيٰ رهجي ويندا، ۽ اهو پاڪستان جي سياست لاءِ هڪ تمام وڏو الميو ٿيندو.

آمريڪا جو موقف وڏيڪ واضح آهي. اها جنهن ڳالهه جي ڪدِ آهي، سا ڳالهه ان جي بلند ترين عالمي مفاد جي عين مطابق آهي ۽ انهيءَ حد تائين اها سمجهڻ لائق آهي. هيءَ حقيقت، ته پاڪستان کي ان جي تمام وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي، سا فقط پاڪستان جي عوام سان تعلق رکي ٿي. بهتر ائين ٿيندو ته اسين احتجاجن جي طوفان ڪڙي ڪرڻ بدران، جيڪو قومي مقصد جو ڪو به فائدو ڪرڻ کان سواءِ دٻجي وڃي ٿو، انهيءَ وڏي آزمائش جو غير جذباتي انداز ۾ مقابلو ڪريون. آمريڪا سان پاڪستان جي تعلقات جي دوران ۾ هيءُ ڪو پهريون بحران ناهي. انهيءَ قسم جو طر ز ِ عمل ڪافي عرصي کان وٺي خاصو واضح رهيو آهي. آمريڪا طرفان ڪيل هرنئون عمل، متعين مقصدن لاءِ ڪيو ويو آهي. هر بحران جي پنيان گوڙ شور وارن اخباري تبصرن ۽ بيانن جو طوفان ڪڙو ڪيو ويو آهي. جن کي بعد ۾ حفاظت سان دفترن ۾ داخل ڪيو ويو آهي. انهيءَ کي "خوش ڪريو— نونشو هٽو" قسم جو طريقو چئي سگهجي ٿو، ۽ اهو هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن سان پاڪستاني رهنمائن کي منجهائي، اتان جي عوام جي عزت کي مڪمل سودي بازيءَ جي خلاف ڪمزور ڪيو وڃي ٿو.

پاڪستان کي عالمي گروه بنديءَ طرف ڌڪي وڃڻ لاءِ قدم کنيو وڃي ٿو، جنهن جي خلاف وڏي واڪي وارا، پر غير مؤثر احتجاج بلند ڪيا وڃن ٿا. پوءِ پاڪستان س جي سرڪاري ترجمان کي سندن ڪم تي واپس وڃي ويهڻ لاءِ آماده ڪرڻ واسطي، پاڪستاني حڪومت جي آڏو هڪ "اقتصادي گجر " لوڏائي وڃي ٿي( سبز باغ ڏيکاريا وڃن ٿا). انهن ترغيبن ڪيئي شڪليون اختيار ڪيون آهن، مثلا " پي. ايل. 48" جي تحت خوراڪ جي فراهمي، جنهن جا شرط آمريڪا جي سياسي ضرورتن مطابق بدلبا رهن ٿا، رٿائن ۽ شين جي صورت ۾ امداد، جن جو تعين عالمي بئنڪ جي تحت قائم ٿيندڙ ڪنسوريشم جي ششماهي اجلاس ۾ علحده ۾ علحده مشترڪ، ٻنهي نمونن سان ڪيو وڃي ٿو. ڪنسوريشم کان ٻاهر رٿابنديءَ جي امداد جو طريقو، جنهن کي سنڌو ماتريءَ جي معاهدي ۾ سر ۽ ڪلر جي رٿائن جي سلسلي ۾ استعمال ڪيو ويو آهي، پاڪستاني رپئي لاءِ سهاري، ۽ ڳوناڻي ترقي يا انهيءَ قسم جي ٻين رٿائن لاءِ

ڪائونٽر پارٽ سرمايہ جو استعمال. پوءِ مناسب وقت گذري وڃڻ کان پوءِ هڪ ٻيو نونشو لڳي ٿو، جنهن تي احتجاج شروع ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن تي وري ڪي ٻيون اقتصادي ملمون رکي ڪين ٽڏو ڪيو وڃي ٿو، ۽ اهڙيءَ طرح سان قافلو پنهنجي منزلِ مقصود طرف هلندو رهي ٿو. انهيءَ قسم جي ڪارروائي نومبر 1959 ع ۾ ان وقت شروع ڪئي ويئي، جڏهن هندستان ۽ چين جي درميان لداخ جي مٿانهن پٽن جي چوٽين تي سرحدي جهڙپ ٿي هئي. موجوده صورتحال، بدليل حالتن جو محض هڪ اڻٽر نتيجو آهي. نين حالتن نندي ڪنڍ ۾ آمريڪا جي مقصدن ۾ تبديلي آندي آهي ۽ انهيءَ ڪري پاڪستان کي هڪ کان پوءِ ٻيو بحران ڏسڻو پيو آهي.

آمريڪا جي رويي ۾ تبديلي اچڻ سان، غير جانبداري ۽ علحدگي، جن کي ڊلس ڪنهن زماني ۾ غير اخلاقي سڏي انهن جي مذمت ڪئي هئي، تن کي هاڻي عزت جي نگاهن سان ڏسڻ شروع ڪيو ويو. دنيا کي هندستان جي اهميت، سندس علائقي جي وسعت، ۽ ان جي تمام وڏي آدمشماريءَ جي اهميت ياد ڏياري ويئي. ان کي ايشيا ۾ جمهوريت جي نمائشي مثال طور پيش ڪرڻ لاءِ ڪيئي اهم سبب هئا. سن 1961ع ۾ غير منسلڪ هندستان کي منسلڪ پاڪستان کي ترجيح ڏيندي، ان لاءِ غير متناسب انداز ۾ اقتصادي امداد مقرر ڪئي ويئي. پر پاڪستان سوويت يونين ۽ چين سان رابطو قائم ڪري پنهنجي نقصان جي تلافي ڪانہ ڪئي. انهن ڏينهن ۾ روس جو جواب شايد اسان جي حال جي موافق هجي ها، ڇاڪاڻ تہ چين ۽ روس جي درميان اختلافات اڃا منظر عام تي نہ آيا هئا، ۽ روس ۽ آمريڪا جي درميان وقتي ناهہ جي تشڪيل اڃا پوري نہ ٿي هئي، پر پاڪستان فقط فرسوده ڪاغذي پروپئگنڊا سان ئي پنهنجو رد عمل ڏيکاريو، جنهن کي جلد ئي ڪجهہ اقتصادي امداد غلامانہ انداز ۾ قبول ڪرائي، خاموش ڪيو ويو. ان کان پوءِ ٻيو ڌڪوئيندڙ نونشو 1962ع واري چيني- هندستاني سرحدي تنازعي جي دوران لڳو، جڏهن آمريڪا موقعو وٺي پاڪستان سان ڪيل پنهنجن وعدن جي خلاف هندستان کي تمام گهڻي فوجي امداد پهچائي. ان کان پوءِ وري هڪ اهڙو ڊگهيءَ مدت وارو فوجي امداد جو معاهدو غير منسلڪ ۽ غير جانبدار هندستان سان ڪيو ويو، جنهن مان منسلڪ پاڪستان کي خطرو لاحق ٿيو ۽ جنهن مان اڳواٽن وعدن جي ڀڃڪڙي ٿي رهي هئي. مختصر اهو تہ نندي ڪنڊ ۾ هٿيارن جي جنوني ڊوڙ جي شروعات ۽ همت افزائي آمريڪا جي هٿان ٿي.

پوءِ، سن 1965ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان جنگ ڇڙي. جيڪڏهن اسان انهيءَ جنگ مان ڪافي سبق نہ سکيو، تہ پاڪستان ۽ آمريڪا جي تعلقات جو موجوده بحران پڻ غالبا اسان لاءِ زياده سبق آموز نہ ٿيندو. چين، جنهن جي خلاف سيٽو جي تنظيم خاص طور ڪڙي ڪئي ويئي هئي، تنهن سيٽو جي اتحادي تنظيم جي هڪ ميمبر ملڪ، پاڪستان لاءِ همدرديءَ ۽ امداد جو مظاهرو ڪيو. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي الميہ جا ڪيئي طنزيہ نظارا ۽ رخ آهن. هيءُ ملڪ پنهنجي معاهدي جي بخين ادڙڻ بعد، پنهنجي قومي سلامتيءَ ۽ علاقائي سالميت جي تحفظ لاءِ نوان رستا ڳولڻ تي

مجبور ٿيو. ڇا، اهو ممڪن هو ته آمريڪا سان مصنوعي بنيادن تي خصوصي تعلق دوباره قائم ڪرڻ سان، جيئن ڊسمبر 1965ع ۾ ڪوشش ڪئي ويئي هئي، اهو مقصد حاصل ٿي سگهي ها؟ معروضي لحاظن هن وقت تائين اهڙي رقيق ميلاپ لاءِ ٿيندڙ هر ڪوشش کي ناڪام بنايو آهي. قومي سلامتيءَ لاءِ ڳولا مختلف نمونن سان ۽ ڪن ٻين پاسن ۾ ٿيڻ گهرجي. آمريڪا جو رويو ان وقت تائين سخت ئي ٿيندو ويندو. جيسين پاڪستان سندس شرط شروط قبول نه ڪندو يا هڪ ليڪ ڪڍي، ”هن هنڌ تائين، ۽ هن کان اڳتي نه“ نه چوندو. آمريڪا جي ” راضي ڪريو- ٺونشو هڻو“ واري حڪمت عمليءَ جو تازه ترين نمونو، تربيلا بند لاءِ ڪيل وعدو آهي، جيڪو پاڪستان کي تسلي ڏيڻ لاءِ ڏنو ويو هو.ان کان پوءِ اهو اٽڪر ٺونشو 12- اپريل 1967ع تي لڳو، جڏهن پاڪستان جي فوجي امداد بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. هن ڳالهه جو فيصلو، ته ڇا پاڪستان آمريڪا سان سندس تعلقات جي موجوده رخ کي موڙي سگهي ٿو يا نه، فقط ان وقت معلوم ٿي سگهندو، جڏهن مزاحمت ڪئي ويندي. پاڪستان جي قومي مفادن جو تحفظ ضرور ٿيڻ گهرجي، خواه ائين ڪرڻ، آمريڪا جي نارضامنديءَ جي قيمت ادا ڪرڻ سان ئي ممڪن ٿئي. هن جو هرگز ڪو اهو مطلب ناهي ته پاڪستان کي مادي طور آمريڪا جي طاقت خلاف صف آرا ٿيڻو پوندو، پر اهو ته اسان کي انهيءَ حقيقت کي پوري عزم سان سفارتي، سياسي ۽ اقتصادي ذريعن سان واضح ڪرڻ گهرجي ته اسان ڪيس پنهنجن قومي مفادن جي آهستي آهستي ڪترڻ جي اجازت هرگز نه ڏينداسون. انهيءَ قسم جي موقف لاءِ اسان کي داخلي ردو بدل ۽ قربانين جي ضرورت پوندي، پر آمريڪا سان هرويرو ڪنهن دير- ڇڪتاڻ جي ضرورت ڪانه پوندي. هڪ ئي مهل گذري ويندڙ بحران، هڪٻئي جي پٺيان ايندڙ گهٽ بحرانن کان بهتر آهي، جن ۾ ڪجهه ساهي کڻڻ جا درمياني وقفا ته برابر هجن، پر جيڪي (بحران ) بعد ۾ اهڙين اٽڪر هنگامي حالتن طرف گهلي وڃن، جتان پاڪستان لاءِ سندس وقار جي دوباره بحالي ان جي وس کان ٻاهر ٿي وڃي.

دٻاءُ، هڪ ناشائستو لفظ آهي. انهيءَ لفظ کي سفارتي ٻوليءَ ۾ استعمال ڪرڻ بداخلاقي سمجهيو ويندو آهي. ان جو مطلب اهو ناهي ته ڪو قومن ماضيءَ ۾ دٻاءُ استعمال ئي نه ڪيو آهي. مادي تلسط واري زماني ۾، جبر ۽ زور ۽ زبردستيءَ کي نهايت بيهودي طريقي سان استعمال ڪيو ويندو هو. اسان جي هن نئين ويٺڪي زماني ۾ جبر ۽ زور ۽ زبردستيءَ جا طريقا وڌيڪ شائسته ۽ شاندار آهن، ۽ انهن جي دريافت ۾ هندستان ۽ پاڪستان اڪيلا نه رهيا آهن. ڪي ملڪ، عالمي طاقتن جي سياسي اڳواٽيءَ جي سامهون جهڪڻ جي خلاف جدوجهد ۾ ڪامياب ٿيا آهن، ۽ ڪي نه. اسين، پاڪستان وارا فقط پنهنجي ئي صورتحال سان دلچسپي رکون ٿا. فوجي شعبي ۾ اسان جو مڪمل، ۽ اقتصاديات ۽ خوراڪ جي ضرورتن ۾ خاصو انحصار، آمريڪا تي رهيو آهي. سنڌو ماتريءَ واري معاهده تي عمل در آمد کي به نظر هيٺ رکڻ ضروري آهي. پاڪستان تي دٻاءَ جي شدت، هندستان تي دٻاءَ جي مقابلي ۾ محض هن سبب

ڪري گهٽي زياده هوندي، جو پاڪستان ڪان ٿيندڙ مطالبي جي سطح گهٽي قدر وڏيڪ اوچي آهي. دٻاءُ انهيءَ وقت تائين وڌندو ويندو. جيستائين اسين مزاحمت نہ ڪريون يا وري نيازمنديءَ ۾ ڪنڌ جهڪايون. جيڪڏهن اسين پڳاسون تہ اسان ڪي مرڻ گهڙيءَ تائين پڄندو ئي رهڻو پوندو. هندستان تي پڻ دٻاءُ وڌندا رهندا، پر انهن جي شدت گهٽ هوندي، جيئن فوجي امداد ڪي روڪڻ جي صورت ۾ هن ڪان اڳي ڏنو ويو آهي. هيءُ فيصلو مڪمل طور پاڪستان جي خلاف رهيو.اهڙيءَ طرح هڪ ئي وقت ۾ پاڪستان تي شديد دٻاءَ ۽ هندستان تي معتدل دٻاءُ وڌو ويندو، ۽ هاڻي جڏهن تہ وچ اوڀر ۾ جنگ آمريڪي حليف جي فتح سان ختم ٿي آهي، تڏهن آمريڪا پاڪستان ۽ هندستان تي اجا بہ وڌيڪ دٻاءُ وجهندي. ٿوري وقفي ڪان پوءِ، جڏهن وچ اوڀر ۾ سياسي صورتحال وڌيڪ صاف تي ويندي ۽ جنرل اسيمبلي هڪ وڌيڪ ٺهراءَ ڪي دفتر داخل ڪري چڪندي، تڏهن آمريڪا پنهنجن عالمي مقصدن خاطر، پنهنجو سڄو سارو ڌيان ڦيرائي نندي ڪنڊ طرف ڪندي.

سن 1958 ع ۾ آمريڪا، هندستان تي دٻاءُ وجهڻ جي پوزيشن ۾ ڪانہ هئي، پر اها صورتحال هاڻي بدلجي چڪي آهي. هندستان ۾ ڦهليل عام بدنظمي ۽ ڏڪار جي ڏڪائيندڙ حالتن مان ابتدائي دخل اندازين لاءِ فائدو ورتو ويو آهي. پاڪستان وانگر اتي بہ دٻاءُ اڳ ۾ اقتصادي ۽ مالي دائرن ۾ وڌو ويو ۽ ائين هن ڪري ڪيو ويو تہ جيئن هندستان جي رد عمل جي آزمائش ڪئي وڃي. يعني هي ڏنو وڃي تہ ڇا، پاڪستان وانگر هندستان پڻ هڪبئي جي پنيان پوندڙ دٻاءَ ڪان درجي بدرجي مغلوب ٿي ويندو يا نہ، جنهن جي نتيجي ۾ آخرڪار سڄيءَ طاقت جو مظاهرو ڪرڻو پوندو. پاڪستان وانگر هندستان جي حالت ۾ پڻ شروعات هڪ نيڪ نيت مدد گار جي صورت ۾ ڪئي ويئي. مالي حڪمت عملين بابت مشورا ڏنا ويا، جن جي نتيجي ۾ هندستاني رپئي جي قيمت ۾ ڪمي ڪرڻي پيئي. انهيءَ ڪاميابيءَ ڪان خوش ٿي آمريڪا قدم وڌائي هندستان جي زرعي ۽ صنعتي پاليسين ۾ دخل اندازي شروع ڪئي. هندستاني حڪومت ڪي مشورو ڏنو ويو تہ نجي صنعتڪارن ڪي رعايتون ڏنيون وڃن، تہ جيئن آزاد ڪاروبار جي تاجي ۽ پيٽي ۾ مضبوطي پيدا ٿئي. هندستان جي حڪومت، جيڪا وڌندڙ مشڪلاتن ۽ ڏڪار جي يوت جي ڊپ ۾ مبتلا هئي، تنهن اها شڪست بہ کٽي مڃي. انهن نتيجن آمريڪا جي همت ايتريقدر وڌائي ڇڏي، جو اها هاڻي کلي ميدان ۾ آئي ۽ ٻنهي ملڪن جي فوجي امداد هن مقصد سان بند ڪئي تہ اها انهن ٻنهي ڪي هڪ زياده وسيع ناهہ قبول ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهي. ويهن سالن جي سخت محنت ۽ ڪوشش ڪان پوءِ حالتن ملي آمريڪا ڪي هندستان ۽ پاڪستان ۾ هڪ غالب حيثيت عطا ڪري وڌي. اها ويهن سالن جي سفارتي ثابت قدمي ۽ اورچائيءَ جي هڪ نمايان فتح آهي. آمريڪا ڪي نندي ڪنڊ جي سٺ ڪروڙ انسانن مٿان تسلط حاصل هئڻ لاءِ خوش ٿيڻ جو هر هڪ سبب آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻي مهاڀاري لڙائي ڪان اڳي ان ڪي اتي ڪو بہ اثر و رسوخ ڪو نہ هو. ايڏي ساري صبر آزما محنت ڪان پوءِ هاڻي ان لاءِ فصل

ڪاڻ جو وقت اچي ويو آهي، ۽ 12- اپريل سن 1967ع تي، آمريڪا طرفان سندس بي انتها سرمايہ ڪاريءَ جي پهرين قسط جي ادائگيءَ لاءِ مطالبو ڪيو ويو.
نندي ڪنڌ مان پنتي هٽڻ جي اعلان جي برعڪس، آمريڪا جي انهيءَ فيصلي مان اڳتي وڌايل هڪ طاقتور ۽ اهڙي سوچيل سمجهيل قدم جو مطلب ونڻ گهرجي، جنهن جو مقصد پاڪستان ۽ هندستان کان پنهنجا شرط مڃائڻ آهي. نندي ڪنڌ جي تاريخ انهيءَ وقت ڪان وٺي، يورپي طاقتن جي مداخلت جي مثالن سان ڀري پيئي آهي، جڏهن انگريزن ۽ فرينچن پهرئين ڀيري هن نندي ڪنڌ جي ڪنارن تي قدم رکيا ۽ ڪن هنڌن تي آباد ٿيڻ لاءِ حق حاصل ڪيا. آمريڪا انهيءَ تاريخي معلومات کان مدد وٺي، سامراجيت جي اثر جي آزمايل طريقي کي دهرايو آهي. آمريڪين کي اڄڪلهہ جيڪي اقتصاددي رعايتون ۽ فوجي سهولتون ڏنل آهن، تن مان ڪلائيو جي ديوانيءَ جي تمثيل ملي ٿي. ڪلڪتي، مدراس، پانديچري ۽ ٻين هنڌن تي آبادين جي قيام جي، جتان ڪان يورپي طاقتن پنهجو اثر ورسوخ وڌايو هو، هڪ جديد مساوي صورت موجود آهي. اهو چئي سگهجي ٿو تہ نندي ڪنڌ ۾ آمريڪي اثر و رسوخ جي توسيع انهن رعايتن کان ڪجهہ مختلف آهي، جيڪي يورپ جي تجارتي قومن کي ڏنيون ويئون هيون، ۽ درحقيقيت ڪي فرق آهن بہ، پرامن تجارتي بستين کان گهڻ خطرو ڇو ڏسي؟ جيڪڏهن اهي پرامن تجارتي بستيون فتوحات لاءِ سرحدي مورچا بنجي ويئون هيون، تہ فوجي اڈا ڪهڙي اعتبار کان گهڻ خطرناڪ آهن؟ هر فوجي رعايت، جيڪا ڪنهن ايشيائي ملڪ جي طرفان ڏني وڃي ٿي، سا انهيءَ ملڪ لاءِ خطري جو سرچشمو آهي. اهي خطرا اهڙا تہ سنگين آهن، جو فرانس ناٽو کي اطلاع ڏيئي پنهنجي علاقي ۾ قائم ٿيل سيني فوجي اڏن کي ختم ڪرائي ڇڏيو. هندستان ۽ پاڪستان بنگال جي ديوانيءَ جي مساوي رعايتون، جيڪي مغل شهنشاهہ طرفان ڪلائيو کي عطا ڪيون ويئون هيون، غير ملڪي اقتصادي ۽ فوجي امداد حاصل ڪرڻ لاءِ اڳيئي ڏيئي چڪا آهن. ائين پيو نظر اچي تہ اسان ٻنهي مان ڪنهن هڪ ملڪ بہ، پنهنجي انهيءَ نامبارڪ ماضيءَ مان ڪوئي سبق حاصل نہ ڪيو آهي، جنهن جي ڪري اسان جي عوام کي ذري گهٽ ٻن سئو سالن تائين مغلوب رهڻو پيو.
آءٌ انهيءَ ڳالهہ کي دهرايان ٿو تہ آمريڪا اهو دور رس نتيجن جو حامل قدم هن ڪري نہ کنيو آهي، جو ان کي هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هڪ وڏيڪ جنگ ڇڙڻ جو ڊپ آهي، يا هن ڪري جو اها سندن هٿيارن جي ڊوڙ کي روڪڻ چاهي ٿي. يا هن ڪري جو اها ڀاري فوجي خرچن کي اقتصادي ترقيءَ لاءِ موڙڻ چاهي ٿي. آمريڪي حڪومت طرفان سرڪاري طور ڏنل سببن جو مطلب، سندس فيصلي کي شرافت جو جامو پهرائڻ آهي، پر نيڪ نيتيءَ جي پيش منظر پنيان اصلي مقصد هيٺئين طرح آهن:
(1) آمريڪا کي اڄ هندستان ۽ پاڪستان ۾ جيڪو اثر حاصل آهي، سو پنهنجي عروج تي آهي، ۽ ان کي يقين آهي تہ اها ٻنهي ملڪن کي هڪ ئي وقت تي سندس عالمي مفاد جي موافق ناهہ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري سگهي ٿي.

(2) آمريڪا چاهي ٿي تہ ان طرح جو سنائُ جلد وجود ۾ اچي، جو تہ ان ڪي ويٽ نام ۾، جتي اها سمجهي ٿي تہ هوءَ ايشيا کنڊ ۾ پنهنجي مستقبل لاءِ هڪ فيصلہ ڪن جدوجهد ۾ مصروف آهي، روزانو وڏنڊ مشڪلات جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو.

(3) هوءَ سوويت يونين ۽ پنهنجي درميان في الحال پيدا ٿيل مفاهمت جي ڪري هن خيال جي آهي تہ هيءُ وقت مناسب آهي، چاڪاڻ تہ انهيءَ مفاهمت ننڍي کنڊ ۾ هڪ مشترڪ دلچسپيءَ جو علائقو متعين ڪري ڇڏيو آهي ۽ آمريڪا کي اميد آهي تہ روس صورتحال جو ناجائزو استحصال ڪرڻ کان باز رهندو.

(4) آمريڪا جو خيال آهي تہ چين في الحال پنهنجن داخلي مسئلن ۾ ايتريقدر ڦاٿل آهي، ۽ ان کي ايڏيون گهڻيون ناڪاميون نصيب ٿيون آهن، جو هو ڪو دليرانہ جوابي قدم نہ کڻندو.

(5) هندستان ۽ پاڪستان جون داخلي مشڪلاتون خصوصا اهي جيڪي اقتصادي ۽ خوراڪ جي فراهميءَ متعلق آهن، ٻنهي ملڪن تي مختلف قسمن جي دٻاءُ وجهڻ لاءِ ساز گار آهن.

(6) آمريڪا، هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي تي وڌل دٻاءُ جي رد عمل جي حڪمت ۽ عملين کي وڌيڪ تيزيءَ سان حاصل ڪرڻ خاطر، اها نئين ۽ وڌيڪ سخت دٻاءُ وجهڻ جو سوچيل سمجهيل خطرو کڻي سگهي ٿي.

اهو پڇڻ مناسب آهي تہ جڏهن آمريڪا وٽ اقتصادي دٻاءُ وجهڻ جا ڪيئي ذريعا بہ هئا، تہ پوءِ ان فوجي ميدان ۾ جبر کان ڪم وٺڻ ڇا لاءِ پسند ڪيو؟ هن ڳالهہ کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ فوجي امداد کي بند ڪرڻ جي اعلان کان اڳي انهن طريقن سان ڪجهہ نہ ڪجهہ دٻاءُ وڌو ويو هو. دراصل، انهيءَ فيصلي ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪيئي دٻاءُ خفيہ طريقن سان استعمال ڪيا ويا هئا. آمريڪا اهي معاهدا رد ڪري ڇڏيا، جن جي تحت هندستان ۽ پاڪستان کي ڊگهي عرصي جي سخاوت واري بنياد تي خوراڪ ملندي ۽ اهڙا نوان معاهدا طئي ڪيا، جن جا شرط شروط سخت هئا، ۽ جن جي تحت اقتصادي امداد جي فراهمي ٽڪرن ٽڪرن جي بنياد تي ڪئي ويندي رهي. جنهن جي ڪري غير يقيني حالت جي دٻاءُ اقتصادي صورتحال تي عام طرح خراب اثر وڌو. بهرحال، اقتصادي بندشن جو اهو ساڳيو اثر نہ پوندو آهي، چاڪاڻ تہ ان طرح سان قوم جي سلامتي خطري ۾ پئجي ويندي آهي. اقتصادي مشڪلاتن تي عام طور داخلي ڦيرن گهيرن ڪرڻ سان قابو حاصل ڪري سگهبو آهي. هن حالت ۾ ڊگهي عرصي جو اقتصادي دٻاءُ پاڪستان کان وڌيڪ هندستان لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري ها، جڏهن تہ هن وقت وڌيڪ پاڪستان تي دٻاءُ وجهڻو آهي، چاڪاڻ تہ ان کان وڏيءَ حد تائين، هندستان جي پيٽ ۾ وڌيڪ تقاضا ڪئي وڃي ٿي. ڪنهن قوم جي خوراڪ جي فراهميءَ تي وڌل دٻاءُ، طاقتور هٿيار ٿي سگهي ٿو، پر ان جو ڪلم، ڪلا استعمال ڏڪار جهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ سان، آمريڪا جي صورت کي بگاڙي رکي ها. چاڪاڻ تہ اهو هڪ اهڙو عظيم مسيحي ملڪ آهي، جيڪو پنهنجين انسانيت نواز روايتن لاءِ مشهور و معروف آهي. ان کان

علاوه، جيڪڏهن خوراڪ روڪي وڃي ها ته ان طرح سان پاڪستان جي پيٽ ۾ هندستان کي وڏيڪ ضرر پهچي ها، ۽ مٿي بيان ڪيل سبب ڪري، وڌيڪ دٻاءُ پاڪستان تي وجهڻ ضروري هو.

فوجي امداد کي روڪڻ جي ظاهري صورت اخلاقي قدم جي هوندي آهي ۽ اهو وقت جي رجحان جي عين مطابق هوندو آهي. ظاهري طور، جيئن ته اهو فيصلو امن افزا آهي، ان ڪري اهو اقوام متحده جي روح جي مطابق آهي، جيڪا هٿيارن گهٽائڻ تي زور ڏئي ٿي. آمريڪي سياست سان ايترو انصاف ضرور ڪرڻ گهرجي ته ان جي طرفان ڪليل سزا ڏيڻ کان اڳ ۾ گهٽ نقصان ڏيندڙ ذريعا استعمال ڪيا ويا. ڪنهن ملڪ تي ظاهري دٻاءُ وجهڻ ڪڏهن به خوشگوار عمل نه هوندو آهي، پر هاڻي ان کي فقط ان ڪري استعمال ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته ان کان گهٽ واضح ڪوشش مان تسلي بخش نتيجا نه نڪري سگهيا. 12_ اپريل سن ١٩٦٧ع واري فيصلي جو اعلان، خفيه رابطن جي هڪ سلسلي جي ماحول ۾ ٿيو ۽ آمريڪا جي سرپرستيءَ ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي مشترڪ اقتصادي اقدامات تي بحث مباحثي جون خبرون پڻ اينديون رهيون.سن ١٩٥٨ع کان وٺي آمريڪا جي پرڏيهي پاليسيءَ جو رخ، پاڪستان کي هندستان سان مشترڪ رٿائن جي ڪنهن اهڙيءَ سلسلي ۾ ڦاسائڻ طرف رهيو آهي، جنهن سان پاڪستان کي ماتحت حيثيت ۾ آڻي بيهاريو وڃي.انهيءَ مقصد جي پيرويءَ ۾ صدر جانسن طرفان آمريڪي ڪانگريس جي نالي موڪليل هڪ پيغام ۾ مشترڪ علاقائي رٿائن جي خوبين تي فصاحت هڪ پيغام ۾ مشترڪ علائقي رٿائن جي خوبين تي تي فصاحت جا درياهه وهايا ويا هئا._9 مئي سن 1967ع تي نئين دهليءَ ۾ انهيءَ موضوع تي عالمي بئنڪ جي صدر مسٽر جارج ودس تفصيلي روشني وڌي ۽ چيو ته پاڪستان ۽ هندستان کي ان مان ڪيئي فائدا ٿيندا، جيڪڏهن اهي اهڙين رٿائن ۾ باهمي تعاون ڪن، جن لاءِ عالمي بئنڪ سرمايو مهيا ڪري سگهي ٿي. مسٽر ودس اڳتي هلي چيو ته هن انهيءَ معاملي ۾ هدستاني رهنمائن سان تبادلهه خيال ڪيو آهي، ۽ مثال طور هن اوپر پاڪستان ۽ هندستان جي صوبي اولهه بينگال جي پاڻيءَ جي نظام جو ذڪر ڪيو.

هن انهيءَ مشترڪ رٿا ۾ واڌاري جي سست رفتاريءَ تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته رٿا جي افاديت جي شروعاتي مرحلن ۾ تمام گهڻي دير ڪئي ويئي آهي. اسان کي انهن سرگرم ڪوششن جو اطلاع پڻ مليو، جيڪي فوجن ۾ ٻه— طرفي ڪمي آڻڻ لاءِ ڪيون ويئون هيون. ائين پيو معلوم ٿئي ته جڏهن گڏيل اقتصاي رٿائن ۽ فوجن ۾ ڪمي جا اقدامات اڳتي نه وڌي سگهيا، تڏهن آمريڪا دٻاءُ اتي وجهڻ شروع ڪيو، جتي اها گهڻي کان گهڻي تڪليف ڏئي پئي سگهي.

جمون ۽ ڪشمير جي تڪرارن جي نبيري ٿيڻ کان سواءِ ۽ تعلقات کي صحيح معنائن ۾ معمول تي آڻڻ کان اڳ ۾، هندستان ۽ پاڪستان جي درميان گڏيل اقتصادي رٿائن جي متعلق سوچي به نه ٿو سگهجي. انهيءَ قسم جو تعاون فقط برابري ۽ باهمي اعتماد مان ئي پيدا ٿي سگهي ٿو. ان کي بندوق جي نشانه چٽڻ سان پيدا ڪري نه ٿو سگهجي،

خصوصا اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن هڪ قوم پنهنجي پاڙيسريءَ جي اقتصادي ۽ علائقائي حقن تي ناجائز قبضو ڪري رکيو هجي. انهن حالتن ۾ فوجن ۾ تخفيف ڪرائڻ جي ڪوشش، عملي طور بہ وڏيڪ بيسود ثابت ٿيندي.

--------

[1] بيورلي نڪولس ” وردڪٽ آن انڊيا“ 1944، ص _5 _190.

# باب ستون
# آمريڪي شرطن تي هندستان سان اشتراڪ عمل

هندستان ۽ پاڪستان جي درميان گڏيل اقتصادي ڪار گذاري جي حق ۾ جيڪي دليل پيش ڪيا وڃن ٿا، سي هوبهو اهي ئي آهن، جيڪي نندي کنڊ جي ورهاڱي جي خلاف پيش ڪيا ويندا هئا انهن دليلن ڪي، جن ڪي هندستان جي ورهاڱي فيصلہ ڪن انداز ۾ ڍٽي ڪري ڇڏيو هو، وري ٻيهر جيئرو ڪيو ويو آهي. نندي کنڊ جي معيشت ۽ مسلح فوجن جي ورهاڱي جي خلاف انڊين نئشنل ڪانگريس جا اعتراض، پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ۽ مسلمانن جي هن فيصلي سان تہ اهي " علحده ۽ برابر " رهندا، رد ٿي چڪا هئا. ڪيئي سال اڳي، مسٽر جناح ۽ هڪ برطانوي مصنف مسٽر بيورلي نڪولس جي درميان هڪ گفتگو ۾ ورهاڱي جي اقتصادي ۽ دفاعي نتيجن تي هن طرح سان بحث ٿيو هو:

خود( نڪولس): پهريون سوال اقتصادي آهي، ڇا پاڪستان جي تحت مسلمانن جي زياده امير يا زياده غريب ٿيڻ جو امڪان آهي؟ ۽ ڇا، اوهان باقي هندستان جي خلاف چنگي ( محصول) لڳائيندا ؟

جناح: هن باري ۾ آءٌ اوهان کان هڪ سوال پڇان ٿو. سمجهو تہ توهان کان اهو پڇيو وڃي تہ توهان ڪهڙيءَ شئي ڪي ترجيح ڏيندا: جرمنيءَ جي ماتحت امير انگلنڊ ڪي يا هڪ غريب پر آزاد انگلنڊ ڪي، تہ توهان جو جواب ڪهڙو ٿيندو ؟

خود: ظاهر آهي تہ انهيءَ سوال جي جواب ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.

جناح: بلڪل. ڇا، اها ڳالھ توهان جي سوال ڪي ڪجھ بي معنيٰ نہ ٿي بنائي ؟ هيءُ عظيم نصب العين محض ذاتي آسائش يا عارضي آرام جي سوالن کان گهڻو بلند ۽ بالاتر آهي. مسلمان هڪ سخت جان قوم آهن. سنها، لڪا ۽ مضبوط- جيڪڏهن پاڪستان ملڻ جو مطلب اهوئي آهي تہ ڪين ڪجھ وڌيڪ سخت جان ٿيڻو پوندو تہ اهي شڪايت نہ ڪندا. پر انهيءَ جو مطلب آخر اهو ڇو ٿيڻ لڳو؟ انهيءَ مفروضي جو ڪهڙو قابل فهم سبب آهي تہ قوميت جو عطيو اقتصادي بوجھ بڻجي پوندو ؟ ڏهن ڪروڙ انسانن جي هڪ با اختيار قوم، جيڪڏهن فوري طور تي خود ڪفيل ڪٿي نہ بہ ٿئي، ۽ خواھ اها صنعتي لحاظ کان پٺتي بہ رهيل هجي، تڏهن بہ ان جي اقتصادي حالت انهيءَ کان وڌيڪ خراب ٿي نہ سگهندي، جيڪا ڪين ان صورت ۾ درپيش هوندي، جڏهن ان جا ٽڙيل پکڙيل ۽ غير منظم افراد پنهجويهن ڪروڙ هندن جي تسلط هيٺيان منتشر ٿيل هجن ۽ هندن جو واحد مقصد، هنن جو استحصال ڪرڻ هجي. هيءَ ڳالھ منهنجي سمجھ کان واقعي باهر آهي تہ ورسيلز جي معاهدي کان پوءِ ڪوئي يورپي شخص ڪهڙي طرح سان اٽي ائين چئي سگهي ٿو تہ "پاڪستان اقتصادي لحاظ کان ناممڪن آهي. انهن وڏن دماغن وارن ڪي، جن يورپ کي ڪاٽي ڪوٽي متضاد ۽

مصنوعي سرحدن جو هڪ ڪِل جهڙو، چتين ڳنڍيل نمونو ٺاهي ڇڏيو آهي، اهو حق ڪٿان ٿو ملي ته هو اسان کي ويهي اقتصاديات جو سبق پڙهائين، خصوصا جڏهن اسان جو مسئلو گهڻي قدر آسان آهي؟

خود: ڇا، اها ڳالهه دفاع سان به لاڳو ٿئي ٿي؟

جناح: بلاشڪ، اها دفاع سان به لاڳو آهي. هڪ دفعو ٻيهر آءٌ وري به اوهان کان هڪ سوال پڇان ٿو. افغانستان جو بچاءُ ڪيئن ٿو ڪيو وڃي؟ ڪيئن ؟ هنجو جواب زياده پيچيده ڪونهي. ان جو دفاع خود افغان ڪن ٿا. اهائي ڳالهه آهي. اسين هڪ بهادر ۽ متحد قوم آهيون، جنهن جا فرد محنت ڪرڻ، ۽ ضرورت پوڻ تي، وڙهڻ لاءِ تيار آهن. تنهنڪري دفاع جو سوال ڪهڙيءَ طرح سان خاص دشواريون پيدا ڪري ٿو ؟ اسين ٻين قومن کان ڪهڙيءَ طرح مختلف آهيون ؟ مثال جي طور ايران کان ؟ ظاهر آهي ته هڪ عبوري دؤر ضرور هوندو........

جناح: اوهان کي ياد هوندو ته ٿورو اڳ ۾ مون چيو هو ته انگريزن کي وڏي اورچائي سان گهڻو سوچڻو پوندو. اها هڪ اهڙي عادت آهي، جيڪا سندن طبيعت سان موافق نه ٿي لڳي. هو آسائش طلب آهن ۽ هن اعتماد ۾ رهن ٿا ته ذره انتظار ڪري ڏسون، هر ڳالهه آخرڪار نيڪ ناڪ ٿي ويندي. ان هوندي به، جڏهن به هو سوچڻ جي تڪليف گوارا ڪن ٿا، تڏهن اهي اوتريءَ ئي وضاحت ۽ تخليق سان سوچين ٿا، جيترو ڪا ٻي قوم سوچي ٿي، ۽ انهن جو هڪ بهترين مفڪر- گهٽ ۾ گهٽ هندستان جي مسئلي تي- پوڙهو جان برائيٽ هو. ڇا، اوهان ڪڏهن هن جون تقريرون پڙهيون آهن ؟

خود: اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ نه.

جناح: چڱو ڀلا، هن تي هڪ نظر وجهو. گذريل ڏينهن اها اتفاق سان منهنجي هٿ لڳي ويئي هئي.

هن مون کي اهو ڪتاب ڏنو. اهو هڪ پراڻو ڦِٽل رنگ جو ڪتاب ”دي اسپيچز آف جان برائيٽ“ (جان برائيٽ جون تقريرون ) هو ۽ جنهن صفحي تي اهو ڪتاب کوليو ويو هو، تنهن تي 4-جون 1858ع جي تاريخ هئي. دارالعلوم جي انهيءَ عظيم ترين مقرر انهيءَ موقعي تي جيڪي ڪجهه چيو هو، سو هيٺين طرح هو:

”انگلينڊ هندستان تي ڪيتري عرصي تائين حڪومت ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو؟ ڪو به آدمي انهيءَ سوال جو جواب ڏئي نه ٿو سگهي. اهو عرصو پنجاهه سال هجي يا سئو سال يا پنج سئو سال. ڇا ڪوئي به ماڻهو جنهن ۾ سوچ سمجهه جي هلڪي تجلي به هوندي، هن ڳالهه تي يقين ڪري سگهي ٿو ته هڪ ايڏي وڏي ملڪ کي، جنهن ۾ ويهارو کن مختلف قوميتون هجن ۽ جنهن ۾ ويهه ٻوليون ڳالهائيون هجن، ٻڌي سڌي سلطنت جو هڪ مربوط ۽ جٽادار حصو بنائي رکي سگهجي ٿو؟ آءٌ ته انهيءَ ڳالهه کي بلڪل نا ممڪن سمجهان ٿو.“

جناح: جيڪي ڪجهه برائيٽ انهيءَ وقت چيو هو، سو اڄ به ائين ئي سچ آهي... درحقيقت اڄا به وڌيڪ سچ... جيتوڻيڪ ايترو زور بلاشڪ ويهن قوميتن تي ناهي،

جيترو بن تي آهي. يعني مسلمان ۽ هندو... ۽ اها ڳالهه اچ وڏيڪ سچي ڇو آهي؟ وقت اسان کي هڪبئي سان ڇو نه ڪنو ڪيو آهي؟ ڇاڪاڻ ته مسلمان ”سجاڳ“ آهن... ڇاڪاڻ ته انهن کي تلخ تجربي مان معلوم ٿي چڪو آهي ته اهي ”متحده هندستان “ ۾ هندن جي هٿان ڪهڙي سلوڪ جي توقع رکي سگهن ٿا.”متحده هندستان “ جي معني ' آهي، هندن جي تسلط هيٺ آيل هندستان. انهيءَ جي معني ' اِهائي آهي ۽ ٻيو ڪجهه به نه. ان کي ٻي جيڪا به معني ' ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا، سا افسانوي ٿيندي.“ هندستان ”هڪ برطانوي تخليق آهي. اهو محض هڪ انتظامي اڪائي آهي، جنهن تي نوڪرشاهي ترار جي سهاري سان حڪمراني ڪري ٿي. بس، ايتري ئي ڳالهه آهي. اها هڪ ڪاغذي تخليق آهي ۽ رت ۽ ماس تي ان جو ڪو به بنياد ڪونهي.

خود: ستم ظريفي ته اها آهي ته توهان جا ناقد چون ٿا ته پاڪستان خود هڪ برطانوي تخليق آهي—يعني ”قوت وجهو ۽ حڪومت ڪريو“ واري اسان جي اصول کي عملي طور لاڳو ڪرڻ واري اسان جي ئي حرفت جو هڪ مثال آهي.

جناح: (ڪجهه گرم ٿي ) جيڪو ماڻهو ائين چوي ٿو، تنهن جي راءِ منهنجي ديانت کان علاوه، برطانوي شعور جي باري ۾ تمام ڪريل هوندي. هڪ ئي ڳالهه جيڪا انگريزن کي هندستان ۾ ”رکندي“ پيئي اچي، سا آهي متحده هندستان جو اهو ڪوڙو تصور، جنهن جو گانڌي پرچار ڪري ٿو. آءٌ وري به چوان ٿو ته متحده هندستان برطانيه جي تخليق آهي – اهو هڪ ڏند ڪٿا آهي، ۽ ڏند ڪٿا به خطر ناڪ، جنهن جي نتيجي ۾ دائمي فتنا ۽ فساد پيدا ٿيندا. جيسين اهو فتنو ۽ فساد باقي آهي، تيسين انگريزن کي رهڻ جو بهانو آهي. هِن هڪ ڀيري، ” قوت وجهو ۽ حڪومت ڪريو“ لاڳو نه ٿو ٿئي.

خود: اوهان جيڪي چاهيون ٿا، سو ” تقسيم ڪريو ۽ دفع ٿيو“ آهي؟

جناح: اوهان اصلي ڳالهه ڏاڍي صفائيءَ سان ادا ڪئي آهي.

خود: ڇا، اوهان اهو محسوس ڪريو ٿا ته برطانوي ووٽر لاءِ اها ڳالهه ڪجهه قدر صدمي جو باعث ٿيندي؟

جناح: سچ گهڻو ڪري صدمو ڏيندڙ هوندو آهي. پر هي سچ خاص طرح ڇو؟

خود: ڇاڪاڻ ته هڪ عام، شريف، فراخدل ووٽر، جيڪو ائين چاهي ٿو ته برطانيه پنهنجا وعدا پورا ڪري ۽ هندستان کي آزادي عطا ڪري، تنهن ڪانگريس جي نقطہ نظر کان سواءِ ٻيو ڪجهه ٻڌوئي ڪونهي. مغرب ۾ مسلمانن جي ترجماني ڪرڻ وارو ڪو مشڪل سان ئي ملندو.

جناح: (تلخيءَ سان) آءٌ انهيءَ ڳالهه کان چڱيءَ طرح سان واقف آهيان، هندن هڪ طاقتور ”پريس“ منظم ڪري رکي آهي، ۽ ڪانگريس ۽ مهاسڀا کي هندو سرمايه دارن ۽ صنعتڪارن کان جيڪا مالي امداد حاصل آهي، سان اسان کي ميسر ڪانهي.

خود: ان جو نتيجو اهو آهي ته هو (انگريز ووٽر) ائين سمجهن ٿا ته ڪانگريس ئي هندستان آهي ۽ جيئن ته ڪانگريس ڪڏهن به هيئن چوندي نه ٿي ٽڪجي ته هندستان هڪ ۽ ناقابل تقسيم آهي، ان ڪري هنن جو خيال آهي ته ان کي تقسيم ڪرڻ جي

ڪوشش تنگ نظر، رجعت پسندانہ ۽ سراسر بدانديشيءَ واري رٿا ڄاڻان ٿو تہ اهو ذهني انتشار جو نتيجو آهي. پر پوءِ اسان جهڙي جمهوريت ۾، جنهن ڪي بيشمار پيچيده مسئلن جو فيصلو ڪرڻو پوندو آهي، انتشار تہ عام طرح سان هوندو ئي آهي. هنن ڪي سمجهڻو اهو آهي تہ واحد، غير متعصب رستو، واحد فراخدليءَ وارو رستو، جيڪو هندستان ڪي ڇڏڻ ۽ حڪومت جون واڳون حوالي ڪرڻ جي مخلصانہ ارادي سان نهڪندڙ آهي، سو آهي......

جناح: ۽، اوهان ڪي اهو بہ چوڻ گهرجي، واحد سلامتي وارو رستو.....

خود } پاڪستان آهي.

جناح: پاڪستان جو اصلي روح- گهٽ ۾ گهٽ ان جي جذبي جو اصل تصور، متي ذڪر ڪيل گفتگوءَ ۾ ملي ٿو. ان جي رٿا جي تفصيلن جي مڪمل وضاحت، هن ٿولهہ جي هڪ مختصر ڪتاب ۾ ڏيڻ ناممڪن آهي. ان لاءِ تہ نقشن جو هڪ وڏو ويڙهوتو ۽ انگن اکرن جا ڪيئي صفحا درڪار آهن، ۽ اها ڪوشش اسان ڪي تمام دور، هندستان جي سرحدن جي هن پار ڪٽي ويندي ۽ اسين بي فائدي قياس آرائين ۾ ڦاسي پونداسون.

”تنهن هوندي بہ ڪافي اعتماد سان چئي سگهجي ٿو تہ هڪ اهڙو پڙهندڙ، جنهن ڪي هن معاملي ۾ تعصب کان سواءِ، صاف دل سان ان جي گهراين ۾ وڃڻ جي تڪليف گوارا هجي، يا جنگي قسم جي ڪائي بہ اهڙي مشڪلات پيش نہ ٿو ڪري، جيڪا ناقابل عبور هجي، ۽ بنان ڪنهن شڪ جي ان جو حصول انهيءَ قسم جي ڪيترن ئي بين مسئلن کان، گهڻو وڌيڪ آسان ثابت ٿيندو، جن ڪي دنيا گذريل پنجاهہ سالن ۾ وڌيڪ ڪاميابيءَ سان حل ڪيو آهي. بيشڪ هي هڪ وڏو جراحيءَ جو عمل ٿيندو، پر بدقسمتيءَ سان افراد جي زندگين وانگر، قومن جي زندگيءَ ۾ پڻ اهڙا موقعا ايندا آهن، جڏهن جراحي نہ فقط مطلوب هوندي آهي، پر زندگيءَ ڪي بچائڻ لاءِ اٽَر بہ هوندي آهي، ۽ هي موقعو اهڙن موقعن مان هڪ آهي. هندو قوم ۽ مسلمان قوم جي درميان مستقل ٽڪراءَ هڪ اهڙي چيز پيدا ڪري وڌي آهي، جيڪا سياسي جسم ۾ سرطان سان مشابهات رکي ٿي. سرطان جو، ان جي وڌيل حالت ۾ هڪ ئي علاج هوندو آهي، ۽ اهو آهي نشتر- گانڌيءَ جا عقيدت وارا علاج، برطانيہ جا تسڪين بخش شربت ۽ اهي ڪرامتي نسخا، جيڪي سڄيءَ دنيا ۾ وڏي شوق سان آڇيا ويندا آهن— سڀ بيسود آهن. اهي دوائون مريض جي حالت ڪي وڌيڪ خراب ڪن ٿيون ۽ ان جي قطعي شفايابيءَ ڪي وڌيڪ مشڪل بنائي ڇڏين ٿيون. آخرڪار، نشتر جو استعمال ئي ڪرڻو پوي ٿو ۽ يقينا هڪ نشتر، جيڪا ڦڙتيءَ ۽ صحيح اندازي سان استعمال ڪبي، سا اهڙن لکن چاقن کان بهتر آهي، جيڪي اونداهہ ۾ انڌا ڌنڌ ڪاٽ ڪوٽ ڪندا رهندا.

” پاڪستان جي متعلق سڄي اختلاقي بحث ۾ عجيب ڳالهہ اها تائيد ناهي، جيڪا ان ڪي آهستي آهستي سيني حقيقت پسند ماڻهن وٽان حاصل ٿي رهي آهي، پر ان جي اها مخالفت آهي، جيڪا هن وقت تائين هندستان جي سچن خيرخواهن طرفان ٿي رهي آهي. اها صورتحال يقينا ڪانگريس جي پروپئگنڊي جي قوت ۽ ان جي تسلسل جو نتيجو

آهي، جنهن کي هندن جي وڏن ڪاروباري ماڻهن جي حمايت حاصل آهي. پروئگنڊا تي هندن جي ذري گهٽ اجاره داري آهي. هنن غير محسوس ۽ مسسل پروپئگنڊا جي ذريعي دنيا وارن کي يقين ڏياري ڇڏيو آهي ته اهي ئي ”هندستان“ آهن، ۽ ”هندستان“ کي تقسيم ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش انگريزن جي طرفان ڪيل هڪ ظالمانه سازش آهي. جيڪي ”ڦوٽ وجهو ۽ حڪومت ڪريو“ واري پنهنجي تسليم ٿيل اصول تي عمل ڪري رهيا آهن.

”مغرب جا اڪثر آزاد خيال ماڻهو انهيءَ پروپئگنڊا جو مڪمل طورشڪار ٿي چڪا آهن. نتيجي طور، اسان کي هيءُ انتهائي حيرت انگريز منظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اڪثر پخته ڪار برطانوي سياستدان دارالعلوم ۾ بيهي سنجيدگي ۽ خلوص سان هندستان جي ” وحدت“ جي پيروي هندستان جي آزاديءَ جي مشترڪ مقصد لاءِ ڪري رهيا آهن، ۽ ڪين ايترو به معلوم ناهي ته سندن طرفان انهيءَ ”وحدت“ تي اصرار تي رهيو آهي، جنهن انگريز کي سندس گاديءَ تي ڄمائي ويهاريو آهي.

متحده ڪريو ۽ حڪومت ڪريو!

تقسيم ڪريو ۽ دفع ٿيو[1] !“

آزاديءَ جي ٻن ڏهاڪو سالن کان پوءِ به هندستان ۽ پاڪستان جا تعلقات هڪ ئي هنڌ بيٺل آهن. ڪي به عداوتون دور نه ٿيون آهن ۽ تقسيم جي اسبابن مان ڪنهن هڪ سبب جو علاج ڪو نه ٿيو آهي. موجوده حالتن ۾ پاڪستان جي فوجن ۾ ڪمي، سيني تڪرارن کي هميشه لاءِ ڄمائي ڇڏيندي ۽ ان جو فائدو هندستان کي ملندو. اها ڳالهه نندي ڪنڊ ۾ هندستان جي بالادستيءَ کي طور تسليم ڪرڻ جي مترادف ٿيندي ۽ پاڪستان جي اقتصادي ۽ علاقائي حقن تي هندستان جي غاصبانه قبضي کي عملا قانوني حيثيت ڏيئي ڇڏيندي. تاريخ ۾ ڪوئي اهڙو مثال ڪونهي، جنهن ۾ هٿيارن ۾ به – طرفي ڪمي ٻن اهڙين رياستن ۾ ٿي هجي، جن جي درميان بنيادي طور اڻ طئي ٿيل علاقائي تڪرار هجن. هٿيارن ۾ ڪمي جا اقدامات عام طور تي اهڙي گهڻ – طرفي سرپرستيءَ هيٺ ڪيا ويا آهن، جهڙوڪ ليگ آف نيشنس ۽ اقوام متحده- هٿيارن ۾ هڪ طرفي ڪمي خودڪشيءَ جي قدم وانگر آهي. حريفن جي دمريان به – طرفي ناهه جي بنياد تي هٿيارن جي ڪمي خودمختاريءَ جي نفي آهي، ۽ حريفن مان هڪ جي طرفان شڪست جو اعتراف. هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ في الحال هٿيارن ۾ به- طرفي ڪمي امڪان جي دائري کان ٻاهر آهي. به – طرفي ناهه جي بنياد تي فوجن ۾ ڪمي آڻڻ تي رضامند ٿي وڃڻ، اهڙيءَ صورت ۾ هڪ تمام وڏو خطرو آهي، جڏهن مستقبل جي دوران واقعا اميدن جي خلاف تبديليون آڻي ۽ اڻ طئي ٿيل تڪرارن تي رنجش پيدا ڪر ي سگهن ٿا.

انهن سببن ۽ ڪن ٻين ڳالهين جي ڪري هٿياربند فوجن ۾ ڪمي آڻڻ، ناقابل عمل آهي. اها فقط بجيٽ سان واسطو رکندڙ ضابطن سان عمل ۾ نه ٿي اچي سگهي، نه وري اها تخفيف هن طرح نافذ ٿي سگهي ٿي ته هندستان جي هرٽن يا ڇئن وردي پوش

سپاهين جي مقابلي ۾ پاڪستان جو هڪ باوردي جوان هجي، صنعت ۽ حرفت جي هن دور ۾ هٿيارن جي تخفيف جو مسئلو ان طرح جو ڪو سڌو سادو مسئلو نه رهيو آهي. هاڻي هٿيارن جي ڪمي، محض ڊويزنن ۽ برگيڊن جي تعداد ۾ ڪمي ڪرڻ جي ڳالھ نه، پر هڪ نهايت پيچيده قدم آهي، جنهن کي اجا تائين گهڻ — رخين ڳالهين ۾ ڪاميابي حاصل نه ٿي سگهي آهي. ايترن سارن عناصر جو حساب رکڻو پوي ٿو. جو طاقت جي توازن جو تعين ڪرڻ ناممڪن ٿيو پوي. پنهنجين هٿياربند فوجن جي سطح گهٽائڻ جي عمل ۾ اسان کي هندستان جي باقاعده فوج کان علاوهه بي افرادي قوت، هٿيارن کي بهتر بنائڻ ۾ ان جي ترقيءَ جي رفتار، جوهري ترقيءَ ۾ ان جي پيشقدمي، ان جي ٻارڻ ۽ معدني وسيلن، ان جي ٽئنڪن، هوائي جهازن ۽ ٻين خودڪار هٿيارن ناهڻ وارن ڪارخانن جي تعداد ۽ ڪم جي معيار ۽ انهن هٿيارن جي معيار کي نظر ۾ رکڻو پوندو. متوازن ڪمي لاءِ انهن ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪمن کي خيال ۾ رکڻو پوندو. ان کان علاوه، انهيءَ قسم جي ناهه تي علمدرآمد جي جاچ پڙتال لاءِ پڻ ڪوئي ذريعو رکڻو پوندو. اڳوڻن ناهن تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ هندستان جو سابقھ رڪارڊ افسوسناڪ حد تائين ناقص آهي. پاڪستان جي پيٽ ۾ هيڏي ساري وڏي ملڪ ۾ جاچ پڙتال ۽ نگهباني نهايت ئي مشڪل آهي، ۽ جيڪڏهن بغرضِ محال ممڪن به هجي، ته انهيءَ نگهبانيءَ جو محافظ ڪير رهندو ؟ جيڪڏهن ان جا محافظ آمريڪا ۽ سوويت يونين ٿيا ته ان جو مطلب جنگ کي ٽارڻ بدران سرد جنگ جي هڪ نئين دور جو آغاز ٿيندو. ۽ انهيءَ ڪارروائيءَ جو سچو مقصد ئي فوت ٿي ويندو. چين ٻنهي ملڪن تي آمريڪا ۽ سوويت يونين جي نگهباني قبول ڪرڻ هو اهڙو الزام لڳائيندو، جنهن جو رخ ان جي خلاف آهي.

هٿيارن ۾ ٻه — طرفي ڪمي جي خلاف ظاهر اعتراضن جي باوجود، پاڪستان جي حڪومت 68-1967ع ۾ هٿياربند فوجن جي خرچ ۾ هڪ طرفي ڪميءَ جو غير معمولي قدم کنيو. بجيٽ پيش ڪندي وزير خارجه تعمير ۽ ترقيءَ جا قصيدا ڳايا ۽ هٿيارن جي بار جي متعلق تفصيلي تقرير ڪئي ۽ هن انهن هٿيارن کي غير پيداواري" خرچ قرار ڏنو. هندستان لاءِ خيرسگاليءَ جي اظهار طور حڪومت انهيءَ سال جي دفاعي خرچ ۾ ست ڪروڙ رپيا گهٽائي ان کي ٻه ارب پنجويهن ڪروڙن کان ٻه ارب ارڙهن ڪروڙ رپيا ڪري ڇڏيو، ۽ 66-1965ع جي بجيٽ جي مقابلي ۾، جيڪي ٻه ارب پنجاسي ڪروڙ رپيا هئي، ان طرح مجموعي طور 24 سيڪڙو ڪمي ڪئي. سابق تجربي مان اندازو لڳائيندي معلوم ٿئي ٿو ته پاڪستان کي انهيءَ قدم کڻڻ جي شايد ڪافي گهٽي قيمت ادا ڪرڻي پوي. موجوده سرڪاري انداز فڪر جو الميه اهو آهي ته ان اهو وساري ڇڏيو ته پاڪستان کي سيپٽمبر 1965ع واري جنگ ۾ هن ڪري ڪيترو نقصان ٿيو جو ان هندستان جي دفاعي خرچ ۾ تيز واڌاري جي رجحان جي باوجود پنهنجي دفاعي خرچ کي ذري گهٽ هڪ هنڌ تي ڄمائي رکيو هو. جنگ جي دوران ڪيئي آفيسر پنهنجي انهيءَ تلخ ڏک کي به لڪائي سگهيا ته انهن 1962ع کان پوءِ خرچ ۾ جيڪڏهن ايترو

اضافو ڪيو هجي ها جو هڪ يا ٻه وڌيڪ ڊويزن فوج تيار ٿي پوي ها ته فتح ۽ شڪست جي درميان فيصلہ ڪن فرق واضح ٿي پوي ها.
1965-66ع وارن جنگي سالن ۾ به ٻن اربن پنجاسي ڪروڙ رپين جو چوٿيءَ وارو خرچ انهن ڏهن اربن ڇهويهن ڪروڙ رپين جي ساليانو خرچ جي مقابلي ۾، جيڪو هندستان 1962ع کان وٺي دفاع لاءِ باقاعده طور مخصوص ڪندو آيو هو، پڄي سگهڻ لاءِ مشڪل سان ڪافي هو. آمريڪا کان امداد ملڻ جي خاتمي تي دفاع تي جيڪڏهن خرچ ۾ اضافو نہ ڪجي ها ته گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ خرچ ڪي، جيڪو هندستان جي خرچ جي مقابلي ۾ چوٿين حصي کان به گهٽ هو، قائم رکڻ ئي زياده معقول ڳالهہ ٿئي ها. هٿيارن جي ايتري هڪ طرفي ڪمي ڪري، جنهن مان قومي سلامتيءَ لاءِ خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا، پاڪستان جي حڪومت سنتيانا جي هن قوم جي صداقت کان بيخبريءَ جو اظهار ڪيو تہ ”جيڪي ماڻهو ماضيءَ کي ياد رکي نہ ٿا سگهن، تن جي سزا ان کي دهرائڻ آهي.“

--------

# باب اٺون

## آمريڪي مطالبا ۽ پاڪستان لاءِ کليل راهون

نندي ڪنڊ لاءِ فوجي امداد بند ڪرڻ جو آمريڪا فيصلو ظاهري طور، هن حيثيت کان ٻنهي ملڪن جي خلاف نظر اچي ٿو، جنهن ڪي 1965ع واري ٽڪراءَ جي وقت ٻنهي ملڪن سان ”يڪسان سلوڪ“ جو نالو ڏنو ويو هو. در حقيقت اهو فيصلو، ان کان اڳئين روش وانگر فقط پاڪستان لاءِ نقصانڪار آهي، جيڪو ڏهن سالن کان وڏيڪ عرصي لاءِ فقط آمريڪا کان فوجي سازو سامان حاصل ڪندو رهيو آهي. ان جون فوجون آمريڪي هٿيارن جون عادي آهن، ۽ دفاعي انتظام جي جوڙجڪ پڻ آمريڪي طرزفڪر جي مطابق ڪيل آهي. پاڪستان وٽ پنهنجي ضرورتن لاءِ گولھ بارود بنائڻ جا ڪافي ڪارخانا ڪينهن. جيتوڻيڪ فوجي سازو سامان جي پهچ جو فقط پاڪستان جو واحد ذريعو اوچتو بند ٿيو هو، پر آمريڪا جي انهيءَ فيصلي جي خلاف شور هندستان ۾ بلند ٿيو. تمام سخت شرطن جي تحت آمريڪا نقد پيسن جي ادائگي جي بنياد تي ٻنهي ملڪن کي فالتو پرزن جي فروخت لاءِ رضامند ٿيو آهي. مجيوسين ته اها. رعايت هڪ مختصر مدت لاءِ پاڪستان جي دفاعي ضرورتن کي سهارو ڏيندي، پر اهو فيصلو هن ڪري نه ڪيو ويو ته پاڪستان کي هندستان تي سرسي حاصل ڪرڻ جي عارضي دفاعي فائدو حاصل ٿي وڃي پر هن لاءِ ته پاڪستان جي دفاعي نظام تي آمريڪي قبضو قائم رهي. فوجي امداد کي ختم ڪرڻ کان پوءِ به هيءَ ڳالھ آمريڪا جي مفاد ۾ آهي ته ان جي هڪ آڱر بندوق جي گهوڙي تي رهي. اهڙيءَ طرح آمريڪا نه فقط هِن نهايت اهم ميدان ۾ پنهنجو اثر و رسوخ قائم رکي سگهي ٿي، بلڪ انهيءَ فوجي سازو سامان جي متعلق جيڪو تازو پاڪستان ٻين ذريعن کان حاصل ڪيو آهي، ڪارگر معلومات پڻ ڪدي سگهي ٿي.

جيڪڏهن پاڪستان هاڻي پنهنجي سلامتيءَ جي بچاءَ لاءِ مناسب جوابي قدم تکڙ ۾ نه کنيا ته انديشو آهي ته هندستان آسام جي سرحدن تي وڏيڪ مسلمانن کي ٻاهر ڪيي اڇليندو، انهن جي معيشت جو گلو دٻائي ڇڏيندو ۽ آزاد ڪشمير ۽ جيڪڏهن ضروري ٿيو، ته باقي پاڪستان تي به حملي ڪرڻ جون تياريون ڪندو. داخلي خلفشار ۽ خارجي مشڪلاتون هندستان کي. انهيءَ قسم جي حملي جي ترغيب ڏيئي سگهن ٿيون. هاڻي اڳرائي هندستان جي خارجہ حڪمت عمليءَ جو هڪ مستقل اوزار بڻجي چڪي آهي- هڪ اهڙو اوزار جنهن کي هو آزادي ملڻ کان پوءِ ويهن سالن جي عرصي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهن موقعن تي استعمال ڪري چڪو آهي. جيڪڏهن فوجي توازن جو لاڙو هندستان جي طرف ٿي ويو ته هن خوش فهميءَ جي ڪا به گنجائش ڪانهي ته هو ستين پيري پاڪستان يعني پنهنجي ”دشمن نمبر اول“ جي خلاف اڳرائيءَ کي دهرائڻ کان ڪيٻائيندو.

نندي کنڊ ۾ آمريڪا جي ٻين مقصدن ڏانهن توجهه ڪندي اهو چئي سگهجي ٿو ته هن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي ثابتيون موجود آهن ته هندي وڏي سمنڊ تي قابو رکڻ خاطر ۽ نندي کنڊ لاءِ روس جي ”تاريخي خطري“ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ انگريزي ۽ آمريڪي طاقتن هڪ متحده هندستان رکڻ ٿي چاهيو. هنن ورهاڱي کي بد دليءَ سان قبول ڪيو هو ۽ ساڻ ئي هن اميد تي هندستان کي مضبوط بنائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو ته جڏهن وقتي جوش و خروش ڍرجي ويندو، تڏهن ٻيئي قومون وري گڏجي هڪ ٿي وينديون. آزاديءَ کان پوءِ آمريڪا هندستان جي طرف ڪيئي پيرا هٿ وڌايو، ۽ فقط ان وقت جڏهن اهو ظاهر ٿي ويو ته وزيراعظم نهرو ڪنهن به صورت ۾ هندستان کي وڏين طاقتن جي سياست ۾ ڦاسائڻ ۽ عالمي سياست ۾ هڪ پياده بنائڻ لاءِ تيار ناهي، تڏهن پاڪستان کي 1954ع وارن معاهدن ۾ ڦاسايو ويو ۽ فوجي امدادن جي آڇ ڪئي ويئي. سن 1962ع کان پوءِ سڄي صورتحال بدلجي ويئي. آمريڪا هندستان ۾ قدم رکڻ ۽ ان کي پنهنجي اثر جي حلقي ۾ شامل ڪرڻ جو هڪ وڏو عمدو موقعو ڏٺو. هن اميد ۾ ته اها نيٺ پاڪستان کي هندستان سان تعاون ڪرڻ لاءِ رضامند ڪري سگهندي، آمريڪا نهايت گرمجوشيءَ سان مشترڪ دفاع جي تجويز کي ساراهيو ۽ ان کان پوءِ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان اشتراڪ عمل پيدا ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون ڪوششون ڪيون.

انهن بدليل حالتن جي نتيجي طور، آمريڪا ڄمون ۽ ڪشمير واري تڪرار کي نئين روشنيءَ ۾ ڏسڻ لڳي. انهيءَ جي ڪري قوام متحده جا اهي ٺهراءَ، جن ۾ ڪشمير جي عوام لاءِ خود ارادارت جي حق کي عمل ۾ آڻڻ جومطالبو ڪيو ويو آهي، پس منظر ۾ گم ٿي ويا آهن. انهيءَ تڪرار کي نبيرڻ لاءِ هن کان وڌيڪ حق بجانب ڪوئي ٻيو طريقو ٿي نه ٿو سگهي ته اتان جي ماڻهن جي مرضي معلوم ڪئي وڃي، پر آمريڪا هاڻي انهيءَ مسئلي کي چين جي گهيري جي منصوبي جي تڪميل ۾ هڪ پريشان ڪندڙ رڪاوٽ سمجهي ٿي. هندستان کي ڪشمير جي ماتريءَ ۽ ان جي لداخ واري نازڪ علائقي سان مواصلات جي ذريعن تي قابو رکڻ جي جيڪا ضرورت آهي، تنهن جو آمريڪا کي خيال رکڻو آهي. جيڪڏهن انهيءَ مسئلي جو منصفانه طريقي سان حل ٿي وڃي ها ته امڪان اهو هو ته ان طرح چين ۽ پاڪستان جي درميان پرامن سرحدي ناهه ٿي وڃي ها. آمريڪا کي، بهرحال چين جي سرحدن تي امن نه، بلڪ ڇڪتاڻ گهرجي ته جيئن چين جون سڄيون فوجي قوتون منچوريا کان وٺي لداخ تائين ڦاٿيون رهن. آمريڪا مفادن جي مطابق اها ڳالهه آهي ته هي تڪرار هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هڪ وڌيڪ وسيع ۽ همه گير معاهدي اندر جذب ٿي وڃي. ان مان سرحدن تي ڇڪتاڻ اجا به وڌي شدت سان ۽ هڪ متحده فوجي طاقت جي موجودگيءَ ۾ جاري رکي سگهبي. جيڪڏهن مقصد انهيءَ تڪرار کي سرد ڪرڻ هجي ته پاڪستان لاءِ فوجي امداد جي خاتمي ۽ ان مان پيدا ٿيڻ واري هندستان ۽ پاڪستان جي درميان جنگي عدم توازن مان فقط موجوده نامنصفانه حالت کي دائمي بنائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

هيءُ سوال ڪري سگهجي ٿو ته هندستان اهڙي فائديمند ناهه ڪرڻ تي رضامند ڇو ناهي. جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي درميان گهٽجي ڪان گهٽو تعاون ئي آمريڪا جو مقصد هجي ها، ته هندستان کي فتحمنديءَ جو احساس ٿئي ها. ته تعاون آڻڻ جي انهيءَ ڪوشش جو مقصد خود تعاون آڻڻ نه، بلڪ چين کي گهيرو ڪرڻ آهي. چين سان هڪ ننڍي مقابلي جو تجربو حاصل ڪرڻ بعد، هندستان ان سان ڪليل مقابلي واري صورتحال پيدا ڪرڻ کان خائف آهي ۽ عام حالات ۾ هو پنهنجي غير جانبداري واري حيثيت کي قائم رکڻ چاهي ٿو. پر ان کي چيني –هندي جهڳڙي جي ورثي کي منهن ڏيڻو آهي، ۽ ان کي آمريڪا تي پنهنجي اقتصادي ۽ فوجي آذار ۽ پنهنجي غذائي ضرورتن جو پڻ خيال رکڻو آهي. جن کي فقط آمريڪائي پورو ڪري سگهي ٿي ۽ جنهن جي امدادڪان سواءِ لکين هندستاني بک وگهي مري سگهن ٿا. جيڪڏهن اهي حالتون نه هجن ها ته امڪان اهو هو ۽ هندستان چين سان ناهه ٺوهه جي ڪوشش ڪري ها. هو هِن وقت اهڙو ڪو ناهه چاهي ٿو يا نه، سو سوال غير ضروري آهي. هن وقت جيڪا ڳالهه موقعي جي عين مطابق آهي، سا اِها آهي ته هندستان چين سان پنهنجن اختلافن کي وڏيڪ شدت ڏيڻ، ۽ ان طرح عالمي ڇڪتاڻ ۾ هڪ پياده جي حيثيت اختيار ڪرڻ نه ٿو چاهي. هڪ سرحدي ٽڪراءَ جي ورثي سان نپاءُ ڪرڻ ۽ سرحدي ڇڪتاڻ کي آمريڪا وٽ وڌائي پيش ڪرڻ سان ان کان اهم رعايتون حاصل ڪرڻ هڪ ڳالهه آهي، ۽ هڪ اهڙي معاملي ۾ ڦاسڻ، جنهن مان ننڍي کنڊ جي مڪمل تباهي رونما ٿي سگهي ٿي، بلڪل ٻي ڳالهه آهي. ويٽ نام جي جنگ پنهنجون موجوده سرحدون لتاڙي ٻاهر به نڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته هندستان ۽ پاڪستان جو رويو وڏي اهميت جو حامل ٿيندو، ۽ قدرتي طور هندستان پاڻ کي ڪنهن به مونجهاري ۾ وجهڻ نه ٿو چاهي. هندستان هن وقت تائين غير وابستگيءَ جي پاليسي تي هليو آهي، پر حالات ان کي ٻِنيءِ وابستگيءَ ۾ جڪڙي رکيو آهي. پاڪستان سان تعاون جي خلاف ان جو مقابلو خود انهيءَ تعاون جي مخالفت مان پيدا نه ٿيو آهي، جيڪو ان جو تاريخي فرض آهي، پر هن لاءِ جو انهيءَ قسم جو تعاون ان کي فقط عالمي سياست جي مونجهارن ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿو. انهيءَ سبب ڪري هندستان انهيءَ معاملي ۾ مذبذب رهندو ۽ انهيءَ حساب سان متس دٻاءُ وڌندو ويندو، جيتوڻيڪ اهو دٻاءُ پاڪستان تي پوندڙ دٻاءُ کان گهٽ هوندو. جيڪڏهن هندستان ان کي قبول به ڪٿي ڪري، تڏهن به هن جو ان مان فيض حاصل ڪرڻ مشڪل ئي آهي. جتي گانڌي ۽ نهرو ناڪامياب ٿيا، اتي پاڪستان تابعداري حاصل ڪرڻ هندستان جي هار ايل ماڻهن لاءِ هڪ مهميز جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي، ۽ شايد اها چيز عارضي طور تي اندروني خلفشار جي لاٽن کي روڪي وجهي. پر جيڪڏهن ان جي بدلي ۾ چين جو مقابلو عالمي جدوجهد ۾ هڪ ويڙهوءَ جي حيثيت سان ڪرڻو پيو ته اهو سودو نقصان وارو ٿي پوندو. انهيءَ قسم جي بندو بست جي فائدن جي باوجود گهڻو ڪري هندستان انهيءَ سلسلي ۾ اهوئي سوچيندو ته ان جي باعث آمريڪا جي عالمي حڪمت عملي جي گورک ڌنڌن

۾ ڦاسڻ انهن فائدن جي ضرورت کان زياده مهانگي قيمت آهي. اهڙيءَ صورت ۾ ان کي وڏيڪ زوردار دٻاءَ جو نشانو بڻايو ويندو.

ان جي باوجود، پاڪستان لاءِ قرباني، ڀُڃي ٿيندي. هندستان جو حاشيہ بردار ٿي رهڻ جو تصورئي ڏاڍو مڪروه آهي، ۽ چين سان ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان هندستان سان تعاون، اوتروئي نفرت انگيز آهي. انهيءَ قسم جو اهتمام، جيڪو آمريڪي حڪومت جي ذهن ۾ آهي، سو هندستان لاءِ فائدن ۽ نقصان، ٻنهي جو حامل آهي، پر پاڪستان لاءِ ان ۾ فقط نقصان ئي نقصان آهن. جيڪڏهن هندستان، چين سان اختلافن هئڻ جي باوجود، ان جي خلاف ڪنهن وڏي ٽڪراءَ ۾ حصو وٺڻ لاءِ رضامند ناهي، تہ پاڪستان لاءِ اهو هيڪاري وڌيڪ ضروري آهي تہ انهيءَ ملڪ سان موتمار ٽڪراءَ کان پاسو ڪري، جنهن انهيءَ وقت اسان جي مدد لاءِ پهچي پنهنجي دوستيءَ جو ثبوت ڏنو، جڏهن اسين هندستان جي اڳرائيءَ جو مقابلو ڪري رهيا هئاسين. پاڪستان لاءِ اهڙي قسم جي ڪنهن بہ وابستگيءَ ۾ مبتلا ٿيڻ، زبردست مصيبت ٿيندي.

آمريڪا جو فوجي امداد کي ختم ڪرڻ جو مقصد اهو هو تہ اها ٻنهي ملڪن کي چين جي خلاف مقابلي لاءِ مجبور ڪري. هڪ مقرر مقصد جي حصول، يعني چين جي گهيري لاءِ هندستان ۽ پاڪستان جو باهمي تعاون هڪ ضروري قدم آهي. ويٽ نام جي ڏٻڻ ۾ بريءَ طرح سان ڦاسي پوڻ ڪري آمريڪا فقط اهڙن ملڪن کي فوجي امداد ڏيڻ پسند ڪري ٿي، جيڪي انهيءَ امداد کي ويٽ نام جي جنگ ۾ استعمال ڪرڻ تي رضامند ۽ چين جي خلاف ڪم ۾ آڻڻ تي آماده هجن. هو پنهنجا هٿيار ۽ گولہ بارود اهڙن ملڪن تي ضايع ڪرڻ نہ ٿي چاهي، جن جو انهن کي اهڙين لڙاين ۾ استعمال ڪرڻ جو انديشو هجي، جن ۾ آمريڪا شريڪ ناهي.سنہ1967ع جي بهار واري موسم ۾ مسٽر مئڪنمارا اعلان ڪيو هو تہ ڏکڻ ويٽ نام کان علاوه آمريڪي امداد جو وڏو حصو حاصل ڪرڻ وارا ملڪ ڏکڻ ڪوريا، ٿائلنڊ، فلپائين ۽ تائيوان هوندا. اهي سڀ ملڪ ويٽ نام جي جنگ ۾ ملوث آهن ۽ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ آمريڪا جي هٿياربند فوجن سان تعاون ڪري رهيا آهن.

انهيءَ فيصلي ذريعي هندستان ۽ پاڪستان کي جيڪو پيغام ڏين مقصود آهي، تنهنجي قطع نظر اهو معلوم ٿئي ٿو تہ دانشمنديءَ واري حڪمت عملي اها آهي تہ هٿيار فقط انهن ئي ملڪن کي ڏنا وڃڻ، جيڪي ويٽ نام جي جنگ ۾ شريڪ هجن ۽ انهن ملڪن کي نہ ڏنا وڃن، جيڪي انهن هٿيارن کي انهيءَ مشترڪ جدوجهد ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ تيار هجن. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي خلاف جيڪو بہ ڄاتل سڃاتل تعصب هجي، ۽ ڪميونسٽ چين جي خلاف هڪ متحده ننڍي کنڊ کي تشڪيل ڏيڻ جي ڪوشش چاهي ڪيتري بہ شديد هجي ۽ ڪينيڊيءَ جي صدارت واري دؤر ۾ اقتصادي امداد تي، فوجي معاهدن جي مقابلي ۾ زياده دٻاءُ وجهڻ سان چاهي جيڪي بہ تبديليون ٿي ويئون هجن، فوجي امداد جي خاتمي جو اصلي مصلحتي ۽ وزنائتو سبب ويٽ نام جي جنگ جي ردوبدل ۾ دستياب ٿي سگهي ٿو. اسرائيل جي قابل فهم استثني  کان علاوه،

جيڪا بنيادي لحاظ کان آمريڪا جي نہ فقط بين الاقوامي ذميواري آهي، بلڪ داخلي پڻ آهي، جيڪڏهن فوجي سازو سامان ٻين ملڪن کي فراهم ڪيو وڃي ٿو تہ اهو ڪميونزم جي خلاف استعمال لاءِ ۽ نہ غير ڪميونسٽ لڙاين لاءِ . ڳالهہ جو اصلي ڳاٽو اهو آهي تہ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي کان پوءِ، آمريڪا جي طرفان فقط اهڙن ملڪن کي فوجي امداد ڏني ويئي آهي، جيڪي ڪميونسٽ رياستن جي خلاف معاهدن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار آهن. الهندي يورپ کي ڀاري اقتصادي ۽ فوجي امداد هن ڪري ڏني ويئي تہ جيئن اهو سوويت يونين جي خلاف هڪ مضبوط قلعو بنجي پوي. ايشيا ۾ جنگي معاهدا بہ انهيءَ مقصد لاءِ ڪيا ويا. جپان، فلپائين، تائيوان، ڏکڻ ڪوريا، ٿائلنڊ ۽ ڏکڻ ويٽ نام کي عوامي جمهوريہ چين جي خلاف صف آرا ٿيڻ لاءِ فوجي امداد ڏني ويئي. ايران، ترڪي ۽ يونان کي هن ڪري فوجي امداد ڏني ويئي تہ جيئن اهي سوويت يونين جي خلاف مضبوط قلعو بنجي پون. پاڪستان کي هن شرط تي هٿياربند ڪيو ويو تہ اهو ايشيا، يورپ ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن وانگر ڪميونسٽ خطري جو احساس رکندي سوويت يونين ۽ چين جي انهن عالمگيري گهيري ڪرڻ وارن ملڪن ۾ شامل ٿي وڃي، هن جو مشترڪ ۽ اجتماعي مقصد اهو آهي تہ ضرورت پوي تہ طاقت جي استعمال جي ذريعي بہ ڪميونزم جي روڪ ٿام ڪئي وڃي.

سمجهيو ائين ويو هو تہ پاڪستان هڪ نظرياتي رياست هئڻ جي ڪري دهريهہ ڪميونزم جو فطري مخالف ۽ ان جي ڪري آمريڪا جو فطري دوست آهي. هيءَ ڳالهہ بلڪل چڱيءَ طرح ڄاتل هئي تہ پاڪستان جا هندستان سان بنيادي جهڳڙا آهن ۽ هن ڳالهہ جو انديشو بہ موجود هو تہ پاڪستان صرف ان لاءِ فوجي امداد جي ڳولا ۾ آهي تہ جيئن اهو هندستان جي خلاف پنهنجي دفاع کي مضبوط بنائي سگهي. اهو شڪ آمريڪا جي انداز ِ فڪر ۾ هميشہ کان وٽي موجود هو، پر ان جي برعڪس ڪيس هيءَ اميد بہ هئي تہ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ هندي- پاڪستاني اختلافات پنهنجو پاڻ حل ٿي ويندا ۽ پوءِ پاڪستان پنهنجي سڄي توجهہ ڪميونسٽ خطري کي ڏيندو. اها اميد پاڪستان طرفان آمريڪا جي حمايت ۾ ڪيل ڪيترن ڳالهين جي مد نظر برحق معلوم ٿيندي هئي، ۽ وزيراعظم نهروءَ جي انهن روين ۽ اعلانن جي مدنظر پڻ، جيڪي آمريڪا کي ڪميونسٽ غرضن جي موافق نظر ايندا هئا. پاڪستان طرفان پنهنجي خلوص ۽ انهيءَ مشترڪ مفاد سان پنهنجي وابستگيءَ جي مظاهري ڪرڻ لاءِ، اسان ڄاڻي ٻجهي سوويت يونين ۽ عوامي جمهوريہ چين سان بيگانگيءَ جي پاليسي اختيار ڪئي. سوويت يونين سان اسان جا ناتا عملي طور عدم موجود هئا. وزيراعظم لياقت علي خان سوويت يونين طرفان دعوت نامي ملڻ جي خواهان هئڻ جي باوجود، ان جي وصول ٿيڻ بعد اوچتوئي اوچتو پنهنجو روس جو دورو منسوخ ڪري ڇڏيو. اهو نامناسب قدم، مشڪل سان ئي سنن ناتن پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي ٿي سگهيو. انهيءَ وڏي طاقت سان اسان جي ناتن ۾ ڪشيدگيون پيدا ٿيون، تان جو ”يو-ٽو“ واري قصي انهن کي عروج تي پهچائي ڇڏيو.

پاڪستاب انقلاب ڪان جلدئي پوءِ چين کي تسليم ڪيو هو، پر انهيءَ ملڪ سان اسان جا ناتا معمول جي مطابق بلڪل ڪين هئا. يقيناً، هڪ موقعي تي ٻنهي ملڪن جي وزيراعظمن جو هڪٻئي ڏانهن اچڻ ۽ وڃڻ به ٿيو هو، ۽ ڪجهه واپاري لڳ لاڳاپا به قائم ٿيا هئا، پر تعلقات اطمينان بخش نه هئا. اقوام متحده ۾ چين جي داخلي جي ابتدائي حمايت ڪرڻ جي ڪجهه عرصي کان پوءِ آمريڪا جي دٻاءُ جي تحت اسان جو رويو بلڪل بدلجي ويو. ڪوريا واري تصادم جي دوران، اسين ڪن اڻ گهربل اشتعال انگيزين جا پڻ ذميوار ٿياسون، جنهنڪري سن 1962ع کان اڳ ۾ ٻنهي ملڪن جي درميان جيڪي تعلقات هئا، تن کي خوشگوار چئي نه ٿو سگهجي. اقوم متحده ۽ ٻين بين الاقوامي اجلاسن ۾ پاڪستان عام طرح سان آمريڪا حڪمت عملين جي حمايت ڪرڻ ۾ نمايان رهندو هو ۽ ڪن موقعن تي ته خفي ڪندڙ وفاداري ڏيکاريندو هو. انهيءَ ڪري اهو باور ڪيو ويندو هو ته جيتوڻيڪ هندستان پاڪستان جو سيني کان وڏو روايتي دشمن هو، تڏهن به پاڪستان آمريڪا جي فطري دوست وانگر، ان جي انهن عالمي حڪمت عملين جي تڪميل ۾ سندس وفادار رهندو آيو، جن جو رخ ڪميونزم جي خلاف هو. انهيءَ حد تائين آمريڪا سان پاڪستان جي تعلقات ۾ ڪو به تضاد ڪونه هو ۽ اسين هڪ مشترڪ مقصد لاءِ، هڪ مشترڪ دشمن جي خلاف آمريڪا جي هڪ حليف جي حيثيت سان امداد حاصل ڪندا رهياسون. ان هوندي به، درحقيقت جنهن مفروضي جي تحت آمريڪا پاڪستان سان خصوصي تعلقات قائم ڪيا، ۽ جيڪي پاڪستان جا پنهنجا مقصد هئا، تن ٻنهي جي درميان بنيادي تضاد هو. آمريڪا انهن خطرن کي، جيڪي پاڪستان کي هٿياربند ڪرڻ ۾ پوشيده هئا، تسليم ڪيو پر ان جي باوجود هيٺين سببن ڪري اها فوجي امداد ڏيندي رهي:

(1) هن کي يقين هو ته هندي- پاڪستاني تڪرار جاگرفيائي، اقتصادي ۽ ٻين حالات جي مجبورين ڪري اڳي يا پوءِ حل ٿي ويندا.

(2) هن جو خيال هو ته اها نندي ڪنڌ ۾ پنهنجي وڌندڙ اثر و رسوخ سان ٻنهي ملڪن جي درميان صلح ڪرائي وجهندي.

(3) هن جو خيال هو ته جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان پنهنجا اختلاف نبيري وجهن، ته گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان ڪميونزم جي خلاف پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهندو.

(4) پاڪستان جو نظريو ڪميونزم کان مختلف هو ۽ انهيءَ ملڪ تي قدامت پسند قيادت جو مڪمل قبضو هو.

(5) پاڪستان داخلي ۽ خارجي طور ڪميونزم جي خلاف پنهنجي عدالت جو ڪافي مظاهرو ڪري چڪو هو.

(6) آمريڪا طرفان فوجي امداد ڏيڻ جي رٿا اهڙيءَ طرح سان بنائي ويئي، جو ان جي ڏنل هٿيارن تي ان جو اثرائتو قابو رهي، ته جيئن پاڪستان جيڪڏهن انهن هٿيارن ۽ سازو سامان جو ”بيجا“ استعمال ڪرڻ لڳي ته آمريڪا فوري طور تي سندس انهيءَ قدم کي ناڪام بنائي سگهي.

پاڪستان کي امداد هڪڙن سببن لاءِ ڏني ويندي هئي، ۽ اها وصول ٻين لاءِ ڪئي ويندي هئي. انهيءَ تضاد ۾ سن 1962ع واري چيني– هندي لڙائيءَ هڪ بلڪل نئين عنصر جو اضافو ڪري وڌو. نهرو، آمريڪا جو دشمن باقي نہ رهيو. هن مايوسيءَ ۽ فڪر جي فريب ٽٽڻ جي ڪيفيت ۾، ڪميونسٽ چين جي چنبن کان پاڻ کي ڇڏائڻ لاءِ آمريڪا کي امداد لاءِ درخواست ڪئي. هاڻي، جانبدار پاڪستان نہ، بلڪ غير جانبدار هندستان آمريڪا جي سپني کان وڏي حريف جي خلاف جنگ ۾ شريڪ ٿيو هو. حالات جي انهيءَ نئين ڦيري آمريڪا کي هندستان ۾ داخل ٿيڻ جا اهڙيءَ طرح بيشمار موقعا مهيا ڪيا، تہ جيئن انهيءَ ملڪ کي بتدريج چين جي خلاف، جيڪو انهيءَ وقت تائين آمريڪا جو مکيہ حريف بڻجي چڪو هو، محاذ آرائيءَ ۾ شامل ڪيو وڃي. انهيءَ بدليل صورتحال، هڪٻئي سان اڻ ٺهڪندڙ انهن مفروضن جي تضادن کي نمايان ڪري ڇڏيو، جن جي بنياد تي پاڪستان ۽ آمريڪا خصوصي تعلقات قائم ڪيا هئا.

انهيءَ عرصي جي دوران پهريون دفعو پاڪستان، چين سان ۽ ڪنهن حد تائين سوويت يونين سان بہ تعلقات کي سڌارڻ لاءِ حقيقي قدم کنيا. حالات جي انهيءَ نئين شڪل اختيار ڪرڻ سان، اها اميد رکڻ تہ آمريڪا پاڪستان کي اجا بہ غير معين مدت لاءِ فوجي امداد ڏيڻ جو سلسلو جاري رکندي ايندي، ساده مزاجي ۽ غير حقيقت پسندي ٿئي ها. واقعات اڻ محسوس ٿيندڙ نموني سان پاڪستان کي هڪ قطعي ۽ آخري فيصلي جي طرف ڌڪي آڻي رهيا هئا. اسان کي يا تہ پنهنجن بنيادي قومي مفادن کي نظرانداز ڪري چين جو دشمن بنجڻو هو، ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ کي بدستور فوجي امداد حاصل ڪرڻ جو مستحق بنائي رکڻو هو، يا چين سان پنهنجي تعلقات کي بہ سڌارڻ ۽ آمريڪي فوجي امداد جي معطليءَ جو خطرو کڻي بہ پنهنجين اهم قومي غرضن جي تڪميل لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکڻي هئي. اڃو تہ اڳ ۾ آمريڪا جي عالمي مفادن آڏو چپ چاپ سر تسليم خم ڪرڻ جي نتيجن تي ذرا غور ڪريون.
تابعداريءَ کي ڪن شرطن تي قسط وار قبول ڪرڻ جي امڪانن جو جائزو وٺندي هي ياد رکڻ گهرجي تہ بين الاقوامي سياست جو هڪ ڪم اهو هوندو آهي تہ مختلف راهن جي جستجو ڪئي وڃي ۽ اهڙن اٻهرن فيصلن کان پرهيز ڪئي وڃي، جن ۾ الٽيميٽم جو شائبہ هجي. اهم ڳالهہ حڪمت عمليءَ جي تعميل ۽ انهيءَ ڪارروائيءَ جو اختيار ڪيل رخ آهي. تبديلي آهستي آهستي ۽ نامعلوم نموني سان ايندي آهي، اڪثر حالتن ۾ اها زوردار انڪارن جي پڙدي پٺيان رونما ٿيندي آهي. اهو ڪم، هڪ اهڙي لاباري لاءِ ٻج پوکڻ وانگر آهي، جيڪو فقط پنهنجي قدرتي مدي ۾ پچي راس ٿيندو آهي. موجوده صورت ۾ هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ امڪان لاءِ مناسب ميعاد گذارڻ سان قبوليت ڏيئي سگهجي ها:
(1) هندستان سان هڪ اهڙي جامع فيصلي جي تحت تعاون جو ناهہ، جنهن جي ذريعي سپني جهڳڙن کي هڪ وڏيڪ وسيع ناهہ ۾ سمائي ڇڏجي ۽ پوءِ گڏجي چين جو مقابلو ڪيو وڃي.

(2) آمريڪا ۽ هندستان سان وڏي ۽ وسيع ميدان ۾ تعاون جي شرطن تي هڪ اهڙو خفيہ سودو، جنهن کي قبول ڪرائڻ لاءِ پاڪستان جي عوام کي تيار ڪرڻ لاءِ ڪافي مهلت هجي.

(3) چين جي خلاف هندستان سان هن شرط تي تعاون جو ناهہ ڪرڻ، تہ آمريڪا پنهنجو اثر و رسوخ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان موجود تڪرارن جي هڪ باعزت ۽ منصفانہ حل ڪرائڻ لا استعمال ڪري.

(4) هندستان سان هڪ غير منصفانہ ناهہ، جنهن جي ڪري پاڪستان کي چين جي خلاف مقابلي ۾ ملوث ٿيڻو نہ پوي.

(5) هندستان سان ڪو همہ گير ۽ غير منصفانہ ناهہ نہ ڪجي، پر چين کي پنهنجي ليکي دشمن سمجهڻ جو ناهہ ڪجي، جيئن 1962ع کان اڳي صورتحال هئي.

آمريڪا جي عالمي مقصدن جي دائري اندر، مٿين امڪانن مان ڪنهن بہ هڪ جو انتخاب نہ ٿو ڪري سگهجي. پاڪستان، فقط عالمي طاقتن جي سياست جي دائره کان ٻاهر رهي پنهنجي لاءِ عمل جي آزادي حاصل ڪري سگهي ٿو، جيڪا ٻيا ۽ وڌيڪ فائديمند نتيجا بر آمد ڪندي.

اچو تہ مٿين امڪانن مان هر هڪ جي نتيجن تي غور ڪريون:

1- آمريڪا جي نقطہ نگاهہ کان بهترين حل اهو ٿيندو تہ پاڪستان هندستان سان هڪ همہ گير ناهہ جي تحت، اهڙيءَ طرح تعاون ڪري جو سندن جهڳڙا وڌيڪ وڏي ناهہ ۾ جذب ٿي وڃن ۽ پوءِ ٻيئي ملڪ گڏجي چين جو مقابلو ڪن. ان جي برعڪس، پاڪستان لاءِ هي بندوبست انتهائي نقصانڪار ٿيندو، جنهن جي نتيجي ۾ ذليل ٿي هندستان جي آڏو سر جهڪائڻو پوندو ۽ انهن قدرن سان بي وفائي ٿيندي، جيڪي صدين کان وٺي اسان لاءِ متبرڪ رهيا آهن. ان کان علاوه ان جو نتيجو هڪ اهڙي طاقتور ۽ دوست پاڙيسري سان دشمنيءَ جي صورت ۾ نڪرندو، جيڪو اسان جي هڪ وڏي خطري جي گهڙيءَ ۾ پاڪستان جي مدد لاءِ پهتو هو. اهو حل ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ بدران، ڪشيدگين ۾ اضافو آڻيندو ۽ ڪيئي داخلي مسئلا پيدا ڪندو. اهو حل، جنگ جي شعلن کي اسان جي گهرن اندر پهچائي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ويٽ نام جي جنگ ڦهلجي وڃي، تہ اهو حل اسان جي ملڪ کي مڪمل تباهي ۽ بربادي جي جنگ ۾ ڦاسائي سگهي ٿو. اهڙن شرطن تي طئي ڪيل معاهدو، نہ فقط بيعزتيءَ جهڙو ۽ خطرناڪ ٿيندو، بلڪ ان مان ڪو مادي فائدو بہ حاصل ڪو نہ ٿيندو.

٢- اهڙي قسم جي افسوسناڪ سودي بازيءَ کي گهٽي عرصي تائين خفيہ رکڻ ممڪن نہ ٿيندو، ۽ نہ وري ان کي زياده عرصي تائين لڪائي رکڻ آمريڪا جي مفاد ۾ ٿيندو. ان کان علاوه اهڙي سودي بازي جي انڪشاف مان هيجان پيدا ٿيندو ۽ پاڪستان جو عوام ان جي شديد مخالفت ڪندو.

3-آمريڪا کي اهو چئي سگهجي ٿو تہ فوجي امداد جي بحاليءَ لاءِ ڪفاره طور، پاڪستان چين جي خلاف هندستان سان تعاون ڪندو، بشرطيڪ آمريڪا هندستان تي

پنهنجو اثر وجهي ان کي پاڪستان سان سيني تڪرارن جو باعزت ناهه ڪرڻ تي رضامند ڪري. اهڙي صورت ۾ آمريڪا گهٽو ڪري پاڪستان کي اهو يقين ڏياريندي ته اها هڪ مناسب تصفيه لاءِ نئين سر ڪوشش ڪندي، پر ساڳئي وقت پاڪستان کي خبردار به ڪندي ته اها هندستان کي جمون ۽ ڪشمير تان دستبردار ٿيڻ لاءِ مجبور ڪري سگهڻ جي پوزيشن ۾ ناهي. جيڪڏهن اهڙيون مبهم ۽ ڦِرتي گهڙتيءَ واريون يقين دهانيون ڏنيون وڃن ته، پاڪستان کي ماضيءَ جو تلخ تجربو ياد رکڻ گهرجي، ۽ اهو پڻ ياد رکڻ گهرجي ته شايد اها ڳالهه آمريڪا جي مفاد ۾ ئي نه هجي ته اها لداخ ۾ هندي- چيني جهڳڙي جي پيش نظر، جمون ۽ ڪشمير جي موجوده حالت ۾ خلل وجهي.
پاڪستان اهڙي قسم جي قول ۽ اقرار کان هڪ ڄار ۾ ڦاسي پوندو ۽ جهڳهڙا بنان ڪنهن معقول ۽ اطمينان بخش بنيادن تي ڪيل فيصلي بدران، جيئن جو تيئن باقي رهجي ويندا. جيڪڏهن اهڙين حالتن ۾ پاڪستان جي فوجي امداد بحال ڪئي ويئي ته هندستان پڻ امداد جي بحاليءَ جو مستحق ٿي پوندو. هڻ ملڪ جي پنهنجي اندروني وسيلن ۽ هٿيارن ناهڻ جي اهليت سان گڏ، جيڪڏهن سوويت يونين ۽ ايرندي يورپ کان هٿيارن جي لڳاتار فراهميءَ کان سواءِ آمريڪا جي بحال ٿيل فوجي امداد پڻ شامل ٿي ويئي ته هندستان ۽ پاڪستان جي درميان طاقت جي توازن جو پڙ هندستان جي طرف ڏانهن گهٽو وڌيڪ جهڪي پوندو. اها ڳالهه هندستان سان تڪرارن جي باعزت فيصلي جي اها ڳالهه هندستان جي طرف ڏانهن گهٽو وڌيڪ جهڪي پوندو. اها ڳالهه هندستان سان تڪرارن جي باعزت فيصلي جي سيني امڪانن جو سراسر خاتمو آڻي ڇڏيندي ۽ ڪجهه ئي سالن اندر هندستان پاڪستان تي ڀرپور حملي ڪرڻ جي لائق برتري حاصل ڪري وٺندو. اهڙيءَ صورت ۾ چين، جيڪو پاڪستان جي بدليل موقف کان بيخبر ڪو نه هوندو، پاڪستان جي مشڪلات جي جواب ۾ همدردانه رويو اختيار ڪو نه ڪندو.
انهن حالتن ۾ فوجي امداد جي بحالي ڪنهن طرح سان به فائديمند نه ٿيندي. اهاامداد جيڪڏهن هندستان جي خلاف پنهنجي بچاءَ ۾ استعمال ڪئي ويئي ته اڳئين دفعي وانگر فورا روڪي ويندي، البت هن ڀيري فرق اهو هوندو ته چين به اسان جو مخالف هوندو. انهيءَ قسم جي ذمه داري قبول ڪرڻ سان، چين جي گهيري ٿيڻ بدران، خود پاڪستان جو گهيرو ٿي ويندو. ان طرح ڏکڻ جي طرف کان هندستان ۽ اتر ۽ اوير جي طرفن کان چين جي دشمني قائم رهندي. ۽ تازين اخباري خبرن مان جيڪي ڪجهه اندازو ڪري سگهجي ٿو، تنهن کان افغانستان جو رويو پڻ متاثر ٿيندو. اها هوندي حالت، جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي درميان نئين سر جنگ ڇڙي !
هن وقت يا مستقبل ۾ فوجي سازو سامان جي پهچ جي سطح اهڙي ڪافي ناهي، جو پاڪستان کي چين يا سوويت يونين جي خلاف پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جو اهل بنائي سگهي. انهن طاقتن جي خلاف پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جو اهل بنائي سگهي. انهن طاقتن جي خلاف دفاع لاءِ ملندڙ جنگي سازو سامان جي ناڪافي هئڻ جي اعتراضن جي جواب

۾ آمريڪا هميشہ اصرار ڪيو آهي تہ ڀرپور مسلح ٽڪراءَ جي صورت ۾ اها پاڻ پنهنجي اٿاهہ جنگي طاقت سان ميدان ۾ لهي ايندي ۽ ”آخري“ هٿيارن جي استعمال تي غور ڪندي. ان جي باوجود، ويٽ نام ڪان پوءِ هن ڳالهہ تي ڪو بہ ڀروسو رکي نہ ٿو سگهجي تہ آمريڪا وري ڪڏهن بہ ڀاري تعداد ۾ پنهنجي بري فوج کي ايشيا جي عظيم زميني خطہ ۾ لڙائڻ لاءِ تيار ٿيندي. ان ڪان علاوه، ”آخري“ هٿيارن جي استعمال جو ڪوئي اعتبار هجي ها، تہ صدر ڊي گال فرانس لاءِ هڪ آزاد ائٽمي بچاءُ مهيا ڪرڻ لاءِ مغربي يورپ جي متحده دفاعي نظام ۽ اوقيانوس واري اتحاد کان الڳ ٿيڻ جو جرئتمندانہ قدم هرگز نہ کڻي ها. جيڪڏهن يورپ، جيڪو آمريڪا جي ماءُ آهي، آمريڪا کان پنهنجي بچاءَ لاءِ ائٽمي هٿيارن جي استعمال تي ڀروسو نہ ٿو رکي سگهي تہ ايشيا لاءِ تہ اڃا بہ وڌيڪ ضروري آهي تہ اها هن معاملي ۾ مشڪوڪ رهي. بهرحال، اهڙين حالتن جي تشڪيل ڏيڻ ۾ مدد گار ٿيڻ، جيڪي اسان جي علائقي ۾ ائٽمي هٿيارن جي داخلي جي دعوت ڏين. اسان جي پنهنجي تباهيءَ جو پاڻ اهتمام ڪرڻ ٿيندو. هڪ طرف تہ اسين انهيءَ قابل نہ هونداسون تہ فوجي امداد کي اثرائتي نموني ۾ هندستان جي خلاف، جيڪو اسان جو سيني ڪان وڏو حريف آهي، ۽ جنهن ڪان اسان کي حملي جو کٽڪو لڳوئي رهي ٿو. استعمال ڪري سگهون. ٻئي طرف، جيڪڏهن اسان کي سوويت يونين يا چين جي خلاف ڪٿي استعمال ڪيو ويو، تہ ان ڪان شايد اسان جو ملڪ صفحہ هستيءَ تان ئي ميسار جي وڃي. پوءِ ٻنهي صورتن ۾ 1962ع ڪان اڳ ۾ موجود صورتحال جي واپسيءَ مان تباهڪن نتيجا نڪرندا. انهن شرطن کي تسليم ڪرڻ جو مقصد هيءُ ٿيندو تہ امن جي دوران ڇڪتاڻ وڌندي ئي ويندي۽ جنگ ۾ تباهي نازل ٿيندي. جيڪڏهن اسان انهيءَ مبهم يقين دهانيءَ تي هيءُ ڀروسوڪري وڏو، تہ ائٽمي راڪاسن سان جيڪڏهن اسان جي جنگ ڇڙي تہ اسان جو ستن سمنڊن پار وارو دوست، اسان جي پڪار تي ڊوڙندو ايندو تہ اسان پنهنجي چوڌاري زبردست حريفن جو گهيرو وجهائي ڇڏينداسون. ٿي سگهي ٿو تہ آمريڪا انهيءَ قسم جي يقين دهاني پيش ڪري، ڇاڪاڻ تہ اهو سندس مقصد جي حصول طرف هڪ قدم آهي، پر جيڪڏهن ان فوجي امداد کي انهيءَ قسم جي شرطن تي بحال ڪيو تہ ان سان گڏ ٻيا وڌيڪ رسا پڻ ٻڌل هوندا. آمريڪا جو خيال آهي تہ پاڪستان جي حاليہ ڪارروايون، آمريڪا جي عالمي حڪمت عملين جي مفاد جي خلاف ڪم ڪيو آهي. ان کي ٻيهر سڌي رستي تي آڻڻ جي ڪوشش ۾ هو ان باري ۾ يقين ڪرڻ چاهيندي تہ پاڪستان وري هٿن مان نڪري نہ وڃي. تنهنڪري پاڪستان خواه کهڙيون بہ يقين دهانيون حاصل ڪري ۽ جيڪي بہ يقين دهانيون پاڻ مهيا ڪري، سي بذاتِ خود اعتماد کي بحال نہ ڪري ڇڏينديون. اسان جي ملڪ کي وقت بي وقت سندس وفاداريءَ جي مظاهري تي مجبور ڪيو ويندو، تان جو اها ڳالهہ اسان کي سيني ڪان الڳ ڪري بلڪل محتاج بنائي ڇڏيندي.

4- جيڪڏهن پاڪستان چين جو مقابلو ڪرڻ تي رضامند ٿيڻ ڪان سواءِ، هندستان سان تصفيہ لاءِ آماده ٿي وڃي، تہ اها ڳالهہ پڻ آمريڪا جي لاءِ قابل قبول ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ ان

کي انهيءَ مان درجي بدرجي هڪ موقف حال هنڌ کان ٻئي تائين وڃڻ جو موقعو ملي ويندو. انهن حالتن ۾ هينئن به ٿي سگهي ٿو ته آمريڪا ٻنهي ملڪن لاءِ فوجي امداد بحال ڪري ڇڏي. پر اها ائين ڪندي ته فقط هيءُ يقين ڪري، ته مناسب وقت اچڻ تي انهن ٻنهي جو باهمي تعاون مڪمل ٿي ويندو ۽ نندي ڪنڌ ۾ خود ان جو وڌندڙاثر و رسوخ نيٺ ان کي سندس اولين مقصد حاصل ڪرڻ جي قابل بنائي ڇڏيندو. اهو بندوبست هندستان لاءِ انهيءَ صورت ۾ قابلِ قبول هوندو. ناهه پنهنجي حد کان اڳتي نه وڌي. پر آمريڪا کي اهو فقط عبوري طور منظور هوندو. جيڪڏهن پاڪستان غير مبهم اندازو ۾ به هن امر جي وضاحت ڪري ڇڏي ته ان طرح جو تعاون چين جي خلاف استعمال نه ڪيو ويندو، تڏهن به ان کي انهيءَ ملڪ ۾ ڪوئي به اعتماد حاصل نه رهندو، اهو اعتماد جيڪو وڏي محنت سان حاصل ڪيو ويو آهي، ضايع ٿي ويندو ۽ چين ائين ئي سمجهندو ته حڪمت عمليءَ ۾ تبديلي ۽ ترميم فقط ان جي گهيري ڪرڻ خاطر ڪئي ويئي آهي. ان طرح، انهيءَ صورت ۾ پڻ پاڪستان چين جي دل ۾ شڪ شبها پيدا ڪري ڇڏيندو، ۽ پاڻ کي لڳاتار هڪ کان پوءِ ٻئي مشڪل ۾ ڦاٿل ڏسندو.

پاڪستان جي بين الاقوامي سياست جو سيني کان وڌيڪ سخت امتحان اهڙي اهتمام جي مقابلي ۾ ٿيندو. انهن امڪانن جي شرطن کي هندستان ۽ آمريڪا، ٻنهي جي خوشنودي حاصل آهي. اِهوئي اهو هنڌ آهي، جتي پهچي آمريڪا ۽ هندستان جا متوازي مفاد، هڪبئي جي طرف لاڙو ڪائين ٿا. ان ڪري پاڪستان کي انتهائي چوڪسيءَ کان ڪم وٺي انهيءَ قسم جي چالبازين کي ناڪام بنائڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته آخرڪار انهن جا نتيجا ساڀيائي نڪرندا آهن.

5- پاڪستان، چين سان اهو سلوڪ اختيا رڪرڻ تي رضامند ٿي سگهي ٿو، جيڪو هو 1962ع تائين ان سان هڪ مقابلي ۾ بينل ملڪ وانگر روا رکندو آيو هو، پر هندستان سان باعزت تصفيہ جي غير موجودگيءَ ۾ تعاون کان ڪترائي سگهي ٿو. وقت گذرڻ سان گڏ آمريڪا انهيءَ صورتحال کي غير تسلي بخش ڏٺو آهي. جيستائين هندي-پاڪستاني اختلافات رهن ٿا، تيستائين آمريڪا جو هن علائقي ۾ ڪنهن به اعتماد سان ڪم ڪرڻ مشڪل آهي. انهيءَ صورتحال ۾ اهڙا معاملا گهٽا آهن، جن جي تشخيص نه ٿي ڪري سگهجي. انهيءَ قسم جي تصفيہ مان ان کي نقصان پهچندو ۽ اها هن کان اڳ ۾ ناڪام پڻ رهي چڪي آهي. آمريڪا چاهي ٿي ته چين جو گهٽي کان گهٽو اثرائتو گهيرو ٿي وڃي، جنهن لاءِ نه اڪيلو هندستان ڪافي ٿيندو، ۽ نه تنها پاڪستان. انهن ٻنهي جو تعاون ضروري آهي. پر جيڪڏهن آمريڪا اهڙي نبيري لاءِ رضاند ٿي به وڃي ته اها وري به پنهنجي عالمي مقصد لاءِ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان تعاون جي حالت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي رهندي. خاص ڪري نندي ڪنڌ جي مشرقي بازوءَ ۾ جنگي حڪمت عمليءَ جي مشڪلاتن ڪري جتي صرف ٿورن ميلن جو زمين جو هڪ سوڙهو ٽڪرو پاڪستان کي آسام ۽ هماليا جبلن جي رياستن کان جدا ڪري ٿو. پاڪستان جي تعاون کان سواءِ هي سڄو علائقو مسلح مداخلت جي صورت ۾ ڏاڍو

بيوس آهي. انهيءَ قسم جي ڳاله جو نتيجو هي ٿيندو ته چين ۽ پاڪستان جي درميان هڪ نئين مخالفت اڀري پوندي ۽ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان موجوده ڇڪتاڻ جاري رهندي، جنهن صورتحال جو افغانستان ۾ نظر انداز ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي. ان مان هڪ دفعو وري پاڪستان جو گهيراءُ ٿي ويندو، ۽ هڪ جي بجاءِ ان جا ٽي مخالف ٿي پوندا. ان تي به داستان جو خاتمو نه ٿيندو. جيڪڏهن اسان اهڙا شرط منظو ر ڪيا، ته پاڪستان کان مطالبو ڪيو ويندو ته هو ويٽ نام جي جنگ ۾ علامتي طور شرڪت ڪري. جيئن ئي پاڪستان ويٽ نام ۾ آمريڪا جي جنگي ڪوشش ۾ ٿورو به ملوث ٿيڻ تي تيار ٿيو، ته هو پاڻ کي فوجي امداد جو حقدار ته بڻائيندو، پر چين سان ان جو هڪ ناقابل صلح تنازعو شروع ٿي ويندو، اهڙو ڪم نه فقط تاريخ جي وهڪري جي خلاف ۽ اسان جي زماني جي روش جي منافي ٿيندو، بلڪ هن جو امڪان به آهي ته هي هندستان کي وڏيڪ عداوت ڏيکارڻ تي هن اميد ۾ آماده ڪري ته شايد ان طرح هو هندستان ۽ پاڪستان جي درميان ڪليو ڪلايو جهڳڙو اپاري سگهي. سوويت يونين، چين ۽ بنان ڪنهن شڪ جي، سڀ اشتراڪي ۽ غير منسلڪ رياستون سمجهنديون ته اسان اهڙا زر پرست آهيون، جو پنهنجن ساٿي ايشيائين جي خلاف هڪ وحشيانه ۽ بي انصافي واري جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ کان به نه ٿا هٻڪون.پاڪستان لاءِ سڀ جو سڀ يعني پنج ئي امڪان قبول ڪرڻ جي قابل ناهن. ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اهي سڀ اسان کي يڪسان موتمار نتيجن جي طرف وني وڃن ٿا. ان جو اهو مطلب ناهي ته پاڪستان هندستان سان تصفيه نه ٿو چاهي. بنان ڪنهن شڪ جي، پاڪستان هندستان سان وڏي گرمجوشيءَ سان امن جو خواهان آهي، پر تصفيه باعزت ۽ برابريءَ جي سطح تي هئڻ گهرجي. جڏهن هڪ ڀيرو ناه نوه جي ڳالهين جي بنياد تي انصاف جي مطابق باهمي تڪراري مسئلا حل ٿي ويا ته پاڪستان باهمي فائدن جي بنيادن تي هندستان سان تعاون لاءِ تيار ٿيندو. ان هوندي به اهو تعاون ٻن آزاد ۽ خود مختار قومن جي درميان ٿيڻ گهربو ۽ عالمي طاقتن طرفان سندن مقصدن لاءِ مسلط نه ڪري سگهبو. انهن طاقتن کي هندستان ۽ پاڪستان کي امن جي فضا ۾ پنهنجي مستقبل جي تشڪيل لاءِ آزاد ڇڏڻو پوندو. جيڪڏهن انهن جي تنازعن جو عالمي سياست جي بکيڙن کان الڳ ۽ باعزت تصفيه ٿي وڃي ته پاڪستان ۾ ڪو به شخص ٻنهي قومن جي باهمي تعاون تي اعتراض نه ڪندو.

فوجي امداد جي نتيجن جو تجزيو ڪندي نفعي ۽ نقصان جو گوشوارو پڻ تيار ڪرڻو پوندو آهي. امداد جي بند ٿيڻ جا فائدا به آهن ۽ نقصان پڻ، ان جي تعبير هڪ اهڙي واقعي جي طور تي به ڪري سگهجي ٿي، جنهن پاڪستان کي هڪ اهڙي افسوسناڪ ايشيائي عالمي جنگ ۾ گهير جي وڃڻ کان بچائي ورتو آهي. جيڪڏهن اسان سوويت يونين ۽ چين جي خلاف هٿيارن استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪريون ٿا ته انهن عالمي طاقتن جي ان جي مطابق ذمه داري ٿي پوي ٿي ته اهي پنهنجا هٿيار به اسان جي خلاف استعمال نه ڪن. اها ڳاله پاڪستان ۽ ان جي ٻن طاقتور اترين پاڙيسرين جي درميان

شڪ ۽ چڪتاڻ جي سرچشمن کي ختم ڪري ڇڏيندي. ان طرح پاڪستان پنهنجي سڄي ساري توجهه ۽ وسيلن سان پنهجي سلامتي ۽ علاقائي استحڪام جي خلاف واحد ۽ هڪ ئي حقيقي خطري جو مقابلو ڪرڻ جي قابل ٿي پوندو. سوال اهو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا جي طرفان امداد ٻيهر جاري نه ٿي ته پاڪستان ڪهڙيءَ طرح پنهنجي سلامتيءَ جي خلاف هن خطري سان نبري سگهن ٿو. جيتوڻيڪ اهو صحيح آهي ته فوجي امداد اسان کي هندستان جي خلاف استعمال ڪرڻ لاءِ مهيار نه ڪئي ويئي، تڏهن به انهيءَ امداد جي اسان وٽ موجودگيءَ کي هندستان جي خلاف مانع عنصر جي حيثيت حاصل هئي. گذريل جنگ ۾ پاڪستان انهيءَ وقت تائين امداد کي استعمال ۾ آڻيندو رهيو، جيستائين آمريڪا طرف جنگي سامان جي فراهميءَ تي امتناعي حڪم ۽ ٻيون پابنديون نه وڌنديون ويئون هيون.

هاڻي، اسان کي جنهن سوال جو جواب ڏيڻو آهي، سو اهوآهي ته انهيءَ مانع کي ڪهڙيءَ طرح برقرار رکي سگهجي ٿو.

------------

[1] بيورلي نڪولس ” وردڪٽ آن انديا“ 1944، ص _5 _190.

# باب نائون
# هند و پاڪستان جنگ ۽ ان جا مثال

پاڪستان جي اهم مفادن کي جيڪي آزمائشون درپيش آهن، تن جي مقابلي ڪرڻ جي بهترين طريقن تي تڏهن ئي غور ڪري سگهبو، جڏهن ان جي دنيا ۾ بيهڪ جي حيثيت تي نظر وجهبي. دراصل، پاڪستان جي بين الاقوامي حيثيت جو تخمينو ۽ عالمي مسئلن ڏانهن رويو هن ڳالهه جي تعين ڪرڻ لاءِ انتهائي اهميت رکن ٿا ته هو ڪهڙيءَ طرح پنهنجن اندروني مسئلن ۾ ٻاهرين مداخلت جو مقابلو ڪري سگهي ٿو. ڪنهن حد تائين آمريڪا ۽ هندستان جون حڪمت عمليون هڪٻئي جي متوازي آهن. پر پاڪستان جي خوشقسمتي آهي، جو انهن ٻنهي ملڪن جي مقصدن جي آخري غرضن ۾ فرق آهي. پاڪستان لاءِ پنهنجي اقتدار جي مفاد ۾ اهو لازمي آهي ته هو پنهنجي سياست کي اهڙي نموني ۾ هلائي، جو اهي ٻه متوازي ليڪون هڪٻئي کان دور هٽنديون وڃن ۽ منجهن جيڪي تضاد آهن، تن ۾ وڌيڪ وسعت ايندي رهي. هندستان پاڪستان کي پارت ماتاجي آغوش ۾ واپس آڻڻ چاهي ٿو، پر هو چين جي خلاف ڪنهن عالمي چڪتاڻ ۾ ڦاسڻ نه ٿو چاهي. آمريڪا هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هن غرض لاءِ هڪ بامقصد تعاون چاهي ٿي ته جيئن چين کي گهيرو ڪيو وڃي. هندستان پنهنجي داخلي معاملن ۾ پڻ انهيءَ وڌنڌڙ دخل اندازي کي سخت ناپسند ڪندو، جنهن جو مقصد ان کي سرد جنگ جو سر گرم آلهه ڪار بنائڻ آهي،

پاڪستان لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪوئي چارو ڪونهي ته هو انهيءَ خارجي مداخلت جو، جيڪا ان جي قومي مفاد جي خلاف آهي، مقابلو ڪري ۽ ننڍي کنڊ ۾ پنهنجن جائز حقن جي پرم رکڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکي. ان جي ڪاميابي يا ناڪاميابيءَ جو دارومدار هڪ طرف هندستان سان سندس سڌيءَ طرح ٻه- طرفن تعلقاتن تي، ۽ ٻئي طرف آمريڪا سان تعلقات، ۽ وري ٻنهي سان مشترڪ تعلقات تي رهندو، پر اها ڪاميابي يا ناڪاميابي هن انداز تي پڻ رهندي، جنهن سان هو پنهنجيون بين الاقوامي ذميواريون پوريون ڪري ٿو ۽ پنهنجي عام خارجه پاليسيءَ کي هلائي ٿو.

جيتوڻيڪ پاڪستان لاءِ سيني کان وڏي آزمائش هندستان جي طرف کان اچي ٿي ۽ بين الاقوامي دٻاءُ جو سيني کان وڌو بار آمريڪا جي طرفان پوي ٿو، ان جي باوجود انهيءَ معاملي ۾ باقي ٻيءَ دنيا کي نظرانداز ڪري ڇڏڻ غلط ٿيندو، جهڙيءَ طرح اهو ضروري هو ته پاڪستان سان آمريڪا جي تعلقات جي ارتقا جي جاچ ڪئي وڃي ته جيئن انهيءَ ملڪ جي حاليه ڪارگذارين جي صحيح تشريح ڪري سگهجي، جيڪي پاڪستان تي اثر انداز آهن، تهڙيءَ طرح پاڪستان لاءِ پڻ اهو اوتروئي ضروري آهي ته هو دنيا جي آزمائش سان پوريءَ طرح مقابلو ڪري سگهڻ لاءِ دنيا، ايشيا ۽ ننڍي کنڊ جي حوالهه سان دنيا ۾ پنهنجي مقام کي متعين ۽ واضح ڪري سگهي.

پاڪستان تي هيءَ هڪ اخلاقي ذميواري آهي تہ هو سامراجيت جي خاتمي جي حمايت ڪري ۽ هڪ وڌيڪ منصفانہ اقتصادي ۽ سماجي بين الاقوامي نظام لاءِ ڪوشان رهي. آفريشيائي، اتحاد، آزاديءَ جي حق ۾ هڪ مضبوط قوت آهي ۽ آفريشيائي قومن جي هڪ ميمبر هئڻ جي حيثيت ۾ پاڪستان لاءِ آفريشيائي تحريڪ جي منڍ ۾ هئڻ ضروري آهي. پاڪستان ڪان بلڪل بجا طور تي اهو مطالبو ڪري سگهبو تہ هو انهن ٻنهي ڪنڌن جي عوام جي امنگن سان پنهنجي مطابقت کي جاري رکندو اچي. اسان وانگر ايشيا ۽ آفريڪا جا اڪثر حصا صدين تائين غلاميءَ ۾ جڪڙيل رهيا آهن. هڪ نئين آزاد ٿيل ملڪ جي حيثيت ۾ اسان جو اهو لازمي فرض آهي تہ اسان سياسي آزاديءَ ۽ اقتصادي ترقيءَ جي رفتار کي تيز ڪريون. اسان ٻين جي منصفانہ مقصدن جي طرفداري ڪرڻ ڪان هٽڪي، هيءَ اميد نہ ٿا ڪري سگهون تہ اهي اسان جي حقي واجبي ۽ منصفانہ مقصدن جي حمايت ڪندا. اسين فقط ان وقت پنهنجي وقار ۾ اضافي ۽ پنهنجن مقصدن لاءِ پنيرائيءَ ۾ واڌاري جي اميد ڪري سگهون ٿا، جڏهن اسين گڏيل جدوجهد ۾ حصو وٺي، رفاقت ۽ مساوات جي جذبن سان پنهنجو اثر و رسوخ استعمال ڪرڻ لاءِ تيار هونداسون. آفريشيائي استحڪام نہ تہ ڪا ڏند ڪٿا آهي، ۽ نہ ڪو نظرياتي فلسفو آهي، پر اهو اسان جي انفرادي ترقي ۽ اجتماعي تحفظ، ٻنهي لاءِ هڪ لازمي شرط آهي. دنيا جون ترقي پذير قومون، جن جي وڏي اڪثريت آفريڪا ۽ ايشيا ۾ واقع آهي، دنيا جي مزدور طبقي تي مشتمل آهن. جيتوڻيڪ انفرادي طور اهي اهڙيون ئي ڪمزور ۽ مفلس ٿي سگهن ٿيون، جهڙو هڪ مزدور يا ڪڙمي، پر سڀ گڏجي اهي اوترائي مضبوط آهن، جهڙا هڪ اجتماعي تحريڪ جا محنتي عوام.

هن وقت تائين پاڪستان، ايشيا ۽ آفريڪا جي امنگن سان پنهنجي وابستگي ڏيکارڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي ۽ آفريشيائي ملڪن لاءِ اسان جي حمايت اسان لاءِ نمايان طور فائديمند رهي آهي. يورپ وانگر، ايشيا ۽ آفريڪا ۾ بہ ڪي اهم رياستون آهن، جن تي پاڪستان کي خاص توجه ڏيڻ گهرجي. آفريڪا ۾ ان کي مسلم رياستن ۽ دولت مشترڪ جي ميمبر ملڪن ڪان علاوه، فرينچ ٻولي ڳالهائڻ وارن ملڪن سان بهتر تعلقات قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ ايشيا ۾ اسان کي پنهنجي توجه پنهنجن پاڙيسري ملڪن، جپان ڪئمبوڊيا ۽ ويٽ نام جي بهادر قوم تي مرڪوز ڪرڻ گهرجي، جيڪا اسان جي خاص همدرديءَ جي حقدار آهي.

جپان پنهنجي انتهائي ترقي يافتہ معيشيت جي ڪري ايشيا جو سيني ڪان وڌيڪ خوشحال ملڪ آهي. اولهہ جرمنيءَ وانگر ان تي بہ هن وقت آمريڪا جو گهڻو اثر آهي. چين جي خلاف آمريڪا جي عظيم منصوبي جي لحاظ ڪان هي ملڪ ڪيترن ئي سببن ڪري ايشيا جو عظيم ترين ملڪ آهي. ٻي مهاڀاري لڙائي ڪان پوءِ ڪيترن ئي سالن تائين جپانين بين الاقوامي معاملن ۾ ڏاڍو گهٽ حصو ورتو، پر هاڻي اهي ايشيائي ۽ عالمي معاملن ۾ روزانہ وڌندڙ اثر وجهي رهيا آهن. ان جي باوجود ايندڙ گهڻي عرصي تائين جپانين جي مفادن جو آمريڪي مفادن ڪان منحرف ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي. ان

جو هڪ مثال اهو آهي ته جپان پاڪستان انٽرنئشنل ايئرلائينس کي ڪئنٽن ۽ شهانگائيءَ وارن پروازن کي ٽوڪيو تائين توسيع ڏيڻ جي اجازت نه ڏني. اسان کي انهن قسمن جي مسئلن سان نپائڻ ۽ تحمل جي عادت سکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اسان جي لاءِ جپان سان پنهجن اقتصادي ۽ ثقافتي تعلقات کي بهتر بنائڻ ضروري آهي ۽ انهيءَ وچ ۾ اسان کي جيستائين جپانين جي حمايت حاصل نه ٿي ٿئي، تيستائين ڪيس انهن معاملن ۾ جيڪي اسان جي لاءِ اهم آهن، غيرجانبدار رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

پاڪستان جي هڪ اهم بنيادي ذمه داري اها آهي ته هو پنهنجي روايتي خارجه پاليسيءَ جي مطابق، جيڪا ملڪ جي آئين ۽ نظريي جي عائد ڪيل ذميدارين جي آڌارتي تشڪيل ڏنل آهي، مسلم قومن ۾ رفاقت جي جذبي جي پرورش ڪري. مراڪش کان انڊونيشيا تائين ڦهليل مسلم ملڪن سان اسان جا ڪيئي ناتا ۽ لاڳاپا مشترڪ آهن، ۽ آزاديءَ کان به اڳي، نندي ڪنڊ جامسلمان اسلامي مقصدن لاءِ جيتري به امداد ڏيئي پئي سگهيا، سا ڏيندا هئا. استحڪام جي اها تحريڪ هڪ اهڙو عنصر آهي، جنهن کي وڏيون ۽ عالمي طاقتون پنهنجي پاليسين جي تشڪيل ۾ نظرانداز ڪري نه ٿيون سگهن. جيتوڻيڪ پاڪستان جي حڪمت عملي هميشه کان وٽي مسلم ملڪن سان امڪان جي حد اندر دوستانه تعلقات وڌائڻ جي رهي آهي، ان جي باوجود ان کي ڪن موقعن تي دشواريون به درپيش آيون آهن. جيڪي ناڪاميون به ٿيون آهن، تن مان ڪن لاءِ ذمه داري ته اسان جي بين الاقوامي معاملن ۾ تجربي جي ڪميءَ ۽ ڪجھ وچ اوڀر جي بار بار رونما ٿيندڙ جنگين تي آهي.

وچ اوڀر جا روايتي مسئلا هميشه تمام وڏا نظر ايندا آهن، پر انهن کي سن1967ع واري عرب اسرائيل جنگ کان رونما ٿيل مسئلن پنتي ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ مختصر تصادم، گهٽ ۾ گهٽ عارضي طور انهيءَ علائقي جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو آهي ۽ طاقت جي توازن ۾ به انقلابي تبديلي آڻي ڇڏي آهي. انهيءَ مان عربن کي بيحد نقصان پهتو آهي، پر ٿي سگهي ٿو ته شڪست جو ڏنگ، سندن اڳواڻن کي وري ٻيهر جمع ٿيڻ ۽ انهن نقصانن جي تلافي ڪرڻ ۽ ساڻن ٿيل زيادتين جي علاج ڪرڻ جو موقعو مهيا ڪري وجهي. عربن جا داخلي اختلاف ۽ جهڳڙا، جيڪي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پيچيده ٿيندا پئي ويا، تن کي شايد هاڻي نبيرڻ جو موقعو ملي وڃي. عرب رياستن ۾ دشمنيءَ جي مختلف سببن مان وڏي کان وڏو سبب انهن جي متضاد سماجي نظامن جي درميان اختلاف آهي، پر جيڪڏهن سرمايه داري ۽ ڪميونزم جا نظام باهمي بقا جي اصول تي هڪبئي سان گڏو گڏ رهي سگهن ٿا، ته پوءِ عرب قدامت پسندي ۽ عرب اشتراڪيت جي درميان هڪ قابل عمل رواداريءَ جو قيام، انساني ڪوشش جي پهچ کان ٻاهر ٿيڻ نه گهرجي، خصوصا جڏهن اسلام، ٻولي ۽ جاگرافي سندن درميان وابستگي جون مستقل ڪڙيون آهن. جنگ جي داغن ۽ شڪست جي نتيجن جي اصلاح جي ضرورت کان انهيءَ نيبهھ جي طريقي جي تحريڪ ٿيڻ گهرجي، جيڪو عرب

اشتراڪي ۽ روايتي حڪومتن جي درميان نهايت ضروري آهي. جيئن ته متحده عرب جمهوريه، عرب دنيا ۽ آفريڪا ۾ هڪ خاص مقرر رکي ٿي انڪري ۽ ڪن وڏيڪ واضح سببن جي آڌار تي پڻ پاڪستان کي ان سان گهاٽا تعلقات قائم ڪرڻ گهرجن. ضروري ناهي ته اها ڳالهه سعودي عرب ۽ ٻين ملڪن سان پاڪستان جي دوستانه تعلقات جي منافي ٿئي. يمن ۾ ڇڙيل جنگ عربن جي باهمي تعلقات کي خراب ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جو جلد خاتمو ٿيڻ گهرجي، ته جيئن عرب اتحاد اسرائيلي خطري جي مقابلي ڪرڻ لائق بنجي. جيڪڏهن عرب فوجون ايڏي وڏي تعداد ۾ يمن ۾ رڌل نه هجن ها، ته گذريل جنگ ۾ انهن کي اسرائيل جي خلاف بهتر طريقي سان استعمال ڪري سگهجي ها.

يمن ۾ انهيءَ لاحاصل جنگ جو الميو هيءُ آهي ته لڙائيءَ جي خاتمي جو هڪ عهدنامون، جنهن کي "جده وارو معاهده" سڏجي ٿو، متحده عرب جمهوريه ۽ سعودي عرب جي درميان اڳيئي هڪ سال کان به وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي، ان جي باوود ان تي عملدرآمد لاءِ توري به ڪوشش نه ڪئي ويئي آهي. جيڪڏهن دوست ملڪ انهيءَ معاهده تي عملدر آمد لاءِ زور ڏين، جيڪو انهن ملڪن جي درميان اڳيئي رضاڪارانه طور طئي ڪيو ويو آهي، ته ان کي ڪنهن طرح سان به دخل درمعقولات نه ٿو چئي سگهجي. جيڪڏهن يمن ۾ جنگ ختم نه ٿي ۽ جيڪڏهن عدن ۽ پسگردائي ۾ بدنظمي وڌيڪ شدت اختيار ڪري ويئي ته اهو پر خطر علائقو شديد جنگ و جدل جو آکاڙو بنجي سگهي ٿو، جنهن ۾ نه فقط مسلمان رياستون هڪ ڏکهي تنازعي ۾ اٽڪي پونديون، پر عظيم طاقتون پڻ مداخلت لاءِ ڇڪجي اينديون. عرب رياستن کي انهيءَ ڳالهه ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي ته عظيم طاقتن کي مداخلت جي دعوت ڏيڻ جو مطلب ڇا ٿيندو آهي. عرب اسرائيلي جنگ کان اڳي به انهيءَ علائقي ۾ عظيم طاقتن جي مداخلت انهن لاءِ لاتعداد مشڪلاتون پيدا ڪيون هيون. وڏين ۽ عظيم طاقتن جي خلاف مقابلي جا ڪيئي طريقا آهن، جن مان هڪ هيءُ آهي ته انهن حالتن کي ختم ڪيو وڃي، جيڪي انهن جي مداخلت کي ڪشش ڪرڻ جا سبب ٿين ٿيون. عظيم طاقتن جي مداخلت کي ختم ڪرڻ لاءِ، عرب رياستن کي ايراني نار واري علائقي جي مسئلن تي نئين سر غور ڪري علاقائي ڪشيدگين کي ختم ڪرڻو پوندو. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته هن علائقي جي غريب عوام جي بي انداز دولت کي لٽ مار کان بچايو وڃي. هن وقت نار وارن علائقن جي عرب شيخن جي وفاق تي غور هلي رهيو آهي ته جيئن اجتماعي استحصال ۾ آساني ٿئي. آزاديءَ جي برڪت خلا پيدا نه ڪندي آهي، بلڪ هڪ آزاد قوم پنهنجن حقن جي بهترين نگهبان هوندي آهي. "سياسي خلا" جو نظريو، جديد سامراجيت جي پيداوار آهي ۽ برطانيه جي روانگي ڪوبه اهڙو خلا پيدا نه ڪندي. ايراني نار جي ماڻهن کي سندن مسئلا هڪ حقيقي طور آزاد ۽ خودمختار قوم وانگر حل ڪرڻا پوندا، جن ۾ سامراجيت جي پنيان ڇڏيل تعصبن واري ڪج- فهمي شامل نه هجي. پاڪستان کي شورش جي اهڙن طاقتور علائقن تي چوڪسيءَ واري نظر رکڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته حالات ڪنهن به وقت ان کي ٻن متضاد فيصلن مان

ڪنهن به هڪ جو انتخاب ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهن ٿا، جن جو ڪو تسلي بخش نتيجو نڪري نه ٿو سگهي. ان ڪي ڪشيدگيءَ گهٽائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيس پنهنجي برادرانه اسلامي رياستن جي درميان پرامن باهمي بقا جي لاءِ وس آهر هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

عربن جا اندروني جهڳڙا، يمن ۾ تصادم ۽ عرب دنيا ۾ ترقي پسند ۽ قدامت پسند حڪومتن جي درميان رقابتون، سڀ جون 1067ع جي وچ اوڀر واريءَ جنگ جي آڏو هيچ ٿي چڪيون آهن. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ واري زماني ۾ ٻيو ڪو به واقعو هن کان وڏيڪ علاقائي ڦير گهير جو سبب نه بنيو آهي. ان عالمي طاقتن جي درميان خوف جي توازن جي وجود جي مقصد کي مشڪوڪ بڻائي ڇڏيو آهي، ۽ باهمي بقا واري نظريي تي چين جي نڪته چينيءَ کي تقويت ڏني آهي.

انهن واقعن تي غور ڪرڻ لاءِ، اهم ڳالهه هيءَ آهي ته مختلف واقعن جي پيٽ ڪئي وڃي ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ سبق پرايا وڃن. پاڪستان جي خلاف اڳرائي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾، هندستان طرفان پاڪستان جي علاقائي سالميت جي خلاف دست درازيءَ جي مقابلي ڪرڻ لاءِ سندس عزم ۽ حوصلي جي آزمائش ڪرڻ لاءِ ڪڇ جي رڻ ۾ جنگي ڪارروائي شروع ڪئي ويئي. اهڙيءَ طرح اسرائيل طرفان نومبر 1966ع ۾ اڳرائي جي رستي تي گامزن ٿيڻ کان اڳ ۾، پهريائين اردن ۽ پوءِ شام جي خلاف آزمائشي ڪارروايون ڪيون ويئون هيون. وزيراعظم شاستري ۽ اسرائيلي وزيراعظم ليوي ايشڪول پنهنجي اڳرائيءَ جي نشانن بنجڻ وارن کي ڌمڪائڻ لاءِ هيئن چئي بلڪل ساڳيائي لفظ استعمال ڪيا ته هو حملي لاءِ جاءِ ۽ وقت جو انتخاب پاڻ ڪندا.

هندي —پاڪستاني جنگ ۽ عرب رياستن ۽ اسرائيل جي درميان تصادم ۾، علائقن جي غاصبن طرفان اڳرائي ڪئي ويئي. ان جي باوجود ڪن مغربي طاقتن اڳرائيءَ جو نشانو ٿيندڙ ملڪن جي خلاف، جنگي اقدامات ڪرڻ لاءِ نڪته چيني ڪئي، ۽ هنن کان هيءَ ڳالهه وسري ويئي ته اقوام متحده جو چارٽر خود-مدافعت جو حق ڏئي ٿو ۽ عام بين الاقوامي قانون، ”جائز جنگ“ جي طئي ٿيل اصول جي تحت آزاديءَ جي جنگين جوتڻ جي اجازت ڏئي ٿو. جهڙيءَ طرح پاڪستان، جمون ۽ ڪشمير ۾ آزاديءَ جي جنگ لڙڻ وارن جي فوري امداد لاءِ نه پهتو هو، بلڪل ساڳيءَ طرح عرب رياستون پڻ عقبه جي نار کي بند ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڪارروائيءَ کي ان جي منطقي نتيجي تائين پهچائي نه سگهيون جنهن جو بين الاقوامي قانون جي تحت ڪين حق حاصل هو. نه پاڪستان ۽ عرب رياستن پنهنجي حق جي واضح استعمال جي تڪميل ڪئي ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو ته سيني جو نقصان ٿيو. ٻنهي حالتن ۾ ”آءَ“ ڪرڻ جو موقعو غاصبن لاءِ ڇڏيو ويو، جن پنهنجي پوري طاقت سان پهريون وار ڪري ڀرپور فائدو ورتو. هندي- پاڪستاني جنگ ۾ پاڪستان جي هوائي، فوج، آسمانن تي غلبو حاصل ڪيو ۽ انهيءَ فوقيت جو جنگ جي نتيجي تي اثر پيو. وچ اوڀر واري جنگ ۾ اسرائيل اچانڪ حملو ڪري، فضا ۾ فيصلو ڪندڙ برتري حاصل ڪري وڌي. ٻنهي جنگين ۾

اڳرائي ڪندڙن جنگبنديءَ جي معاهدن کي ٽوڙيو ۽ جنگ بند ٿيڻ جي اعلان کان پوءِ جنگي اهميت جي جاين تي قبضو ڄمايو. ٻنهي حالتن ۾ عالمي طاقتن طرفان فقط تعزيرن جي ڌمڪي ڏني ويئي. هندو پاڪستان جنگ کان پوءِ، هندستانين ڪشمير ۾ نسل ڪشي جي ڪارروائي ڪئي ۽ مسلمانن کي ماري ڪٽي ۽ سندن گهرن کان ڀڄائي انهن هنڌن تي هندو ڊوگرن کي آباد ڪيو. ساڳيءَ طرح يهودين هاڻي انهن علائقن کان، جن تي اهي قابض ٿي ويا آهن، مقامي عربن کي ڀڄائڻ شروع ڪيو آهي ۽ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ يهودين کي انهن ملڪن ۾ سڪونت ترڪ ڪري، نون علائقن ۾ اچي آباد ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي.
عظيم طاقتن جي روين ان کان به وڏيڪ مشابهت ڏيکاري. آمريڪا هندي- پاڪستاني جنگ جي دوران پنهنجي غير جانبداريءَ جو اعلان ڪيو، پر ان جو نتيجو پاڪستان لاءِ مشڪلات جي صورت ۾ نڪتو. اهڙيءَ طرح عرب- اسرائيلي جنگ ۾ ان پنهنجي غيرجانبداريءَ جو اعلان ڪيو، پر اسرائيل سان همدردي ڪئي. عوامي جمهوريه چين طرفان هندستان کي التيميٽم ملڻ بعد آمريڪي ۽ برطانوي طاقتن پاڪستان کي خوفناڪ نتيجن جي ڌمڪي ڏني ۽ اسرائيلي حملي کان ڪجھ ڏينهن اڳ ۾ قاهره ۾ آمريڪي سفير صدر ناصر کي خبردار ڪيو. ٻنهي جنگين ۾ آمريڪا ۽ سوويت يونين طرفان اقوام متحده ۾ تعاون ڪيو ويو ۽ جنگبنديءَ جو مطالبو ڪيو ويو. سلامتي ڪائونسل جي سايه هيٺ رهي آمريڪا ۽ سوويت يونين ٻنهي گڏجي هڪ اهڙو ٺهراءُ تيار ڪيو، جنهن کان جنگ ته بند ٿئي، پر تنازعن جي حقيقتن کي متعين ڪرڻ لاءِ ڪجھ به نه ٿيو.
انهيءَ باهمي تعاون جي اثر تي بحث ڪندي سينيٽر فلبرائيٽ پوي ٿو:
”سيپٽمبر1965ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ ۾ فائر بندي ڪرائڻ ۾ سوويت- آمريڪي تعاون، هڪ اهڙي فائديمند اشتراڪ جو مثال آهي، جنهن کي ويٽ نام جي جنگ وڏيڪ مشڪل بنائيندي وڃي ٿي- اهو تعاون- يا ”متوازيت“ (پئر للزم)، جيئن ان کي سڏيو ويو آهي- ان ڪري ممڪن ٿيو جو ڪشمير جي لڙائي ٻي عالمي جنگ کان پوءِ واري زماني جي انهن چند لڙاين مان هڪ ۽ شايد اهم ترين به آهي، جن سان روس ۽ آمريڪا جا هڪجهڙائي مقصد وابسته هئا- هڪ اهڙي جنگبندي، جنهن مان نه ته پاڪستان جي ۽ نه وري هندستان جي ڪا گهٽتائي هئي، ۽ چين کي روڪي رکڻ جو تاثر به قائم ٿئي. آمريڪا ۽ سوويت روس جي دلچسپيءَ جو نتيجو اهو ٿيو جو انهن اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل جي جنگبنديءَ جو ٺهراءُ مڃائڻ لاءِ ڏرين تي فيصله ڪن اثر وڌو.“
وچ اوير تي ٺهرائن مرتب ڪرڻ لاءِ اقوام متحده جي پڙدي پنيان عالمي طاقتن جو گڏجي ڪم ڪرڻ انهيءَ سلوڪ جي ياد تازي ڪرائي ٿو، جيڪو ڪشمير سان ويهه سال اڳي جنگ جي شروعات واري ڏينهن کان وٺي سيپٽمبر1965ع تائين جڏهن سلامتي ڪائونسل هڪ دفعو ٻيهر جنگبنديءَ جو مطالبو ڪيو، روا رکيو ويو هو. اهوئي ساڳيو

داستان هاڻي، بنان ڪنهن ڦيرڦار جي، وري لکجي رهيو آهي. انهيءَ ساڳئي شخص، گنريارنگ کي ڪاغذن جي انهيءَ ٿيهلي سان وچ اوڀر جي گادين وارن شهرن ڏانهن روانو ڪيو ويو آهي، جنهن طريقي سان هن کي ڏهن ڪان به ڪجھ سال اڳي هندستان ۽ پاڪستان جي سفر تي موڪليو ويو هو. ٻنهي حالتن ۾ اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل کي جنگبنديءَ جي وڪالت ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو ۽ عظيم طاقتن اقوام متحده کي سندن حڪمت عملين ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ سهاري طور استعمال ڪيو. ٻنهي جنگين ۾ هڪ پيرو جڏهن وڏين طاقتن جي درميان ڳالھ طئي ٿي ويئي، تڏهن سلامتي ڪائونسل طرفان جنگبنديءَ جو مطالبو ڪيو ويو ۽ تعزيري اقدامات جي ڌمڪي ڏني ويئي. ٻنهي جنگين ۾ سوويت يونين جي اها مرضي ڪانه هئي ته لڙائي عظيم طاقتن جي درميان تصادم ۾ تبديل ٿي وڃي ۽ انڪري اها هر قيمت تي لڙائي بند ڪرائڻ جي فڪر ۾ هئي. عرب اسرائيلي جنگ ۾، سوويت يونين هڪ مذبذب پوزيشن اختيار ڪئي، جهڙيءَ طرح ان هندي- پاڪستاني جنگ ۾ ڪئي هئي، ۽ آخري طور ان ٻنهي موقعن تي آمريڪا سان مشترڪ مرضي مسلط ڪرڻ خاطر اشتراڪ ڪيو.

امن جي ڳولا ۾ فرانس ٻنهي لڙاين ۾ محض جنگبندي تائين نه، پر ان ڪان پوءِ تائين به حالتن جو مشاهدو ڪري تعريف لائق ڪردار ادا ڪيو، پر برطانيه ٻنهي حالتن ۾ آمريڪا جو ساٿ ڏنو. هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ ۾، جيئن چيو ويو هو، تيئن هاڻي پڻ اشارن ۾ ائين چيو پئي ويو ته اسرائيلي فوجن جي واپسيءَ جي متعلق اقوام متحده جو ٺهراءُ فقط آمريڪا، سوويت يونين ۽ انگريزن جي اشتراڪ سان مؤثر ٿي سگهي ٿو ۽ هيءُ پڻ، ته جيڪڏهن اقوام متحده صلح ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿئي ته چين ڪان سواءِ باقي چئن وڏين طاقتن کي وچ اوڀر ۾ امن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. چين ٻنهي جنگين ۾ اڳرائيءَ جو نشانو بڻيل ملڪن جي مڪمل حمايت ۾ سامهون آيو، جيئن "ٽينءَ دنيا" جون باقي گهڻيون قومون پڻ حمايت ۾ آيون. هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ جي خاتمي ڪان هڪدم پوءِ آمريڪا طرفان هندستان ۽ پاڪستان کي مشترڪ اقتصادي رٿائن ۾، اشتراڪ عمل تي راضي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ شروع ڪيو ويو. وچ اوڀر جي جنگ جي ميدان مان بارود جي بوءِ اڃا مشڪل سان ئي بند ٿي آهي ته آمريڪا جي طرفان عرب رياستن ۽ اسرائيل جي درميان اقتصادي تعاون جي آڏين ترڇين تجويزن جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. هندستان ۽ پاڪستان جي باري ۾ جيئن ڪيو ويو، تيئن هتي پڻ دريائن جي پاڻيءَ ۾ ڀائيواريءَ جي فائدن جا راڳ آلاپڻ شروع ڪيا ويا آهن. اپريل 1967ع ۾ آمريڪا پنهنجي حڪمت عمليءَ تي نظرثاني ڪرڻ بعد پاڪستان ۽ هندستان جي امداد بند ڪرڻ ڇڏي هئي. هاڻي آمريڪي ايوان نمائندگان جي پرڏيهي معاملن واري ڪاميٽيءَ جي متعلق خبر آئي آهي ته اها وچ اوڀر ۾ آمريڪي امداد جو مطالعو ڪرڻ لاءِ ماتحت ڪاميٽيون قائم ڪرڻ تي غور ڪري رهي آهي، ۽ اهو تجويز ڪيو ويو آهي ته عظيم طاقتن وچ اوڀر ۾ هٿيارن کي محدود

ڪرائڻ لاءِ اشتراڪ عمل ڪن. ٻنهي معاملن ۾ آمريڪا واسطيدار ڌرين ۾ هڪ "هم اڳير" ناهه تي زور ڏيئي رهي آهي. ٻنهي حالتن ۾ شايد سڀني کان وڌيڪ قابل ذڪر هڪجهڙائي ويٽ نام جي جنگ جو اونداهو پاڇو هو، جنهن تضاد طور جتي ٻنهي جنگين کي شروع ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو، اتي انهن کي جلد ختم ڪرڻ جي مجبوري پڻ مهيا ڪئي.

ٻنهي صورتن جي درميان جيڪي اختلافي نڪتہ آهن، سي پڻ هن لحاظ کان گهٽ دلچسپ ناهن تہ اهي بين الاقوامي صورتحال جي پيچيده حقيقتن اجا بہ وڌيڪ واضح مثال پيش ڪن ٿا. پاڪستان ۽ عرب جا رياستن جي صورتحال جي درميان سڀني کان وڌيڪ واضح ۽ نمايان اختلاف اهو معلوم ٿئي ٿو تہ جتي چين صاف صاف ۽ غير مشروط لفظن ۾ اسان جي حمايت ڪئي ۽ قريبي پاڙيسري هئڻ ڪري هو پنهنجي الٽيميٽم تي عمل ڪري پئي سگهيو، اتي سوويت يونين جي عرب دنيا لاءِ امداد جنگ جي انتهائي نازڪ حالت ۾ مايوس ڪندڙ ثابت ٿي. فوجي لحاظ کان، جنگبنديءَ کان ٿورو ئي اڳي پاڪستان جي حالت بهتر هئي، جڏهن تہ عرب اسرائيلي جنگ ۾، اسرائيلي پنهنجا مقصد حاصل ڪري جنگبنديءَ تي ناهہ ٿيڻ جي وقت تائين اڳتي وڌندا رهيا.

واقعات کي جيڪڏهن صحيح نموني ۾ قابو ۾ رکيو وڃي، ۽ جيڪڏهن موقعن جو مناسب استعمال ڪيو وڃي تہ اهي برطانيہ جي "سئيز کان اوڀر" واري ڪردار کي ختم ڪري ڇڏيندا. آمريڪا پنهنجين ڪاميابين جي باوجود، وچ اوڀر ۾ پنهنجي ڊگهي مدت واري پوزيشن کي نقصان پهچايو آهي. سوويت يونين جي وقار کي پڻ ڌڪ لڳو آهي ۽ جيڪڏهن ڀاري فوجي امداد ۽ واضح حمايت جي ٻين اقدامن سان گڏ ان ڪو نئون شاندار مظاهرو نہ ڪيو تہ عرب دنيا ۾ ان جي وقار جي فوري بحاليءَ جا امڪان گهٽ آهن. چيو وڃي ٿو تہ ڪيوبا طرفان سوويت يونين تي "شرمناڪ آڻ" مڃڻ جو الزام لڳايو ويو. سوويت وقار کي لڳل ڌڪ جي اصلاح ڪرڻ لاءِ اسرائيل سان سفارتي تعلقات ٽوڙيا ويا، روسي وزيراعظم جنرل اسيمبليءَ ۾ ويو ۽ صدر پوڊ گورني قاهره، دمشق ۽ بغداد ويو، پر جيستائين سوويت يونين اسرائيل کي مقبوضه علائقن تان دستبردار ٿيڻ لاءِ مجبور ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي ٿئي ۽ عالمي قيادت لاءِ پنهنجي دعوي  کي ٻيهر مڃائڻ لاءِ ٻيا مناسب اقدامات نہ ٿي ڪري. تيسين ان جو وقار آسانيءَ سان بحال ٿي نہ ٿو سگهي. عرب- اسرائيل جنگ ڏانهن اختيار ڪيل سوويت رويي تي عرب ملڪن ۾ نااميدي رونما ٿي. روسي مصلحت جو سبب هي بيان ڪيو ويو آهي تہ ان جي مداخلت جو نتيجو ٽين عالمي جنگ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ها، ۽ جيڪڏهن اهڙي جنگ ڇڙي ها تہ اها سوويت يونين جي تباهي تائين محدود نہ رهي ها. جيڪڏهن انگريز ۽ آمريڪا جهڙن طاقتون اسرائيل سان ڪيل وعدن کي پوري ڪرڻ لاءِ جنگ جي نتيجن جي مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار هيون يا گهٽ ۾ گهٽ جيڪڏهن انهن اهو رعب ڄمايو تہ پوءِ سوويت يونين جي طرز عمل کي صرف انهيءَ سمجهاڻيءَ جي بنياد تي قبول نہ ٿو ڪري سگهجي تہ عرب رياستن جي حق ۾ ان جي مداخلت کان هڪ وڏي جنگ ڇڙي

پوي ها. انهيءَ سلسلي ۾ حق جي ڳالهه ته اها آهي ته جيڪڏهن سوويت يونين، هڪ ڪان پوءِ ٻئي مصلحت آميز سودي چڪائڻ جو عمل جاري رکيو ته ان کي انقلابي مقصدن جي ميدان ۾ پنهنجي رهنمائي جي دعوي' کان دست بردار ٿيڻو پوندو. هاڻي وڌيڪ تصفيه لاءِ گنجائش ٿوري رهي آهي. روس کي يا ته مظلوم ماڻهن جي منصفانه مقصدن جي محافظ طور پنهنجي ساک کي ٻيهر بحال ڪرڻو پوندو، خواه انهيءَ ذميداريءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيس جنگ جو خطرو ئي ڇو نه کڻڻو پوي، يا ان کي بين الاقوامي معاملن ۾ پنهنجي غالب حيثيت کان دستبردار ٿيڻو پوندو.
اسٽالن جي جنگجوئي واري ۽ غير مفاهمانه رويي کان وٺي خروشچيف جي ”ڪئمپ ڊيوڊ“ جي جذبي تائين ۽ هاڻي وزيراعظم ڪوسيجن جي ”گلاسبرو“ جي چوٽيءَ وارين گڏجاڻين تائين، جن کي صدر جانسن اڳيئي ”هالي-بش“ جو جذبو سڏڻ لڳو آهي، ڊگهو مفاصلو طئي ڪرڻو پيو آهي. جيڪڏهن ”هالي بش“ جو رستو، هڪ اهڙيءَ راهه ڏانهن واپسيءَ جي بدران، جيڪا سوويت يونين کي اقتدار جي چوٽيءَ تائين وٺي آئي هئي، فقط ڪئمپ ڊيوڊ جي جذبي کان اڳتي جو سفر آهي ته پوءِ ان جي معني' بين الاقوامي معاملن ۾ سوويت يونين غير معمولي اختيار جي خاتمي جي آهي. مستقبل قريب ٻڌائيندو ته ” هالي بُش“ ڪئمپ ڊيوڊ کان شروع ٿيڻ واري سفر جي تسلسل جو نالو آهي يا انهن بنيادي مسئلن تي، جيڪي ”ٽين دنيا“ کي درپيش آهن، سوويت يونين جي نظرياتي ذميوارين جي مطابق سخت ۽ غير لچڪدار موقف جي طرف ابتي ڊوڙ آهي.
چين، هن وقت مظلوم ماڻهن ۽ سندن منصفانه مقصد جي هڪ غير اختلافي رهنما جي حيثيت ۾ ابري چڪو آهي، ۽ اهو ايشيا ۽ آفريڪا ۾ انهيءَ مقام کي دوباره حاصل ڪرڻ جي زبردست ڪوشش ڪندو، جيڪو اهو ٻي آفرو ايشيائي ڪانفرنس منعقد ڪرائڻ ۾ ناڪامي ۽ انڊونيشيا ۽ گهانا ۾ ڪاڌل شڪستن کان پوءِ وڃائي ويٺو هو.
ننڍي کنڊ ۾ آمريڪا جي وڌندڙ اثر و رسوخ جي ظهور طور، هندستان اسرائيل سان وڌيڪ صلح پسندانه رويو اختيار ڪرڻ لاءِ سبب ڳولي ڪيندو. صدر ناصر ۽ ٻين عرب اڳواڻن کي سندن پاليسين جي وسيع پئماني تي نئين سر تشخيص ڪرڻي پوندي. ڪين صحيح طور اندازو لڳائڻو پوندو ته ڪهڙيون ڳالهيون اڳ ۾ ڪرڻ گهرجن ۽ ڪهڙيون پوءِ، ڪين تصادم جي نڪات ۾ ڪمي آڻڻي پوندي ۽ هن باري ۾ فيصلو ڪرڻو پوندو ته ٻنهي مان وڌيڪ خطرناڪ ڪهڙو آهي: اسرائيل يا خود عربن جون پاڻ ۾ هلندڙ رقابتون. ڪين سڀ تعصب ترڪ ڪري، يمن ۽ ايراني نار جي مسئلن تي نظرثاني ڪرڻي پوندي، ۽ ترقي پسند ۽ قدامت پسند حڪومتن جي درميان هڪ جٽادار ۽ قابل عمل تصفيه ڪرڻو پوندو. گويا، عام فهم لفظن ۾ ڳالهائيندي ائين ڪٺي چئجي ته متحده عرب جمهوريه کي ايندڙ ڪجهه وقت لاءِ، خود پنهنجو پاڻ ڏانهن وڌيڪ ڏسڻو پوندو. سيني کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته ايران ۽ متحده عرب جمهوريه جي درميان ميلاپ ڪرائڻ لاءِ سچيون ڪوششون ڪرڻيون پونديون.

# باب ڏهون
# پاڙيسرين ۽ ڪن ٻين ملڪن سان تعلقات

پاڪستان، ايران ۽ ترڪيءَ سان مثالي تعلقات قائم ڪيا آهن ۽ پائيپيءَ وارو اهو اشتراڪ ايشيا جو روز بروز وڌيڪ طاقتور عنصر بنجي رهيو آهي. ترقيءَ لاءِ علاقائي تعاون، لاءِ جنهن کي عام طور تي آر- سي-ڊي سڏيو وڃي ٿو، اسان جي ملڪن کي هڪٻئي جي وڌيڪ قريب آڻيندو، ڇاڪاڻ ته ان جو بنياد مساوات، باهمي امداد ۽ دوستيءَ تي رکيل آهي. اسان کي پنهنجن باهمي تعلقات کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ گهرجي ۽ مشترڪ مشڪلاتن تي قابو حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوشش سان هڪٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.
مستقبل لاءِ هيءُ هڪ ڏاڍو نيڪ شگون آهي ته ترڪي ۽ عرب رياستن جي درميان ظاهري طور حل نه ٿي سگهڻ جهڙن تعصبن تي قابو حاصل ڪيو پيو وڃي. تازو ئي، اصلاح جون ڪيئي علامتون ظاهر ٿيون آهن، پر انهن مان ڪا به انهيءَ حوصلہ وڌائيندڙ حمايت جي برابر ڪانہ هئي، جيڪا ترڪيءَ طرفان عرب- اسرائيل جنگ ۾ عربن کي حاصل رهي. اهڙيءَ طرح، ايران ۽ متحده عرب جمهوريہ جي تعلقات ۾، جيتوڻيڪ ماضيءَ جي دوران بگاڙ رهيو، وچ اوڀر جي جنگ ۽ ان ۾ عربن جي مقصد لاءِ ايران جي حمايت، انهن تعلقات جي سڌاري لاءِ عمدو موقعو فراهم ڪيو. عراق، ترڪي ۽ پاڪستان، سيني جا تعلقات ايران ۽ متحده عرب جمهوريہ ٻنهي سان سٺا آهن ۽ اهي انفرادي ۽ اجتماعي طور انهن ٻنهي ملڪن جي درميان تعلقات کي معمول تي آڻڻ جي ڪم ۾ مدد ڏيڻ جي طاقت رکن ٿا. جيڪا ڳالهہ جنگ کان اڳ ۾ مشڪل نظر اچي رهي هئي، تنهن کي عربن جي حق ۾ ايران طرفان همدرديءَ جي مظاهري کان پوءِ هاڻي گهٽ مشڪل نظر اچڻ گهرجي. انهن ٻن ملڪن ۾ مفاهمت، وچ اوڀر جي مشڪلاتن ۾ قاتل علائقي ۽ ايراني نار جي ڌماڪي دار صورتحال واري علائقي ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ گهڻي مدد گار ثابت ٿيندي.
هاڻي لاطيني آمريڪا جي ترقي پذير ملڪن ڏانهن توجهہ ڦيرائي ويندي ته ڏسبو ته پاڪستان کي انهن ملڪن سان سٺا تعلقات رکڻ جي هن ڪري ضرورت آهي، جو انهن کان بين الاقوامي تجارت ۾ وڌيڪ منصفانہ شرطن حاصل ڪرڻ، ترقي يافتہ ۽ ترقي پذير قومن ۾ تعاون جي بهتر اقتصادي حالات پيدا ڪرڻ ۽ مشترڪ سياسي امنگن جي پرورش ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملي سگهي ٿي. لاطيني آمريڪا پاڪستان کان پري آهي، پر سنن تعلقات پيدا ڪرڻ لاءِ مفاصلي کي ڪڏهن به رڪاوٽ نہ سمجهڻ گهرجي. لاطيني آمريڪا جا ڪيئي مسئلا، ايشيا ۽ آفريڪا جي مسئلن سان مشابهات رکن ٿا. لاطيني آمريڪا جي ملڪن سان دوستانہ تعلقات قائم ڪرڻ ڪو مشڪل ڪم ڪو نہ ٿيندو، بشرطيڪ اسين سيني ترقي پذير ملڪن جي امنگن سان وابستگي قائم رکون، جيڪي بهتر زندگيءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. لاطيني آمريڪا جي ملڪن لاءِ خود

ارادیت جي حق جو اصول مقدس حيثيت رکي ٿو. خاص طرح انهيءَ کري پاڪستان، انهيءَ ڪنڌ سان محدود لاڳاپن هئڻ جي باوجود، مفاصلي جي مشڪلاتن تي قابو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي، اقوام متحده ۾ ڄمون ۽ ڪشمير جي مسئلي تي لاطيني آمريڪا جي ملڪن جي حمايت حاصل ڪئي آهي. انهيءَ لحاظ کان پاڪستان لاءِ لاطيني آمريڪا جي رياستن، خاص طور ميڪسيڪو، ڪيوبا، برازيل ۽ ارجينٽائين جي وڏيڪ اهم رياستن سان تعلق وڌائڻ اجا به وڌيڪ ضروري آهي.

پاڪستان کي، ٻن حصن ۾ ورهايل هئڻ ڪري، ٻين ملڪن جي پيٽ ۾ وڌيڪ پاڙيسري آهن: الهندي طرف ايران، افغانستان، چين ۽ سوويت يونين، جيڪا پاڪستان کان فقط ڪي ٿورا ميل دور آهي، اسان جي اڀرندي بازوءَ ۾ برما ۽ ٿوري مفاصلي تي نيپال، ڀوٽان ۽ سڪم آهن. هندستان جو علائقو اولهندي ۽ اڀرندي پاڪستان جي وچ ۾ واقع آهي. سندن بيهڪ جي ڪري، اولهہ پاڪستان کي الجزائر تائين ڦهليل سيني ملڪن سان ۽ اوڀر پاڪستان کي اوڀر ۾ انڊونيشيا ۽ جپان تائين سيني ملڪن سان رابطو قائم رکڻ جي ضرورت آهي.

ايران سان پاڪستان جا تعلقات انتهائي شاندار آهن ۽ ڪو به سبب ڪونهي ته اسان جون ٻئي قومون هن علائقي ۾ امن کي پائدار بنائڻ لاءِ پنهنجي باهمي تعلقات کي اجا به وڌيڪ مستحڪم بنائڻ جو ڪم چو نه جاري رکن. افغانستان جي مسلم رياست، پاڪستان جي سرحد سان لاڳو هڪ پاڙيسري رياست آهي ۽ انهيءَ ملڪ سان سنا تعلقات، ٻنهي جي مفاد ۾ ٿيندا. تاريخ، عقيدي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي بنياد تي، افغانستان سان اسان جا مشترڪ رابطا، ايشيا جي ڪنهن به ٻئي ملڪ جي مقابلي ۾ وڌيڪ آهن. ستم ظريفي اها آهي ته شايد انهن مشترڪ لاڙن جي گهٽائيءَ سبب، ڪن موقعن تي اسان جي تعلقات ۾ لاهه اچيو وڃي. پر سياسي زندگيءَ ۾ ڪٿي ڪهڙو به لاهه ۽ چاڙهه اچي. ٻنهي پاڙيسري مسلم رياستن لاءِ برادرانه تعلقات قائم رکڻ انتهائي ضروري آهن. اسان جي لاءِ اهو ممڪن آهي ته اسين پنهنجن اهم قومي مفادن جو تحفظ ڪندي به هڪٻئي سان برادرانه تعلقات قائم رکون. واضح سببن جي ڪري، هندستان افغانستان جي نيڪ خواهشن حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪري ٿو.

نيپال، پاڪستان لاءِ اهو ڪجهه آهي، جيڪو افغانستان هندستان لاءِ آهي. افغانستان، پاڪستان جي طرف کان خشڪيءَ ۾ گهيريل آهي ۽ اهو هڪ مسلمان بادشاهي آهي. ان جا سوويت يونين سان سنا تعلقات آهن ۽ اتر ۾ هڪ خشڪيءَ جو رستو ان جي علائقي وچان لنگهي ٿو. نيپال، هندستان جي طرف خشڪيءَ ۾ گهيريل آهي ۽ اتي هڪ هندو بادشاهي آهي. ان جا چين سان سنا تعلقات آهن ۽ هڪ سڙڪ انهن کي هڪٻئي سان ملائي ٿي. نيپال جي اوڀر پاڪستان ۽ سڪم ۽ ڀوٽان جي اهم رياستن سان ويجهڙائي ۽ ان جي آسام صوبي سان نزديڪي، جنهن ۾ ناگا ۽ ميزو قبائل رهن ٿا، خواه نڪسل باڙي واري تنگ گذرگاه جي بغاوتن جو ذڪر ڪٿي نه به ڪجي، سي سڀ نيپال کي پاڪستان جي خارجہ پاليسيءَ جي اندازن ۽ تخمينن ۾ وڏو اهم مقام

ڏين ٿيون. ڪجهه سال اڳي تائين نيپال سان اسان جا تعلقات عدم موجود هئا. بهرحال ٿورائي سال اڳي وڃايل وقت جي تلافي ڪرڻ لاءِ وڏيڪ زوردار ڪوششون ڪيون ويئون آهن ۽ سيني شعبن ۾ اسان جا ان سان تعلقات سڌري ويا آهن. اجا به وڏيڪ اشتراڪ عمل جا زياده ۽ بهتر موقعا موجود آهن، جيڪي پاڪستان ۽ نيپال جي درميان روزانو وڌندڙ مفاهمت ۾ اضافو ڪندا. سڪم ۽ ڀوٽان پڻ پاڪستان جا پاڙيسري آهن، پر بدقسمتيءَ سان هندستان انهن رياستن کي، جن کي هو پنهنجو باجگذار سمجهي ٿو، اسان سان تعلقات قائم ڪرڻ جي اجازت نه ٿو ڏئي. هن ڳالهه ۾ شڪ ناهي ته انهن شمالي همااليائي رياستن جي آزاديءَ ۽ قومي وقار جو جذبو هڪ نه هڪ ڏينهن علحدگيءَ جون بندشون ٽوڙي ڇڏيندو ۽ پاڪستان کي انهن سان باهمي مفاد جي بنياد تي تعلقات قائم ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو. جمون ۽ ڪشمير وانگر، نيپال، سڪم ۽ ڀوٽان پڻ، هماليه جبلن جي قطار تي اهڙيءَ طرح سان بيٺل آهن، جو انهن مان هڪ قميتي جاگرافيائي — سياسي هار ٺهي پيو آهي، جنهن جي قدر و قيمت کي نندي ڪنڊ جي سياست جي سلسلي ۾ فراموش نه ڪرڻ گهرجي. اهو غير محفوظ علائقو اجا به هڪ ڀيو ويٽ نام بنجي سگهي ٿو.

پاڪستان کي برما سان انتهائي دوستانه تعلقات قائم رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جو انهيءَ ملڪ جون سرحدون اوڀر پاڪستان ۽ هندستان جي بي آراميءَ وارن علائقن سان مشترڪ آهن. برما سان گڏ لڳل اسان جي سرحد جي نشان جي بندي ڪئي ويئي آهي ۽ اسان جا باهمي رابطا اسان جي ٻه- طرفه تعلقات جي سيني دائرن اندر مسلسل ترقي ڪندا رهيا آهن. اراڪان واري سرحد تي امن ۽ مفاهمت جي فضا قائم آهي ۽ انهيءَ ڳالهه باهمي اعتماد کي وڌايو آهي. انڊونيشيا جي پاڪستان سان گڏ لڳل ڪابه سرحد ڪانهي، پر ان جا اسان سان خصوصي تعلقات جيڪي صدر سوئيڪار نوجي زماني ۾ قائم ٿيا، سي ڪيس وڏيڪ وسيع معنائن ۾ هڪ پاڙيسريءَ جي حيثيت بخشين ٿا. اسان کي اميد آهي ته ان ملڪ ۾ تازو ئي جيڪي ڦيرقارون آيون آهن، سي هنن ٻن انتهائي گنجان آباديءَ وارن مسلمان ملڪن جي تعلقات ۾ وڏيڪ اضافي جي راه ۾ رڪاوٽ ثابت نه ٿينديون.

جتوڻيڪ سوويت يونين سان پاڪستان جي ڪا سرحد لاڳيتي ڪانهي، ان هوندي به اسين ان جي ايترو ويجها آهيون، جو پاڙيسري سڏائي سگهون ٿا. پاڪستان — سوويت تعلقات کي گذريل تاريخ بگاڙي رکيو آهي، جنهن لاءِ نه پاڪستان ۽ نه سوويت يونين مڪمل طور ن ذمه دار آهن. پاڪستان جي آزاديءَ وقت هن قسم جي هر علامت موجود هئي ته اسان جا تعلقات ٻه — طرفن باهمي مفادن جي بنيادن تي وڌندا ويجهندا رهندا. پر بعد ۾ رونما ٿيندڙ واقعن انهن اميدن کي ختم ڪري ڇڏيو. پاڪستان، سوويت- آمريڪي مقابلي جي انتهائي عروج واري زماني ۾ هڪ دفاعي معاهدي جو ميمبر بڻجي يونين جي مخالفت جي باهه ڀڙڪائي، جيڪا اهڙن سيني معاهدن کي پنهنجي قومي ۽ بين الاقوامي مفادن جي خلاف سمجهندي هئي. آمريڪا جي عالمي مفادن سان

دائمي وفاداريءَ جي ثبوت پيش ڪرڻ جي فڪر ۾ پاڪستان ڪڏهن ڪڏهن غير معتدل طرز عمل اختيار ڪندو رهيو، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو ته سوويت يونين، چمون ۽ ڪشمير جي معاملي ۾ هندستان جي حمايت جي صورت ۾ اسان کان بدلو ورتو. نهروءَ انهن اختلافن کي پاڪستان ۾ سوويت يونين جي تعلقات جي صورت کي وڌيڪ خراب ڪرڻ لاءِ نهايت هنرمنديءَ سان تعلقات ڪيو. بين الاقوامي حالات ۾ تبديليءَ جي تحريڪ جي بنياد تي پاڪستان ۽ روس جي تعلقات ۾ هڪ رستو ان وقت پيدا ڪيو ويو، جڏهن مون ٻارڻ، بجلي ۽ قدرتي وسيلن جي وزير جي حيثيت ۾، معدني تيل جو معاهدو ڪرڻ لاءِ 1960ع جي پڇاڙيءَ ڌاري انهيءَ ملڪ جو دورو ڪيو. پاڪستان ۽ سوويت يونين جي درميان وڌيءَ اهميت وارو اهو پهريون رابطو هو ۽ ان ٻين ميدانن ۾ لاڳاپن لاءِ رستو هموار ڪيو. هيءَ ڳالهه خوشيءَ جو سبب آهي ته گذريل ڪجهه سالن ۾ سوويت يونين سان پاڪستان جا تعلقات بهتر ٿيندا رهيا آهن.

چين ۽ هندستان اسان جا انتهائي اهم ۽ ويجها پاڙيسري آهن ۽ انهن جي باري ۾ جدا بحث ڪيو ويندو. جيسين عام تعلقات جو معاملو آهي، تيسين هيءَ دعوي  ڪري سگهجي ٿي ته پاڪستان پنهنجن گهٽن پاڙيسرين مان اڪثر ملڪن سان دوستانه تعلقات قائم ڪيا آهن. اها ڪا معمولي ڪاميابي ڪانهي.

-----

# باب ٻارهون
# ويٽ نام جي جنگ ۽ پاڪستان

چين ۽ هندستان سان پاڪستان جي تعلقات تي بحث ڪرڻ کان اڳ ۾، ويٽ نام جي مسئلي تي ڪجهه چوڻ ضروري آهي، جيڪو هن وقت دنيا جي سامهون هڪ اهم ترين مسئلو آهي. پاڪستان وانگر، ويٽ نام کي پڻ سامراجي تسلط جي هٿان محڪوم رهڻ جي هڪ تاريخ آهي. ويٽ نامي عوام، ابتدائي دور کان وٺي انهيءَ جو وڏي بهادريءَ سان مقابلو ڪيو آهي. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي ٿوري ئي عرصي کان پوءِ جڏهن هنن جي سابق حڪمرانن سان ٺاهه جون سڀ ڪوششون ناڪام ٿي ويئون، تڏهن اهي فرانس جي خلاف هٿيارن کڻڻ تي مجبور ٿي پيا. ان وقت مغربي ملڪ فرانس جي پشت پناهي ڪري رهيا هئا. آزاديءَ جي انهيءَ جنگ فرانس کي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. 1954ع جي جينوا وارن معاهدن جو مقصد اهو هو ته هڪ آزاد ۽ خود مختار ويٽ نام جو قالب تيار ڪيو وڃي، پر آمريڪا مداخلت ڪري انهن معاهدن جي مقصدن کي ناڪام بنائي ڇڏيو.

شروعات ۾ آمريڪا ڪميونزم جو مقابلو ڪرڻ جي بهاني سان ڏکڻ ويٽ نام جي حڪومت کي خانه جنگيءَ ۾، جنهن کي خود آمريڪا جي روزانه وڌندڙ فوجي شموليت شديد بنائي ڇڏيو هو، مدد ڏيڻ لاءِ "فوجي مشير" ۽ "فوجي مبصر" موڪليا. اسپين جي خانه جنگيءَ وقت ڪيئي آزاد خيال ماڻهو جمهوريت پسندن جي مدد لاءِ يورپ جي ٻين حصن ۽ آمريڪا کان آيا هئا. جنرل فرانڪوجي ڪاميابيءَ کان پوءِ مغربي يورپ ۽ آمريڪا اسپين کي مغربي قومن جي برادريءَ مان نيڪالي ڏيئي ڪيترن سالن تائين ان سان جماعت ۽ برادريءَ جي ٽالهين ٻاڇين تان لٿل ماڻهوءَ وارو سلوڪ روا رکيو. ويٽ نام جو معاملو ڪهڙو نه مختلف آهي، جتي آزاد خيال ۽ ترقي پسند طاقتن کي ملڪ کي ڪميونسٽ. بنجڻ کان بچائڻ جي بهاني سان ڇيٽيو پيو وڃي !

هن معاملي تي قياس آرائي ٿي سگهي ته ڇا، آمريڪا کي شروعات کان ئي اهو يقين هو ته ويٽ نام ۾ ان جي ذمه داري ايتريقدر وسيع ٿي ويندي، جيتري اها اڄ آهي، يا ڪيئن. رحم ۽ انصاف کي متڪبرانه قومي وقار تي قربان ڪيو ويو آهي. آمريڪا غالبا ويٽ نام ۾ فوجي فتح حاصل ڪرڻ جي طاقت ته رکي ٿي، پر انهيءَ قسم جي فتح انهيءَ مسئلي جو سياسي حل مهيا نه ٿي ڪري سگهي، جيڪو سياسي حل کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به شيءِ کي خاطر ۾ نه ٿو آڻي. آمريڪا، ايشيا ۾ پنهنجي مستقبل جي ڪردار جو دارومدار ويٽ نام جي جنگ جي نتيجن سان وابسته سمجهي ٿي، جنهنڪري هن اهو تهيه ڪيو آهي ته اها انهيءَ جنگ جي تلخ انجام تائين ان ۾ پنهنجي شرڪت کي جاري رکندي. آمريڪا ۽ سوويت يونين ۾ جيڪا مصلحت آميز مفاهمت موجود آهي، تنهن تي اڳيئي هيءَ جنگ دٻاءُ وجهي رهي آهي. چين اڃا تائين پنهنجين هٿياربند فوجن کي انهيءَ ڪشمڪش ۾ شريڪ ٿيڻ نه ڏنو آهي، پر چيني علائقي جي

خلاف اشتعال انگيز فوجي ڪارروايون جاري آهن، جنهن ڪان انهيءَ جنگ ۾ پريشان ڪندڙ اضافي جو امڪان آهي. ويٽ نام ۾ ستين آمريڪي ٻيڙي جي جوانن کي ڇڏي صرف آمريڪي فوجين جو تعداد چار لک ۽ ستر هزارن ڪان ٻاهر نڪري ويو آهي. ڏکڻ ويٽ نامي حڪومت ۽ آمريڪي جنرل وڌيڪ فوجين لاءِ زور ڏيئي رهيا آهن. آمريڪي فوج جي ڪمانڊر جنرل ويسٽمورلئنڊ کي آمريڪا گهرايو ويو ته جيئن هو جنگ کي اڃا وڌيڪ شديد ڪرڻ لاءِ زياده امداد حاصل ڪرڻ جي مقصد سان آمريڪي ڪانگريس کي خطاب ڪري، ۽ آمريڪا جي وزير دفاع مئڪنمارا ويٽ نام جي پنهنجي نائين دوري تان واپسيءَ تي بيان ڏنو آهي ته آمريڪا جي جنگي ڪوشش لاءِ وڌيڪ فوج درڪار آهي. صدر جانسن 3-آگسٽ 1967ع تي ڪانگريس کي درخواست ڪئي ته اها هلندڙ مالي سال جي دوران ”گهٽ ۾ گهٽ پنجيتاليهه هزار“ فوج جي وڌيڪ ڪمڪ پهچائڻ جي اجازت ڏي. ساڳئي وقت تي هن ڪانگريس ڪان تقاضا ڪئي ته اها انفرادي ۽ اجتماعي انڪم ٽئڪس تي ڏهه في سيڪڙو سرچارج مڙهي، جنهن مان ساڍن ڇهن ارب ڊالرن جي مجموعي رقم حاصل ٿيندي، جيڪا ويٽ نام جنگ جي وڌندڙ خرچ جو انتظام ڪرڻ ۾ ڪم آندي ويندي. چوندن اچڻ ڪان اڳ ايندڙ سال جي دوران انهيءَ قسم جي سخت اقدامن مان آمريڪا جي انهيءَ مشڪل صورتحال جي وسعت جو فقط اندازو ئي ڪري سگهجي ٿو.

اتر ويٽ نام تي هوائي بمباري ايتري ته وحشيانه ٿي چڪي آهي، جو ان کي ”زمين کي ساڙڻ واري پاليسيءَ“ جو مظهر چئي سگهجي ٿو. بمباري اهڙي ته پيٽ ڀريءَ حد تائين ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ هڪ بم وچان ڪيئي ننڍا ننڍا بم نڪرن ٿا ۽ انهن مان پاڪيءَ جهڙا تيز فولادي ٽڪرا ٻاهر نڪري چو طرف اڏامن ٿا. نيپام ۽ فاسفورس بم، جن ۾ اهڙا ڪيميائي مادا ڀريل ٿين ٿا، جيڪي خوفناڪ نموني ۾ سڙندا آهن ۽ جن جي باهه کي مٽي ۽ پاڻيءَ سان وسائڻ ذري گهٽ ناممڪن هوندو آهي، ڏکڻ ۽ اتر ٻنهي حصن ۾ ڪيرايا ويا آهن. انهن بمن جو شڪار ٿيڻ وارا سوزش جي سخت تڪليف ۾ مبتلا ٿي پوندا آهن. هنن جي جسمن جو ماس بدن تي موجود هوندي ڳرڻ لڳندو آهي ۽ جيڪڏهن اهي زنده بچي به پوندا آهن ته هميشه لاءِ لولا لنگڙا ٿي رهندا آهن. آمريڪا پنهنجن جديد مهلڪ هٿيارن سان اهي تجربا هن لاءِ ڪري رهيو آهي ته جيئن اتر ويٽ نامين کي مجبور ڪيو وڃي ته اهي 1968ع ۾ ٿيندڙ آمريڪا جي صدارتي چوندن جي مهم جي زور وٺڻ ڪان اڳ ۾ ڳاهه جي ميز تي اچن. پر جنگ جي عروج جو هڪ آخري نقطو پڻ هوندو آهي. هاڻي ان جي ارتقا جي ڏاڪڻ ۾ صرف ٽي يا چار ڏاڪا رهجي ويا آهن ۽ ان ڪري جنگ جي ڦهلجي وڃڻ جي انديشن کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي. هيءَ هڪ خوفناڪ جوئا آهي، جنهن جي خلاف بين الاقوامي راءِ ڪان علاوه، آمريڪي عوام جي راءِ جو هڪ حصو پڻ مخالف آهي. يورپ ۽ ايشيا ۾ آمريڪا جي جنگي ڪارروائين جي خلاف جنگ جي شدت ۾ آيل اضافي سان گڏو گڏ ناراضگي وڌي رهي آهي. آمريڪا پنهنجي وڌندڙ علحدگيءَ جو علاج ڪرڻ لاءِ جنگ ۾ بين

ملڪن جي شرڪت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي. اهوئي سبب آهي جو پاڪستان تي ايتريقدر دٻاءُ وڌو پيو وڃي ته اهو آمريڪا جي جنگي ڪوششن ۾ مدد ڏيڻ لاءِ ڪجھ علامي حصوئي وني. پر دٻاءُ ڪٽي ڪيترو به شديد هجي، اسان کي ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي هن عزم کي ته اسين هن جنگ ۾ ڪو به حصو نه ونڊاسين، ڪمزور نه ٿيڻ ڏيڻ گهرجي، ۽ نه اسان کي هن جنگ کي جاري رکڻ جي مذمت کان هٻڪڻ گهرجي. انهيءَ قسم جي موقف کان شايد اسان کي اقتصادي ۽ فوجي امدا د ۾ نقصان ٿئي، پر پنهنجي منصفانه حيثيت جو بچاءُ ڪندي پاڪستان انهيءَ نقصان کان جيڪو ان مادي صورت ۾ ٿيندو، گهڻو وڌيڪ فائدو حاصل ڪندو. امن جي زماني ۾ مادي امداد جي فائدن تي، جيڪي ان کي آمريڪا جي ساٿ ڏيڻ جي سبب کان تمام وڏي مقدار ۾ مليا آهن، رشڪ ڪرڻ بلڪل درست آهي، پر جيڪڏهن انهيءَ قسم جي امداد ونندڙ ملڪ کي ڇڪي جنگ ۾ شامل ڪرڻ جو مقصد هجي ته پوءِ امداد جي فائدن ۽ خطرن کي فقط امن جي زماني ۾ نه جاچڻ گهرجي، پر انهن کي جنگ جي نتيجن جي روشنيءَ ۾ پرکڻ گهرجي. هن وقت ٿائلنڊ اقتصادي طور خوشحال ٿي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن جنگ انهيءَ ملڪ تائين ڦهلجي وڃي ته پوءِ ان وقت ٿائلنڊ وٽ ڪهڙا فائدا رهجي ويندا ؟

ويٽ نام جي آزاديءَ وارو جنگ انهن سيني قومن ۾ روح ڦوڪي رهي آهي، جيڪي وڏين طاقتن جي طرفان مداخلت جي زد ۾ آيل آهن. هن ملڪ طرفان جيڪي قربانيون ڏنيون ويئون آهن. تن مان ممڪن آهي ته سيني ترقي پذير ملڪن کي فائدو پهچي، پر ويٽ نام جو سبق فقط شجاعت ۽ مردانگيءَ جو سبق ناهي، ڇاڪاڻ ته ان جو هڪ وڌيڪ اونداهو طرف پڻ آهي. هيءَ جنگ ”ڊيئم“ جهڙن مذهبي جنونين تي مشتمل ويٽ نامين جي هڪ گروھ جي بد اطوارين کان سواءِ هرگز جاري نه رهي سگهي ها، جنهن عيسائيت کان سواءِ باقي ٻين سيني مذهبن کي ختم ڪري ڏکڻ ويٽ نام کي هڪ علحده مملڪت بنائڻ ٿي چاهيو. آمريڪا جي طرفان ڊيئم جي مدد هن ڪري ڪئي ويئي، جو هن پنهنجي ملڪ ۾ ان جي مادي موجودگيءَ جي اجازت ڏيئي ڇڏي هئي. ويٽ نام جي حقيقي مصيبتن جو آغاز انهيءَ نقطي کان ٿئي ٿو. پراڻي سامراجي طاقت سان ڪيل آزاديءَ جي جنگ ختم ٿي چڪي هئي، پر هڪ جديد سامراجي طاقت جي مداخلت جي خلاف هڪ نئين جنگ جي شروعات ٿي چڪي هئي. ويٽ نام ۾ پراڻي نظام جي ياد، انهن رعايتن جي سبب ڪري تازي ٿي رهي آهي، جيڪي هڪ ٻاهرين طاقت جي شهرين کي عطا ڪيون ويئون آهن.

جيڪڏهن اقتصادي ۽ فوجي امداد ڏيندڙ ملڪ جو مقصد جنگ کي ڦهلائڻ آهي ته پوءِ پاڪستان اهڙي امداد مان حاصل ٿيندڙ فقط فائدن جي متعلق ئي نه سوچڻ گهرجي، پر ان جي ٻين نتيجن کي پڻ نظر ۾ رکڻ گهرجي. خود پاڪستان جي جنگ جي ميدان ۾ تبديل ٿيڻ جو امڪان آهي ۽ اهو هڪ انتهائي لازمي امر آهي ته اسين هر اهڙي دٻاءُ جو مقابلو ڪريون، جنهن جو مقصد اسان کي هِن تباهڪن تصادم ۾ ڦاسائڻ هجي.

ايشيا ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي نندي ڪنڊ جي مستقبل جو دارومدار ان جي نتيجي تي آهي. هيءَ جنگ هميشه لاءِ ته جاري رهي نه سگهندي، پر نيٺ به ان کي پنهنجي جاءِ امن کي ڏيڻي پوندي ۽ هڪ دفعو جڏهن اهو بحال ٿي ويندو، ته آمريڪا جي عالمي مفادن ۾ ايشيا ۾ سندس حيثيت جي تشريح ۾ ڪيئي تبديليون اچڻ واريون آهن. حالات جي انهيءَ تبديليءَ لاءِ پاڪستان کي صبر سان انتظار ڪرڻ گهرجي.

بين الاقوامي سياست گري هڪ لچڪيدار فن آهي. اڄ جيڪي ڪجهه ناممڪن نظر پيو اچي، سو سڀاڻي ممڪن ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن صدر ڪينيڊي قتل نه ڪيو وڃي ها، ته ويٽ نام جي جنگ جو رخ گهٽو ڪري مختلف هجي ها. چين ۽ آمريڪا جي درميان هڪ اهڙي تعميري گفتگوءَ جو آغاز ٿي سگهي ها، جهڙو وزيراعظم خروشچيف ۽ صدر ڪينيڊيءَ جي درميان ويانا ۾ ٿيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪا ۽ سوويت يونين مصلحت پسندانه مفاهمت ٿي هئي.

----------

# باب ٻارهون
# چين ۽ پاڪستان جا تعلقات

١٩٦٢ع کان پوءِ چين ۽ پاڪستان جا تعلقات گهڻي قدر سڌري ويا آهن. انهيءَ ڳالهه آمريڪا ۾ زبردست غلط فهميون پيدا ڪيون آهن، جتي هنن تعلقات جي معقوليت کي گهڻي قدر بگاڙي پيش ڪيو ويو آهي. چين ۽ پاڪستان جي تعلقات جو بنياد، ٻنهي ملڪن جي هندستان سان اختلافن تي رکيل ناهي. اهو عنصر جيتوڻيڪ اهم آهي، ان جي باوجود اهو اصلي سبب جو هڪ حصو آهي. چين، پاڪستان جو هڪ پاڙيسري آهي ۽ اسان لاءِ ضروري آهي ته اسان پنهنجن سڀني پاڙيسرين سان دوستي ۽ برادريءَ جي بنيادن تي سٺا تعلقات قائم رکون. پاڪستان ۽ چين جي درميان علائقائي يا ڪي ٻيا جهڳڙا ڪينهن، جيڪي اختلافن پيدا ڪرڻ جا سبب بنجن. چين ۾ انقلاب جي خاتمي کان بعد ئي ان جي اها پرخلوص ڪوشش رهي آهي ته پاڪستان سان معمول جي مطابق تعلقات قائم ٿين. وزيراعظم چو اين لائي بندونگ ڪانفرنس جي دوران پاڪستان جي وزيراعظم کي يقين ڏياريو هو ته چين، پاڪستان سان سٺا تعلقات چاهي ٿو ۽ پاڪستان لاءِ هڪ طاقتور پاڙيسري ملڪ جي طرف کان خير خواهيءَ جي انهيءَ اظهار کي ٺڪرائڻ غير دانشمنديءَ وارو ڪم هجي ها. ايشيا ۾ چين جي غالب حيثيت تسليم ٿيل آهي ۽ پاڪستان هڪ ايشيائي ملڪ آهي، جنهن جو مقدر هميشه لاءِ ايشيا سان وابسته آهي. ان ڪري پاڪستان لاءِ اهو نهايت ضروري آهي ته اهو ايشيا جي اتحاد کي مستحڪم بنائڻ لاءِ چين سان دوستانه تعلقات قائم رکي. ايشيائي ۽ آفريڪي قومن جي برادري جي ميمبر نه هئڻ جي حيثيت ۾ آفريشيائي يڪجهتيءَ کي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيڻ ۾ اسان جو مفاد ڳنڍيل آهي. اهو هڪ وڏيڪ سبب آهي، جنهن جي بنياد تي انهن ملڪن کي هڪٻئي سان سٺا تعلقات قائم رکڻ گهرجن. ترقي پذير ملڪن هئڻ جي ڪري چين ۽ پاڪستان بهتر بين الاقوامي تجارتي شرطن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين ترقي پذير قومن جي اقتصادي ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ ترقي يافته ملڪن کان ڪجهه وڏيڪ منصفانه تعاون حاصل ڪرڻ لاءِ، پاڻ جهڙن ترقي پذير ملڪن سان اشتراڪ عمل جا خواهان آهن. شروعات کان وٺي ئي چين فلسطين جي تقسيم جي سوال تي هڪ منصفانه موقف اختيار ڪيو آهي ۽ اسرائيل جي خلاف عربن جي مقصد جي حمايت ڪئي آهي. عرب قومن لاءِ چين جي حمايت پاڪستان جي نقطہ نظر سان ٺهڪندڙ آهي، جهڙيءَ طرح انهيءَ جرائتمندانه موقف مان قطعي طور ظاهر ٿيو آهي، جيڪو چين طرفان ان وقت عرب ملڪن جي حق ۾ اختيار ڪيو ويو، جڏهن اسرائيل تازو اڳرائيءَ جو قدم کنيو. چين ڏکڻ روڊيشيا ۽ ڏکڻ آفريڪا جي علحدگي پسنديءَ ۽ نسلي پاليسين کان وڏيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته ان جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي خود ارادیت جي حق جي صاف صاف حمايت ڪئي آهي ۽ ٻين خيالن کان قطع نظر، صرف اهائي هڪ ڳالهه پاڪستان کي چين سان دوستانه تعلقات وڌائڻ خاطر متاثر ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

هڪ ترقي پذير ملڪ هئڻ جي حيثيت ۾ پاڪستان اقوام متحده جي تشڪيل ۾ سڌارو چاهي ٿو ته جيئن اها ڪمزور قومن جي مفادن جي تحفظ لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهي، پر چين جي وڏي طاقت جي شموليت کان سواءِ، جيڪا پنهنجي حق جي بنياد تي سلامتي ڪائونسل ۾ جڳهه حاصل ڪرڻ جي اهل آهي، انهيءَ ڳالهه جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. عالمي طاقتن طرفان هندستان ۽ پاڪستان جي هٿياربند فوجن ۾ ٻه- طرفي خطرناڪ قسم جي ڪمي ڪرڻ جي ڪوشش بدران، اقوام متحده کي هٿيارن جي ڪميءَ لاءِ هڪ مڪمل ۽ عام بين الاقوامي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ ائٽمي هٿيارن جون هڪ – هٽيون قائم ڪرڻ بدران انهن جي مڪمل خاتمي جو اصول شامل هجي. جيڪڏهن امن جي ضمانت فقط هڪ غير مسلح دنيا ۾ ڏيئي سگهجي ٿي، ۽ جيڪڏهن بين الاقوامي سطح تي هٿيارن جي مڪمل ۽ عام ڪميءَ لاءِ ڪوششن جي همت افزائي پسنديده ڳالهه آهي، ته پوءِ هٿيارن جي ڪميءَ لاءِ ڳالهين ۾ چين جي شموليت لازمي آهي. سترڪروڙ انسانن جي اهڙيءَ قوم جي تعاون کان سواءِ، جنهن وٽ جوهري اسلح خانو پڻ آهي، هٿارن جي مڪمل ڪميءَ جو خيال، هڪ ڏورانهين منزل بنيو رهندو. انهن نمايان سببن ڪري، چين سان پاڪستان جي دوستانه تعلقات ۾ اهڙن مثبت اسبابن ڪري حرڪت آئي آهي، ۽ نه اهڙين وقتي حاجتن جي ڪري جن جو ڪنهن ٻئي ملڪ تي اثر پوندڙ هجي.

هن قسم جا طعنا هنيا ويا آهن ته پاڪستان ۽ چين جي زندگيءَ جا نظريا هڪٻئي سان اڻ نهڪندڙ آهن ۽ انهيءَ ڪري انهن ٻن ملڪن ۾ هڪ دوستاڻو ۽ عملي طريقه ڪار گهڻي وقت تائين قائم نه ٿو رهي سگهي. هيءُ دليل به پيش ڪيو وڃي ٿو ته جيئن ته پاڪستان جا چين سان تعلقات موضوعي انداز جا آهن، ان ڪري اهي وقت جو دٻاءُ برداشت ڪرڻ جي قابل ٿي نه ٿا سگهن. اهي دليل مغالطي ۾ وجهندڙ آهن. رياستن جا واسطا سڌا سنوان رياستن سان هوندا آهن، ۽ نه سندن معاشرتي نظامن يا نظرين سان. جيڪڏهن انهيءَ دليل کي ان جي منطقي نتيجي تائين پهچايو وڃي، ته پوءِ پاڪستان جا دوستانه تعلقات فقط مسلم ملڪن سان هئڻ گهرجن ۽ ان کي باقي دنيا کان پاڻ کي الڳ ٿلڳ رکڻ گهرجي. هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته اسلام هڪ سياسي قوت جي حيثيت سان ٻين جي مقابلي ۾ عيسائي ملڪن جي هٿان وڏيڪ نقصان برداشت ڪيو آهي. اها عيسائي دنيا ئي هئي، جنهن اسلام جي خلاف صليبي جنگين جو بنياد وڌو ۽ اهي عيسائي قومون ئي هيون، جن ذري گهٽ سيني مسلمان مملڪتن کي صدين تائين پنهنجي سامراجي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي رکيو ۽ انهن جي معاشرتي ۽ اخلاقي تندن کي ايتريءَ حد تائين تباهه ڪيو، جو اسلامي دنيا اڃا تائين انهيءَ نقصان جي بحال ٿيڻ جي ڏؤر مان گذري رهي آهي. پروفيسر آرنولڊ ٽائنبي چيو آهي:

”ڪميونزم جي متعلق ڪجهه به ٻڌڻ کان ڪيئي صديون اڳي، اسان جي ابن ڏاڏن کي ڏهڪائيندڙ ڀوت اسلام ۾ نظر آيو هو. سورهين صديءَ جي زماني تائين اسلام مغرب وارن جي دلين ۾ اهڙي ئي اضطرابي ڪيفيت پيدا ڪندو هو، جيڪا ويهين صديءَ ۾

ڪميونزم پيدا ڪري رهي آهي، ۽ اهو اضطراب لازمي طور ساڳين ئي سببن جي بنياد تي پيدا ٿي رهيو آهي. ڪميونزم وانگر اسلام پڻ مغرب دشمن تحريڪ هئي ۽ ان سان گڏو گڏ مغربي عقيدي جي هڪ بدعتي تشريح پڻ هئي، ۽ ڪميونزم وانگر، اهو به جذبي جي هڪ اهڙي ترار لهرائي رهيو هو، جنهن جي خلاف مادي هٿيارن ۾ ڪنهن به قسم جو دفاع ڪو نه هو.“[(1)]

هيءُ ڳالهه غير امڪاني آهي ته چين ”پاڪستان جي غرناطهه جي سقوط يا مسلمان رياستن يروشلم جي ڪسجي وڃڻ جو ذميوار ٿيڻ وارو آهي. اسان جا تعلقات بندونگ جي اصولن ۽ عدم مداخلت جي قطعي پيرويءَ جي بنياد تي بيٺل آهن. اسلامي مذهبي ڪتابن ۾ ڪٿي به اهو لکيل ڪونهي ته غير اسلامي رياستن سان دوستيءَ جي تعلقات پيدا ڪرڻ سان شناخت لاءِ خطرو پيدا ٿئي ٿو.

پاڪستان جا عوام ڏيڍ صديءَ کان وڌيڪ عرصي لاءِ مغربي تسلط هيٺ رهيا آهن. ان جي باوجود پاڪستان سيني مغربي ملڪن سان دوستانه ۽ آمريڪا ۽ برطانيه سان خصوصي تعلقات قائم ڪري رکيا آهن. انهن قريبي ناتن مان ڪنهن به ناتي پاڪستاني عوام جي مذهبي قدرن کي خراب ڪو نه ڪيو آهي. انهن جي ملڪ مغرب جي دخل اندازيءَ جي باوجود، جنهن جو بنياد تسلط ۽ بيجا مداخلت تي هو، نهايت فخر سان پنهنجي اسلامي ڪردار کي قائم رکيو آهي. جيڪڏهن پاڪستان جي سياست ۽ معاشرتي بناوٽ ايتري قدر مضبوط آهي. جو اها مغربي ثقافت ۽ تهذيب جي حملي جو مقابلو ڪري سگهي ٿي ته پوءِ اها ڪنهن به ٻي نظريي جي مقابلي ۾ پنهنجو مقام برقرار رکي سگهندي، خاص ڪري هڪ اهڙي ملڪ جي نظريي جو، جنهن جو ڪڏهن به اسان جي ملڪ تي غلبو يا اسان جي اندروني معاملات ۾ مداخلت ڪانه ٿي آهي.

جڏهن آمريڪا ۽ سوويت يونين جي درميان تعلقات غير دوستانه هئا، تڏهن پاڪستان ۽ سوويت يونين جي درميان تعلقات جي قيام جي خلاف پڻ اهڙي ئي سخت مخالفت ڪئي ويندي هئي. هيءُ ته جڏهن ٻنهي عظيم طاقتن جا تعلقات بهتر ٿيا، فقط اعتراض ختم ٿيا. جڏهن چين ۽ آمريڪا جا تعلقات وڌيڪ حقيقت پسنديءَ وارو رخ اختيار ڪندا، تڏهن آمريڪا، پاڪستان ۽ چين جي باهمي دوستانه تعلقات جي ايتري مخالف نه رهندي. جيڪڏهن پاڪستان هن وقت ۽ چين جي خلاف ڪي اشتعال انگيز قدم کنيا، ته جڏهن آمريڪا چين جي درميان تعلقات بهتر ٿي ويندا، تڏهن ان جي حالت وڌيڪ خطري واري ٿي پوندي. انهيءَ وقت اسان وري ائين پنتي رهجي ويندا سون، جيئن سوويت يونين سان پنهنجي تعلقات کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ۾ اسين هندستان کان پنتي رهجي ويا هئاسون. جيڪڏهن قيمتي وقت هن طرح ضايع ٿيندو رهيو ته ان مان ناقابل تلافي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. ان ڪري هيءَ ڳالهه انتهائي ضروري آهي ته پاڪستان چين سان پنهنجن دوستانه تعلقات کي ترقي ڏيڻ ۾ مصروف رهي- ۽ آمريڪا جي عالمي پاليسيءَ جي موجوده رجحانن جي مدنظر چين سان قائم ٿيل موجوده تعلقات کي قطع ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ سيني ڪوششن جو مقابلو ڪري انهن کي قائم رکي.

پاڪستان کي خود پنهنجي مهذب سياسي مفادن جي بنيادن تي پنهنجي خارجه پاليسيءَ جي تشڪيل عالمي طاقتن جي بدلجندڙ سياسي ضرورتن کان بي نياز ٿي ڪرڻ گهرجي.

(1) سوِ لِيزيشن آن ٽرايل، 1948، ص- 2-21.

# باب تيرهون
# يورپي ملڪن ۽ عظيم طاقتن سان تعلقات

هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته معربي دنيا جي ٽن نيم عظيم طاقتن مان ڪهڙي طاقت مستقبل قريب ۾ پاڪستان جي قومي مفاد کي ترقي ڏيڻ جو وڏيڪ حق ادا ڪري سگهي ٿي، پر ان جي موجوده پاليسيءَ جي آڌار تي، فرانس لاءِ سيني کان وڏيڪ گمان ڪري سگهجي ٿو. خود ارادیت جي حق لاءِ ان جي حمايت، ائٽلانٽڪ معاهده جي سربراهيءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ سندس ڪوشش، ۽ ايشيائي مسئلن ۾ ان جي شعور مان اهو نتيجو نڪتو آهي جو پاڪستان ۽ فرانس جي درميان تعلقات خوشگوار آهن.
سيپٽمبر 1965ع واريءَ جنگ ۾، فرانس پاڪستان کي نااميديءَ جو ڪو سبب نه ڏنو. ان جي برعڪس، سلامتي ڪائونسل ۾ ان جو رويو هن ڪري نهايت مددگار ثابت ٿيو، جو ان بين عظيم طاقتن طرفان تعزيرن وجهڻ جي ڌمڪين جي مخالفت ڪئي. جولاءِ ١٩٦٥ع ۾ ڪنسورشيم جي درميان بحران واري وقت ۾ پڻ فرانس پاڪستان کي اقتصادي ۽ سياسي ٻنهي قسمن جي امداد ڏني. ان جي عالمي پاليسي اسان جي قومي ۽ بين الاقوامي مفادن سان مطابقت رکي ٿي، ۽ هن سربراهيءَ جي زيرسائي هندستان جي قد ڪاٺ ۾ اچڻ واري ڪوتاهيءَ جي منفي نتيجن جو احتياط سان مطالعو ڪيو آهي. فرانس کي يقين آهي ته چين سان هندستان جو جهيڳڙو، ايشيا ۾ امن لاءِ فائديمند ناهي. اهو ملڪ هن ڳالهه جو قدر ڪري ٿو ته پاڪستان چين سان اعتماد ۽ مفاهمت جا تعلقات قائم ڪيا آهن، ۽ هو پاڪستان طرفان پنهنجي وجود ۽ خود مختاريءَ کي قائم رکڻ جي جدوجهد ۾ ان جو همدرد آهي.
پاڪستان جا وفاقي جمهوريه جرمنيءَ سان تعلقات دوستانه آهن ۽ ان ٻي جرمنيءَ سان اجا تائين ڪنهن به قسم جو رابطو قائم نه ڪيو آهي، ليڪن جرمن خارجه پاليسيءَ جي حدن کي ڏسندي پڪ سان نه ٿو چئي سگهجي ته جرمنيءَ جي وفاقي جمهوريه پنهنجي وڌندڙ طاقت جي باوجود، اهڙيءَ صورت ۾ جو ان تي شديد دٻاءُ پوي، ڪهڙيءَ حد تائين پاڪستان کي مدد ڏيڻ جي قابل هوندي. ان هوندي به هيءَ ڳالهه اهم آهي ته اسين انهيءَ ملڪ سان، ان جي پنهنجي اهميت ۽ اقتصادي ميدان ۾ پاڪستان کي مدد ڏيڻ جي صلاحيت جي بنياد تي، دوستيءَ جا تعلقات قائم رکون ۽ انهن کي وڌائيندا رهون. پر اسين ان کي گهٽ ۾ گهٽ، في الحال هڪ سياسي بيرم بنائي نه ٿا سگهون، ۽ اها آمريڪا جي طرفان بند ڪيل سازو سامان جي امداد جي تلافي نه ٿي ڪري سگهي.
اسان جي علائقي ۾ برطانيه جو اثر و رسوخ گهٽجي چڪو آهي ۽ ان تي هاڻي آمريڪا حاوي ٿي ويئي آهي. جيئن ته برطانيه خود آمريڪا جو محتاج آهي ۽ جيئن ته هندستان ۽ پاڪستان، ٻيئي دولت مشترڪ[1] جا ميمبر آهن، ان ڪري اهو هڪ قسم جي ادلي بدلي ٿيندڙ غير جانبداري جو سلسلو جاري رکندو. ڪڏهن هو هندستان جي حمايت ڪندو، ته ڪڏهن پاڪستان جي طرفداري ڪندو. ان جي باوجود اسان لاءِ برطانيه سان

سنا تعلقات رکڻ جا پڻ کي فائدا آهن. اسان کي هن سبب کري نه هيڪڻ گهرجي ته اهي ملک هک اسان جي بنيادي مسئلن جي حل ۾ ڪوئي مثبت ۽ معقول ڪردار ادا نه ٿا ڪري سگهن. اسان کي انتظار ڪرڻ گهرجي ۽ تبديليءَ جي اميد رکڻ گهرجي. موجوده حالتن ۾ پڻ انهن ٻنهي ملڪن سان هر ممڪن حد تائين بهترين تعلقات قائم رکڻ ۾ ڪيئي فائدا آهن. سيني هيئانهين مددگار ڳاليهن کي هک هنڌ گڏ ڪرڻ گهرجي ۽ موزون موقعي تي انهن کي اثرائتي نموني ۾ ڪم آڻڻ ۽ اڳتي وڌائڻ گهرجي.
سبب ۽ نتيجي جو اصول خارجه معاملات سان به اهڙوئي لاڳو ٿئي ٿو، جهڙو نجي هرجاني جي قانون سان. رياستي تعلقات جي اهتمام ۾ هک سرگرم باهمي رابطو ۽ ٻه-طرفو اثر ڪم ڪندو آهي. هک اهڙي خارجه حڪمت عملي، جيڪا تسليم ٿيل عالمگير اصولن تي دارومدار رکي ٿي، ٻين رياستن تي پڻ اثرانداز ٿئي ٿي، جڏهن ته هک مصلحت آميز ۽ موقع پرست حڪمت عملي ٻين ملڪن سان تعلقات ۾ ملک جي شبيهه تي ناموافق اثر وجهي ٿي. جيڪڏهن پاڪستان جون پاليسيون بااصول ۽ اخلاقي معيار جون هجن، ته ٻين مملڪتن تي لازمي طور انهن جو اثر اسان جي حق ۾ ٿيندو. فرانس، برطانيه ۽ مغربي جرمنيءَ سان حقيقت پسند حڪمت عملي تي ڪاربند رهي مغربي يورپ جي ٻين ملڪن سان دوستانه تعلقات قائم ڪرڻ لاءِ خوشگوار حالتون پيدا ڪري سگهجن ٿيون. انهن ملڪن سان اڳوڻن لاڳاپن ۽ اقتصادي امداد جي ضرورت جي پيش نظر، انهيءَ قسم جا تعلقات اڃا به وڌيک ضروري آهن. انهن مثبت عوامل کي، ايشيا ۾ پاڪستان جي وڌندڙ اثر و رسوخ جي سبب ڪري وڌيک تقويت ملي ٿي.
انهيءَ قسم جا دليل اوڀر يورپ جي اشتراکي ملڪن جي معاملي ۾ پڻ لاڳو ٿين ٿا. انهن سان پاڪستان جو وڌندڙ اشتراک زندگيءَ جي ڪيترن ئي ميدانن ۾ سازگار فضا پيدا ڪري سگهي ٿو. مغربي يورپ وانگر، مشرقي يورپ ۾ پڻ ڪي اهم ڪليدي رياستون آهن، جيڪي اسان جي خصوصي توجهه جون مستحق آهن. انهن سيني ملڪن کان وڌيک اهم رومانيه آهي، جيڪو تازوئي جرئتمنديءَ سان هک دورانديش خارجه پاليسيءَ تي عمل ڪرڻ سبب سامهون اچي بيٺو آهي. پولنڊ ۽ چيڪوسلواڪيه جي صنعتي طور ترقي يافته ملڪن طرف توجهه ڏيڻ پڻ اوتروئي ضروري آهي. جيتوڻيک انهن کي پڻ سوويت يونين وانگر هن چيز طرفان انديشو آهي، جنهن کي هو جرمنيءَ جون ” انتقامي دعوائون“ چون ٿا.
جيستائين مجموعي طور يورپ جي سڄي کنڊ جو تعلق آهي، پاڪستان مشرق ۽ مغرب جي باهمي تعاون ۾ واڌاري جو خيرمقدم ڪندو. يورپ جي داخلي اشتراک جو عمل برطانيه جي يورپ ۾ هک يورپي طاقت جي حيثيت سان داخل ٿيڻ سان گڏ، ۽ ان کان علاوه انهن گهٽين ئي بندشن جي ختم ٿي وڃڻ سان جيڪي مشرقي ۽ مغربي يورپ جي درميان آهن، وڌيک تيز ٿي ويندو. جڏهن اهي ڳالهيون وجود ۾ ايندون، تڏهن جنرل ڊي گال جو ”آزاد يورپي يورپ“ يعني اهڙو يورپ وجود ۾ اچي ويندو. جيڪو عالمن امن جي حفاظت ۾ نمايان طور حصو وني سگهي.

آمريڪا سان پاڪستان جي لاڳاپن جي سلسلي ۾ اسان ڏسي ورتو ته تعلقات کي معمول تي رکڻ لاءِ سخت شرطن وجهڻ جي پاليسيءَ جا عملي نتيجا ڇا ٿا نڪرن. ڄمون ۽ ڪشمير جي مسئلي تي هندستان سان هلندڙ جهيڙي ۾ پاڪستان جي حمايت ڪئي ويئي ته هن لاءِ ڪئي ويئي جو اها نمايان طور آمريڪا جي مفاد ۾ هئي. غير جانبدار هندستان تي پنهنجو پاڇو وجهڻ ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ، آمريڪا پاڪستان جي طرف توجهه ڪئي ۽ نتيجي طور، ڄمون ۽ ڪشمير جي معاملي ۾ عيوضي معاوضي جي بنياد تي هن اسان جي حمايت ڪئي. بين الاقوامي صورتحال جي تبدلين آمريڪا هي اصلوڪي پوزيشن ۾ اهڙيون ڦيرڦارون پيدا ڪيون آهن، جيڪي عالمي مفادن ۽ جنگي حڪمت جي تابع آهن، جن ڪي جهيڳڙي جي حقيقت يا اِن ڳالهه سان ڪوئي واسطو ڪونهي ته اسان پنهنجن مفادن کي انهيءَ وڏي طاقت سان ڇاجي لاءِ وابسته ڪيو آهي.
 ٿبيٽ جي بحران، چين ۽ هندستان جي درميان سرحدي جهڙپن کان پوءِ آمريڪا هندستان کي پنهنجي دائري ۾ ڇڪي آڻڻ جا نوان موقعا ڏنا. انهيءَ قسم جي مصلحت انديشي ڄمون ۽ ڪشمير بابت آمريڪا جي رويي ۾ برابر جهلڪندي رهي آهي. جڏهن پاڪستان کي فوجي امداد ڏيڻ ان جي عالمي مفاد ۾ هو، تڏهن پنڊت نهروءَ جا سڀ احتجاج پاڪستان کي فوجي سازو سامان مهيا ڪرڻ جي فيصلي تي ذري برابر به اثر انداز ٿي نه سگهيا. پوءِ وري جڏهن هندستان کي هٿيارن جي فراهمي آمريڪا جي مطلب لاءِ مفيد ٿي، تڏهن اسان جا پنهنجا احتجاج جيتوڻيڪ ڏاڍا شديد هئا، آمريڪا جي هٿيارن مهيا ڪرڻ جي فيصلي تي ڪو به اثر وجهي نه سگهيا. فيبروري 1963ع ۾ آمريڪي حڪومت پنهنجي نائب سيڪريٽري آف اسٽيٽ فلپس ٽالبوٽ کي ننڍي کنڊ جي دوره تي موڪليو. هن پاڪستان ۾ اچي هيءَ ڳالهه چئي ته هن علائقي ۾ طاقت جو توازن برقرار رکڻ لاءِ آمريڪا فيصلو ڪيو آهي ته اها پاڪستان کي هٿيارن جي وڌيڪ مدد نه ڏيندي، ۽ هن اهو به چيو ته جهڙيءَ طرح ماضيءَ ۾ هندستان جي طرفان ٿيندڙ احتجاجن جي باوجود، پاڪستان کي هٿيار ڏنا رهيا، تهڙيءَ طرح هن جي حڪومت پاڪستان جي احتجاجن جي باوجود هندستان لاءِ هٿيارن جي فراهمي جاري رکندي. هن معاملي ۾ آمريڪا جي پاليسي سخت رهي آهي. اقتصادي امداد ۽ اناج جي پهچ وانگر هٿيارن جو وهڪرو پڻ وڌندو ويو ۽ هندستان کي ملندڙ امداد مجموعي طور بنان ڪنهن وقفي جي وڌندي ئي ويئي، ۽ ائين چئي سگهجي ٿو ته هندستان جي امداد پاڪستان جي احتجاجن جي مقابلي ۾ جاميٽريءَ واري تناسب يعني ٻيڻي چوڻي حساب سان وڌندي رهي.
سوويت يونين جي معاملي ۾ اسين ڏسون ٿا ته غير جانبدار هندستان سان ڄمون ۽ ڪشمير بابت ان جي مڪمل هم آهنگي جي روايتي پاليسي عالمي صورتحال ۾ تبديليون رونما ٿيڻ جي ڪري ڪجهه قدر مختلف ٿي ويئي آهي. جڏهن سوويت يونين کي سندس عالمي مفادن جي خاطر پنهنجي رويي ۾ تبديلي ڪرڻي پيئي، تڏهن اسان جي تعلقات جو ان ۾ ذري جيترو به دخل ڪونه هو. هندستان جي احتجاجن جي باوجود

انهن تبديلين کي عمل ۾ آندو ويو. جڏهن سوويت يونين کي سندس عالمي مفادن خاطر ڄمون ۽ ڪشمير جي معاملي ۾ پنهنجو رويو ٻيهر متعين ڪرڻو پيو ته ان جي دفاعي معاهدن ۾ پاڪستان جي شرڪت ۽ ”يو –ٽو“ جي پروازن کي پڻ نظرانداز ڪرڻ مناسب سمجهيو، ته جيئن چين کي حد اندر روڪي سگهجي. اهڙيءَ طرح جڏهن هندستان ۽ چين جا تعلقات دوستانه هئا، ۽ پاڪستان ۽ چين جا تعلقات اهڙا نه هئا، تڏهن چين ڄمون ۽ ڪشمير جي سوال تي هندستان جي حمايت ڪرڻ کان محض پنهنجي مطلب خاطر انڪار ڪيو. جڏهن وزيراعظم نهرو چين جي مدد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو، تڏهن هن علامتي طور چين کي هندستان جو هم خيال ظاهر ڪرڻ لاءِ وزيراعظم چو اين لائي تي اصرار ڪيو ته هو هندستان جي دوري جي دوران سري نگر جو پڻ سير ڪري. جيتوڻيڪ پاڪستان ۽ چين جي درميان ان وقت تعلقات معمول کان دور هئا، ان جي باوجود چين جي وزيراعظم مستقبل تي نگاهه رکندي علامتي طور به، هندستان جي حمايت جو دم ڀرڻ قبول نه ڪيو.

سيپٽمبرسن 1965ع جي جنگ ۾ سيني وڏين طاقتن جنگ جي باري ۾ پنهنجي پنهنجي عالمي اندازن جي مطابق موقف اختيار ڪيو. آمريڪا هڪ معاهدي جي تحت پاڪستان جي مدد ڪرڻ لاءِ ٻڌل هئي، پر مدد پهچائڻ جي بدران ان سيٽو ۽ سينٽو جي معاهدن ۾ شريڪ پنهنجي رفيق جي فوجي امداد بند ڪري ڇڏي. سوويت يونين چيني الٽيميٽم کان گهبرائجي ۽ چين سان هڪ وڏيڪ شديد سياسي ۽ نظرياتي شگاف کان ڊڄي ڏاڍي سرگرميءَ سان جنگ جي خاتمي جي ڪوشش ڪئي. لڙائي بند ڪرائڻ جو ان کي ايڏو فڪر دامنگير هو، جو ان هڪ اشتراڪي مملڪت جي حيثيت سان پنهنجي تاريخ ۾ فقط ٻيو ڀيرو – هن دفعي هندستان ۽ پاڪستان جي باهمي جهيڙن جي حل لاءِ - پنهنجون نيڪ خدمتون پيش ڪيون. چين طرفان پاڪستان جي ڪليل حمايت بي مثال هئي، جيتوڻيڪ ان لاءِ نوس سياسي سبب موجود هئا. ٽنهي عالمي طاقتن جيڪي موقف اختيار ڪيا هئا، تن جو تعين معاهدن جي تحت انهن جي تعلقات يا هندستان يا پاڪستان سان سندن ٽوري يا گهٽي هم آهنگيءَ جي آڌار نه، پر سندن عالمي مقصدن جي بنياد تي ٿيو.

پاڪستان آمريڪا کي ٻه طرفن يا گهڻن طرفن وارن تعلقات جي زور تي باهمي مقصدن جي ذريعن جي وسيلي، جن ۾ انهيءَ ملڪ جي مفادن سان مڪمل هم آهنگي پڻ شامل آهي، پنهنجي نقطه نظر طرف ڦيرائي نه سگهيو آهي. هندستان ۽ آمريڪا جا باهمي تعلقات هاڻي بهتر آهن، پر جڏهن انهن ٻنهي ملڪن جا تعلقات پاڻ ۾ ڪشيده هئا، ۽ پاڪستان ۽ آمريڪا جي درميان ڪو به اختلاف ڪو نه هو، تڏهن به پاڪستان آمريڪا کي هن ڳالهه تي آماده نه ڪري سگهيو ته اها هندستان ۽ اسان جي وچ ۾ جهيڙن کي نبيرڻ لاءِ پنهنجو اثر و رسوخ استعمال ڪري. آمريڪا پنهنجي دوست ۽ طرفدار پاڪستان جي حق ۾ هندستان تي اثر استعمال ڪرڻ کان هٻڪي رهي هئي، حالانڪ اها ائين ڪرڻ جي حالت ۾ نه هئي. منصفانه فيصلي ڪرائڻ لاءِ ڪا به سنجيده ڪوشش

نہ ڪئي ويئي. مئي ١٩٦٢ع ۾ وائيٽ هائوس مان جاري ڪيل هڪ خلاصھ بيان ۾ صدر ڪينيڊيءَ چيو تہ ”ڪشمير جي معاملي ۾ هندستان جي متعلق پاڪستان طرفان امداد جي درخواست ٻين قومي مقصدن لاءِ آمريڪي طاقت جي سهاري وٺڻ جي هڪ ڪوشش آهي.“ پاڪستان ان وقت آمريڪي مداخلت جو نہ فقط خواهان هو، پر آمريڪا سان تعلقات کي معمول تي آڻڻ لاءِ چمون ۽ ڪشمير جي تصفيہ جو شرط پڻ وجهي رهيو هو. انهيءَ خطرناڪ رستي تي هلڻ جو ضد ڪري اسان جيڪڏهن چاڻي ٻجهي نہ، تہ بہ اتفاقيھ ئي سهين، هڪ ٻيجا ڻاهہ ڪرائيندي ڪرائيندي رهجي وياسون.
پوءِ ڀلا پاڪستان ڪهڙيءَ طرح پنهنجن مفادن جي حفاظت سان گڏوگڏ آمريڪا سان دوستانہ تعلقات برقرار رکي سگهي ٿو؟ ان جو مڪمل جواب حاصل ڪرڻ تہ مشڪل آهي، پر هڪ نسبتا محفوظ حل وڏي حد تائين واضح آهي ۽ اهو هيءَ تہ معمول مطابق تعلقات قائم ڪرڻ لاءِ پيشگي شرطن کي بلڪل رد ڪيو وڃي ۽ هيءَ ڳالهہ بلڪل صاف ڪئي وڃي تہ پنهنجن قومي مقصدن ۾ مداخلت کي اسين هرگز برداشت نہ ڪنداسين. اسان کي اختلافي نڪتن کي بلڪل بالاءِ طاق رکي ڇڏڻ گهرجي ۽ گڏيل مفاهمتن جي حدن اندر تعلقات قائم ڪرڻ گهرجن. ان جي باوجود، جيڪڏهن آمريڪا ڪنهن اهڙي تصفيہ ڪرائڻ تي اصرار ڪري، جنهن جو بنياد خود اختياريءَ جي حق تي رکيل نہ هجي ۽ اها پنهنجن عالمي مقصدن خاطر هندستان ۽ پاڪستان جو تعاون چاهي تہ پوءِ پاڪستان کي سياسي محاذ آرائيءَ لاءِ تيار رهڻ گهرجي، جيڪا وقت گذرڻ سان هڪ نئين مفاهمت جي بنياد تي معمول مطابق تعلقات ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. هڪ مضبوط موقف اختيار ڪرڻ ۽ مختصر عرصي تائين مشڪلات جو مقابلو ڪرڻ دٻاءُ جي آڏو جهڪي سيلاب لاءِ دروازا کولي ڇڏڻ ۽ هڪ جي پنيان ٻئي بحران کي دعوت ڏيڻ کان بهتر آهي. هڪ نئين تصفيہ تائين پهچي، جتي صدر ڪينيڊيءَ جي لفظن ۾، آمريڪي قوت جي سهاري وٺڻ جي ضرورت نہ هجي، اسين انهيءَ ملڪ کي هڪ پريشان ڪندڙ ذمہ داريءَ کان آزاد ڪري ڇڏينداسون ۽ پنهنجن اهم قومي مفادن جي حفاظت پڻ ڪري سگهنداسون. اختلافي نڪتن کي الڳ ڪري اسين پنهنجن مقصدن لاءِ پوري پوري ڪوشش ڪرڻ جي حق کان ڪنهن بہ طرح سان دستبردار نہ ٿا ٿيون.
اسان وٽ پنهنجن مطالبن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ٻيا ذريعا بہ موجود آهن، جيڪي شايد وڌيڪ ڪامياب ٿي سگهن. ڪنهن وڏي طاقت سان مسلسل حوصلہ شڪن تعطل قائم رکڻ جي بجاءِ، وڌيڪ عقلمندي اهائي آهي تہ انهيءَ ڳنڍ کي ئي وڍي ڇڏجي، جيڪا ڳچيءَ ۾ ڦاهو بنجي ڦاسي پيئي هجي. يگوسليويا چمون ۽ ڪشمير جي مسئلي تي پاڪستان جي موقف جي حمايت نہ ڪئي آهي، پر ان جي باوجود اسان جا انهيءَ ملڪ سان خوشگوار تعلقات قائم آهن. اهو هن ڪري آهي، جو اسان يگوسليويا سان مواقفت وارن دائرن ۾ تعلقات قائم ڪري رکيا آهن، ۽ هندستان سان پنهنجن جهڳڙن جي فيصلن لاءِ انهيءَ ملڪ جي مداخلت جا خواهشمند نہ ٿيا آهيون. اسان غيرارادي طور انهيءَ ملڪ سان باهمي تعلقات مان اختلافي نڪتو الڳ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان طرح

اسان سياسي ڪشيدگين کان بچي ويا آهيون. اسان حمايت جي خواهش جو اظهار ڪندي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڻسڌيون ڪوششون جاري رکندي ٻه اختلافي حدن کان ٻاهر تعلقات قائم رکي سگهون ٿا، ۽ پوءِ اهي جيتري تائين ٻه هلن.
اهڙيءَ طرح اسان کي هر وڏي ۽ عالمي طاقت کي صاف ٻڌائڻ گهرجي ته پاڪستان انهن مان هر هڪ سان الڳ الڳ ٻه — طرفن بنيادن تي اهڙن لاڳاپن رکڻ لاءِ تيار آهي، جيڪي وقتي طور ناقابل حل اختلافن کان بلڪل علحده هجن، بشرطيڪ واسطيدار طاقت ٻه اسان جي ملڪ جي معاملن ۾ اسان جي مفادن جي خلاف دخل اندازيءَ کان پرهيز ڪري. اها اسان جي اندروني معاملن ۾، جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي آزاديءَ لاءِ اسان جي جدوجهد ۽ هندستان سان اسان جي جهڳڙن جي منصفانه فيصلن ۾ سچ پچ عدم مداخلت کان ڪم وٺي، ته اسان پڻ جواب ۾ ان سان حسب معمول، مگر محدود طور ۽ پيشگي شرطن کان سواءِ تعلقات قائم رکنداسون. انهيءَ قسم جو انداز نظر معقول ۽ منطقي ٻه آهي ۽ آخرڪار اسان جي مقصدن جي حصول جي رستي ۾ گهٽ ۾ گهٽ رڪاوٽ جو باعث پڻ ٿيندو. اهو انداز اسان کي سيني مملڪتن سان معمول جي مطابق تعلقات قائم رکڻ جو موقعو ٻه ڏيندو ۽ اسان جي پنهنجن مقصدن جي حصول لاءِ سرگرم ڪوشش سان گڏوگڏ ان کي هم آهنگ پڻ ڪري سگهبو. اهو اسان کي پنهنجن جائز مقصدن جي حاصل ڪرڻ لاءِ مخالفانه غير ملڪي مداخلت جي انديشي کان سواءِ ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ جي آزادي ڏيندو. اسان کي هيءَ ٻه آزادي هوندي ته جيڪي طاقتون اسان جون مخالف يا غير جانبدار آهن، تن جي طرزِ عمل ۾ اسين اڻسڌي ترغيب ۽ اثراندازيءَ جي ذريعي پنهنجي موافق تبديلي پيدا ڪيون. ”معمول جي مطابق تعلقات لاءِ پيشگي شرطن“ ۽ ”بغير پيشگي شرطن جي ڪوشش ۽ ترغيب“ ۾ بنيادي فرق آهي. پنهنجن جهڳڙن جي نبيري ۾ مداخلت نه چاهيندي ٻه ٻين ملڪ کي صحيح موقف اختيار ڪرڻ لاءِ ترغيب ڏيارڻ جي ڪوشش کان اسان کي روڪيو نه ويندو. هيءُ ڳالهه چوڻ کان سواءِ ئي ظاهر آهي ته جيڪڏهن ڪا مملڪت اڻسڌي ترغيب يا ٻين سببن ڪري پنهنجي موقف ۾ پاڻ ئي تبديلي آڻي وجهي ته انهيءَ مملڪت سان اسان جي باهمي تعلقات ۾ پڻ اهڙوئي ڦيرو ايندو.
اسان کي هيءَ ڳالهه واضح طور ڄاڻڻ گهرجي ته ڪابه عالمي طاقت پنهنجي سياسي حمايت جي ذريعي جمون ۽ ڪشمير کي پاڪستان جي حوالي نه ٿي ڪرائي سگهي. البت، انهن جي سرگرم سياسي مخالفت اسان لاءِ پنهنجن مقصدن جي حصول کي ڏاڍو مشڪل بنائي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري اسان کي انهن مملڪتن سان، جيڪي غير جانبدار آهن يا جيڪي اسان جي نقط نظر جون مخالف آهن، پنهنجن ٻه — طرفن تعلقات سان باهمي اختلافن جي نڪتن کي الڳ ڪري ڇڪتاڻ کي دور ڪرڻ گهرجي. ٻئي طرف اسان کي انهن سيني ملڪن سان ۽ خاص طرح انهن وڏين ۽ عالمي طاقتن سان پنهنجي تعلقات کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جيڪي جمون ۽ ڪشمير جي جهڳڙي ۾ پاڪستان جي غير مشروط حمايت ڪن. ڪنهن ٻه

ملڪ ڪي اهڙين ترجيحن تي اعتراض ڪرڻ جو ڪو بہ سبب ڪونهي، جيڪي پيشگي شرطن کان سواءِ اعلي  قومي مفاد جي واضح ۽ معقول بنياد تي قائم ڪيون ويئون هجن. هيءُ ڳالهہ هر ڪنهن جي سمجهہ ۾ ايندي تہ پاڪستان جي خارجہ پاليسيءَ جو بنياد ئي هن تي آهي تہ انهن قومن سان تعلقات کي مضبوط بنايو وڃي، جيڪي اسان جي منصفانہ مقصدن ۾ اسان جي حمايت ڪنديون هجن ۽ انهن عظيم ۽ عالمي طاقتن سان ٽڪراءَ جي نڪتن کي بي اثر بنايو وڃي، جيڪي اسان جي منصفانہ جدوجهد جون مخالف هجن. انهن ملڪن سان، جيڪي اسان جاحامي آهن، اسان جي مخلصانہ تعلقات کي ڪن خفيہ مقصدن طرف منسوب نہ ڪيو ويندو ۽ اهو واضح ٿيندو تہ اسين ڪنهن بہ عالمي جهيڙي ۾ ڪنهن جي حڪم جي تابع ڪين آهيون، پر ان جي برعڪس سيني ملڪن سان اسان جي تعلقات جي درجہ بنديءَ جي مڪمل وضاحت موجود آهي. انهيءَ طريقي سان اسان ٽن عالمي طاقتن سان پنهنجي تعلقات جو بنياد پيشگي شرطن کان سواءِ، هڪ معقوليت پسند بنياد تي اهڙيءَ طرح رکي سگهون ٿا، جو اهو انهن جي مفادن خلاف نہ هجي، اسان جي پنهنجن مفادن جي بلڪل موافق هجي ۽ مداخلت جو انديشو بہ نہ هجي.

وڌيڪ وضاحت سان هيئن چئي سگهجي ٿو تہ پاڪستان لاءِ مصلحت هن ۾ آهي تہ اهو هندستان سان پنهنجن جهيڳڙن جي سلسلي ۾ وڏين طاقتن سان سڌيءَ طرح مد مقابل ٿيڻ کان پرهيز ڪري. اسان کي انهن سان تعلقات کي معمول مطابق رکڻ لاءِ پيشگي شرطن وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ نہ گهرجي. اسان کي انهن سان، جيڪي اسان جي نقطہ نظر جا مخالف يا غير جانبدار هجن، مخلصانہ پر محدود تعلقات لاءِ آماده هئڻ گهرجي. محدود هن ڪري، جو اسان جي قوم لاءِ بنيادي اهميت رکندڙ جهيڳڙن بابت انهن جا موقف مختلف، پر ڪشيدگيءَ کان سواءِ آهن، چاڪاڻ تہ اسين اختلافن جي باوجود مداخلت جي خطري کان سواءِ معمول مطابق تعلقات قائم رکي سگهون ٿا. بي فائده بحثن ۾ ڦاسڻ کان اهو گهڻو بهتر آهي تہ اسين اهڙيون حالتون پيدا ڪريون، جيڪي عظيم طاقتن کي سندن موقف تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪن. اها هڪ ڏکي مهم آهي، پر اسان جي منصفانہ نقطہ نظر جي غير مبهم انداز ۾ حمايت ڪرڻ وارين عظيم ۽ عالمي طاقتن ۽ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ترقي پذير ملڪن جي تعاون کي گڏي اسين انهيءَ مهم کي سر ڪري سگهون ٿا. انهيءَ جو دارومدار اسان جي پنهنجي حڪمت ۽ عزم تي ٿيندو.

اڃو تہ پلا تصوير جي ٻئي رخ کي بہ ڏسون. جيڪڏهن اسين هن ڳالهہ تي اصرار ڪريون تہ عظيم طاقتون اسان سان تعلقات قائم ڪرڻ کان اڳ ۾ هندستان سان اسان جي اختلافن ۾ اسان جي حمايت ڪن، تہ اسين انهن لاءِ هن کان سواءِ ٻيو ڪو رستو نہ ڇڏيندا سين تہ اهي اسان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪن ۽ تعلقات قائم ڪرڻ جي غرض سان اسان تي ناخوشگوار فيصلا مڙهين. اهڙن پيشگي شرطن مان اسان جي اهم مفادن کي نقصان پهچندو، ناقابل برداشت سمجهوتن جو هڪ اڻ-کٽ سلسلو شروع

ٿي ويندو ۽ سيني عظيم ۽ عالمي طاقتن سان اسان جي تعلقات ۾ منافقت جو رنگ پيدا ٿي ويندو.
اعلي ٰ مقصدن جي حصول لاءِ اسان جون پنهنجون ڪوششون سڀني کان اولين اهميت رکن ٿيون. تڏهن بہ اسين فقط انهن جي سهاري تي شايد ڪامياب نہ ٿي سگهون. اسان کي بين الاقوامي حمايت جي ضرورت آهي. ڪجهہ اسان کي اڳيئي انهن ننڍين مملڪتن جي اڪثريت جي طرفان حاصل آهي، جيڪي سامراجي نظام جي خاتمي ۽ خود اراديت جي حق جون قائل آهن. اسان کي ايشيا جي هڪ تمام وڏي طاقت جي حمايت حاصل آهي ۽ اسين انهيءَ قابل آهيون تہ يورپ جي گهٽ ۾ گهٽ هڪ نيم عظيم طاقت جي حمايت حاصل ڪريون. جيڪڏهن ايتري مضبوط اجتماعي حمايت جو سهارو وٺي اسين صحيح ۽ عقلمندانہ اقدامات ڪري اڳتي وڌون تہ انهيءَ قابل ٿي سگهون ٿا تہ پنهنجين منصفانہ دعوائن جي حصول لاءِ باقي ننڍين ۽ وڏين مملڪتن تي اثر وجهي سگهون. اسين پاڻ کي مونجهارن مان آزاد ڪرائي وٺنداسون ۽ اخلاقي، مادي ۽ سياسي دٻاءُ جي زد ۾ اچڻ کان بچي وينداسون. اسان کي نسبتا سلامتيءَ واري هنڌ تي پهچي سازگار موقعي جو انتظار ڪرڻ گهرجي، جيڪو عين ممڪن آهي تہ پيچيده بين الاقوامي صورتحال اسان کي مهيا ڪري ڏئي. ان وقت تائين مداخلت جي دٻاءُ کي روڪي اسين جمون ۽ ڪشمير جي باري ۾ ڪنهن ناموافق تصفيہ جي مسلط ٿيڻ کان محفوظ رهي سگهون ٿا ۽ سيني ملڪن سان پنهنجن بہ- طرفن تعلقات ۾ هم آهنگي پيدا ڪري سگهون ٿا.
عالمي طاقتن جي پاليسين ۾ تغير ۽ تبدل ٿيندو ئي رهندو آهي. عالمي صورتحال جي حرڪيات جي تقاضا آهي تہ ننڍيون قومون اجتماعي مقصدن جي خلاف پنهنجن انفرادي مقصدن لاءِ عالمي طاقتن سان تصادم کان پاڻ کي بچائين. ويهہ سال هڪ قوم جي زندگيءَ ۾ ڪو ڊگهو عرصو ڪو نہ هوندو آهي. اسان کي نهايت مضبوط ارادي سان پنهنجي منصفانہ مقصد تي قائم رهڻ گهرجي. اسان ڪنهن اهڙيءَ ڳالهہ کي، جيڪا اخلاقي يا نظرياتي طور واجب هجي، فقط هن بنياد تي نظرانداز نہ ٿا ڪري سگهون تہ حالات في الحال ناموافق آهن. ويٽ نام جا ماڻهو ويهن سالن کان وٺي تباهيءَ جو مقابلو ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ انهن جي شهرن ۽ ڳوٺن کي ڊاهي زمين جي برابر ڪيو پيو وڃي، تڏهن بہ سندن مزاحمت جو روح اڳ جي مقابلي ۾ تمام گهڻو مضبوط آهي. وقتي تعطل کي قبول ڪري وٺڻ، ڪنهن غير منصفانہ حل تي رضامند ٿيڻ کان بهتر آهي. هڪ حقارت آميز ناهہ مستقبل ۾ پڻ منصفانہ ناهہ جا امڪان گهٽائي ڇڏيندو.
پاڪستان جي آڏو ڦيريون ڪم اهو آهي تہ انهيءَ غير ملڪي مداخلت کي گهٽائي يا ممڪن هجي تہ زائل ڪري ڇڏي، جيڪا پريشان ڪندڙ تيزيءَ سان وڌي رهي آهي ۽ جيڪا، جيڪڏهن ان کي روڪيو نہ ويو، تہ نہ فقط جمون ۽ ڪشمير بابت اسان جي مٿان ڪوئي نامنصفانہ ناهہ مسلط ڪري سگهي ٿي، بلڪ عين ممڪن آهي تہ اسان کي هندستان سان گڏو گڏ چين جي خلاف محور ۾ بہ مبتلا ڪري وجهي. لهاذا، اسان جي

روايتي سياسي انداز ِ نظر ۾ تبديليءَ جي ضرورت آهي. اسان پنهنجي عهد ۽ بند ونگ جي روح جي بلڪل خلاف، تمام وڏو خطرو ڪٽي غير ملڪي دخل ڪاري ۽ خلل اندازيءَ جي حوصله افزائي ڪئي آهي. جيڪڏهن اسان جي جهڳڙن جو حل غير ملڪي طاقتن جي مفاد خلاف ٿيو ته اهي اسان جي جهڳڙن ڪي حل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندا. هڪ ڀيرو جيڪڏهن غير ملڪي اثر ختم ٿي وڃي ته اسان جي لاءِ اهو ممڪن ٿيندو ته اسين مسئلن ڪي نئين سر حقيقي پس منظر ۾ ڏسي سگهون. مسئلي جي سڀني کان وڏيڪ سادي صورت اها آهي ته پاڪستان کي ڪنهن به صورت ۾ عالمي طاقتن جي نظرياتي يا علاقائي جهڳڙن ۾ ملوث نه ٿيڻ گهرجي. عالمي مقابلھ آراين ۾ اسان کي ٻنان ڪنهن رک رکاءَ جي، صاف ۽ پاڪ رويو قائم رکڻ گهرجي، پر ان سان گڏئي اسان کي اهڙن عالمي مسئلن ۾، جيڪي عوام ۽ قومن جي مساوي حقن، خود ارادیت ۽ اقتصاديءَ آزاديءَ تي اثر انداز ٿين ٿا، هڪ واضح ۽ آزاد انداز ِ نظر اختيار ڪرڻ گهرجي. پاڪستان کي ٻين ملڪن جي رويي کان ڪوئي اثر قبول ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي نظرياتي اصولن جي مطابق هميشه اڳرائي جي مخالفت ۽ ان جو شڪار ٿيڻ وارن جي پشت پناهي ڪرڻ گهرجي. اسان کي عالمي طاقتن جي نظرياتي صف آرائي ۾ سختيءَ سان غير جانبداريءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. انهن طاقتن سان پنهنجي تعلقات جي تعين ڪرڻ ۾ پاڪستان کي پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ جو لحاظ پڻ رکڻ گهرجي ۽ پنهنجن جائز مقصدن لاءِ ان کي جيڪا مدد ميسر آهي، تنهن جو پڻ ان کي عالمي رقابتن ۾ ڪوئي ٻڌل سڌل موقف اختيا رڪرڻ بدران هر معاملي جي خصوصيتن جي مطابق پنهنجي حڪمت عملي متعين ڪرڻ گهرجي. اها حڪمت عملي هر ملڪ جي اندروني معاملن ۾ ”عدم مداخلت“ ۽ سڀني قومن لاءِ خود ارادیت جي حق جي نظريي جي مطابق هئڻ گهرجي. ڪيس اهڙو پيشگي شرط پڻ قبول ڪرڻ کلان پرهيز ڪرڻ گهرجي، جيڪو ان جي قومي ۽ نظرياتي ذميوارين کي پوري ڪرڻ کان ڪنهن به صورت ۾ سندس عمل جي آزاديءَ کي محدود ڪندو هجي.

-----

# باب چوڏهون
# ڪي نتيجا

پاڪستان کي سابق تجربي ۽ ڪن ٻين خيالن کان ٽن اهم مقصدن جي حصول لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي:
١- چين، سان جيڪا هڪ عظيم طاقت آهي ۽ جنهن سان پاڪستان جي بنيادي مفادن جي موافقت آهي، دوستي ۽ باهمي اعتماد جي پاليسي.
2- آمريڪا ۽ سوويت يونين سان سٺا تعلقات، پر اڳواٽ شرطن کان سواءِ ۽ عدم مداخلت جي بنياد تي- مشرقي ۽ مغربي يورپ جي ملڪن خاص طور فرانس، جرمني، برطانيا، رومانيا، چيڪو سلو ويڪيا، ۽ پولنڊ سان پڻ دوستانه تعلقات.
3- ٽين دنيا- لاطيني آمريڪا، ايشيا ۽ آفريڪا جي ترقي پذير ملڪن، ۽ خصوصا مسلم قومن ۽ پاڙيسري ملڪن جو استحڪام.
انهن مقصدن جو حصول گويا پاڪستان جي پاسن ۽ پٺ کي محفوظ ڪري اسان کي هندستان سان مشڪلاتن جي اڻندڙ انهيءَ لهر جو مقابلو ڪرڻ جي قابل بنائي ڇڏيندو، جيڪا آمريڪا جي ننڍي کنڊ متعلق پاليسين ۾ تبديلين رونما ٿيڻ ڪري زياده شديد ٿي پيئي آهي. جيڪڏهن پاڪستان انهن جي مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ته ان کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ غير مبهم موقف اختيار ڪرڻ گهرجي، جيئن ڪجهه عرصو ٿيو ته برما ۽ ڪئموڊيا جي حڪومتن اختيار ڪيو هو. سياسي سطح تي هڪ ڦڙتيءَ وارو ۽ فيصله ڪن معرڪو زوال جي رجحان جو خاتمو ڪري سگهي ٿو ۽ اهو انهيءَ قدم بقدم شڪست کان ڪيئي درجا بهتر ٿيندو آهي، جيڪا شايد آخرڪار انتشار تي وڃي ختم ٿئي.
پاڪستان جي فوجي امداد ختم ڪرڻ جي آمريڪي فيصلي جي سلسلي ۾ ان جي عام پاليسين پاڪستان جي سلامتيءَ لاءِ خطري ۾ گهڻو اضافو ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري اسان کي ڪجهه انسدادي تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن، ۽ جيترو جلد اسين اهڙيون تدبيرون اختيار ڪريون، او تروئي ننڍي کنڊ ۾ امن لاءِ بهتر ٿيندو. هندستان جي هٿياربند طاقت پاڪستان جي طاقت کان گهڻي آهي. هندستان جي امداد ۾ اضافي جو آمريڪي فيصلو اسان کان پاڪستان جي حيثيت جي بچاءَ لاءِ، ۽ خاص طور هندستان سان فوجي توازن برقرار رکڻ لاءِ مثبت اقدامن جي تقاضا ڪري ٿو.
آمريڪا پنهنجي مرضي هلائي ۽ بنان ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي باهمي دفاع جي معاهدن ۽ سيٽو ۽ سينٽو جي تنظيمن جي اکر ۽ روح تي قلم ڦيري ڇڏيو آهي. پاڪستان سان ڪيل پڪن وعدن جو ڪو احترام نه ڪيو ويو. ٻئي طرف ويٽ نام ۾ صرف معاهدن جي نالي ۾ سڄي دنيا کي هڪ بين الاقوامي عظيم آفت جي طرف گهليو پيو وڃي. جيئن ته آمريڪا هڪطرفي ڪارروائيءَ طور پاڪستان سان ڪيل معاهدن کي ٽوڙي ڇڏيو آهي، ان ڪري هاڻي اهي معاهدا اصولا برقرار نه رهيا آهن. پاڪستان جي فوجي

امداد جي ختم ڪرڻ واري اعلان جي تاريخ کان وٺي آمريڪا سان سپ دفاعي معاهدا بي حقيقت ۽ غير مؤثر ٿي چڪا آهن.جيئن ته اهي معاهدا باطل ٿي چڪا آهن، ان ڪري هاڻي پاڪستان کي آمريڪا کي چئي ڇڏڻ گهرجي ته اها انهن باقي بچيل رعايتن کي، جيڪي ان کي پاڪستان جي سر زمين ۾ عطا ڪيون ويئون هيون، ختم سمجهي ۽ ايم. اي. جي. (M. A. A.G) جي باقي عملي سان گڏو گڏ واشنگٽن کان ڪيل اعلان موجب پنهنجي قائم ڪيل سيني اڏن مان، پنهنجي ڪارڪنن کي واپس گهرائي وٺي. جيڪڏهن انهن رعايتن کي فوري طور تي ختم ڪيو وڃي ته اهو اسان جي طرفان سوويت يونين ۽ چين جي لاءِ وقتائتو خير خواهيءَ جو اظهار ٿيندو، بلڪ پشاور ۾ مواصلات جي آمريڪي مرڪز جي خاتمي ۾ ديرمدار، ناموافق نتيجا پيدا ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن پاڪستان طرفان تر ميمي ڪارروايون فوجي امداد جي بند ٿيڻ کان جلد پوءِ عمل نه آيون ته آمريڪا شايد انهن کي جوابي قدم نه سمجهي. اهڙي صورت ۾ لازمي طور اسان جي باهمي تعلقات ۾ فرق اچي ويندو ۽ ٻين ذريعن سان توازن جي تدبير ڪرڻ جي پاڪستاني ڪوشش ۾ نيون پيچيدگيون پيدا ٿي وينديون.
پر پاڪستان جيڪڏهن انهن معاهدن کي، جيڪي اڳي ئي ٽوڙيا ويا آهن، ڊگهي ٿيل مدت تائين برقرار رکيو ته ان کي نتيجي طور آمريڪا سان هڪ خطرناڪ هڪطرفي پابنديءَ کي نباهڻو پوندو، جنهن ۾ آمريڪا تي ڪابه ذميواري نه پوندي. اها ڳالهه بلڪل رواجي سمجهه ٻوجهه جي آهي ته پاڪستان جي عوام سان پنهنجي بنيادي ذميواريءَ جو احترام ڪندي حڪومت کي هاڻي باهمي دفاع جي معاهدن جي ختم ٿيڻ جو اعلان ڪرڻ گهرجي ۽ رسمي طور سيٽو ۽ سينٽوکان علحده ٿيڻ گهرجي. سن 1962ع ۾ واشگٽن ۾ ٿيل سيٽو جي وزارتي ڪائونسل ۾ شموليت پڻ يقينا غير دانشمندانہ فعل هو، ان هوندي به جيڪڏهن شرڪت ضروري سمجهي ويئي هئي ته آمريڪا جي فيصلي جي حقيقي قلعي کولڻ لاءِ هڪ بااختيار وفد موڪلڻ گهرجي ها. سيٽو کان بلڪل علحدگي اختيار ڪرڻ کان اڳي پاڪستان کي انهيءَ اجلاس ۾ شريڪ ٿيندڙن ۽ آمريڪي عوام تي واضح ڪرڻ گهربو هو ته ايشيا ۾ حالتون ڪيتريون نازڪ آهن ۽ ويٽ نام ۾ جنگ کي وڌائڻ جا نتيجا ڪيترا خوفناڪ ٿي سگهن ٿا. ايشيائي عوام جي درد ۽ غم جو اظهار ڪري پاڪستان بين الاقوامي وقار حاصل ڪري وٺي ها ۽ فرانس جي اختيار ڪيل نقطہ نظر کي تقويت پهچائي ها. ان مان برطانيہ جي دولت مشترڪ کي به اهڙي موقف اختيار ڪرڻ جي شايد همت ٿي پوي ها، جنهن کي اها اختيار ڪرڻ چاهي ٿي. پاڪستان کي ”ايشيا ۾ امن “ جي تحريڪ آمريڪي سر زمين تي شروع ڪرڻ گهربي هئي، جتي عوامي راءِ جو هڪ وڏو ۽ وڌندڙ طبقو جنگ جي خلاف اڙيو بيٺو آهي، جنهن ۾ اتان جي ٻنهي پارٽين جا سرڪرده ليڊر شامل آهن. اسان جي آواز، نه صرف ايشيا جي عوام، بلڪ دنيا جي چئني طرفن ۾ رهندڙ انسانيت جي ترجماني ڪري ها. پاڪستان هن ڳالهه جي وضاحت ڪري ڇڏي ها ته ان کي فقط هندستان جي حل نه ٿي سگهندڙ مسئلي جي ڪري سزا جو نشانو نه پيو بنايو وڃي،

بلڪ بنيادي طور هن ڪري، جو ان ويٽ نام جي جنگ ۾ شامل ٿي پنهنجن هٿن کي ناپاڪ ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي. ڪانفرنس ۾ هڪ مستحڪم موقف اختيار ڪري پاڪستان عالمي امن جي مفادن کي فروغ ڏئي ها ۽ عالمي راءِ عامہ کي ان سان همدردي پيدا ٿئي ها. اهڙو موقف سوويت يونين، چين، فرانس ۽ ٻين ملڪن سان مستقبل ۾ اسان جي ڳالهين لاءِ خوشگوار فضا پيدا ڪري ڇڏي ها. ائين پيو معلوم ٿئي تہ گوام ڪانفرنس ۽ بعد جي اجلاسن ۾ فيصلو ڪيو ويو هو تہ ويٽ نام جي جنگ کي وڌيڪ وڌايو وڃي ۽ هڪ فوجي سوپ حاصل ڪئي وڃي. لهاذا جيترو جلد پاڪستان انهن معاهدن کان، جيڪي هاڻي هونئن بہ باقي نہ رهيا آهن، علحدگي حاصل ڪري وٺي، اوتروئي ايشيا جي آئنده سلامتي ۽ امن لاءِ بهتر ٿيندو. اسين اهڙن معاهدن کي، جيڪي سلامتيءَ جا ضامن ناهن، بلڪ اسان جي سلامتيءَ لاءِ هڪ خطرو بنجي رهيا آهن، ويٽ نام جي جنگ کي وڌائڻ لاءِ هڪ حيلي طور استعمال ڪرڻ جي اجازت نہ ٿا ڏيئي سگهون.

هيءَ ڳالھ ڪنهن بہ اعتبار کان محض اتفاقي ناهي تہ ذري گهٽ سڀيئي ملڪ، جن آمريڪا کان فوجي امداد حاصل ڪئي آهي، ڪنهن نہ ڪنهن رنگ ۾ يا تہ اندروني خلفشار ۾ يا ڪميونسٽ ملڪن سان تصادم ۾ مبتلا ٿيا آهن. ڏکڻ ڪوريا کي جنگ جي مصيبت سهڻي پيئي. چين جي ڪناري کان هُن پار وارن ٻيٽن تي گولھ باري ٿي. فلپائين، ٿائلنڊ ۽ جپان کي شديد خارجي ۽ داخلي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو. يونان کي هڪ داخلي ڪشمڪش مان گذرڻو پيو، جيڪا اڄ بہ مٺاڃري جي هيئان موجود آهي. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ ايران جي اترينءَ سرحد تي گڙٻڙ ٿي. پاڪستان انهن ٿورن خوش نصيب ملڪن مان هڪ آهي، جيڪو انهيءَ قسم جي آفتن کان بچي ويو آهي. پر اها صورتحال هميشہ نہ ٿي رهي سگهي ۽ دانشمندي انهيءَ ۾ آهي تہ اسين سيٽو ۽ سينٽو کان فورا الڳ ٿي وڃون. سن 1967ع ۾ واشگٽن ۾ سيٽو جي ساليانی ڪانفرنس ۾ ٿائلنڊ جي وزير داخلھ جي متعلق هڪ خبر آئي هئي تہ ان هيئن چيو هو تہ ”هيءَ صورتحال سخت انديشي واري آهي تہ ڪي ملڪ سيٽو جي ميمبريءَ مان محض فائدن حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ رهن ۽ اهڙي نازڪ وقت ۾ پنهنجو پاڻ تي ڪي بہ ذميواريون يا پابنديون قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هجن، جڏهن تہ اسان جا ڪيئي نوجوان پنهنجين جانين کي خطري ۾ وجهي رهيا آهن ۽ ڪيئي هڪ بلند مقصد لاءِ جنگ جي ميدان ۾ ڪم بہ اچي چڪا آهن.“ خبر مطابق، هن وڌيڪ ائين بہ چيو تہ هو اهو نہ ٿو سمجهي سگهي تہ اهڙين حالتن ۾ ”سيٽو، جيڪو غير مساوي حقن ۽ ذميوارين جي بنياد تي قائم آهي، سو خاطر خواه طور تي ڪيئن هلي سگهي ٿو.“ هن جو خيال هو تہ ”سيٽو اٽتر ارتقائي عمل مان گذرندو ۽ پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ متوازن مفاد جي اشتراڪ جي بنيادن تي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.“ سيٽو جي هڪ ميمبر ملڪ طرفان انهيءَ طرح جي خيال جي اظهار ۽ برطانيہ جي طرفان تازوئي هڪ قرطاس ابيض (وائيٽ پيپر ) ۾ دفاع جي باري ۾ انهيءَ اعلان جي شايع ٿيڻ سان گڏ تہ سيٽو جون ذمہ داريون

”نوعيت ۽ حدن جي اعتبار کان بتدريج نئين سر متعين ڪيون وينديون.“ بهتر ٿيندو ته پاڪستان پنهنجي نموني. سان انهن معاهدن کي ان کان اڳ ۾ ترڪ ڪري ڇڏي، جو هو اجا به وڌيڪ وڏين مشڪلاتن ۾ ڦاسي پوي.

پاڪستان جي خارجه پاليسيءَ جي هڪ حليف هئڻ واري نوعيت ۽ ڪميونزم جي مقابلي ڪرڻ لاءِ غير ملڪي امداد حاصل ڪرڻ جي حقيقت جي باوجود، اسين ڪميونسٽ ملڪن سان تصادم کان انهن معروضي مفادن جي بنياد تي بچيل رهيا آهيون، جيڪي ايشيا ۽ نندي ڪنڊ ۾ عوامي جمهوريه چين ۽ اسان جي درميان مشترڪ آهن. هندستان پاڪستان جو حريف آهي ۽ چين سان ان جو جهڳڙو آهي. چين جي راءِ هيءَ ٿئي ٿي ته هندستان آمريڪا جو وڌيڪ محتاج بڻبو ويندو ۽ ان جي اثر هيٺ آهستي آهستي چين جي هڪ دشمن جي حيثيت اختيار ڪندو. ان ڪري هيءَ ڳالهه چين جي قومي مفاد ۾ آهي ته هو پاڪستان جي حمايت ڪري ۽ اهائي ڳالهه پاڪستان جي قومي مفاد ۾ به آهي ته هو چين سان دوستانه تعلقات ڳنڍي. انهن سيني ملڪن مان، جن ڪميونزم جو مقابلو ڪرڻ لاءِ آمريڪا کان مدد حاصل ڪئي آهي، فقط پاڪستان ئي هڪ اهڙو ملڪ آهي، جنهن جا هڪ تمام طاقتور ڪميونسٽ ملڪ سان بنيادي مشترڪ مفاد وابسته آهن. هيءُ هڪ انوکو مثال آهي، ۽ عالمي رابطن ۾ هڪ غير معمولي صورتحال !

جيئن ته پاڪستان جو عوامي جمهوريه چين ۽ سوويت يونين سان ڪو به جهڳڙو ڪونهي، ان ڪري حالات جي تازه ترين صورت جي پيش نظر اسان کي انهن سان دوستي ۽ عدم جارحيت جا معاهدا جيترو به جلد ممڪن ٿئي، طئي ڪرڻ گهرجن. اسان کي ٻين عظيم طاقتن سان پڻ معاهدن ڪرڻ متعلق سوچڻ گهرجي، جيتوڻيڪ عملي نقطه نظر کان اهي غير ضروري هجن. ان جو ڪوئي فائدو ڪونهي ته اسين دفاعي معاهدن ۽ تنظيمن جا ميمبر هوندي به هڪ عالمي طاقت کي رعايتون ڏينداي، جڏهن ته ٻيون طاقتون انهيءَ ڪم کي پنهنجي خلاف سمجهي رهيون هجن، سيني ملڪن سان دوستانه تعلقات جون دعوائون ڪريون. اهو هڪ بنيادي تضاد آهي ۽ اسان کي پنهنجي تعلقات کي حقيقي طور تضاد کان آجي رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

پاڪستان کي پنهنجن پاڙيسرين سان گهٽي کان گهٽا دوستانا معاهدا ڪرڻ گهرجن. ايرا، برما ۽ نيپال سان انهيءَ قسم جا معاهدا طئي ٿيڻ ۾ ڪا به دقت هئڻ نه گهرجي. نيپال سان هڪ معاهدي کان علاوه، ڪڻ ٻين معاملن تي پڻ تعميري مذاڪرات ڪري سگهجن ٿا، پاڪستان کي افغانستان سان پڻ دوستي ۽ عدم جارحيت جو معاهده ڪرڻ گهرجي. موجوده بحران تيز سفارتي اقدامات جي هڪ سلسلي جي تقاضا ڪري ٿو. فقط انهيءَ قسم جي اقدامات سان انهن غلطين کي درست ڪري سگهجي ٿو، جيڪي آمريڪا جي پاڪستان سان تعلقات جي نئين موڙ کان پيدا ٿيون آهن.

آمريڪا، مغربي يورپ ۾ ڪافي اثر و رسوخ جي مالڪ آهي، ان ڪري پاڪستان لاءِ نيٽو ۾ شامل طاقتن کي فوجي سازو سامان جي فراهميءَ بابت بنيادي آمريڪي رويي

کان هٽائڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو. پوءِ بہ اِهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ انهن مان ڪي، ڪهڙيءَ حد تائين تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا. پاڪستان جي نقطہ نظر کان مغربي يورپ ۾ فرانس سيني کان اهم ملڪ آهي ۽ اهو ضروري ناهي تہ فرانس آمريڪا جي حاليہ فيصلن کان اثر قبول ڪيو هجي. اسان انهيءَ ملڪ سان جيتريقدر بہ جلد مفاهمت پيدا ڪري وٺون اوتروئي ٻنهي لاءِ بهتر ٿيندو.

---

(1) مترجم جو نوٽ: پاڪستان هن وقت دولت مشترڪہ کان جدا ٿي چڪو آهي.

# باب پندرهون
# ملڪ جو بهترين دفاع

پاڪستان جي حڪومت ڪي اهڙا اقدامات ڪرڻا پوندا، جن سان ملڪ جا اقتصادي ۽ خوراڪ جا وسيلا خود- ڪفيل ٿين. اڪثر ترقي پذير ملڪن کي غير ملڪي امداد جي ضرورت آهي ۽ اسان جو ملڪ مستثني  نہ آهي. غير ملڪي امداد کي تہ ٻين تي آڌار رکندڙ اقتصاديات کي بدلائي ملڪ کي خودڪفيل بنائڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ان سان گڏ غير ملڪي مداخلت بہ ساڻ ايندي تہ پوءِ ٻين تي وڌيڪ ڀاڙڻو پوندو ۽ ان طرح سان غير ملڪي امداد جو مقصد فوت ٿي ويجي ٿو. اهو اڃا ڏسڻو آهي تہ هندستان ۽ پاڪستان جون اقتصاديات، جن ۾ گذريل ڏهن – ٻارهن سالن جي دوران مغرب جي نموني تي تمام گهڻي سرمايہ ڪاري ڪئي ويئي آهي، تنهن مان هي ٻيئي ملڪ خود اعتماديءَ طرف وڌيا آهن يا نہ. ڪن جو خيال آهي تہ پاڪستان تمام وڏا قدم اڳتي وڌايا آهن ۽ هڪ مثالي ايشيائي ملڪ بنجي چڪو آهي، جيڪو فقط جپان کان ٻئي درجي تي آهي. ٻيا ماڻهو وري اها دعوي  ڪن ٿا تہ پاڪستان جي اقتصادي ترقي بي قاعدي ۽ غير معقول آهي ۽ ان جي وسلين ۽ اهم ضرورتن جي مطابق ناهي. ترقي ۽ نشو و نما جون علامتون بہ موجود آهن، پر شديد قسم جي اقتصادي گڙٻڙ جا آثار پڻ موجود آهن. مسلسل ڪوشش ۽ اقتصادي نظام جي تبديليءَ سان پاڪستان پنهنجي مشڪلاتن تي غالب اچي سگهي ٿو. ملڪي معيشت جو سيني کان وڌيڪ نازڪ پهلو ڪاڌي جي جنسن ۾ پنجويهن لکن ٽنن جي کوٽ آهي، پر جيڪڏهن اهو مسئلو حل ٿي وڃي تہ اهو بيشمار قسمن جي بين الاقوامي دٻائن جو مقابلو ڪري سگهي ٿو. ”بدقسمتيءَ سان گهڻو قيمتي وقت ضايع ٿي ويو آهي. جيڪڏهن پاڪستان سرڪار ٻي پنجسالہ ترقياتي رٿا ۾ زراعت جي طرف ايتروئي توجهہ ڏئي ها، جيترو اها موجود پنج سالہ رٿا ۾ ڏيئي رهي آهي، تہ ملڪ هن وقت تائين خوراڪ جي معاملي ۾ هوند پيرن –ڀر ٿي بہ وڃي ها. پر ٻي پنجسالہ رٿا جو رخ غير منطقي طور بنيادي صنعتن کان سواءِ باقي ٻين سيني صنعتي شعبن جي طرف ڏانهن موڙيو ويو آهي. انهيءَ وقت اهو دليل ڏنو ويو تہ ملڪ ايتريقدر غريب آهي، جو ڳرين صنعتن، جهڙوڪ فولاد جي پيداوار جي صنعت جو بار نہ ٿو کڻي سگهي. ٻيو تہ ملڪ کي خوراڪ جي معاملي ۾ خود ڪفيل بنجڻ جي معاملي ۾ ايتريقدر گهڻي ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي، ڇو تہ ان جي خوراڪ جي ڪمي هميشہ پي –ايل-480 جي تحت آمريڪا جي فراخ دليءَ واري امداد جي ذريعي پوري ٿي سگهي ٿي. اهم ڪم هڪ اهڙي وزير خزانہ ڪيو، جيڪو وزير خزانہ هئڻ سان گڏ عالمي بئنڪ جو هڪ ايگزيڪيوٽو ڊئريڪٽر پڻ هو. هن جي پاليسين ملڪ کي اقتصادي تباهيءَ جي ڪناري تائين آڻي پهچايو. ملڪي دولت کي قابو ۾ رکڻ لاءِ سرمايہ دار اميرن جو هڪ نئون طبقو وجود ۾ آندو ويو، جيڪو لاطيني آمريڪا جي اهڙي ئي طبقي کان هوس ڪاريءَ ۾ ڪنهن بہ طرح سان گهٽ ڪو نہ هو. جيڪو

نظام قائم ڪيو ويو سو خواه ڀيو ڪجھ بہ هو، پر آزاد ڪاروباري ماڻهن ڪي اهڙا لیسن عطا ڪيا ويندا رهيا، جن قوم جي اجتماعي وسيلن ڪي ذاتي جاگيرن ۾ بدلائي ڇڏيو، لٽ مار ڪندڙ سرمايہ داري بي لگام ٿي پيئي، جنهن مان اڻٽر سياسي نتيجا ظهور ۾ آيا ۽ ملڪ جي ٻاهرين امداد لاءِ محتاجي گھٽجڻ بدران وڌڻ لڳي. هاڻي اهي ڳالهيون گذريل زماني جون ٿي ويئون آهن. اڄ پاڪستان وٽ ان ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ چارو ڪونهي تہ اهو زراعت جي ميدان ۾ ڪو انقلابي ٽپ ڏئي ۽ پيرن- ڀر ٿي بيهي. آمريڪا پنهنجا پتا ظاهر ڪري ڇڏيا آهن. وڏين طاقتن جون ڪارروايون باترتيب ۽ مسلسل هونديون آهن ۽ هاڻي پاڪستان کي اهڙن ڪيترن ئي قسمن جي دٻائن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو، جيڪي ظاهر بہ هوندا ۽ لڪل پڻ. ايندڙ سال فيصلہ ڪن اهميت وارا سال هوندا. فوجي امداد جي خاتمي ڪان پوءِ آمريڪا جي خواهش هوندي تہ ننڍي کنڊ جي معاملن کي هوا ڏني وڃي، بشرطيڪ ويٽ نام جي حالت اجازت ڏئي. شايدپاڪستان کي سندس معيشت ۽ ضرورت جي اهم شين جي فراهميءَ جي سلسلي ۾ وڏيڪ ڪيترن ئي قسمن جي دٻائن جو مقابلو ڪرڻو پوندو. اقتصادي لچڪ ۾ ڪمي اڳي ئي ظاهر ٿي چڪي آهي. پر ڏيهي متا ستا واري ناڻي جي صورت غير تسلي بخش ٿي ويئي آهي ۽ غير ملڪي قرضن جي ادائيگيءَ سان ۽ اسان جي وڌندڙ اقتصادي، فوجي ۽ غذائي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ اسان جي معمولي محفوظ ذخيري جو خرچ وڌي ويندو. صورت اها آهي تہ گذريل سال اٽڪل 9- ڪروڙ ڊالرن جي رقم خوراڪ جي جنسن جي درآمد تي خرچ ٿي. فوجي امداد جي خاتمي ۽ فالتو پرزن جي درآمد تي سخت پابندين لڳڻ ڪري ملڪ جي نين ۽ وڌيل دفاعي ضرورتن لاءِ حڪومت کي پنهنجو ٻاهريون زرمبادلو استعمال ڪرڻو پوندو. سٽيءَ جي قيمت تيزيءَ سان هيٺ ڪري رهي آهي، جيڪا پاڪستان جي بيروني زرمبادلي جي ڪمائيءَ جو وڏو ذريعو آهي. سئيز واهہ جو اڻ ڄاڻايل مدت تائين بند ٿي وڃڻ، نہ فقط ڪرايہ ۽ ويمي جي نرخن ۾ اضافي جو سبب بڻبو، بلڪ صنعتي، تجارتي مال ۽ غذائي جنسن جي فراهميءَ ۾ دير بہ ٿيندي ۽ اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي ضرورت جي شين جي قيمتن کي متاثر ڪندي. هيءَ ڳالهہ شڪ واري آهي تہ موجوده زرعي پيداوار، پنجويهہ لک ٽنن جي کوٽ کي پر ڪرڻ جي قابل ٿيندي يا ڪيئن. خوراڪ جي جنسن مطالبن جي جواب ۾ آمريڪا جي رويي مان ان جي اندازِ فڪر جو ڪجھ پتو پوندو.

------

# باب سورهون
# اڳرائيءَ جي روڪٿام

پاڪستان جي سلامتي ۽ علاقائي تحفظ اقتصادي ترقيءَ کان وڌيڪ اهميت رکي ٿو. جيتوڻيڪ ترقي ۽ خود ڪفالت پڻ قوم جي دفاعي صلاحيتن کي تقويت پهچائين ٿيون، پر قومي آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءِ دفاعي ضرورتن کي پوري ڪرڻ تي يڪسان توجهه ڏيڻو پوندو. هڪ اهڙو غير صنعتي ملڪ، جنهن وٽ ڳريون بنيادي صنعتون به نه هجن، روايتي انداز جي اهڙي دفاعي نظام تي آسرو نه ٿو ڪري سگهي، جيڪو روايتي هٿيارن سان مسلح ٿيل هڪ مختصر، جيتوڻيڪ نهايت باصلاحيت فوج تي دارومدار رکندو هجي. جيئن ته ملڪ غريب آهي، ان ڪري هٿياربند فوجن جو تعداد گهٽيو تي نه ٿو سگهي ۽ نه انهن کي هڪ مقرر حد کان اڳتي وڌائي سگهجي ٿو، ۽ جيڪڏهن وڌايو به وڃي ته پوءِ هيءَ ڳالهه مشڪوڪ آهي ته اهي هڪ اهڙي اڳرائي ڪندڙ قوم جي خلاف ڀيهر صف آرائيءَ لاءِ ڪافي ٿينديون، جنهن جون هٿياربند فوجون نه فقط تعداد ۾ وڌيڪ آهن، بلڪ اهي پاڪستان کان زياده طاقتور ۽ گهٽي قدر بهتر هٿيارن سان سينگاريل به آهن. مستقل فوج جي واڌاري کان پيدا ٿيندڙ اقتصادي دٻاءُ پڻ تمام گهٽو ٿيندو ۽ فوجن جي تعداد ۽ هٿيارن جي مقدار جي لحاظ کان هندستان سان مقابلي جو خيال ڪرڻ دانشمندي نه ٿيندي. پاڪستان ڪن افسوسناڪ سببن ڪري اجا تائين جنگ لاءِ صنعتي بنياد قائم ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي، جن مان هڪ سبب انهن ماڻهن جو حرص آهي، جن لاءِ فولاد جي درآمد پنهنجي ملڪ اندر فولاد پيدا ڪرڻ جي مقابلي ۾ وڌيڪ نفع بخش هئي. آئينده ٿورن سالن تائين پاڪستان لاءِ ممڪن ناهي ته هو پنهجين فوجن کي وڌيڪ ترقي يافته هٿيارن سان مسلح ڪرڻ لاءِ ملڪ اندر صنعتي صلاحيت پيدا ڪري سگهي ۽ نه وري اسين انهيءَ لاءِ فقط هوشمند سفارتي اقدامات تي آسرو ڪري ويهي سگهون ٿا. حقيقت هيءَ آهي ته ڪنهن قوم جي سفارتي سرگرمين جو اثر ان جي جنگي صلاحيت جي نسبت سان ٿيندو آهي. گهٽيون ئي هوشياريءَ واريون ڳالهيون چئي ۽ ڪري سگهبيون آهن، پر ڪنهن حقيقي خطري جي مقابلي ۾ ڪنهن ملڪ کي سندس پنهنجي ئي طاقت تي ڀروسو ڪرڻو پوندو آهي. بين الاقوامي حالتون ڦرنديون گهرنديون رهنديون آهن. انهيءَ ڪري قومي سلامتيءَ لاءِ اطمينان لائق تدبيرن کان سواءِ سفارتي سهاري تي زياده اعتماد ڪرڻ حفاظت جو ضامن ڪونهي، وري پاڪستان جي اقتصادي ۽ سياسي تنظيم ۾ ڪن ڪوتاهين جي ڪري ٻاهرين حڪمت عمليءَ تي پڻ ڪجهه بندشون آهن. هن ڳالهه کي واضح ڪري ڇڏڻ گهر جي ته پاڪستان جي خلاف اڳرائي، حملا آور لاءِ خطرناڪ کيل آهي ۽ ان جو مطلب اهو آهي ته اسان کي جنگ جي اثرائتي پيش بنديءَ جي ڪانه ڪا صورت تلاش ڪرڻي پوندي.

اسان جي دؤر ۾ جنگ، اجتماعي يا مڪمل جنگ جو نالو آهي. يورپ جي سڄي جنگي حڪمت عمليءَ جو بنياد مڪمل جنگ جي تصور تي بيٺل آهي، انڪري هيءُ مفروضه قائم ڪرڻو پوندو ته پاڪستان جي خلاف جيڪا جنگ ڇيڙي ويندي، اها اجتماعي يا مڪمل جنگ بنجڻ جي صلاحيت رکي ٿي. مڪمل جنگ کان گهٽ لاءِ رٿابندي ڪرڻ خطرناڪ آهي، انڪري اسان جي تدبيرن ۾ جوهري مانع پڻ شامل هئڻ گهرجي. جيتوڻيڪ اها مشڪل ڳالهه آهي، پر پاڪستان لاءِ اها چيز نهايت اهم آهي ته اهو ڪنهن بين الاقوامي معاهدي کان دوکي کائڻ بدران، جنهن جو مقصد جوهري مانع کي موجوده جوهري طاقتن تائين محدود ڪرڻ هجي، جوهري فن سان واسطو رکندڙ ڳالهين طرف پورو ڌيان ڏئي. هن ڳالهه جو امڪان ناهي ته هندستان ٻين جي جوهري قوت تي هڪ-هٽيءَ کي گوارا ڪندو. هن جي پنهنجي جوهري طاقت جي پروگرام ۽ سفارتي سرگرمين مان، جيڪي خاص طور تي جنيوا ۾ ڏٺيون ويئون آهن، تن مان ظاهر آهي ته هو پنهنجي منصوبي تي عمل ڪرڻ ۽ هڪ ائٽم بم جي ڌماڪي ڪرڻ جي ارادي تي مضبوطيءَ سان قائم آهي. جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي جوهري قوت، جي پروگرام کي محدود يا ملتوي ڪري ڇڏي، ته اها ڳالهه نه فقط هندستان کي انهيءَ قابل بنائي ڇڏيندي ته اهو جوهري قوت ۾ پنهنجي برتريءَ مان فائدو وٺي پاڪستان جو زبردستيءَ استحصال ڪري، بلڪ هو پاڪستان ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ وارين ڪوشش کي ڇٽي ڇڏڻ جهڙيون پابنديون به وجهي ڇڏي.

بهرحال، هن وقت اسان جي ڳالهه جو تعلق جوهري تعطل سان ڪونهي. اسان جو مسئلو مختصر طور هيءُ آهي ته ان کان اڳ ۾ جو ڪوئي بحران پيدا ٿئي، اسان بروقت انهيءَ قسم جو هٿيار ڪهڙيءَ طرح حاصل ڪري سگهون ٿا. هندستان، جنهن جي جوهري ٽيڪنالاجي ۾ ترقي ڪيس مستقبل قريب ۾ جوهري طاقت بنائي ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهي، پنهنجي مرضيءَ واري وقت تي اهڙو بحران پيدا ڪري سگهي ٿو. هو پنهنجي جوهري پروگرام لاءِ اڳيئي غيرملڪي امداد حاصل ڪري چڪو آهي، ۽ آئينده پڻ حاصل ڪندو رهندو. انهيءَ ڪري پاڪستان کي پڻ اهڙي ئي پروگرام لاءِ ڪمر ڪشي ويهڻ گهرجي، جيتوڻيڪ جوهري هٿيار نه ته ڪو حقيقي مانع ثابت ٿيندو، ۽ نه ان کي چند سالن اندر تيار ڪري سگهجي ٿو. چنانچه، اسان کي مستقبل قريب ۾ هندستان سان ڪنهن تصادم ۾ عملي مانع طور جوهري هٿيارن کي امڪان جي حدن کان خارج ڪري ڇڏڻو پوندو.

ويٽ نام جي جنگ ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هڪ ننڍڙي غريب قوم جنگي فن، دولت ۽ تعداد ۾ گهٽ هئڻ جي باوجود، دنيا جي سڀني کان وڏي طاقت سان جنگ جوٽي سگهي ٿي. بيشڪ، ويٽ نام جي طبعي بناوت به بچاءَ ڪرڻ وارن لاءِ مدد گار آهي، پر ٻيا غالب قسم جا ڪي اسباب اهڙا به آهن، جيڪي انهيءَ فائدي کي بي اثر بنائڻ کان به ڪجهه وڌيڪ عمل رکن ٿا. اسان جي لاءِ انهيءَ جنگ جو سبق هيءُ آهي ته عوام کي مسلح ڪيو وڃي ته جيئن اهي ڪنهن به اڳرائي ڪندڙ جو مقابلو ڪري سگهن، ۽ وڏين

طاقتن لاءِ سبق هيءُ آهي تہ ڪين هن قسم جي ڏيڻ ۾ ڦاسڻ کان بچڻ گهرجي. پاڪستان لاءِ جنگ جو بهترين مانع، هڪ اهڙي قومي مليشيا آهي، جيڪا پيشهہ ور فوجي آفيسرن جي ترتيب ۽ سربراهيءَ ۾ عمل ڪري، ۽ جيڪا هڪ مجموعي ۽ مڪمل جنگ ۾ مستقل فوجن جي مددگار ۽ معاون هجي. يونيورسٽين ۾ فوجي تربيت لازمي هئڻ گهرجي ۽ هر ڳوٺ ۾ دلير ۽ سرگرم قسم جي جوانن جو هڪ مستقل جٿو قائم ڪرڻ گهرجي، جيڪو ابتدائي هٿيارن جي استعمال ۾ چڱيءَ طرح سان سکيا حاصل ڪيل هجي. سئزر لنڊ ۾ هر گهراڻي ڪي هڪ هٿيار سنيءَ حالت ۾ رکڻو پوندو آهي. ماڻهن کي پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هڪ سڄي قوم، جيڪا مسلح بہ هجي ۽ ترتيب يافتہ بہ، جنگ جي خلاف سيني کان وڏي روڪٿام آهي، جيڪا هر ترقي پذير ملڪ کي حاصل ڪا نہ ٿي سگهي ٿي. ” توب بردار جهاز واري سياست“ اجا تائين ختم ڪا نہ ٿي آهي، پر ڪنهن عالمي طاقت طرفان جبري استحصال اهڙي صورت ۾ ڪامياب ٿي نہ ٿو سگهي، جڏهن هڪ ملڪ پنهنجي سڄي ساريءَ پڪيڙ ۾ مداخلت جي خلاف سينہ سپر ٿي بيهڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ ڪنهن باقاعده فوج جا ڳرا هٿيار بہ ڪنهن اڳرائي ڪندڙ جي مرڪوز حملن کان تباهہ و برباد ٿي ويندا، تڏهن بہ هٿياربند عوام جا مضبوط ارادي وارا ويڙهو دستا ڪم ڪندا رهندا. ڊگهي پکڙيل جنگ اڳرائي ڪندڙ کي ڏاڍي مهانگي پوندي آهي، ۽ اهو تيزيءَ سان فتح حاصل ڪرڻ جي اميد نہ رکي سگهندو آهي. هڪ مڪمل طور هٿياربند قوم جي خلاف پراڻي فوجي مفهوم ۾ فتح حاصل نہ ٿي ڪري سگهجي. تباهي ۽ بربادي تہ ڪري سگهجي ٿي، پر سوڀ حاصل نہ ٿي ڪري سگهجي ۽ اڳرائي ڪندڙ خواه ڪيترو بہ طاقتور ڇو نہ هجي، نيٺ ذليل ۽ ڪمزور ٿي پنتي هٽڻ تي مجبور ٿي ويندو. ويٽ نام جو اهوئي سبق آهي. هن ڳالهہ جي جاڻ، تہ پاڪستان تي حملو هڪ مڪمل طور هٿياربند ٿيل قوم جي خلاف اجتماعي جنگ ۾ تبديل ٿي سگهندو، ڪنهن مقابلتا وڏيڪ طاقتور اڳرائي ڪندڙ قوم لاءِ جنگ جي خلاف هڪ ئي حقيقي مانع ثابت ٿي سگهي ٿي. ان کان سواءِ انهيءَ قسم جو مانع زبردست سياسي قدر ۽ قيمت جو حامل پڻ هوندو ۽ اسان لاءِ سياسي ڪاررواين جي گنجائش اڳي کان وڌي ويندي.

انهيءَ تجويز تي هن نموني ۾ اعتراض ڪري سگهجي ٿو تہ هٿيارن جي وڏي پئماني تي ورڇ، ڏوهن ۾ اضافو آڻي ڇڏيندي، پر ڪجهہ سالن کان وني ڏوهن ۾ خطرناڪ حد تائين واڌارو ٿي ويو آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڏوهاري جي ماڻهن وٽ اڳي ئي هٿيار موجود آهن. فقط ڏوهن جا اهي بي گناهہ شڪار باقي آهن، جن وٽ هٿيار ڪينهن. قصور نہ ماڻهن جو آهي ۽ نہ تجويز جو، پر انهن سماجي حالتن جو آهي، جن ۾ وڏي تبديليءَ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن حڪومت اصلاحي تدبيرون اختيار ڪري ۽ ماڻهن کي سندن حفاظت لاءِ هٿياربند ڪرڻ جي ضرورت کي واضح ڪري ڇڏي ۽ عوام کي مناسب حفاظتي تدبيرون مهيا ڪيون وڃن، تہ ڏوهن جو تناسب گهٽجي ويندو. بي گناهہ ماڻهن جو بہ بچاءَ ٿيندو، ۽ ملڪي سرحدن جي هڪ هڪ انچ زمين جو پڻ. ان هوندي

ٻه هٿيارن جي تقسيم سوچ ويچار سان ٿيڻ گهرجي، ۽ منظم مليشيا کي چند جاين تي رکڻ بدران سڄي ملڪ ۾ ڦهلائڻو پوندو. مليشيا جي هر هڪ ماڻهوءَ جو نالو معلوم هوندو ۽ ڏوهن جي عادي ماڻهن کي ڀرتي نه ڪيو ويندو. حقيقت هيءَ آهي ته آتشين اسلحه جي استعمال جي مشق ۽ دوبدو لڙائيءَ جي طريقن جي ترتيب پاڪستان جي عوام انهن ٻي راهه قسم جي ماڻهن، ڪان جن جي زد ۾ هن وقت وچولي درجي جا ماڻهو ٻه آهن، حفاظت ڪندي. هڪ چڱي نموني سان منظم ۽ سٺي قيادت هيٺ مليشيا جي تشڪيل ماڻهن ۾ شهري ذميوارين جو احساس پيدا ڪري نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ ۾ مدد گار پڻ ٿي سگهي ٿي.

------

# باب سترهون
# وڌندڙ بحران جو مقابلو ڪيئن ڪجي

هڪ قومي بحران قومي عظمت جي تقاضا ڪندو آهي، ۽ ان جو مقابلو قرباني ۽ ايثار جي جذبي سان ڪرڻ گهرجي. مسلمانن جي دل ۾ انهيءَ قسم جي آزمائش جو مقابلو ڪرڻ لاءِ قرآن پاڪ جي لفظن تي غور ڪرڻ ڪان بهتر ٻي ڪا به صورت ڪانهي:
”سچ ۽ حق جي بچاءَ ۾ جنگ وجدل بيخياليءَ سان نہ ڪرڻ گهرجي، ۽ انهيءَ (فرض) کان منهن موڙڻ نہ گهرجي. حياتي ۽ موت الله تعالي جي هٿ ۾ آهي، هر ڪنهن کي خدا جي راهہ ۾ لڙڻ لاءِ چونڊي نہ ٿو سگهجي. ان ۾ وفاداري، استقامت ۽ ايمان جي ضرورت هوندي آهي. اهي ڳالهيون ميسر هجن تہ وڏن لشڪرن کي اهي ماٺهو ڀڄائي سگهن ٿا، جيڪي ان راهہ ۾ جهاد ڪن ٿا.“
سن 1965ع ۾ ڪنسورشيم واري بحران جي ڏينهن ۾ حڪومت انهيءَ مسئلي کي سڌيءَ طرح سان پاڪستان جي عوام تائين ڪٽي ويئي ۽ انهن جي مدد سان ملڪ ڪاميابيءَ سان انهيءَ بحران تي قابو حاصل ڪري ورتو. موجوده بحران وڌيڪ شديد آهي ۽ عوام کي سچي ڳالهہ ٻڌائڻ گهرجي تہ پاڪستان ڪان کهڙا مطالبا ڪيا پيا وڃن ۽ پاڪستان انهن کي ڇو تسليم نہ ٿو ڪري سگهي. ترقي پذير ملڪ مادي ذريعن سان انهن عظيم طاقتن جي دباءُ جو مقابلو نہ ٿا ڪري سگهن، جيڪي خاموش سياست گريءَ جي ذريعي پردي پنيان رهي وڏي تباهي مچائي سگهن ٿيون. انهن کي تہ فقط گوناگون تدبيرون عمل ۾ آڻيون پونديون آهن، جن جي ذريعي اهي مٿن آڌار رکندڙ مملڪتن جي اقتصادي ۽ معاشرتي توازن کي درهم برهم ڪري رکنديون آهن يا حڪومتن جا تختا اونڌا ڪنديون آهن. عظيم ۽ عالمي طاقتون پردي پنيان رهي خاموشيءَ سان عمل ڪرڻ پسند ڪنديون آهن ۽ هن باري ۾ ڪيئي سبب پيش ڪيا ويندا آهن تہ اختلافن تي ڪليل بحث ڇو نہ ڪرڻ گهرجي. اهڙي مملڪت کي ڇيو ويندو تہ ڳالهہ کي ڪولڻ ۽ شور ۽ غلغلي ڪرڻ سان ڳالهين جي فضا وڌيڪ زهريلي ٿي ويندي. اهڙين مملڪتن وٽ، جن وٽ عالمي طاقتن جي خلاف استعمال ڪرڻ جا بيرم ڪين هوندا آهن، هن ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪو نہ هوندو آهي تہ اهي انهن جي ڪارستانين جو پردو فاش ڪري پنهنجي عوام کي مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ڪن. انهيءَ ڪري ترقي پذير قومون اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جهڙا بين الاقوامي پليٽفارم ڳوليندئون آهن تہ جيئن دنيا کي انهن مشڪلاتن ڪان آگاهہ ڪري سگهجي. جيڪي ڪين آزاديءَ ۽ بهتر زندگيءَ جي جدوجهد ۾ پيش اچن ٿيون.
پاڪستان لاءِ هن ڳالهہ تي يقين ڪرڻ تہ آمريڪا سان سندس موجوده اختلاف خفيہ سياست گريءَ ۽ پنهنجي عوام کي بي خبر رکڻ سان حل ٿي سگهندا، هڪ موتمار غلطي ٿيندي. اهي اختلاف ۽ اهي بنيادي مسئلا، جن کي اهي جنم ڏين ٿا، عوام جي مستقبل تي اثر انداز ٿين ٿا ۽ اهي ڪين ضرور سمجهائڻ گهرجن. جيڪڏهن ڪين سندن

ليڊرن ۾ يقين ۽ انهن جي فيصلن ۾ اعتماد هوندو ته اهي مقابلي ۽ قربانين لاءِ ڪمر ڪشي بيهندا، ۽ سڀني قومي مشڪلاتن تي قابو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي پٺيان هڪ ناقابل تسخير قوت وانگر ڄمي بيهندا. رٿابندي ڪميشن جي ڊپٽي چيئر مين چيو آهي ته اسين پنهنجي اقتصادي آڏار ۾ تنوع پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون تنوع پيدا ڪرڻ جو اهو عمل ٽي سال اڳي شروع ٿي چڪو هو. ان ڪي گهڻو اڳي شروع ٿيڻ گهربو هو، پر انهيءَ وقت اسين هن فريب ۾ مبتلا هئاسون ته ٿورن گهڻين ترميمن ۽ تبديلين سان، جن جو نتيجو وڏيڪ محتاجيءَ جي صورت ۾ نڪري ها، پاڪستان پنهنجين خارجي مشڪلاتن تي قابو حاصل ڪري سگهندو. جيڪڏهن اسين ان طرح سان جاڳندي خواب ڏسندا رهياسون ته پاڪستان شايد پنهنجو آخري موقعو به هٿان وڃائي ويهي.

تاريخ جي ڏاري ڪي بدلائي نه ٿو سگهجي. اسين ايشيا ۾ رهون ٿا ۽ اسان ڪي ايشيائي صورتحال ڪي خيال ۾ آڻڻو آهي، جتي ايندڙ ڏهن سال جي مدت اندر وڏيون انقلابي تبديليون اچڻ واريون آهن. جيڪڏهن اسان مضبوط رهياسون ۽ صحيح رخ ۾ غير متزلزل قدم کنياسون، ته بحران حل ٿي ويندو. بهرحال، ڪي نوان مسئلا ڪڙا ٿي ويندا، جن مان گهڻا تڻا ناقابل عبور نظر ايندا، پر ارادي جي مضبوطي ۽ اتحاد سان ڪو به اهڙو مسئلو ڪونهي، جيڪو حل ٿي نه سگهي. پاڪستان جا غريب ماڻهو هميشه کنهن به هيڪ ڪان سواءِ سخت حالات ۾ پورا لٿا آهن. هاڻي رعايت يافته ماڻهن کي به ائين ڪرڻ گهرجي. اسين قيادت جي ذميوارين ڪان بچي نه ٿا سگهون. هاڻي اهو رهنمائن جو ڪم آهي ته اهي آزاديءَ جي جهنڊي کي اوچو رکن ۽ ايثار جي جذبي سان اڳتي وڌن. اسان کي فيصلو اهو ڪرڻو آهي ته اسين ڪشمڪش جو مقابلو ڪريون يا ٻاهرين دٻائن آڏو گوڏا جهڪائي ڇڏيون ۽ سرد جنگ ۾ هڪ قبر جي تختي ٻڻجي رهون. قرآن پاڪ ۾ لکيل آهي:

” ۽ اسين انهن ماڻهن کي فتح جي خوشي عطا ڪنداسون جيڪي مظلوم آهن ۽ جيڪي روءِ زمين تي انصاف ۽ آزاديءَ کي قائم رکڻ لاءِ جدوجهد ڪن ٿا، اهي ئي آهن، جن کي اسين قيادت جي درجي تي فائز ڪنداسين ۽ اهيئي ماڻهو قيادت جا وارث ٿيندا، جيڪي انسانن جي مساويانه فلاح ۽ بهبود جي تعمير ڪندا.“

ديوار جي تحرير ته بنان ڪنهن شڪ و شبهي جي 1964ع ۾ ئي ظاهر ٿي ويئي هئي، جڏهن آمريڪا پنهنجن انهن فيصلن جي باوجود، جن ۾ ان پاڪستانين جي خدشن جو لحاظ ڪندي هندستان کي وقتي ۽ ترميم لائق بنيادن تي ڊگهي عرصي لاءِ فوجي امداد ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو. انهيءَ نئين فيصلي ڪرڻ ۾ آمريڪا، پنهنجي سيني ڪان وڏيڪ قول ڏنل ايشيائي حليف سان تعلقات جي ڪشيدگيءَ ۾ اضافي ٿيڻ جي خطري ڪڻڻ ۾ به ڪا پس و پيش ڪا نه ڪئي. جڏهن پاڪستان اهو اٽوٽندڙ فيصلو ڪڙڪائي ويو، ۽ پنهنجي سلامتيءَ جي مفادن کي پڻ نظر انداز ڪري سرد جنگ جي قول ۽ اقرار ڪان نه ڦرڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن آمريڪا ائين سمجهيو ته پاڪستان کنهن

قسم جي جوابي ڪارروائي نہ ڪندو، ۽ انهيءَ نتيجي جي روشنيءَ ۾ هن هندستان کي ملندڙ امداد جو مقدار اجا بہ وڌائي ڇڏيو. پاڪستان پنهنجي حيثيت کي درست ڪرڻ جا ڪيئي بهترين موقعا هٿان وڃائي ڇڏيا آهن، ۽ هاڻي ان جي متعلق ڪنهن قدم کڻڻ جو وقت تيزيءَ سان هٿن مان ترڪندو پيو وڃي. بروقت قدم کڻڻ ۽ ڀپريون وار ڪرڻ جي جيڪي ڪامياب عمل جا اهم جزا هوندا آهن، تن جي پاڪستان جي سياست ۾ اوتري ئي ڪمي ڏٺي ويئي آهي، جيتري صحتمند سياست بصيرت جي.
جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي موجوده مشڪلاتن تي قابو حاصل ڪرڻ لاءِ قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، تہ پوءِ ڪيس ڪشمير جي جهڳڙي کي سردخاني ۾ رکي هندستان سان تعاون ڪرڻ ۽ عوامي جمهوريہ چين سان مختلف رويو اختيار ڪري آمريڪا سان ناهہ ڪرڻو پوندو. ان جي معاوضي ۾ هو آمريڪا جي فوجي ۽ اقتصادي امداد ۾ اضافي جو حقدار بنجي پوندو ۽ خوراڪ جو مسئلو اسان کي وڌيڪ پريشان نہ ڪندو. بهرحال اهڙن شرطن جي منظوريءَ جو نتيجو، اهم تر قومي مفادن تان دستبرداريءَ جي صورت ۾ رونما ٿيندو. ان کان علاوه، چين جي مستقل دشمني پڻ خريد ڪرڻي پوندي. پاڪستان کي ڪنهن بہ فائدي ملڻ کان سواءِ، ننديو ويندو، ناڪاميءَ جو احساس وڌي ويندو ۽ اسين گهيري ۾ اچي ويندا سون. ان مان هندستان کي، جيڪو مشترڪ اقتصادي مهمن يا ٻين رعايتن جو محض هن ڪري طلبگار آهي تہ پاڪستان ان جو مڪمل تابعدار ٿي وڃي، وڌيڪ اڳرائيءَ جو حوصلو ملي ويندو. جيڪڏهن افغانستان سان تعلقات بهتر نہ ٿيا تہ ان مان انهيءَ ملڪ لاءِ پڻ ڪجهہ رستا کلي ويندا. هندستان طرفان جارحيت ۽ افغانستان طرفان گڙ ٻڙ جي صورت ۾ آمريڪا پاڪستان جي مدد نہ ڪندي، ڇاڪاڻ تہ ٻيئي ڪميونسٽ ملڪ آهن. ١٩٦٥ع واريءَ هندو پاڪستان جنگ انهيءَ معاملي ۾ آمريڪا جي طرز عمل جو ڪافي ثبوت ڏيئي ڇڏيو هو. ان جي ابتڙ، چين يا سوويت يونين سان تصادم جي صورت ۾ آمريڪي امداد پاڪستان کي آخري شڪست کان بچائڻ لاءِ ڪافي نہ ٿيندي.
خيال جي هر زاويي کان واحد صحيح رستو اهو ئي آهي تہ انهن ٽن عالمي طاقتن سان درست تعلقات قائم ڪيا وڃن ۽ دنيا جي انهن باقي سيني طاقتن سان، جن سان اسان جا مفاد مشترڪ آهن، تعلقات وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ٽي سال ٿيا تہ مون پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ چيو هو تہ آمريڪا سان اسان جا تعلقات افراط، ۽ چين ۽ سوويت يونين سان تفريط جي بنياد تي آهن. اسان جي حڪمت عملي اها هئڻ گهرجي تہ اسان ٽنهي وڏين طاقتن سان پنهنجي تعلقات کي معمول تي آڻيون. اسان کي معلوم هو تہ عبوري وقفي ۾ مشڪلاتون اينديون، پر اسان کي اعتماد هو تہ هڪ دفعو تعلقات کي درست ڪرڻ جو ڪم شروع ٿي ويو تہ پوءِ ٽنهي سان اسان جا تعلقات خوشگوار ٿي ويندا.
پاڪستان آمريڪا سان، جيڪا هڪ اهڙي عالمي طاقت آهي، جنهن پاڪستان جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ ڪافي مدد ڏني آهي، دوستانہ ۽ درست تعلقات قائم رکڻ چاهي ٿو. جڏهن

هندستان سان ناراضگيءَ آمريڪا کي پاڪستان جي وڌيڪ ويجهو آڻي ڇڏيو، تڏهن اسان جلدبازيءَ ۾ اهو نتيجو ڪڍيو ته آمريڪا اسان جو مستقل فطري دوست آهي پر بين الاقوامي سياسيات ۾ ”فطري دوست“ جو اصطلاح بي معنيٰ آهي. انهيءَ اصطلاح جو استعمال دنيا جي معاملن کي ذره روماني انداز ۾ ڏسڻ جي غمازي ڪري ٿو. حڪومتن جي درميان مشترڪ مفاد هوندا آهن، پر ڪا به مستقل فطري دوستي ڪا نه هوندي آهي. نهروءَ جو زمانو گذري چڪو آهي. هندستان هاڻي هنيلو ناهي ۽ هند ۽ پاڪستان جي صورتحال هاڻي هڪ نئين دؤر ۾ داخل ٿي چڪي آهي.هاڻي، اها ڳالهه آمريڪا جي عالمي مفاد ۾ آهي ته اها پاڪستان ۽ هندستان جو پاڻ ۾ صلح ڪرائي. ته جيئن جپان کان وٺي ننڍي کنڊ تائين چين جو گهيرو مڪمل ٿي وڃي. انهيءَ قسم جو موقعو موجود آهي ۽ آمريڪا ان مان فائدو پرائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندي. وچ اوڀر جي تبديلين کان پوءِ آمريڪا جي حڪومت شايد اهو خيال ڪري ته ننڍي کنڊ ۾ سندس مقصد جو حصول ان لاءِ وڌيڪ آسان ٿي پيو آهي. پاڪستان جا تعلقات هڪ ڊگهي عرصي تائين انهن ٻن عظيم طاقتن سان، جيڪي ان جون ويجهيون پاڙيسري آهن، خوشگوار نه رهيا ۽ اها ڳالهه هن جي باوجود هئي ته انهن سان اسان جي مفادن جو ڪو به ٽڪراءُ ڪو نه هو. هاڻي هڪ ٻي عالمي طاقت سان اختلاف آهي ته پاڪستان کي انهيءَ صورتحال جو دليريءَ سان مقابلو ڪرڻ گهرجي. دفتر خارجه جي هڪ ترجمان چيو آهي ته پاڪستان —آمريڪي تعقات ۾ هڪ باب جو خاتمو ٿيو آهي. آءٌ ائين چوندس ته هڪ سڄو ڪتاب لکجي چڪو آهي ۽ هاڻي اهو تاريخ جي طاق مٿان رکيو آهي اڇو ته دوستي ۽ مساوات جي بنيادن تي غلط ڳالهين فرض ڪرڻ ۽ هڪٻئي جي تعلقات ۾ مداخلت ڪرڻ بغير، هڪ نئين ڪتاب جا شروعاتي صفحا لکون. اسان جي تعلقات ۾ ڪو به بغض نه هئڻ گهرجي. اسان ماضيءَ ۾ هڪٻئي کي مدد ڏني آهي. ائين چئي نه ٿو سگهجي ته پاڪستان، آمريڪا جي عالمي پاليسين لاءِ، پاڻ کي وڏن خطرن جي زد ۾ ڪو نه آندو ۽ تڪليفون برداشت نه ڪيون. پر پاڪستان انهيءَ رفاقت مان ڪجهه فائدو به پرايو آهي ۽ هڪ مفهوم ۾ اسين هاڻي به هڪٻئي جي خدمت ڪري سگهون ٿا. حڪومتن جي باهمي تعلقات ۾ حدِ فاصل ڪڏهن به نه ايندي آهي. وقت گذرڻ سان هڪ خاص تعلقات جي خواهش ترڪ ڪري سگهبي آهي، جنهن مان ٻنهي ملڪن کي وڌيڪ حقيقت پسندانه سطح تي هڪٻئي سان تعاون جو موقعو ملندو. جيڪڏهن آمريڪا کي سچ پچ انهن تنازعن ۾ منصفانه امن جي طلب آهي، جن ۾ هو قاتل آهي ته پاڪستان لاءِ ان جي واسطي پنهنجين ڪوشش کي ڪم آڻڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو. اسان جي آمريڪا سان تعلقات کي هن ڪري ڌڪ لڳو آهي، جو اسان ويٽ نام واريءَ جنگ ۾ آمريڪين جي پاران هٿيارن کڻي هلڻ ۽ جنگ کي وسيع ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. ڪو وقت اهڙو به اچي سگهي ٿو، جو آمريڪا کي امن جي تلاش ۾ جنگ جي ميدان ڇڏڻ جي خواهش پيدا ٿئي، ان وقت پاڪستان قابلِ ذڪر ڪردار ادا ڪري سگهندو.

چين ۽ آمريڪا جي درميان تنازعا هميشه لاءِ هلڪي نه ٿا سگهن. يا ته اهي سڄي ايشيا ۽ ان کان پري وارن ملڪن جي مڪمل تباهي آڻيندا يا اهي دٻجي ويندا. جيڪڏهن آخري ذڪر ڪيل صورت پيدا ٿي، ته پوءِ ٻنهي جي طرفان پاڪستان وڏين طاقتن جي دٻاءَ جي مقابلي جو قدر ڪيو ويندو. جيڪا شيءِ آمريڪا کي اڄ غير دوستانه رويو معلوم ٿئي ٿي، اها شايد سياڻي جٽادار امن جي مفاد جي حق ۾ ۽ خود آمريڪا جي وڏيڪ اعليٰ مقصدن جي مطابق نظر اچي. جيڪڏهن اسان جو نقطه نظر منصفانه هوندو ته پوءِ اسين ڪنهن به صورتحال- حتيٰ ڪ جيڪڏهن ضرورت درپيش آئي ته مڪمل علحدگي- جو پڻ مقابلو ڪري سگهنداسون، حالانڪ جيڪي ماڻهو منصفانه مقصد رکندا آهن، تن کي شاذ و نادرئي بلڪل علحده ڪيو ويندو آهي.
پاڪستان کي هندستان سان تنازعي جي معاملي ۾ آمريڪا سان تقابل جي صورتحال کي ٽارڻ جي سخت ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن آمريڪا اسان جي سڀني ڪوششن جي باوجود هڪ اهڙي پاليسيءَ تي گامزن رهي، جيڪا اسان جي مفادن جي خلاف هوندي ته پوءِ اسان کي مقابلي کان ڇرڪڻ نه گهرجي. اسان کي گهرجي ته اسين هندستان سان پنهنجي اختلافن کي آمريڪا سان تعلقات کان الڳ رکون ۽ ان سان اهڙن صحيح تعلقات جو سلسلو قائم رکون، جنهن جو بنياد غير مشروط ۽ ڪنهن پيش بنديءَ کان سواءِ هن ڳالهه تي رکيل هجي ته اها اسان جي داخلي معاملن ۾ دخل اندازي نه ڪندي، ۽ پاڪستان کي هن ڳالهه لاءِ مجبور نه ڪندي ته هو هندستان سان اِن طرح جو ڪو تصفيه ڪري، جيڪو پاڪستان جي اهم مفاد جي منافي هجي. جيڪڏهن انهيءَ قسم جي ڪوشش ناڪام ٿي وڃي ته ترجيح لائق اهو رستو ٿيندو ته ٽين دنيا جي ملڪن جي پشت پناهيءَ سان گڏ، جن مان اڪثر اسان جي خود ارادِيت جي حق جي حمايت ڪن ٿا، ۽ انهن عظيم ۽ نيم عظيم طاقتن جي حمايت سان، جن کي اسان سان همدردي آهي، اجتماعي محاذ آرائي جي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي.
1958ع جي آخري ۽ 1959ع جي شروعاتي حصي ۾ هندستان ۽ پاڪستان کي دفاع جي معاملي ۾ تعاون تي آماده ڪرڻ جون ناڪام ڪوششون ڪيون ويئون. انهيءَ تجويز جي ناڪاميءَ جو هڪ سبب اهو هو ته آمريڪا جي طرفان انهيءَ مقصد لاءِ ان کان اڳي جيڪو ميدان هموار ڪيو ويو هو، سو ناڪافي هو. گذريل تجربي جي روشنيءَ ۾ هاڻي محتاط ڪوششون ڪيون پيئون وڃن. رهنمائن ۽ صحافين جي باهمي دورن ۽ ٻنهي ملڪن جي درميان سفر جي شرطن ۾ نرمي جي متعلق ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون آهن. ان سان گڏئي مشترڪ منصوبن جي ضرورت ۽ هٿياربند فوجن ۾ ڪميءَ جي معاملن تي زور ڏنو پيو وڃي. خيال هيءُ آهي ته موجوده حالتن کي برقرار رکيو وڃي ۽ ڪنهن ڏينهن هڪ باهمي ناهه يا ننڍن ننڍن باهمي معاهدن جي ذريعي ان تي مهر هڻي نيٺ مسئلي کي حل ڪيو وڃي.

--------

# باب ارڙهون
# هندستان سان تنازعي جا بنياد

هندستان ۽ پاڪستان جي درميان تعلقات اهڙا هئڻ گهرجن، جهڙا سئيڊن ۽ ناروي جا باهمي تعلقات هئا، جن کي هن ڪري هڪٻئي کان جدا ٿيڻو پيو ته جيئن هڪٻئي کي وڌيڪ ويجها ٿي سگهن. هندستان ۽ پاڪستان ۾ ايتريون ته گهڻيون ڳالهيون مشترڪ آهن، جو باقي دنيا ڪن وقتن تي اهو سمجهڻ کان قاصر هوندي آهي، ته آخر اهي ٻيئي ملڪ مستقل طور هڪٻئي جي خلاف محاذ آرائي جي حالت ۾ ڇو ٿا رهن. دانشمنديءَ جون تقاضائون، جاگرافيءَ جون مجبوريون ۽ بين الاقوامي طاقتن جو اثر، سڀ ڪائنن امن سان رهڻ جي تقاضا ڪن ٿا، پر سندن افلاس زده عوام کي انهن فائدن حاصل ڪرڻ کان محروم رکيو ويو آهي، جيڪي کين آزاديءَ جي نتيجي ۾ حاصل ٿيڻ گهرجن ها. انهيءَ صورتحال جا ڪيئي سبب آهن: تاريخي ورثو، وهم پرستي، ۽ تعصب. ننڍي کنڊ جي هندن هڪ هزار سالن تائين پنهنجي غلامي برداشت ڪئي آهي، ۽ مسلمانن کي 150 سالن کان به وڌيڪ عرصي تائين غير ملڪي تسلط جو شڪار رهڻو پيو آهي. کين آزاد قومن جي حيثيت ۾ سندن صحيح مقام اڃا معلوم ڪرڻو آهي. ماضيءَ کان پنهنجو دامن ڇڏائڻ لاءِ کين اڃا اعتماد حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

مسٽر نهرو سندس زندگيءَ جي آخر تائين هيءَ دعوي' ڪندو رهيو ته ڄمون ۽ ڪشمير جي تنازعي بابت پاس ڪيل ٺهراءُ،ننڍي کنڊ ۾ امن ۽ ڀائيچارو نه آڻي سگهندو، ڇاڪاڻ ته هندو پاڪستاني تڪرار، محض لاديني ۽ ترقي پسند هندستان جي خلاف مذهب پرست ۽ رجعت پسند پاڪستان جي متعصبانه رويي جا علامتي مظهر آهن. ٻئي طرف، پاڪستان جي دعوي  اها هئي ته صرف انهن تڪرارن جي نبيري سان، جن جا هندستاني حڪومت ۽ هندستاني وزيراعظم بين الاقوامي طور پابند آهن، هن ڳالهه جو طئي ڪرڻ ممڪن آهي ته اهي تڪرار هندستان ۽ پاڪستان جي درميان پيدا ٿيندڙ اختلافن جا سبب آهن يا علامتون. هيءُ ڳالهه واضح آهي ته فقط علاقائي ۽ ٻين اهم تنازعن جي حل ٿيڻ ذريعي ئي حالات کي معمول تي آڻڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو. هيءُ عجيب و غريب منطق آهي ته هڪ ملڪ جا علاقائي ۽ اقتصادي حق هن بنياد تي غصب ڪيا وڃن ته انهيءَ ملڪ سان دشمني اٽل آهي. دائمي دشمنيءَ جي نالي واريءَ ڪنهن به شئي جو دنيا ۾ وجود ڪونهي. هڪ دفعوجهڳڙا منصفانه نموني م نبري وڃن ته ڪشيدگيون دور ٿي وينديون ۽ حالتون معمول تي اچي وينديون. پاڪستان ۽ هندستان جي درميان سڀني کان وڏو جهڳڙو، ڄمون ۽ ڪشمير جي مستقبل تي مبني آهي، جتان جي عوام کي خود اختياريءَ جي حق ڏيارڻ لاءِ هندستان پنهنجي نيڪناميءَ جي واسطي سان ٻڌل آهي. ان هوندي به اهو سوچڻ غلط آهي ته ڪشمير جو هڪ ئي تنازعو آهي، جيڪو هندستان ۽ پاڪستان کي هڪٻئي کان جدا ڪري بيٺو آهي. جيتوڻيڪ اهوئي جهڳڙو ٻين سڀني کان وڌيڪ نمايان آهي، ان جي باوجود کي ٻيا به اهڙا جهڳڙا آهن،

جن جي نزاڪت ۽ ڳنڀيرائي قابل غور آهي، جهڙوڪ واهن جي پاڻيءَ وارو جهڳڙو، گنگانديءَ جي پاڻيءَ جي مستقبل مان پيدا ٿيندڙ جهڳڙو ۽ هندستان ۾ مسلمانن تي ٿيندڙ ظلم ۽ ستم مان پيدا ٿيڻ وارو جهڳڙو، جنهن جو نتيجو انهن جي وڏي تعداد ۾ پاڪستان ڏانهن هجرت جي صورت ۾ رونما ٿيو. وري، ڪن ٻين مسئلن ڪي تاريخي ۽ ڪن ٻين سببن جي ڪري مناسب انداز ۾ ڪنيو ويو آهي پر قومي مفاد لاءِ بهرحال، انهن جي اهميت برقرار آهي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ تنازعو قريبا اوتريءَ ئي اهميت جو حامل آهي، جيترو ڪشمير جو مسئلو، ۽ اهو تنازعو آسام ۽ هندستان جي ڪن اهڙن ضلعن جي متعلق آهي، جيڪي اوڀر پاڪستان سان لاڳيتا آهن. انهن تي اوڀر پاڪستان جي خاص حقداري آهي، ۽ حقن جي انهن دعوائن تي خاموش نه رهڻ گهربو هو. هندستان اوڀر پاڪستان ۾ ناخوشگوار دلچسپي وٺڻ جي عادت ڪڏهن به ترڪ نه ڪئي، ۽ اولهه پاڪستان ۾ به هو اکنڊڀارت يا هند جي اتحاد جهڙن قسمن جي ڪن تحريڪن جي حمايت ڪري رهيو آهي. اهڙي وقت ۾ جڏهن ناگا ۽ ميروقبائلين بغاوت ڪئي آهي ۽ هزارين مسلمان آسام مان ڪڍيا ويا آهن، جتي هندستان جي تقسيم وقت هند و قوم جي اڪثريت ڪا نه هئي، پاڪستان لاءِ انهن مسئلن ڪي نظر انداز ڪرڻ غلطي ٿيندي. هندستاني مسلمانن ڪي اوڀر پاڪستان طرف ملڪ بدر ڪرڻ ۽ آسام ۽ ترپپوره جي تڪراري سرحدن جا مسئلا اهڙا آهن، جو انهن ڪي وسارڻ نه گهرجي. فرخا بند جو مستقبل ۽ درياهن جي پاڻيءَ جي استعمال جو عام مسئلو اهڙا جهڳڙا آهن، جن جو منصفانه نبيرو اڃا ٿيڻ باقي آهي ۽ جيتوڻيڪ "نهرو- نون" معاهدو ڏه سال اڳي طئي ٿيو هو، ان جي باوجود بيروباريءَ جو پاڪستان جي طرف منتقل ٿيڻ باقي آهي. ملڪ جي ٻنهي بازن ڪي هندستان جي خلاف جائز شڪايتون آهن ۽ جيستائين وڏا جهڳڙا طئي نه ٿا ٿين، تيستائين تعلقات ۾ بهتريءَ جي توقع رکڻ اجائي آهي.

نهروءَ جي هيءَ دعويٰ ته اهي تڪرار هندستان سان پاڪستان جي ابدي دشمنيءَ جي علامت آهي، اوتري ئي شرآميز آهي، جيتري اها بي بنياد آهي، ڇاڪاڻ ته اهو هندستان آهي ۽ نه پاڪستان، جنهن جي دل ۾ ڪينو ڀريل آهي. پاڪستان، آزاديءَ لاءِ ڪيل جدوجهد ۾ هندستان سان برابري حاصل ڪئي. پارٽي ڪانگريس ملڪ جي ورهاڱي جي خلاف مزاحمت ڪئي، پر اها پاڪستان جي قيام ڪي روڪڻ ۾ ناڪام رهي. انڪري هيءَ ڳالهه قدرتي آهي ته ڪي هندستاني رهنما پنهنجين دلين ۾ پاڪستان جي طرف کان رنجش رکن. ڳالهه فقط ايتري آهي ته هندستان، پاڪستان جي تڪميل جو قطعي روادار ناهي، انهيءَ ڪري انهن ٻنهي ملڪن جي درميان حالتون خراب ٿينديون ٿينديون موجوده مايوس ڪندڙ تعطل تائين پهچي ويئون آهن. پاڪستان جي فلسفه جو بنياد انسان جي برابريءَ جي اصول کان وڏي پاڙيسريءَ لاءِ دل ۾ عداوت رکڻ انهيءَ فلسفي جي خلاف ٿيندو.

مسلمانن ننڍي کنڊ تي ست سئو سالن کان وڏيڪ حڪومت ڪئي ۽ آخرڪار اهي پنهنجي لاءِ هڪ علحده وطن قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. بدقسمتيءَ سان هندستاني

ذهنيت تاريخي سببن کان ذهني مونجهارن ۽ شڪست جي ڀوت جو شڪار آهي. هندستان ۽ پاڪستان جي تعلقات جي پاڙن تائين پهچڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته هندستاني قوميت جي نوعيت جي جاچ پڙتال ڪئي وڃي.

رگ ويد جي زماني کان وٺي ئي هندستاني ڪردار جي غالب خصوصيت، ان جو مذهبي مزاج ۽ ذات پات جي نظام جي بدولت سندس علحدگي پسندي رهي آهي. جيتوڻيڪ هندستاني تهذيب کي هندو ثقافت جي هم معني سمجهيو وڃي ٿو، ان هوندي به سوين سالن کان وٺي انهيءَ تهذيب اجنبي ثقافتن کي پنهنجي اندر سمائي ڇڏڻ جي قابلِ ذڪر قوت جو مظاهرو پئي ڪيو آهي. آريهه تهذيب جي زماني کان اڳي جي هڪ شاندار تهذيب، موئن جي دڙي ۽ هڙپا جي قتل نشانن ۾ دفن آهي. هيءَ ڳالهه اڪثر ڀلائي ويندي آهي ته آرين انهن ئي کنڊرن جي مٿان پنهنجو نئون نظام ڪڙو ڪيو هو، جنهن جي ڪک مان پوءِ هندو برهمڻي مت پيدا ٿي. جيئن جيئن آريهه حملا آور اتر الهندي ميدانن کان گنگانديءَ جي اترين پاڳن ۾ پهچندا ويا، تيئن تيئن تاريخ جي نقل جو مرڪز سنڌ ۽ پنجاب جي ماتريءَ کان گنگا نديءَ جي ماتريءَ ڏانهن منتقل ٿيندو ويو، ۽ ويدن واري زماني برهمڻيت لاءِ جاءِ خالي ڪئي.

رگ ويد ۾ ٻن نسلن جي وجود جو ذڪر ملي ٿو: هڪ بلند حوصله وارا دراوڙ، جيڪي پنهنجي وطن جي سر زمين جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مصروف هئا ۽ ٻيا حملا آور آريا، جيڪي ڪٽڪ وٺي رنگ جا غير ملڪي هئا. آرين حڪرانن متڪبرانه دعوائن سان پنهنجو پاڻ کي ”ديون“ يا ديوتائن جي صفتن سان نوازيو ۽ مقامي ماڻهن کي ”راڪشن“ يا شيطان جو طبقو قرار ڏنو. ذات پات جو نظام، برهمڻن جي برتريءَ واري تصور جي پيداوار هو، جنهن کي زندگيءَ جي هڪ طريقي طور قبول ڪيو ويو. زندگيءَ جي انهيءَ طريقي ۾ ”شودرن“ کي به، جيڪي گهٽ ذات وارا هندو هئا، مليڇن يعني غير آريا ماڻهن کان ڪجهه امتيازي حيثيت ڏني ويئي، حالانڪ انهن ٻنهي طبقن کي هن زندگيءَ ۾ خانگي، شهري ۽ فوجي اعزازن کان محروم رکيو ويو، ۽ آئينده زندگيءَ ۾ ”مڪتي“ يعني نجات جو نا اهل قرار ڏنو ويو، ”سِٿين“ حملا آورن جي وارد ٿيڻ سان برهمڻن جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ پيئي. اهي ”سِٿين“ حڪمران مقامي ماڻهن جي نالي ماتر اطاعت کي ڪافي سمجهندا هئا. مذهب جي حدن اندر هنن پنهنجي لاءِ امتيازي رعايتن ۽ اختيارات جو قانون نافذ نه ڪيو. برهمڻ اڳي وانگر وڏندا ۽ ويجهندا رهيا. هو پنهنجن نون آقائن آڏو جهڪندا ته رهيا پر ڪين پنهنجن سماجي ۽ مذهبي عملدارين اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ کان سختيءَ سان انڪار ڪيائون. انهيءَ زماني ۾ عظيم ٻڌ پيدا ٿيو، جيڪو ”سِٿين“ نسل جو هڪ شهزادو هو. مهاتما ٻڌ اعلان ڪيو ته ”سڀ انسان برابر آهن ۽ نجات جو دروازو سڀني لاءِ هڪجهڙو کليل آهي.“ اهاڳالهه برهمڻن کي سخت ناگوار گذري. ٻڌ ڌرم کي بعد ۾ انهيءَ تعليم جي ڏاڍي ڳري قيمت هندستان کان جلاوطنيءَ جي صورت ۾ ادا ڪرڻي پيئي. جين

مذهب، جيڪو ٻڌڌرم جي اثر و رسوخ جي زوال سان گڏ نمودار ٿيو، تنهن جو پڻ برهمڻن جي هٿان لڳ ڀڳ ساڳيو انجام ٿيو.
هندستان جي تاريخ جو سرسري مطالعو ظاهري ڪري ٿو ته هندو ڌرم ٻاهرين عناصر جي دخل اندازين کي کهڙي طريقي سان منهن ڏنو آهي. ننڍين مداخلت ڪارن جي اثر کي پاڻ ۾ سمائڻ ذريعي نيڪ ڪيو ويو آهي، فاتحن کي غلامانه خوشامد سان برغلايو ويو ۽ جيڪي فاتح هندستان ۾ رهجي ويا، سي جيڪڏهن جذب ٿيڻ کان بچيا، ته فقط پنهنجي جداگانه حيثيت کي برقرار رکڻ جي سخت ڪوشش جي بدولت.
هندستان جو اهو متڪبرانه نظام مسلمانن جي فتوحات هٿان ٽٽو. هندن کي اهو ڏک برداشت ڪرڻو ئي پيو، پر ”ڌرم“ جي نالي مقابلو مسلسل جاري رهندو آيو. هندستاني نظام انهيءَ حقيقت کي محسوس ڪرڻ ۾ دير ڪا نه ڪئي ته ٻين حملا آورن جي ابتڙ، مسلمان تهذيب کان بيگانا ماڻهو ڪنهن جو انهن کي آسانيءَ سان پنهنجي اندر جذب ڪيو وڃي. هو هندستان جي مقامي تمدن جي نظام ۾ شموليت کي پنهنجي لاءِ عزت افزائي نه سمجهي رهيا هئا ۽ اهڙيءَ طرح هندن ۽ مسلمانن ۾ افسوسناڪ محاذ آرائيءَ جو آغاز ٿيو. مسلمانن جي تسلط واري سڄي ساري عرصي ۾ هندن پنهنجي نسل ۽ تمدن تي انتهائي فخر جو اظهار جاري رکيو، جيڪو رفته رفته اجنبين کان نفرت جي شديد مريضانه ذهنيت جي صورت اختيار ڪري ويو. اهي سڀ خوف ۽ نفرتون، جيڪي مليڇ يعني ناپاڪ ۽ غير مهذب اجنبيءَ جي تصور سان وابسته هيون، سي سڀ هاڻي اجنبي مسلمان جي خلاف جدوجهد ۾ استعمال ڪيون ويئون. جڏهن مسلمانن هندستانين جا طور ۽ طريقا اختيار ڪري ۽ انهن جي عورتن سان شاديون ڪري هندستاني زندگيءَ جي نظام سان ناهه ڪرڻ چاهيو، تڏهن به هنن سان برابريءَ جو سلوڪ نه ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته اسلام جي دين ۾ هندن جي جامدڌرم جي بنيادي تصورن لاءِ هڪ للڪار سمايل هئي. مسلمانن جي خلاف لاتعداد بغاوتن ۾ انهيءَ جنگجوئي واري جذبي کان بلڪل ڪليل نموني ۾ ڪم ورتو ويو.
فاتح جي طرفان هندو ڌرم سان ناهه ڪرڻ جي هڪ ابتدائي ڪوشش اڪبر هئي، پر هن جي مقصدن کي هندو ڌرم جي ڪٽرپڻي بي اثر بنائي ڇڏيو. اهو ڪٽرپڻو ٻنهي قومن جي درميان- ميلاپ جي راهه ۾ رڪاوٽ بنجي پيو. ان هوندي به هن جي هڪٻئي سان تعاون ڪرڻ جي حڪمت عمليءَ هندن لاءِ هيءُ موقعو مهيا ڪري وڌو ته هو مسلمانن جي امير طبقي تي پنهنجو اثر وجهن ۽ ڪين پنهنجي حلقي اندر محصور ڪن. اورنگزيب انهيءَ پاليسيءَ جي رد عمل طور انهيءَ عمل کي ابتو ڪرڻ ضروري سمجهيو، پر هو انهيءَ مقصد جي تڪميل ڪرڻ لاءِ گهڻو دير سان وارد ٿيو هو. هن جي تخت نشينيءَ جي وقت تائين، مغل سلطنت زوال ۾ پهچي ويئي هئي. هن کي سلطنت کي بچائڻ، مرهٽن سان وڙهڻ ۽ ٻين گهڻن پريشان ڪندڙ مسئلن سان مقابلو ڪرڻو پيو.

برطانيہ جي استعماري تسلط جي خلاف لاءِ نئشنل ڪانگريس جي ليڊرن مسلمانن کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي پاليسيءَ کي وڏيڪ مربوط انداز ۾ شروع ڪيو. سن ١٨٥٧ع واري آزاديءَ جي جنگ ۽ خلافت تحريڪ، ٻنهي ۾ هند و ۽ مسلمان پنهنجن مشترڪ مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ برطانوي تسلط جي خلاف کلهي ۾ کلهو ملائي وڙهندا رهيا. بهرحال، ٻنهي حالتن ۾ جڏهن جدوجهد هڪ نازڪ مرحلي ۾ داخل ٿي، تڏهن سندن اتحاد قائم رهي نہ سگهيو، جنهن جو نتيجو ا هو نڪتو، جو ٻيئي تحريڪون چٽيون ويئون. نہ تہ مساوات جي بنياد تي تعلقات قائم ڪرڻ لاءِ مغلن جي ڪوشش ۽ نہ سامراج جي خلاف مشترڪ مقصد، اهڙي باهمي تعاون کي قائم رکي سگهيا، جيڪو جٽادار اتحاد طرف وٺي وڃي ها.

ڪن اهڙن ممتاز تاريخدانن، جن هندستاني ذهن کي زوردار نموني سان متاثر ڪيو آهي، ”ڀارت ماتا“ جي تصور جي وضاحت نہ صرف مادر  وطن طور بلڪ هماليہ کان وٺي راس ڪماريءَ تائين هندن جي مقدس سر زمين طور پڻ ڪئي آهي. ڀارت ماتا جي لاءِ جيڪا ”آريہ ورت“ (آرين جو وطن) آهي، تقدس هندو ڌرم جو مرڪزي موضوع آهي، جيڪو ديومالا، فلسفہ، دنيا ۾ رهندڙ جاندارن جي علم ۽ مذهب جو اهڙو عجيب ترين مرڪب آهي، جنهن جهڙو ٻيو هن وقت تائين دنيا نہ ڏٺو آهي، آريا، جن جو اولاد هئڻ جي برهمڻ دعويٰ ڪن ٿا، اتر هندستان جي رستي مشرقي هندستان ڏانهن پيشقدمي ڪرن ۽ مقامي ماڻهن تي، جن کي هو ”داسيو“ سڏيندا هئا، غلبو حاصل ڪرڻ کان اڳي ڪيترين ئي صدين تائين پنجاب ۾ آباد رهيا. هندن جا قديم ترين مقدس ڪتاب، رِگ ويد ۽ اپنشد رشين يعني قديم پنڊتن پنجاب جي علائقي ۾ مرتب ڪيا هئا.

هندن جي قومي شعور مطابق، جنهن کي گذريل صديءَ جي ڪيترن وڏن هند و ليڪن هنن جي دلين ۾ اڀاريو آهي، نندي ڪنڌ کي هڪ وحدت تصور ڪيو ويندو آهي- خيبر جي پهاڙين کان وٺي ڏور ڏکڻ تائين هڪ ناقابل تقسيم وحدت، جنهن ۾ اتر الهندي وارو علائقو، جيڪو هن وقت پاڪستان آهي، ان جي دل ۽ جان جي حيثيت رکي ٿو. جاگرافيائي لحاظ کان بہ هندستان انگريزن جي حڪومت واري دور کان سواءِ يا مغل شهنشاهہ اورنگزيب جي حڪومت وارن ٿورن سالن کي ڇڏي، ڪڏهن بہ هڪ حڪومت جي تحت متحد نہ رهيو. ان کان اڳي، اوائلي هندستاني سلطنت، جيڪا موريا گهراڻي وارن قائم ڪئي هئي، سڄي اتر هندستان، بلڪ افغانستان تائين ۽ ڏکڻ واري اپٻيٽ جي ڪن حصن تائين ڦهليل هئي. هندستان جو اثر اپرندي طرف سمنڊ پار ڪري ڪئمبوڊيا ۽ جاوا تائين وڃي پهتو هو. برهمڻن جو مذهبي ۽ ثقافتي اثر ۽ رسوخ ماضيءَ جي هرهڪ هندستاني سلطنت جي حدن جي مقابلي ۾، وڌيڪ وسيع هو. هندن جو مذهب هڪ اهڙي ”چڪراپتي“ يعني آقائن جي آقا، يا هڪ اهڙي حڪمران جي وصفن جا خاص طور ڳيت ڳائي ٿو، جيڪو پنهنجي پاڙيسرين کي فتح ڪري مٿن تسلط قائم ڪري ٿو ۽ پنهنجو غلبو هڪ سمنڊ کان ٻئي تائين وڌائي ٿو. ماضيءَ جي

عظمت جو اهڙو شعور، جنهن جي هندو ثقافتي ۽ سياسي احياءه لاءِ وڏن وڏن مصنفن تجديد ڪئي، ويهين صديءَ ۾ هندستاني قوم پرستيءَ جو مکيہ سرچشمو رهيو آهي. نهروءَ جو ”هندستان جي دريافت“ (ڊسڪوري آف انڊيا) ظاهر ڪري ٿو تہ ڪيئن نہ انتهائي مغربي طرزِ فڪر جو هند و ذهن پڻ ”هندستان جي لازمي هندويت“ جي جادوءَ جي اثر جو شڪار ٿي پيو.

ياريهن صديءَ ۾، مسلمانن جي وڏي تعداد ۾ وارد ٿيڻ، هندن کي نہ فقط سياسي اقتدار کان محروم ڪيو، پر ان سان گڏوگڏ ملڪ جي غالب مذهب جي وقار کي پڻ زبردست ڌڪ هنيو. هڪ هندو ليکڪ، هندو- مسلم تصادم جو تجزيو ڪندي لکي ٿو:

”مسلمانن جي هٿان هندستان جي تسخير، هند و قوم لاءِ ذات پات جي ڀيد ڀاءَ واري نظام جي ذريعي بي ضرر نہ ٿي سگهي. اها تسخير در حقيقت، هڪ اهڙي محڪم ۽ باشعور معاشري جي هڪ نئين ملڪ ۾ توسيع هئي، جنهن وٽ زندگيءَ جو پنهنجو ترقي يافتہ طريقو ۽ زنده ثقافت موجود هئي. هندستان جي آخري تسخير هڪ اهڙي مسلمان بادشاهہ جي مهم هئي، جنهن جي حڪومت جو مکيہ علائقو هندستان کان ٻاهر واقع هو، پر پوءِ بہ جڏهن نئين مسلم سلطنت جي تابعداريءَ جو خاتمو هڪ ٻاهرين مسلم سلطنت طرفان ٿيو، جيئن اهو جلد ئي عمل ۾ آيو، تڏهن بہ مسلمانن جي اها حڪومت هڪ اهڙي بينڪي قوم جي حڪومت رهي، جنهن وسيع تر اسلامي دنيا سان پنهنجي الحاق کي ڪڏهن بہ نہ وساريو.

”اجا بہ وڌيڪ اهم ڳالهہ هيءَ هئي تہ مسلمان قوم ثقافت جي انتهائي هيڻانهين سطح واري وحشي قوم ڪا نہ هئي، جيڪا هندن جي حلقي ۾ پنهنجي داخلا کي پاڻ لاءِ عزت ۽ افتخار جو باعث سمجهي ها. ان جي برعڪس، هو پاڻ نہ فقط هڪ نئين ۽ جارحانہ ثقافت جا خالق ۽ محافظ هئا، پر ڪين ٻين ثقافتن مٿان برتريءَ جو جنون جي حد تائين يقين پڻ هو، ۽ سندن خيال هو تہ ان جي تبليغ زبردستيءَ سان ڪرڻ پڻ سندن فرض هو. سندن مذهب در حقيقت، هڪ مسلمان لاءِ انهيءَ فرض کي هڪ نهايت اهم، حالانڪ اختياري فريضهہ بنائي ڇڏيو هو. تاريخ ۾ اهي پهريان ماڻهو هئا، جن زندگيءَ جي هڪ مخصوص طرز ۽ باقي ٻين سيني طرزن جي درميان هڪ ناقابلِ تصفيہ تصادم جو خيال پيش ڪيو ۽ جن مستقل انقلاب جي نظريي جي تشڪيل ڪئي. هنن اعلان ڪيو تہ جيستائين سڄي دنيا سندن دين قبول نہ ڪندي، تيستائين دنيا ۾ امن ۽ سڪون قائم ٿي نہ ٿو سگهي.

”جڻ تہ اهو مشڪل مسئلو اجا ڪافي نہ هو، جو هندن وري پنهنجي طرفان ان کي اڳتي وڌائڻ ۾ هڪجيترو حصو ورتو. جيئن مون مٿي چيو آهي، جنهن وقت ڌاري نوان حملا شروع ٿيا. تنهن وقت تائين هندن ۾ جيڪا بہ جاذبيت جي قوت ۽ مطابقت جي صلاحيت هئي، سا هو سڄي وڃائي ويٺا هئا ۽ هو هڪ اهڙي بند معاشري جي صورت ۾ نري چڪا هئا، جنهن ۾ خود پنهنجي برتريءَ جو عقيدو جنون جي حد تائين

وڏيل هو. چنانچهہ هاڻي مسلمان کي تہ ڇڏيو، ڪنهن غير جانبدار ۽ غير ملڪيءَ کي بہ پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نہ پئي ٿيو.“[(1)]

مسلمانن جي هٿان ڏک ڪائڻ جي احساسن هيٺ ڪري، جنهن ۾ مذهبي عقيدي جي ڪري وڌيڪ شدت اچي ويئي هئي ۽ جيڪو صدين جي نفرت ۽ حقارت تي پلجي چڪو هو، تنهن جي تحت سيني هندو تنظيمن مسلمان اقليت کي پنهنجي اندر جذب ڪرڻ جي خيال کي هميشہ پنهنجي سياسي منزلِ مقصود جو هڪ حصو سمجهيو آهي، جن ۾ اختلاف فقط طريقن جو آهي. هند مهاسڀا ۽ آر-ايس-ايس(راشٽريهہ سوايهہ سيوڪ سنگهہ) تشدد روا رکڻ ۽ مسلمانن کي شڌ ڪري هندو سماج ۾ انتهائي هيٺيانهين سطح تي زوريءَ شامل ڪرڻ جو قسم ڪاڻو هو. گانڌيءَ جا طريقا ڪجهہ پراسرار هئا. هو اڪثر ڪري مسلمانن کي پنهنجو رت – ڀائي سڏيندو هو، ۽ انهيءَ قسم جون بيشمار خاطريون ڏيندو هو تہ ڪانگريس حڪومت جي تحت هندستان ۾ هنن جي حفاظت ڪئي ويندي. پر جڏهن بہ ڪيس ڇيو ويندو هو تہ انهن حقن، آزاد هندستان ۾ مسلمانن جي حصي جي وضاحت ڪري، تہ هو هميشہ ڪنهن صاف جواب ڏيڻ کان ڪترائي ويندو هو. نهروءَ جي ڪئمبرج جي تعليم يافتہ هئڻ ۾ مارڪسي فلسفي کي تسليم ڪرڻ جي دعوي' جو ذڪر تہ ڇڏيو، پر هن جي مسلم ثقافت سان تعلق هئڻ جي پس منظر جي باوجود، هو ننڍي کنڊ ۾ هڪ جدا مسلم ثقافت جي وجود جي خيال کي ئي مسترد ڪري ڇڏيندو هو. هو پڇندو هو، ” اها مسلم ثقافت ڇا ٿيندي آهي؟ ڇا، اها آريائي- ايراني ثقافت آهي يا عربن جي سامي ثقافت؟“ هو هڪ هندوءَ ۽ مسلمان ۾ جيڪو هڪ ئي فرق ڏسي سگهندو هو، سو اهو هو تہ هڪ هند و ڌوتي ٻڌندو هو ۽ هڪ مسلمان پاجامو ۽ ترڪي ٽوپي پائيندو هو.

نِراد-سي-چوڌري هندو جنگجوئيءَ واري مزاج جي باري ۾ لکي ٿو:

. سڄي زندگيءَ جي مشاهدي مون کي يقين ڏياريو آهي تہ هندن ۾ چريائيءَ جي هڪ ڌارا آهي ۽ ڪو بہ ماڻهو هيءَ ڳالهہ اگواٽ تسليم ڪرڻ سان تہ هندو معياري شخصيت جا مالڪ آهن، سندن نجيءَ عام اطوار جو صحيح اندازو ڪري نہ سگهندو. اهو جنون سندن روزمره زندگيءَ ۾ ماليخوليا وانگر لِڪو وينو آهي، ۽ انهيءَ بيگانگيءَ کي هڪ ماهر نفسيات جي اصطلاحن ۾ پڻ سمجهائي سگهجي ٿو- اهو ڪجهہ حد تائين تہ ” پيرانويا“ آهي ۽ ڪجهہ قدر ذهني انشقاق آهي. هندن جي سيني ڪمن ۾، خاص طور انهن ۾ جيڪي عام معاملن سان واسطو رکن ٿا، يا تہ دماغي ضعف يا ذهني ڏنگائي جون واضح علامتون ملن ٿيون.

جيڪڏهن ڪوئي هن دعوي  تي ڪلي ٿو تہ آءٌ کيس چوندس تہ هو جرمن ۽ جپاني قومن جي تازي تاريخ کي ياد ڪري، جن انسانذات تي بہ تباهڪن جنگيون مسلط ڪيون. جرمن تاريخ جي نازي عهد جي باب جي يا آمريڪين سان جنگ ڇيڙڻ جي جپاني ڪوشش جي تشريح انهن ٻنهي جي وقتي اجتماعي جنون کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي مفروضي سان نہ ٿي ڪري سگهجي. انهن مثالن مان آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان

تہ فردن وانگر انساني گروهہ پڻ پاگل بنجي پوندا آهن. مون فقط انهيءَ نظريي جو اطلاق هندن تي بہ ڪري ڇڏيو آهي. پر هندن ۾ سندن اجتماعي ديوانگيءَ ۾ بہ اهم فرق بہ ظاهر ٿيا آهن: هڪ اهو تہ انهن جو ديوانگيءَ جو رويو اظهار ۾ ذره ڪمزور هوندو آهي، ۽ انڪري اهو باقي انسانذات لاءِ تباهيءَ جو گهٽ باعث رهيو آهي، حالانڪ خود انهن لاءِ ڏاڍو نقصانڪار ٿيو آهي، ٻيو تہ اها دائمي ۽ مسلسل آهي ۽ ان مان هيءَ توقع نہ ٿي رکي سگهجي تہ جرمنن ۽ جپانين جي جنون وانگر هنن جي ديوانگي پڻ گذري ويندي. "[(1)]

هيءَ ڳالهہ معني ' خيز آهي تہ مسلم ليگ جو بنياد 1906ع ۾ ڪانگريس جي انتها پسندن جي غلبي واري دور جي دوران پيو. هن صديءَ جي ٽين ۽ چوٿين ڏهاڪي جي دوران ڪانگريس جو ڪليدي لفظ "سنگٺن" هو، يعني استحڪام، يڪجهتي ۽ باهمي مضبوطي. راشٽريہ سوايم سنگهہ جو بنياد سن 1925ع ۾ رکيو ويو. سن 1923ع ۾، جڏهن مرحوم مولانا محمد علي جوهر مشهور خلافت تحريڪ ۾، ڪانگريس سان هڪ اشتراڪ عمل ڪري رهيو هو، تڏهن وي. ڊي. ساورڪر هڪ ڪتاب "هندوستوا" شايع ڪيو هو، جيڪو اڄ ٽائين هند و قوم پرستن جي ذهن کي متاثر ڪري رهيو آهي. ساورڪر "هند و" لفظ جي جيڪا تشريح ڪئي آهي، سا پر معني  آهي. اها تشريح هيئن آهي: " هندو اهو ماڻهو آهي، جيڪو سنڌو نديءَ کان وٺي سمنڊن ٽائين پارت ورش جي هن ڌرتيءَ کي پنهنجو آبائي وطن، توڙي پنهنجي مقدس سر زمين يعني پنهنجي مذهب جو گهوارو يا پنهنجي مذهب جو گهر تصور ڪري ٿو."" هندوستوا" هند و نسل جي سڄي وجود جي فڪر جي سيني گوشن ۽ ان جي سڄي سرگرميءَ تي حاوي آهي.[(1)] هند و هڪ قوم هئا، مسلمان فقط هڪ دفعو.

هاڻي جڏهن تہ مسلمان پنهنجو هڪ جدا وطن تشڪيل ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي، تڏهن هو هندو مت لاءِ هڪ وڏيڪ وڏو چئلينج بنجي پيو آهي. پاڪستان کي "پارت ماتا" جي عضون جي ظالمانہ ڪاٽ ڪوٽ جو نتيجو سمجهيو وڃي ٿو، ۽ هند و جنگجوئيت رسا چنائڻ لڳي آهي. پٽيل هڪ دفعي چيو هو تہ جيڪڏهن هندستان چاهي تہ اهو پشاور ٽائين ميدان صاف ڪري سگهي ٿو. سن1947ع۽ سن 1954ع جي درميان ٽي دفعا نہ، تہ بہ دفعا تہ ان بين الاقوامي مذمت ۽ بين نتيجن جي خوف کان انهيءَ قسم جي مهم شروع ڪرڻ کان پاڻ کي روڪيو هو. ان هوندي بہ سن 1965ع ۾ دغابازيءَ وارو حملو ٿيو، هندستاني فوجي نظام هن وطن پرستانہ خوش فهميءَ ۾ مبتلا هيو تہ اهو پاڪستان تي غلبو حاصل ڪري سگهندو.

هندستاني اڳواڻن فقط ان صورت ۾ پاڪستان قبول ڪيو، جڏهن کين واضح طور نظر آيو تہ ملڪ جو ورهاڱو اٽل آهي ۽ کين برطانيہ جي هٿن مان هندستاني هٿن ۾ اقتدار جي منتقليءَ لاءِ تقسيم کي قيمت طور ضرور مڃڻو پوندو. پاڪستان لاءِ رضامند ٿيڻ وقت بہ گانڌي، نهرو، پٽيل ۽ ٻين حقيقت ۾ ٻن قومن وارو نظريو تسليم ئي نہ ڪيو هو. هنن تقسيم جي تلخ فيصلي کي هن اميد تي قبول ڪيو هو تہ نئين مملڪت

زنده رهڻ جي قابل ئي نہ هوندي ۽ اها پنهنجي وڏي ۽ وڏيڪ طاقتور پاڙيسريءَ جي دٻاءَ هيٺيان دٻجي ويندي.
هندستان جو آزاديءَ واري وقت کان وٺي پاڪستان ڏانهن رويو سڀني کي معلوم آهي. جهوناڳڙهہ، ڪشمير ۽ حيدرآباد تي قبضي جا واقعا ايترا تہ تازا آهن، جو انهن کي ورجائڻ جي ضرورت ڪانهي. هندستان کي هن ڳالهہ ۾ ڪڏهن بہ ڪو تضاد نظر ڪو نہ آيو تہ هو جهونا ڳڙهہ ۽ حيدرآباد تي تہ هن سبب ڪري دعويدار آهي، جو انهن ۾ غالب اڪثريت هندن جي آهي، پر انهيءَ اصول کي هو ڄمون ۽ ڪشمير جي معاملي ۾ رد ڪري ٿو، جتان جي آباديءَ جي وڏي اڪثريت مسلمان آهي. ان جي بجاءِ هندستاني رهنمائن لاديني رياست ۽ جمهوريت ۽ يرغمال جي اصول جي تصورن کي غلط انداز ۾ استعمال ڪيو، تہ جيئن ڄمون ۽ ڪشمير جي عوام کي سندن ناقابل تنسيخ حقن کان محروم ڪري سگهجي.
انهن تاريخي ۽ نفسياتي اسبابن جي روشنيءَ ۾، جيڪي پاڪستان متعلق هندستاني نظرين کي متعين ڪن ٿا، هيءَ ڳالهہ ظاهر آهي تہ هندستاني ليڊر پاڪستان کي هن ڪري گوارا ڪرڻ تي آماده ٿيا، جو انهن ۾ ان کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ جي قوت ڪانہ هئي. جيڪڏهن هو اهڙي طاقت ګڏ ڪري سگهيا، جيئن اهي پنهنجي فوج وڌائڻ ۾ جي شڪل ۾ ڪوشش ڪري رهيا آهن، تہ اهي تقسيم کي ختم ڪري ڇڏيندا، ۽ پاڪستان کي وري پنهنجن خوابن واري هندستان ۾ ضم ڪري ڇڏيندا. هنن پاڪستان کي پنهنجو مکيہ دشمن قرار ڏنو آهي. نهروءَ ۽ هن جي جانشينن جي تحت، هندستان جي سياست گريءَ جو سچو مقصد اهو رهيو آهي تہ اسان جي ملڪ کي الڳ ٿلڳ ڪرائين، تہ جيئن ان وقت جڏهن هندستان ڪافي طاقت پيدا ڪري وٺي تہ هو جيتريءَ بہ خاموشيءَ ۽ تيزيءَ سان ممڪن ٿئي، اسان تي قابو حاصل ڪري پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏي.
پاڪستان جو باني، محمد علي جناح ”هند و –مسلم اتحاد جي سفير“ جي نالي سان مشهور هو ۽ انڊين نئشنل ڪانگريس هن کي پنهنجي تحريڪ جو نمائندو سمجهندي هئي. هن پنهنجي سياست زندگيءَ جي عروج جي زماني ۾ پوري جوش ۽ جذبي سان انتهائي ڪوششون ڪيون تہ هندستان جي آزاديءَ جي مقصد کي اڳتي وڌائي تہ جيئن هند و ۽ مسلمان هڪ ئي مملڪت ۾ پاسي ۾ پاسو ملائي رهي سگهن ۽ هڪ ئي ڇت هيٺان آزاديءَ سان همنڪار ٿي سگهن. هيءَ حقيقت، تہ هو انهيءَ مقصد ۾ ناڪامياب ٿيو، پنهنجي جاءِ تي ڏاڍي معنيٰ خيز آهي. انهيءَ طرح جي ناڪامي هن کان ننڍي ماڻهوءَ کي مايوس ڪري ڇڏي ها. مسٽر جناح، جنهن جي يڪسوئي ۽ ڪم ڪرڻ جي قوت، هڪ داستان بڻجي چڪي آهي، ناڪاميءَ جي ڪري منهن موڙڻ وارو نہ هو. تجربي هن تي واضح ڪري ڇڏيو هو تہ هندستاني رهنما مسلمانن جي تعاون جا خواهان تہ آهن، پر برابر درجي وارن شهرين جي حيثيت ۾ نہ، بلڪ سندن الڳ حيثيت ۽ شناخت کي ختم ڪرڻ لاءِ. ڪجهہ سالن لاءِ هو هندستاني سياست جي پيچيدگين کان جدا ٿي ملڪ کان ٻاهر هليو ويو. جڏهن مولانا محمد عليءَ جهڙن مسلمان ليڊرن ڪيس

درخواست ڪئي، تڏهن ئي هو پنهنجي تاريخي فرض جي تڪميل لاءِ وطن واپس موٽي آيو. پنهنجي سابق تجربي کان مستفيض ٿي، هاڻي هن اهوئي هڪ منطقي رستو اختيار ڪيو، جيڪو هن لاءِ ڪليل هو يعني هن ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي محڪوم بنائڻ لاءِ ڪانگريس جي آرزوئن کي بي نقاب ڪرڻ شروع ڪيو. مسلم ليگ لاءِ هن ڀرپور محاذ آرائيءَ جي حڪمت عملي تشڪيل ڏني، ۽ انهن سڀني ترغيبن ۽ تعاون جي وعدن جي مقابلي ۾، جن جي ذريعي ڪانگريس سندس ڌيان ڦيرڻ ۽ ڪيس پنهنجي طرف ڪشش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، هن ڏاڍي مستقل مزاجيءَ سان گوڏن جهڪائڻ کان بلڪل انڪار ڪيو. هو پنهنجن مقصدن جي پيروي ڪرڻ ۾ نرم ٿيڻ وارو ڪو نه هو، ۽ هو مسز سروجني نائڊو جي مٺن ٻولن يا گانڌيءَ جي جادو اثر ڪلام جي زور کان متاثر ٿي پنهنجي لاءِ متعين ڪيل راهه تان هٽڻ وارو ڪو نه هو.
هند و مسلم اتحاد جي تائيد ۽ حمايت کي ترڪ ڪري پاڪستان جي بانيءَ اسان لاءِ هڪ اهڙو سبق ڇڏيو آهي، جيڪو وقت گذرڻ سان پنهنجي معقوليت ۾ وڌيڪ واضح ٿيندو رهيو آهي. هيءَ حقيقت، ته ننڍي کنڊ جا هند و ۽ مسلمان ٻه علحده قومون آهن، پاڪستان جي تعمير جو بنياد بني. جڏهن اها ڳالهه سڀ کان اول مسلمانن جي سياسي منزلِ مقصود طور پيش ڪئي ويئي ته نه فقط انڊين نئشنل ڪانگريس ۽ برطانيه وارن طرفان، بلڪ ڪيترن ئي ممتاز مسلمانن طرفان پڻ، مسلم ليگ جي اڳواڻن تي ٺٺولي ڪئي ويئي. اها ڳالهه هنن کي بعيد از قياس معلوم ٿي رهي هئي ته برطانوي تاج جي سيني کان وڌيڪ قيمتي هيري جي حيثيت سان اٽڪل ٻن صدين تائين هڪ ئي پاڇاريءَ هيٺان زندگي گذارڻ کان پوءِ ملڪ جا ٻه جدا جدا ٽڪرا ڪيا ويندا. بعد ۾ ظاهر ٿيل واقعا، هاڻي تاريخ جو هڪ حصو بنجي چڪا آهن. پاڪستان هڪ غالب اڪثريت جي عوامي فيصلي جي بنياد تي حاصل ڪيو ويو، جنهن ۾ ننڍي کنڊ جي انهن مسلمانن سميت، جن کي معلوم هو ته اهي پاڪستان ۾ ان جي هڪ حصي طور شامل نه ٿي سگهندا، تن جي وڏي اڪثريت پڻ ان جي تخليق جي حق ۾ ووٽ ڏنا.
هن مرحلي تي انهن خيالن تي غور ڪرڻ فائديمند ٿي سگهي ٿو، جن حڪومت تان دستبردار ٿيندڙ طاقت کي متاثر ڪيو. برطانيه اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته ان جو پنهنجي سامراجي حڪومت کي وڌيڪ عرصي لاءِ قائم رکڻ مصلحت جي خلاف آهي. پر هو سلطنت جي قصي ختم ٿيڻ کان پوءِ پنهنجن گهٽن ئي مفادن تي تحفظ جي ضرورت کان بي خبر ٻه ڪو نه هو. ضروري هو ته ننڍي کنڊ جي تقسيم برطانيه جي باقي بچيل مفادن سان هم آهنگ هجي، جنهن ڪري جانشين حڪومتن جو قيام ان طرح عمل ۾ آندو ويو ته برطانيه جي سلطنت جي خاتمي کان پوءِ ٻه ان جا مفاد محفوظ رهن. برطانيه هندستان جي مخلص ترجمان لارڊ مائونٽ بيٽن جي ذريعي نه فقط پاڪستان جي ڪاٽ ڪوٽ ڪرڻ، پر پاڪستان جي خلاف هندستان کي تمام گهٽن فائدن پهچائڻ ۾ پڻ ڪامياب ٿي ويو. اتر الهندي سرحدي صوبي ۽ اوپر پاڪستان جي سلهٽ ضلعي ۾ راءِ شماريون ڪرايون ويئون. ٻنهي صورتن ۾ نتيجا پاڪستان جي

حق ۾ ووٽن جي غالب اڪثريت جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. قلات کي اهو مشورو ڏنو ويو ته هو بلوچستان جي پاسي وارن علائقن سان ملي آزاديءَ جو اعلان ڪري. برطانيه سرڪار هر ممڪن موقعي مان فائدو وٺي پاڪستان جي خلاف توازن کي بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي. پنجاب کي تقسيم ڪيو ويو ۽ پاسي وارين ايراضين ۾ آباديءَ جي تناسب جي مطابق تقسيم جي اصولن جي صريحا خلاف ورزي ڪندي، مسلمانن جي غالب آباديءَ وارا وسيع علائقا جيڪي امرتسر جي پسگردائي تائين ڦهليل ۽ فيروزپور ۽ گورداسپور تي مشتمل هئا، ڏانڊ لبازيءَ سان هندستان جي حوالي ڪيا ويا. آسام کي ڇڏي بينگال کي تقسيم ڪيو ويو، ۽ هندستان کي اهڙا ملائيندڙ رستا ڏنا ويا، جن ان کي اتر ۾ جمون ۽ ڪشمير سان ۽ اوڀر ۾ آسام ۽ ترپوره سان ڳنڍي ڇڏيو. اتر بينگال ۾ هندستان کي مهيا ڪيل صوبي آسام سان ملائيندڙ هڪ اهڙي رستي ان کي نيپال جي ڏاکڻين سرحدن سان ڳنڍي ڇڏيو ۽ ان کي اهڙيءَ طرح چين جي سرحد سان ملندڙ هماليائي رياستن، سڪم ۽ ڀوٽان تائين رسائي ڏني ويئي. ڪنهن به حالت ۾ پاڪستان کي علائقي جي تقسيم يا ان جي ٻين مطالبن سان واسطو رکندڙ شڪ جو فائدو نه ڏنو ويو.

نندي کنڊ ۾ ان وقت جي صورتحال جي پيش ِ نظر برطانيه سرڪار ساهميءَ جي پڙ کي هندستان جي حق ۾ جهڪائڻ لاءِ ان کان وڌيڪ ڪجهه نه پئي ڪري سگهي. برطانوي حڪومت، انڊين نئشنل ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي درميان ٿيل ٺاهه جي نتيجي ۾ اقتدار جي منتقلي پرامن طريقي سان ٿيڻ گهربي هئي، پر جنهن انداز سان حڪمران طبقي تقسيم جي ڪارروائي ڪئي، تنهن مان پاڪستان جي خلاف ان جي تعصب جو ڪليو ڪلايو اظهار ٿيو. پاڪستان کي نظم و نسق، دفاع ۽ ماليات جي سلسلي ۾ ٿوري کان ٿورين ضرورتن تائين به ڪجهه مهيا ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويئي. ملڪ کي پنهنجو بچاءُ ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو ويو. امن امان قائم رکڻ، سرمايي، فوجي اسٽورن ۽ اسٽرلنگ جي بقايائن جي تقسيم ڪرڻ، بلڪ رقمن جي منتقليءَ جي سلسلي ۾ پڻ هندستان کي پاڪستان جي شاهه رڳ تي گرفت جي اجازت ڏني ويئي. مطلب اهو هو ته مسلمانن کي خود ارادیت جي حق حاصل ڪرڻ جي سزا اهڙيءَ طرح سان ڏني وڃي، جو انهن کي هڪ ڪمزور ۽ بي جان ڪيل ملڪ ڏنو وڃي، جيڪو غير مارڪسي مفهوم ۾ جلدئي ڪومائجي ختم ٿي وڃي.

هيءَ ڳالهه سمجهڻ مشڪل ناهي ته هندستان کي هن يقين جي آڌار تي قوت ڇو حاصل ٿي آهي ته هڪ ڪمزور ۽ الڳ ٿلڳ رهجي ويل پاڪستان ان لاءِ فائديمند ٿيندو. جڏهن نندي کنڊ جي اتڪل روءِ سڄي مسلم آباديءَ پاڪستان لاءِ وٺ ڏنو هو ته ان دراصل انهيءَ پاڪستان لاءِ ووٽ ڏنو هو، جيڪو اولهه ۾ پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ اتر الهندي سرحدي صوبي، اوڀر ۾ بينگال ۽ آسام ۽ ٻين اهڙين رياستن تي مشتمل هوندو. جن ۾ مسلمانن جي اڪثريت هئي. هندستان محسوس ڪيو ته هو انهيءَ لولي لنگڙي پاڪستان کي، جيڪو آخرڪار وجود ۾ آيو، ختم ڪري سگهندو. اوڀر پاڪستان کي

خاص طور ڏڪ پهچائڻ جي قابل سمجهيو ويو، انهيءَ ڪري اتي انتشار ۽ تخريبي طاقتن کي بي لگام ڇڏيو ويو. پر هندستان اسان جي ملت جي عزم، حب الوطني ۽ قومي وقار جي جذبي جو اندازوئي نه ڪيو هو. ڪيس يقين هو ته هي ملڪ هندستان سان پنهنجي تجارتي ۽ اقتصادي رابطن کي وڃائي زنده نه رهي سگهندو. انهيءَ تخميني جي بنياد تي هندستان پاڪستان جي اقتصادي ناڪه بندي شروع ڪري ڏني، پر پاڪستان ان جو دليريءَ سان مقابلو ڪيو. پر ڏيهي واپار وڌايو، ملڪي ڪچي مال مان ڪارخانن ۾ مال بنائڻ شروع ڪيو ويو، ۽ شروعاتي خلل اندازيءَ جو مقابلو ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان هڪ اهڙي نئين دؤر ۾ داخل ٿيڻ جي لائق بنجي ويو، جنهن ۾ ان جو اقتصادي ڍانچو درجي بدرجي هندستان جي اقتصادي اڳرائيءَ جي مقابلي ڪرڻ جي قابل ٿيندو ويو. انهن مسئلن تي حاوي پوڻ ۾ پاڪستاني عوام جي مقصد جي خلوص ملڪ کي بچائي ورتو. جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي ارادي ۾ ڪمزور ٿي پوي ها ته هندستان ڪيترن ئي ٻين طريقن سان پنهنجي گرفت مضبوط ڪري وٺي ها. خوش قسمتيءَ سان پاڪستان ڪمزوريءَ جو مظاهرو نه ڪيو ۽ ان نه فقط اقتصادي ناڪه بنديءَ کي ٽوڙي ڇڏيو، بلڪ پنهنجي اقتصادي نظام کي هندستان کان وڌيڪ بي نياز ڪرڻ لاءِ مثبت اقدام پڻ ڪيا.

اسان جي داخلي معاملن ۾ جنهن به قسم جي صورتحال جو خيال ڪري سگهجي ٿو، تنهن کي هندستان اسان جي مشڪلات کي وڌائڻ ۽ اسان جي قومي استحڪام کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جي برابر ڪوشش ڪندو رهي ٿو. اهو ڪو محض اتفاق ڪونهي ته هندستان ۽ پاڪستان جي هر تڪرار جي شروعات هندستان طرفان ڪنهن نه ڪنهن دشمنيءَ جهڙي قدم سان ٿئي ٿي. جمون ۽ ڪشمير جي جهيڙي جي ابتدا، سن 1948ع ۽ 1950ع جي اقوام متحده ۽ ٻين جي نهرائن طرف متوجهه ڪندڙ واقعا، اقوام متحده ۽ ٻين طرفان ناهه ڪرائڻ لاءِ ڪوششون، ٻه- طرفيون ڳالهيون ٻولهيون، هندستان طرفان هر ناهه کي ناڪام بنائڻ جون لڳاتار ڪوششون ۽ آخر ۾ باضابطه بين الاقوامي وعدن کان ان جي روگرداني-اهي سڀ مسلسل ڪينه پروريءَ جي هڪ داستان جا مختلف جزا آهن.

هندستان جي پنهنجي ملڪ مان مسلمانن کي بدر ڪرڻ جي حڪمت عمليءَ ۾ ڪنهن به شڪ و شبهي جي گنجائش باقي نه ٿي رهي ته ان جو وڏي کان وڏو مقصد پاڪستان کي نيست و نابود ڪرڻ آهي. نندي ڪنڊ ۾ ڪم عقل کان ڪم عقل انسان به هاڻي انهيءَ فاسد دور کي سڃاڻي ويو هوندو، جنهن ۾ فرقيوارانه بدامني، هجرت، ان جو ردعمل ۽ ابتي طرف هجرت جو هڪ ٻيڙو دائرو نهي پيو هو. اسان جي حالتن ۾ اها ڳالهه ظاهر آهي ته هڪ ملڪ ۾ اقليتن تي ظلم ۽ زبردستيءَ جي سلسلي جو اٽتر نموني ۾ ٻئي ملڪ ۾ ڦهلجڻ لازمي ٿئي ٿو. ان کان علاوه، هيءَ بلڪل متوقع ڳالهه آهي ته جيڪڏهن اهڙي جبر ۽ تشدد جي سبب ڪان ڪا نمايان هجرت ٿي ته ان کان اڪثريتي فرقو مشتعل ٿي ويندو، اقليتن فرقي جي ماڻهن ۾ بي آرامي ڦهلجندي ۽

امن و امان جي صورتحال ۾ هڪ سنگين ۽ تمام وڏو بحران پيدا ٿي پوندو. هندستان، آسام جي مسلمانن کي پريشان ڪري اتان هڪالي ڪڍڻ لاءِ هڪ سوچيل سمجهيل ۽ ديده و دانسته منصوبو سٽيو. هزارن ماڻهن کي، نه فقط سندن بنيادي انساني حقن جي پرواه نه ڪندي، بلڪ ان مان پيدا ٿيندڙ هنگامي ڪان پڻ اکيون بند ڪري گهرن کان ٻاهر ڪڍي سرحد پار ڌڪيو ويو. هندستان ۾ فرقيوارانه فسادن جي ڊگهي سلسلي جي ڪري ان ملڪ جا ڇهن ڪروڙن کان به وڌيڪ انسان دائمي خوف ۽ هراس جي حالت ۾ زندگي بسر ڪري رهيا آهن. 64-1963ع جي سياري واري موسم ۾ فساد، لٽ مار، ۽ آتشزنيءَ جي واقعن رونما ٿيڻ ڪري فقط اولهه بينگال ۾ ڪيترن ئي مسلمانن جون جانيون ضايع ٿيون ۽ اوڀر پاڪستان طرف مسلمانن جي هجرت جي هڪ تازي لهر اٿڻ لڳي. هيڏانهن، پاڪستان سرڪار جي هر ڪوشش جي باوجود، ڪجهه اهڙا افسوسناڪ واقعا پيش آيا، جن ۾ غضبناڪ مسلمانن اقليتي فرقي جي ماڻهن کان انتقام ورتو.
هيءَ ڳالهه نهايت اهميت واري آهي ته هندستان ڄاڻي ٻجهي مسلم اقيلت کي ملڪ بدر ڪرڻ جي راهه ۾ عمل اختيار ڪئي، جنهن جو شڪار سڌيءَ طرح زد ۾ ايندڙ اقليتي فرقي مسلمانن کان سواءِ پاڪستان ۾ رهندڙ هندو به ٿيا. ان جي مقصد کي سمجهڻ ڪو مشڪل ڪم ناهي. هندستان اوڀر پاڪستان جي اندر ته گڙٻڙ ڦهلائڻ ۾ ناڪام ٿي ويو هو، انڪري هاڻي ان تي مسلسل ٻاهريون دٻاءُ وجهڻ جو انتظام ڪيو ويو. هندستاني مسلمانن کي ٻاهر ڪڍي، هندستان نه فقط اوڀر پاڪستان کي هزارن جي آبادڪاريءَ جو بار کڻڻ لاءِ مجبور ڪري پئي سگهيو، بلڪ هندو اقليت جي سلامتيءَ جي ذميداري پڻ ان جي مٿان مڙهي پئي سگهيو. انهيءَ ٻٽي دٻاءَ جو مقصد اهوئي رهيو آهي ته اوڀر پاڪستان کي ڪمزور ۽ اتان جي حالات کي مستقل طور هيجاني ڪيفيت ۾ رکيو وڃي. اهڙيءَ طرح پنجاهه لک مسلمانن کي هندستان کان اوڀر پاڪستان طرف ڌڪي ڪڍيو ويو آهي، جنهن کان اسان جي معيشت تي تمام وڏو بار پيو آهي ۽ نيون ڪشيدگيون ۽ نظم و نسق لاءِ نوان مسئلا پيدا ٿيا آهن. 6- سيپٽمبر 1965ع تي جيڪا جنگ، بين الاقوامي سرحدن کي لتاڙي لاهور تي مسلط ڪئي ويئي، سا هندستان ۽ پاڪستان جي تعلقات جي تاريخ ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي. انهيءَ تاريخ تي هندستان نيٺ انهيءَ حد کي اورانگهي ڇڏيو، جتان کان واپسي محال هوندي آهي.
تمام طويل وقت کان وني ڀارت جا پرچارڪ هيءَ دعويٰ ڪندا رهيا آهن ته ڀارت جي ثقافتي، سياسي ۽ اقتصادي قيادت کي هندو ڪش جبلن کان وني ميڪانگ نديءَ تائين عمل پيرا ٿين گهرجي. هندستان جي سڄي تاريخ ۾ هندو سياسي مفڪرن انهيءَ موضوع کي ايتري تفصيل سان ۽ ايتريقدر لڳاتار پيش ڪيو آهي، جو اهو بذات خود انهيءَ روايت جو هڪ حصو بنجي پيو آهي، جيڪا جديد هندستان کي ورثي ۾ ملي آهي. اٽڪل هڪ هزار سال ٿيڻ وارا آهن، جو هندستان انهيءَ لائق هو ته انهيءَ شاندار منزل طرف قدم وڌائي سگهي، پر انهيءَ ڳالهه کان هندن جي غير متزلزل معمع ۾ نظر

جي نہ شدت گھٽ ٿي آھي ۽ ان جي وسعت ۾ ڪا ڪمي آئي آھي. انھيءَ مقصد طرف پھريون قدم ھيءُ آھي تہ پاڪستان کي ٻي اثر بڻايو وڃي، پر ” اکنڊ ڀارت “ جو نيم– مذھبي نظريو نيٺ بہ پاڪستان جي خاتمي جو متقاضي آھي.

---------

[1] نراد- سي- چوڌري:” دي ڪانٽيننٽ آف سرسي“ 1965ع ص-63.

[1] نِراد- چوڌري: ” دي ڪانٽيننٽ آف سرسي“ 1965ع ص117-118.

[1] ”ھند و ستوا“ — 1942ع ص-4

# باب اوڻيهون
# هندستان سان مقابلو

هندستان جي خارجہ پاليسيءَ جو سيني کان وڏو مقصد اهو رهيو آهي تہ پاڪستان کي الڳ ٿلڳ ڪري ڇڏجي. ابتدائي ڏينهن ۾ هن ڳالهہ جي پيش ِ نظر تہ پاڪستان جا وچ اوڀر سان رشتا آهن، هندستان پاڪستان جي خلاف عرب دنيا ۾ پنهنجو سفارتي سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون. جڏهن اسان پنهنجي بچاءَ ۾ آمريڪا جي طرف رخ ڪيو، تڏهن هندستان انهيءَ ملڪ سان اسان جي باهمي دفاع جي انتظامن جي مذمت ڪئي.
سينٽو سان روس جي وير جو فائدو وٺي هندستان سوويت يونين سان سياسي، اقتصادي ۽ فوجي معاملن ۾ تعاون جي هڪ جامع رٿا تي عمل شروع ڪيو، تہ جيئن پهريائين مغربي ملڪن سان پاڪستان جي اتحاد جو ٽوڙ ڪيو وڃي ۽ پوءِ پاڪستان ۽ سوويت يونين جي تعلقات جي راهہ ۾ وڏيڪ دشواريون حائل ڪيون وڃن. هندستان جو ابتدائي مقصد اهو هو تہ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ عاليشان منصوبن کي اڳتي وڌايو وڃي ۽ پاڪستان کي عوامي جمهوريہ چين کان بلڪل علحدهہ ڪيو وڃي. اقوام متحده جي قسم جي بين الاقوامي تنظيمن ۾ هندستان ضرورت کان زياده زور ڏيڪاريندو رهيو ۽ ايشيائي دنيا کي اهو باور ڪرائيندو رهيو تہ پاڪستان مغربي دنيا جو حاشيہ بردار آهي، ۽ انهيءَ حيثيت کان هو افر و ايشيائي معاملن ۾ ڪو بہ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل ناهي.
شايد هندستان انهيءَ مقصد جي پيرويءَ ۾ جيڪو حد کان وڏيڪ جوش و خروش ڏيکاريو، تنهن کان بين الاقوامي آڪاڙي ۾ پاڪستان کي سندس موقف تي ثابت قدم رهڻ ۾ مدد ملي. ٻين ملڪن تي هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿيندي ويئي تہ هندستان جي پاليسيءَ جي تهہ ۾ دراصل پاڪستان دشمنيءَ جو جذبو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ان ۾ پاڪستان جي خارجي خواه داخلي حڪمت عمليءَ جي نو عيت کي ڪو دخل ڪونهي. ٻين ڳالهين کان گهڻو وڏيڪ جمون ۽ ڪشمير جي تنازعي ۾ ان جي بيجا ضد پاڪستان جي باري ۾ ان جي حڪمت عملي ءَ کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي. بين الاقوامي ضابطهہ اخلاق کان هندستان جي انهيءَ بي پرواهيءَ ان کي اهڙي هنڌ آڻي بيهاريو، جتان کان هند و پاڪستان واري جنگ جي دوران ان جا رهنما پنهنجي تنهائي ۽ دنيا جي هر حصي مان پنهنجي لاءِ حمايت جي فقدان جو روئڻو روئيندا رهيا.
هڪ طرف تہ هندستان امن جو پرچار ڪندو رهيو ۽ ٻئي طرف پنهنجي دفاعي خرچن کي وڌائي ڪٿان کان ڪٿي پهچائڻ ۾ لڳو رهيو. هڪ طرف تہ ان غير جانبداريءَ کي پنهنجي خارجہ پاليسيءَ جي اخلاقي بنياد جي رنگ ۾ پيش ڪيو، تہ ٻئي طرف پنهنجن مقصدن جي حصول لاءِ وڏين طاقتن جي ٻنهي بلاڪن کان ڪم ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هو ترقي پذير ملڪن جي دوستيءَ جو دم ڀڻ ڀريندو رهيو ۽ ان سان گڏو گڏ رفتہ رفتہ ٻنتي هٿنڌڙ بيٺڪي طاقتن جو چوغو بہ پهنجي جسم تي تاڻڻ ۾مشغول

رهيو. انهن تضادن هن جو پاندو ڦوڙي ڪيس سندس اصلوڪي روپ ۾ دنيا جي سامهون آڻي ڪڙو ڪيو آهي. سڀ ثابتيون انهيءَ حيقيت جي نشاندهي ڪن ٿيون ته مناسب ناهه ڪان ڪترائڻ وارو پاڪستان نه، بلڪ هندستان آهي. پاڪستان پراڻن جهڳڙن جو نبيرو ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار آهي، پر هندستان حالات کي معمول مطابق واپس آڻڻ جو مطلب اهو سمجهي ٿو ته پاڪستان ڪي هڙپ ڪيو وڃي ۽ هو انهيءَ ئي ڏن ۾ لڳل آهي.
هي به تجويز ڪيو ويو آهي ته پاڪستان وڏن وڏن تڪرارن کي طئي ڪرن بغير، حقيقت پسنديءَ ڪان ڪم وٺي هندستان سان ناهه ڪرڻ جي جستجو ڪري. پر انهيءَ ڳالهه سان به مسئلو حل نه ٿيندو. حقيقت پسنديءَ جي عذر هيٺ، پاڪستان اڳيئي هندستان جي هٿان قيمتي علائقن کان محروم ٿي چڪو آهي ۽ جيڪڏهن حقيقت پسنديءَ جو اهو اصول ڄمون ۽ ڪشمير جي معاملي ۾ به اختيار ڪيو ويو ته ان سان ملڪ جي وڏيڪ تخفيف ٿي ويندي. ان جو مطلب اهو ٿيندو ته رفته رفته شڪست ڪائيندي ڪائيندي ملڪ ئي ختم ٿي وڃي. ڪنهن تڪرار جي نبيري مان اسان جي مراد هڪ اهڙو حل آهي، جنهن سان ڄٽادار امن ميسر ٿئي. فقط منصفانه نبيري جي ذريعي ئي اهڙو باعزت امن حاصل ٿي سگهي ٿو، ۽ جيڪڏهن انهيءَ قسم جي امن جو حصول اسان جو بنيادي مقصد هوندو، جيئن اهو هئڻ گهرجي، ته اسان کي لازمي طور سوچڻو پوندو ته ان کي ڪهڙيءَ طرح حاصل ڪيو وڃي. ڇا، ان کي هندستان جي شرطن تي حاصل ڪري سگهجي ٿو ؟ يقينا نه. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هندستان جا شرط مڃيا وڃن ته پاڪستان ۾ زنده رهڻ جي به طاقت باقي نه رهندي. خراب ڪان خراب صورت ۾ پاڪستان لاءِ ڄمون ۽ ڪشمير تان دستبردار ٿيڻ جا نتيجا ڪهڙا ٿيندا؟ هيءُ ڳالهه واضح آهي ته انهيءَ قسم جو ناهه، هندستان جي بک کي اجا به وڏيڪ تيز ڪري ڇڏيندو، ختم نه ڪري سگهندو، ۽ هو پنهنجي وڌندڙ فوجي طاقت ۽ جوهري هٿيارن جي حصول جي امڪان جي بنياد انهن علائقن ۾ پاڪستان جي باقي ٻين حصن کي ضم ڪرڻ لاءِ فوجي اجتماع جا مرڪز بنائي ڇڏيندو.
ورهاڱي واري وقت، پاڪستان کي گورداسپور، فيروزپور ۽ پنجاب جي ڪن ٻين حصن، ۽ ايرندي حصي ۾ خاص طور آسام ۽ تريپوره جي ڪن قيمتي علائقن جو نقصان ٿيو. اهڙيءَ طرح امرتسر ضلعي ۾ مسلمان اڪثريت وارا علائقا لاهو ر ضلعي کان وٺي امر تسر جي پسگردائيءَ تائين ڦهليل هئا. اهي سڀ وسيع ۽ قيمتي علائقا ڌانڌلبازيءَ سان زبردستيءَ هندستان کي ڏنا ويا ته جيئن پاڪستان جي نقصان مان هندستان کي وڏيڪ طاقت حاصل ٿئي. اهي علائقا ملڪ جي اترئين حصي جا اناج گهر ۽ فوجي نقط نظر کان ڏاڍا اهم هئا. اهي هندستان کي ڏئي ڇڏڻ سان لاهور ۽ اولهه پاڪستان جي ٻين علائقن جو بچاءُ بري طرح خطري ۾ پئجي ويو آهي. انهيءَ وقت اهو دليل ڏنو ويو ته تقسيم ۽ انقلاب جي تبديلين کان ڪجهه اهڙيون بي ربط ڳالهيون پيدا ٿي پيئون آهن، جو هڪ لولي لنگڙي پاڪستان کي قبول ڪري ان جي استحڪام لاءِ ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ، انهن علائقن لاءِ وڙهڻ کان گهڻو بهتر آهي، جيڪي هڪ غير

منصفاڻہ غير ملڪي فيصلي جي ڪري اسان جي هٿن مان نڪري ويا آهن. جهونا ڳڙهه ۽ حيدرآباد تي هندستان جي قبضي، اهڙيون سياسي ۽ نفسياتي حالتون پيدا ڪيون، جيڪي ان لاءِ بي حد و حساب فائدن جو سبب بڻيون. هاڻي هو پنهنجي انهيءَ عقيدي تي سختيءَ سان ڄمي بيٺو تہ هو طاقت جي ڌمڪيءَ ۽ ان جي استعمال کي پنهنجي خارجہ پاليسيءَ جي هڪ سوچيل سمجهيل هٿيار طور ڪم آڻڻ سان پاڪستان کي پنهنجين سيني حڪمت عملين اڳيان گوڏن جهڪائڻ لاءِ مجبور ڪري سگهي ٿو. ڄمون ۽ ڪشمير جو تڪرار گذريل ويهن سالن کان وٺي هلندو پيو اچي ۽ هاڻي سوال هيءُ آهي تہ ڇا، پاڪستان ۾ ايتري طاقت ۽ ايترو استقلال آهي، جو هو انهن محڪوم ماڻهن جي حق جي حمايت ڪندو رهندو يا ٻاهرئين دٻاءَ آڏو ان جو دم خم جواب ڏيئي رهيو آهي؟ جڏهن اسان کي اهو ٻڌايو وڃي ٿو تہ هندستان ايڏو وڏو ملڪ آهي، جو ان جي مزاحمت ٿي نہ ٿي سگهي، ۽ اوپر پاڪستان جي ساڍن پنجن ڪروڙ انسانن کي پنهنجو پاڻ کي پنجاهہ لک ڪشميرين لاءِ قربان نہ ڪرڻ گهرجي، يا جڏهن چيو وڃي ٿو تہ اولهہ پاڪستان جي ماڻهن کي ڪشمير تي هندستان جي قبضي جي مزاحمت ڪري پنهنجي محدود ويڪرائيءَ واري علائقي کي فوجي يلغار جي زد ۾ نہ آڻڻ گهرجي، تڏهن ان مان قومي عزم جي ڪمزوريءَ جي خبر ملي ٿي.
تقابلي عددن جي دليل کي منطقي طور لغو ثابت ڪري سگهجي ٿو. اچو تہ فرض ڪريون تہ پاڪستان جي آبادي ڏهہ ڪروڙ آهي. ايڏي وڏي قوم هڪ علائقي ۽ ان سان تعلق رکندڙ آباديءَ کي هڪ غاصب کان آزاد ڪرائڻ جو خطرو کڻڻ لاءِ ڪڏهن تيار ٿيندي؟ ڇا، فقط ان وقت جڏهن اها آبادي، جنهن کي آزاد ڪرائڻو آهي، ڏهہ ڪروڙ ڏهہ لک ٿي ويندي؟ پر انهيءَ صورت ۾ اها آزاديءَ جي جنگ ڪانہ ٿيندي، بلڪ ان کي ملڪ گيري سڏيو ويندو يا ٻين لفظن ۾ اها هڪ بيئنڪي جنگ هوندي. هيءُ دليل تہ تعداد ۾ فرق بي عمليءَ کي جائز بنائي ڇڏي ٿو، واضح طور غلط آهي، ۽ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان اختلاف جي ڪيترن ئي ٻين سببن کي نظرانداز ڪري ٿو.
اسانجي ٻنهي ملڪن کي آخرڪار امن امان سان رهڻو آهي، پر ان وقت جڏهن باهمي تڪراءَ جو فيصلو ٿي وڃي. پر انهيءَ قسم جي باهمي بقا جو ان وقت تائين سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، جيستائين هندستان پنهنجين سيني اقليتن تي ثقافتي مذهبي ۽ لساني يڪسانيت زوريءَ مڙهڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهي. پاڪستان جي پنهنجي مفاد کان دستبرداري انهيءَ اختلاف کي طئي نہ ٿي ڪري سگهي. جيڪڏهن اسين پنهنجن ماڻهن ۽ علائقن لاءِ خطرو کڻڻ لاءِ تيار ناهيون، تہ پوءِ اسان کي پنهنجي هندستان سان لاڳو سرحد جي ڪاڌ کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي، جنهن مان هر هڪ ڪاڌ ايتريقدر معمولي هوندي جو ان جي مناسب جواب ڏيڻ لاءِ اها مجرڪ بنجي نہ سگهندي. سائنس وانگر بين الاقوامي سياست ۾ پڻ نام نهاد فهم وارو دليل هميشہ صحيح ڪو نہ هوندوآهي. سائنس ان وقت ترقي شروع ڪئي، جڏهن عام فهم جي " تجربي کان قبل" واري دليل کي تسليم ڪرڻ جي عادت ترڪ ڪئي ويئي. مثال طور گئليلو عام فهم

جي سيني قاعدن جي خلاف اهو ثابت ڪيو ته هلڪا ۽ وزندار جسم زمين تي ساڳيءَ رفتار سان ڪِرن ٿا. بين الاقوامي سياسيات ۾ ايڏا ته اسباب ڪارفرما هوندا آهن، جو ڪوئي مڪمل حل ڏاڍو مشڪل دستياب ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهڙيون تبديليون جيڪي انسانن سان تعلق رکن ٿيون، انساني فيصلن جي تابع هونديون آهن. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جڏهن فرانس جرمنيءَ جي قدمن هيٺان رڳڙجي ويو، تڏهن جيڪڏهن انگريز قوم عام فهم وارن دليلن جو احترام ڪندڙ هجي ها ته اها جرمن قوم جي اڳيان آڻ مڃي ها، پر چرچل ائين نه ڪيو. هن پنهنجي ملڪ ڪي رت، محنت، لڙڪن ۽ پگهر جي آڇ ڪئي، ۽ برطانيه جنگ کٽي ورتي.

هن حجت جي بنياد تي ته ڪنهن قوم جي علائقي جي هڪ حصي لاءِ سڄي قوم کي قربان نه ٿو ڪري سگهجي، هندستان کي علاقائي توسيع جي ذريعي ڪراچي ۽ سنڌ تي قبضي جمائڻ جي اجازت ڏئي سگهجي ٿي، ڇا، ملڪ جي باقي آباديءَ لاءِ هيءَ مصلحت انديش ڳالهه ٿيندي ته جيترو به ملڪ ان وٽ باقي رهجي ويو آهي، تنهن کي ڪراچي ۽ سنڌ جي هڪ ڪروڙ انسانن لاءِ قربان ڪري ڇڏجي؟ ان کان پوءِ بلوچستان جو وارو اچي سگهي ٿو، پوءِ وري اوپر ۽ اولهه پاڪستان جي باقي بچيل حصن جو، ۽ ان طرح پاڪستان جي تباهي قسطوار پوري ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن اهو منطق ڄمون ۽ ڪشمير لاءِ پيش ڪري سگهجي ٿو، جيڪي پاڪستان جي عوام لاءِ ملڪ جا اهڙائي حصا آهن، جهڙا راولپنڊي ۽ چٽاگانگ، ته اهوئي دليل ملڪ جي باقي ٻين علائقن جي متعلق پڻ ڪم آڻي سگهجي ٿو. زير بحث مسئلو پيچيده ناهي، ۽ نه اسان کي ان کي پيچيده بنجڻ جي اجازت ڏيڻ گهرجي. هندستان وڏيڪ وڏو ملڪ آهي. پر اهو پاڻ هوش اڏائيندڙ مسئلن ۾ پڻ وڪوڙيو پيو آهي. اسين جيتوڻيڪ ان جي مقابلي ۾ هڪ ننڍي ملڪ جا رهاڪو آهيون، تڏهن به اسان جي هٿ ۾ هڪ حق بجانب مقصد جو هڪ موثر ۽ مضبوط هٿيار آهي. تخمينو لڳايو وڃي ته اسان جون قوتون ۽ ڪمزوريون ذري گهٽ هڪ جهڙيون آهن، پر جيڪڏهن ڪجهه فرق آهي به، ته اهو پاڪستان جي حق ۾ آهي.

هن ڳالهه جو امڪان گهٽ آهي ته ننڍو ڪنڊ هڪ دفعو ٻيهر رت ۾ غسل ڪندو. داخلي ۽ خارجي حالتون ان جي اجازت نه ٿيون ڏين. پر ان جو هيءُ مطلب ڪونهي ته اسين قربانين ڏيڻ لاءِ تيار نه رهون. ڄمون ۽ ڪشمير جي مسئلي جي حل ٿيڻ کان سواءِ به اتي هر روز رت وهايو پيو وڃي. جنگبنديءَ جون ڇڪڙيون ٿينديون رهن ٿيون. هندستان جي اڀرندي حصي ۾ مسلمانن کي اذيتون ڏنيون پيئون وڃن ۽ انهن کي اتان ڪڍيو پيو وڃي. ماڻهو تاشقند واري معاهدي ۽ اقوام متحده جي باوجود، ناحق مصيبتون سهي ۽ مري رهيا آهن.

هندستان، ڄمون ۽ ڪشمير جو ڇو طلبگار آهي؟ هن ان کي هن ڪري گرفت ۾ وٺي سو گهو ڪيو آهي، جو ڪشمير جي ماتري پاڪستان جي بدن جو خوبصورت مٿو آهي. ان تي قبضو، ڪيس اولهه پاڪستان جي معيشت کي مفلوج ڪرڻ ۽ ان تي فوجي بالادستي قائم رکڻ جو موقعو ڏئي ٿو. هندستان ڄمون ۽ ڪشمير تي هن ڪري قبضو

ڄمائي وينو آهي، جو اهو سوويت روس ۽ چين سان مشترڪ سرحدون رکي، ۽ پاڪستان کي انهن کان محروم ڪري، پنهنجي جنگي اهميت ۾ اضافي جو طلبگار آهي. سيني کان وڌيڪ ڳالهه هيءَ آهي ته هو سيني اخلاقي اصولن جي خلاف ان تي هن ڪري قبضو ڄمائي وينو آهي. جو هن ٻن — قومي نظريي جي نفي ڪرڻ چاهي ٿو، جيڪي پاڪستان جو بنياد آهي. جيڪڏهن مسلم اڪثريت وارو هڪ علائقو هندستان سان گڏ رهي سگهي ٿو ته پاڪستان جي وجود جو جواز باقي نه ٿو رهي. اهي سبب آهن جو هندستان، ڄمون ۽ ڪشمير تي پنهنجو تسلط ڄمائي رکڻ لاءِ بين الاقوامي راءِ عامه کي نظرانداز، ۽ پنهنجن وعدن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو. پاڪستان کي انهن محڪوم ماڻهن جي خود ارادیت جي حق لاءِ پنهنجي جدوجهد کي گهٽائڻ کان سواءِ جاري رکڻ گهرجي. ڄمون ۽ ڪشمير کان سواءِ پاڪستان علائقائي ۽ نظرياتي طور پڻ نامڪمل آهي. انهن علائقن کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، ڇڻ ته پاڪستان کي سندس مٿو واپس ملي ويندو ۽ اهو يڪجا، وڌيڪ مضبوط ۽ زياده مقتدر بنجي پوندو. جيڪڏهن پاڪستان ٿڪجي يا خوفزاده ٿي انهيءَ جدوجهد کي ترڪ ڪري ڇڏيو ته نتيجو ان لاءِ موتمار ثابت ٿيندو، ۽ جيڪڏهن ڪنهن غلط قسم جو ناهه ڪيو ويو ته اهو جدوجهد کي ترڪ ڪرڻ جي برابر ٿيندو، جنهن کان پوءِ شايد خود پاڪستان به ڊهي پوي. جيڪڏهن اسان هندستان سان تڪرارن جي منصفانه نبيري ڪرڻ کان سواءِ ئي پر سڪون تعلقات قائم رکڻ جو ناهه ڪري ڇڏيون ته خود پنهنجن علائقن ۾ هندستان جي قيادت کي تسليم ڪرڻ ڏانهن اهو پهريون وڏو قدم ٿيندو، جنهن کان پاڪستان ۽ ٻيا پاڙيسري ملڪ هندستان جا طفيلي بنجي پوندا.

اسان کي پنهنجي ٻارهن ڪروڙن کان وڌيڪ آباديءَ واري ملڪ جي جدا حيثيت قائم ڪرڻ ۾ ويهه سال لڳي ويا آهن ۽ ان لاءِ ٻه جنگيون پڻ سهٽيون پيئون آهن. پوءِ به اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي اجا تائين ملڪ جي ورهاڱي تي افسوس ڪري رهيا آهن ۽ پاڪستان کي هڪ اهڙي ناخلف پٽ سان مشابهت ڏين ٿا، جيڪو ڪنهن ڏينهن وري ڀارت ماتا جي آغوش ۾ هليو ويندو. سيپٽمبر 1965ع واريءَ جنگ کان پوءِ کان وٺي يا ته ٻاهرئين اثر جي ڪري يا پنهنجي تجربي جي آڌار تي هندستان پاڪستان سان تعاون جي موضوع تي ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون آهن. هو پنهنجي داءَ جي انهيءَ تبديليءَ مان ڪهڙو فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ؟ پنهنجي ڀارتي دفاعي خرچن ۾ ڪميءَ جي ذريعي پنهنجي اقتصادي حالت کي بهتر بنائڻ ۽ ڪانئس انحراف ڪندڙ عناصر کان سختيءَ سان حساب چڪائڻ لاءِ ساهي پٽڻ جي مهلت لاءِ - هو ناگا ۽ ميزو قبائل کي، جيڪي اوپر پاڪستان جي سرحد کي گهٽا ويجها آهن، چِٿڻ چاهي ٿو، ڏکڻ هندستان ۽ سِکن کي دٻائڻ چاهي ٿو، راجپوتانا ۾ بي اطمينانيءَ جي چيزن کي پرڻ چاهي ٿو ۽ ڇهن ڪروڙن هندستاني مسلمانن جي جذبي کي ختم ڪرڻ چاهي ٿو.

اڪثر چيو ويو آهي ته جيڪڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي تعلقات ۾ محاذ آرائي جاري رهي ته هندستاني مسلمانن جو مستقبل خطري ۾ پئجي ويندو. اهو دليل پاڪستان تي

ناجائز دٻاءُ وجهڻ ۽ هندستان مسلمانن کي هندستان جي جارحيت ۽ اقتدار جي واڌاري جي حڪمت عمليءَ ۾ يرغمال طور مستقل خوف ۾ مبتلا رکڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ مسئلي جو ذره گهرو مطالعو هيءَ ڳالهه ظاهر ڪري ٿو ته ان جي ابتڙ صورتحال حقيقت کي زياده ويجهي آهي. هڪ مضبوط ۽ اولوالعزم پاڪستان، جيڪو پنهنجن جائز حقن مان واريءَ جي هڪ ذري جيترو حق به ڇڏڻ لاءِ تيار نه هجي، سو سندن تحفظ جو بهترين ضامن آهي. ننڍي کنڊ جي مسلمانن پنهنجي مرضيءَ سان پاڪستان جي حق ۾ ووٽ ڏنو هو. تقسيم جي فائدي ۾ ڀاري ووٽ انهن ماڻهن به، جن کي هندستان ۾ رهڻو هو، اهڙيءَ طرح ڏنا، جهڙيءَ طرح انهن علائقن جي ماڻهن، جيڪي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ وارا هئا. جناح تي مسلمانن جو اعتماد ان وقت عروج جي نقطي تي پهتو، جڏهن هن ٻن قومن واري نظريي سان هندو ليڊرن جو مقابلو ڪيو. هندستان ملڪ جي ورهاڱي کان هڪدم پوءِ پنهنجن مسلمان شهرين تي غصو ڇنڊڻ شروع ڪيو، ۽ اهو فقط ان وقت، جڏهن ان کي يقين ٿي ويو ته هڪ ڪمزور ۽ غير مستحڪم پاڪستان جوابي ڪارروائي نه ڪري سگهندو. هن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ شبهو ڪونهي ته پاڪستان ڪمزور ٿي هندستان جي پنهنجن مسلمانن جي خلاف وڌيڪ امتياز اختيار ڪرڻ جي همت افزائي ڪندو. ان جي ابتڙ، هڪ مضبوط ترين ضمانت آهي، ڇاڪاڻ ته هندستان هڪ مستعد ۽ زورآور پاڪستان کي اشتعال ڏيارڻ کان هٻڪندو. اها ڪافي محض اتفاقي ڳالهه ڪانهي ته آزاديءَ جي حصول کان ويهه سال پوءِ، جڏهن محاذ آرائي پنهنجي عروج تي آهي، هندستان جنگ جي هڪ نتيجي طور ٻيهريون دفعو هڪ مسلمان کي پنهنجو صدر مملڪت منتخب ڪيو آهي. پر جيڪڏهن پاڪستان جي خود مختار رياست ڪمزور ٿي ويئي ته هندستاني حڪومت سمجهندي ته هاڻي ڪيس پنهنجين اقليتن سان مرضيءَ مطابق هلت ڪرڻ جي آزادي ملي ويئي آهي. اهڙي صورت ۾ هندستاني مسلمانن کي شديد نقصان پهچندو. پر فوري طور ۽ سڀ کان وڌيڪ بدسلوڪيءَ جو نشانو ڄمون ۽ ڪشمير جا مسلمان ٿيندا. جيئن ئي هندستان سان تڪرارن جي نبيري کان سواءِ تعاون شروع ٿيندو، ته ڪشمير جا ماڻهو قدرتي طور هيءُ نتيجو ڪڍندا ته پاڪستان کين ڇڏي ڏنو آهي ۽ انهن لاءِ هندستاني اڳرائيءَ آڏو گوڏو جهڪائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو نه رهيو آهي. جيڪڏهن پاڪستان هڪ خود مختار ۽ پوريءَ طرح سان مسلح مملڪت هوندي به، پنهنجي مزاحمت جي قوت ختم ڪري ڇڏي، ته ڄمون ۽ ڪشمير جي ٻي هٿيار ماڻهن کان ڪهڙيءَ طرح مزاحمت جي اميد رکي سگهجي ٿي؟ پاڪستان جي جهڪي پوڻ کان پوءِ هندستان سمجهندو ته ان کي سڪم ۽ ڀوٽان جي هماليائي رياستن کي قابو ۾ آڻڻ جي آزادي ملي ويئي آهي ۽ پوءِ هو نيپال ۽ سري لنڪا تي پڻ پنهنجو دٻاءُ وجهندو. ننڍي کنڊ تي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين پنهنجي قيادت کي مڙهي، هندستان پوءِ اها ڪوشش ڪندو ته هو هميشه لاءِ مسلمانن جي خود ارادي واري حق جي تحريڪ جي امڪان کي ئي ختم ڪري ڇڏي.

جڏهن پاڪستان غير مساوي ۽ اطاعت گذار بنيادن تي تعاون ڪرڻ شروع ڪندو، تڏهن هندستان سپ کان اڳ ۾ پنهنجوڊيان اوڀر پاڪستان جي زرخيز علائقن طرف ڦيرائيندو، جنهن کي هو پروپيگنڊا جو نشانو ۽ اقتصادي ۽ ثقافتي حملن جو شڪار بنائيندو. هندستان ڪوشش ڪندو ته هو اوڀر پاڪستان کي ڌمڪائي، برغلائي ۽ پنهنجي خفيہ ثقافتي اثر ۽ ويجهڙائيءَ جي مجرد دباءُ سان اولهہ بينگال ۾ سمائي ڇڏي.
هندستاني پرچار جو موجوده راڳ هيءُ آهي ته اولهہ پاڪستان جي پنج سئو پنجاسي لک آباديءَ کي جمون ۽ ڪشمير جي پنجاهه لک باشندن خاطر پنهنجي مستقبل کي قربان ڪري استحصال جو شڪار بنجڻ نہ گهرجي، جيڪي اوڀر پاڪستان جي ماڻهن کي اوترائي ويجها يا ڪانئن بيگانا آهن، جيترا ايران جا ماڻهو- جيڪڏهن ڪشمير کي سڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته پوءِ اوڀر پاڪستان وارن کي صلاح ڏيندو ته اهي اولهہ پاڪستان جي ماڻهن سان پنهنجو واسطو اهڙو ئي گهٽ سمجهن، جهڙو ڪشمير جي ماڻهن سان. اوڀر پاڪستان جي ماڻهن نالي مسلسل اپيلون جاري ڪيون ويندريون تہ اهي اولهہ پاڪستان جي تسلط کان نجات حاصل ڪري وٺن. اولهہ پاڪستان ۾ اهڙا اثر ۽ رسوخ وارا ماڻهو ڳولي ڪڍيا ويندا، جيڪي اوڀر پاڪستان جي علحدگيءَ جي فائدي ۾ دليل ڏيندا. انهيءَ قسم جي اشتعال ڦهلائڻ وارا ڪاراوا، جيڪي هر ملڪ ۾ دستياب ٿي سگهندا آهن، هن طرح جو پرچار ڪندا تہ اوڀر پاڪستان تي اولهہ پاڪستان ”هڪ بار“ آهي ۽ ان جيڪا ”بلئنڪ ميل“ لڳائي رکي آهي، تنهن کي هميشہ واسطي ختم ڪرڻ لاءِ هاڻي قطعي طور علحدگيءَ جو رستو اختيار ڪيو وڃي. جيڪڏهن هڪ دفعو جمون ۽ ڪشمير کي آزاد ڪرائڻ جو قومي عزم ٽٽي پيو تہ ملڪ جي ٻنهي بازن ۾ انهن جي رابطي کي ٽوڙڻ لاءِ تخريب ڪاريءَ جي مهم تيز ٿي ويندي. جيڪڏهن ان طرح سان پاڪستان تقسيم ٿي ويو تہ ٻنهي بازن جي اهميت هڪدم گهٽجي اڌو اڌ رهجي ويندي ۽ ننڍي ڪنڊ ۾ طاقت جي ٻن عظيم الشان ٿنڀن هئڻ بجاءِ، پاڪستان ٻن ڪمزور رياستن ۾ ورهائجي ويندو. انتشار جو عمل ان وقت تائين جاري رهندو، جيستائين اوڀر پاڪستان اولهہ بينگال ۾ جذب نہ ٿي وڃي ۽ ان مان اولهہ پاڪستان ۾ علحدگي پسند تحريڪن جي همت افزائي ٿيندي[(1)].
هندستان پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جي عمل کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام رهيو. آزادي حاصل ٿيڻ کان پوءِ هن اسان جي خلاف اقتصادي ناڪهہ بندي اسان جي معيشت کي تباهہ ڪرڻ لاءِ عايد ڪئي. هي چال نہ فقط اسان کي تباهہ نہ ڪري سگهي، بلڪ درحقيقت ان اسان کي تقويت پهچائي. سيپٽمبر1965ع واريءَ جنگ هندستان کي يقين ڏياري ڇڏيو آهي تہ اهو محاذ آرائي ذريعي پاڪستان کي تباهہ نہ ٿو ڪري سگهي. ان ڪري هاڻي ان جي پاليسي مقابلي کان تعاون جي طرف منتقل ٿيندي، يعني ”تاشقند جذبي جي طرف.“ هو هاڻي پاڪستان کي امن پسند تعاون جي ترغيبن جي آڇ ذريعي پنهنجي طفيلي بنائڻ جي ڪوشش ڪندو. اها وڏيڪ نازڪ تدبير آهي. ڪوئي هوشمند انسان ان تي ڪهڙيءَ طرح اعتراض ڪري سگهي ٿو؟ دوستيءَ جي

وڏايل هٿ کي نظرانداز ڪرڻ نامعقول معلوم ٿئي ٿو. پر هندستان هڪ ڪاٺ هٽندڙ وانگر چور دروازي کان داخل ٿيڻ جي نيت ڪري وينو آهي. انهيءَ قدم ۾ هن جي ٻاهرين طاقتن جي طرفان مدد ۽ اڪانت ٿيندي. هندستان جي پاڪستان کي هضم ڪرڻ جي مقصد ۽ آمريڪا جي پنهنجي مقصد جي درميان فرق جو نقطو ان وقت نمودار ٿي وڃي ٿو، جڏهن آمريڪا چين جي خلاف جارحانه مقابلي تي اصرار ڪري ٿو. هندستان جي پنهنجي ڪوشش جو رخ پاڪستان کي تابعدار بنائڻ طرف هوندو، نه پنهنجي عظمت ۾ واڌاري لاءِ چين جي چوگرد اشتعال انگيز گهيري وجهڻ لاءِ. پاڪستان جي اطاعت حاصل ڪرڻ جي هندستاني ۽ آمريڪي مقصدن ۾ هڪ مشترڪ غرض آهي، پر هڪ ٻي غرض جي سلسلي ۾ انهن جي درميان اختلاف آهي. جيڪڏهن پاڪستان صورتحال جو صحيح اندازو ڪري ته هو انهن ٻنهي غرضن جي باهمي نفي ڪرائي سگهي ٿو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن پاڪستان گوڏا ٽيڪيا، ته نتيجي طور هندستان ۽ آمريڪا جي درميان تعاون وڌي ويندو ۽ ان مان تضاد ختم ٿي ويندا- گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان کي هندستان جو جلديءَ سان تابعدار بنائڻ جي حد تائين.

ان طرح هندستان مشترڪ منصوبن جو خير مقدم ڪندو، ۽ ان هوندي به انهن کي قبول ڪرڻ کان ڪيٻائيندو. هو انهن تجويزن جو پاڪستان کي جذب ڪرڻ خاطر خيرمقدم ڪندو، پر جيڪڏهن مقصد چين جي خلاف صف آرائيءَ ۾ تعاون حاصل ڪرڻ ٿيو ته هبڪندو. تاريخ ۾ اهڙن ملڪن جي درميان، جن جي علاقائي ۽ ٻين بنيادي تڪرارن جو نبيرو ٿيل نه هجي، ڪامياب اقتصادي رٿائن جو مثال نه ٿو ملي. هيءَ اهڙي ئي ڳالهه آهي، جيئن متحده عرب جمهوريه يا شام کي چيو وڃي ته اهي پنهنجي علائقي ۾ اسرائيل سان مشترڪ منصوبن جي تعميل ۾ شريڪ ٿين. ان جي ابتڙ، ڪن غيرملڪي ماهرن هڪ طرف ته چيو آهي ته پاڪستان ۾ ٻه مختلف معيشتون آهن، ته ٻئي طرف هي اصرار ڪيو اٿن ته اوڀر پاڪستان ۽ اولهه پاڪستان جي معيشتن جو هڪٻئي تي انحصار آهي. گويا، داخلي طور ته هڪ قوم جي حيثيت ۾ پاڪستان جون ٻه معيشتون آهن، پر خارجي طور ان جي اپرندي بازوءَ جي هندستان جي هڪ حصي سان هڪ ناقابل ِ تقسيم معيشت آهي ! تڪرارن جي نبيري کان سواءِ، ۽ ملڪ جي اقتدار اعليٰ جي حقن کي مڪمل طور نظر انداز ڪري عالمي بئنڪ پنهنجي مرضيءَ سان گنگانديءَ جي پاڻيءَ جي استعمال جو هڪ حل مڙهڻ چاهي ٿي. اها ٻنهي ملڪن جي درميان تعاون اوڀر پاڪستان ۽ اولهه بينگال جي وچ ۾ درياهي پاڻيءَ ۾ پائيواريءَ جي ذريعي ڪرائڻ چاهي ٿي. سنڌو ماتر واري ناهه جو مثال هتي صادق نه ٿو اچي. انهيءَ معاهدي جو مقصد هيءُ هو ته هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ پاڻي اهڙيءَ طرح ورهايو وڃي جو باهمي انحصار ۾ ڪمي اچي. اوڀر پاڪستان جي حالت ۾ هڪ اهڙي حل مڙهڻ جون ڪوششون ڪيون پيئون وڃن، جو اوڀر پاڪستان کي اولهه بينگال جو محتاج بنائي ڇڏيندو. انهيءَ قسم جو حل پاڪستان کي اولهه بينگال جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏيندو، جنهن مان اڻٽر ۽ تباهڪن نتيجا نڪرندا. انهيءَ مثال جي مطابق وري

بجليءَ جا منصوبا باهمي اشتراڪ ڪرڻ لاءِ سامهون ايندا، جيڪي اڳتي هلي زراعت ۽ صنعت ۾ تعاون تائين وڃي پهچندا. هٿياربند فوجن ۾ ڪميءَ جي تجويز تي هن کان اڳي خيال جو اظهار ٿي چڪو آهي، پر ان صورت ۾ به انهن سيني خامين کان قطع نظر، جن تي بحث ٿي چڪو آهي، هندستان انهيءَ قسم جي معاهدي ۾ هميشه چين جي خطري تي مبالغه آرائيءَ جي ذريعي آمريڪا جي ملتِ سان معاهدي کان ڪترائي پنهنجو ڪم ڪڍي سگهي ٿو. جيڪڏهن اهو ڪم مشڪل ٿي پيو ته ڪوشش ڪئي ويندي ته هندستان کي طفيلي ملڪن کان هٿيار فراهم ڪرايا وڃن ته جيئن معاهدو ان سان لاڳو نه ٿي سگهي.

-------

# باب ويهون
# پڇاڙي

دنيا ۾ ڪو به ملڪ، هن دائمي انديشي جي پيش نظر ته جوهري هٿيارن جو استعمال اهڙي پئماني تي ٿي سگهي ٿو، جو زمين جي گولي تي زندگيءَ جو سراسر خاتمو ٿي وڃي، عالمي سطح تي هٿيارن ۾ تخفيف آڻڻ جي اصول جي مخالفت نه ٿو ڪري سگهي. جڏهن دنيا ۾ هر هنڌ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي حالات کي بهتر بنائڻ جا آرزو مند هجن ته ڪنهن هڪ قوم کي هي حق نه ٿو پهچي ته اها دستياب وسيلن کي بچاءَ جي بدران اقتصادي اوسر لاءِ استعمال ڪرڻ جي مطالبي جي مخالفت ڪري. ان جي باوجود، ان جي اثرائتي ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته هٿيارن جي تخفيف گهڻ- طرفي ۽ عالمي بنياد تي هجي ته جيئن ڪنهن هڪ قوم کي ٻيءَ قوم جي مٿان يا قومن جي هڪ گروهه کي قومن جي ٻئي گروهه برتري حاصل نه ٿئي. پر هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هٿيارن جي تخفيف جي تجويز ۾ عدل ۽ انصاف جو شائبو به ڪونهي. هندستان، جمون ۽ ڪشمير تي اوپر ۾ سندس علائقي ۾ قاتل انهن ٽڪرن (enclaves)تي، جيڪي پاڪستان جا علائقا آهن، قابض آهي. انهن حالتن ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي درميان هٿيارن جي ٻه- طرفي تخفيف جو مطلب انهيءَ ملڪ جي فتح آهي، جيڪو تڪراري علائقي تي قابض آهي ۽ انهيءَ ملڪ جي شڪست، جنهن جا علائقا ان کان کسجي ويا آهن.

اسان کي انهيءَ زبردست امداد کان حوصلو هارڻ نه گهرجي، جيڪا هندستان کي ملي رهي آهي. هندستان پاڻ ئي پاڪستان جي لاءِ هڪ خطرو آهي ۽ طاقتور ٻاهرين طاقتن کان مدد حاصل ڪري هو اجا به وڌيڪ وڏو خطرو بنجي پوندو. پر اهو خطرو ڪيترو به وڏو ڇو نه هجي، هڪ اهڙي متحده قوم جي عزم کي ٽوڙي نه ٿو سگهي، جنهن جو مقصد حق بجانب هجي. موجوده صورتحال هميشه لاءِ هلي نه ٿي سگهي. عالمي طاقتن جا انداز، جيئن اسان ڏٺو آهي، بدلجي به سگهندا آهن. بين الاقوامي معاملن ۾ ”ناقابل تعمير مستقل“ جهڙي ڪا به شئي ڪانهي. اهوئي سبب آهي، جو جڏهن هندستان آمريڪا ۽ چين جي درميان ناهه نوهه جي لاڳاپن بابت ڪجهه به ٻڌندو آهي، تڏهن خودفزده ٿي ويندو آهي. وقت گذرڻ سان، جيڪڏهن ڪنهن مهل آمريڪا ۽ چين ۾، يا چين ۽ سوويت روس ۾ باهمي بقا جو ڪوئي طريقو عمل ۾ اچي ويو ته ان وقت هندستان پاڻ کي اڪيلو ڏسندو. ويٽ نام جي جنگ فيصلہ ڪن اهميت جي حامل آهي. هن ننڍي کنڊ، ۽ مجموعي طور سڄي ايشيا جي مستقبل تي ان جا سڌيءَ طرح سان اثر مرتب ٿيندا. خدا ڪري اها جنگ نه ڦهلجي، ۽ اسان کي پنهنجن مسئلن کي اطمينان بخش طور حل ڪرڻ جي فرصت ملي وڃي. آمريڪا ۽ چين جي درميان ويٽ نام تي وڌندڙ مقابلو پهرين نظر ۾ پاڪستان تي ناموافق اثر وجهندڙ نظر اچي رهيو آهي، پر وڌيڪ ويجهڙائي کان مشاهدو انهيءَ وهم کي دور ڪري ڇڏي ٿو. اسان وڌندڙ دٻاءُ سان منهن

ڏيڻ لاءِ ويٽ نام جي صورتحال مان فائدو پرائي سگهون ٿا، بشرطيڪ اسان انهن دٻائن جو مقابلو ڪريون، جيڪي اسان کي اڳي کان ئي محسوس ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن اها جنگ تسلي  بخش نموني ۾ ختم ٿي ويئي، ته شايد ان مان آمريڪا ۽ چين جي درميان ڪشيدگيون به ختم ٿي سگهن، جنهن مان پاڪستان کي فائدو ٿيندو. جيڪڏهن جنگ جاري رهي ته امڪان آهي ته آمريڪا ان ۾ اهڙي بريءَ طرح سان ڦاسي پوي، جو اها وري پاڪستان تي ڪو به دٻاءُ نه وجهي سگهندي، ۽ نه اها موجوده حالتن ۾ ايشيا جي اندر هڪ ٻئي سنگين بحران کي وجود ۾ آڻڻ جي خواهشمند هوندي.

بهرحال، آمريڪا پنهجن شرطن کي مڙهڻ جي اهليت رکندي هجي يا نه رکندي هجي، هن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه هئڻ گهرجي، ته پاڪستان پنهنجا قدم ڄمائي رکندو. سيني مڪروهه قسمن جي شرطن کي ٺڪرائي ڇڏيندو ۽ اولوالعزميءَ سان غير ملڪي مداخلت جو مقابلو ڪندو. ڪيس هندستان سان مقابلو ان وقت تائين جاري رکڻ گهرجي، جيستائين علاقائيءَ انهن بنيادي تڪرارن جو، جيڪي اولهه ۽ اوڀر پاڪستان تي اثر ٿين ٿا، اطمينان بخش نبيرو نه ٿي وڃي.

ان جي باوجود هي نتيجو ڪڍڻ غلط نه ٿيندو ته پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ هندستان سان تعاون نه ٿو ڪرڻ چاهي. جاگرافيائي، تاريخ ۽ ثقافتي ڳانڍاپڻ کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. دور دراز ۽ پاڙيسري ملڪن سان تعلقات کي يڪسان طور بهتر بنائڻ جي اسان جي دلي خواهش جي مدنظر هندستان سان تعلقات کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ قدرتي ڳالهه ٿيندي، پر تعاون نتيجهه خيز هئڻ لاءِ لازمي طور اهڙين قومن جي درميان حقيقي برابريءَ جي بنيادن تي هئڻ گهرجن، جن جي وچ ۾ نه هڪٻئي جي خلاف ڪي تعصب هجن ۽ نه علاقائي يا بنيادي تڪرار. تعاون ۽ ناانصافي گڏجي قائم نه ٿا رهي سگهن، ڇا برطانيه لاءِ آزاديءَ کان اڳ ۾ عدم مساوات ۽ تسلط جي بنيادن تي هندستان سان تعاون ممڪن ٿئي ها؟ يا استعماري حالتن جي موجودگيءَ ۾، ڇا فرانس الجزائر سان تعاون ڪري سگهيو ٿي؟ جڏهن هندستان اشتراڪ ِ عمل جي ڳالهه ڪري ٿو ته ان جي ذهن ۾ حقيقي تعاون جو تصور ڪو نه هوندو آهي. هو تعاون جي نعري کي اهڙي پروپئگنڊا طور استعمال ڪندو آهي، جنهن سان هو عالمي راءِ عامه برغلائي ۽ پاڪستان کي دوکو ڏيئي سگهي.

ڇا هندستان سان اسان جو جهڳڙو ابدي آهي؟ ابدي جهڳڙن جو ڪو وجود ڪونهي، پر ابدي مفاد هوندا آهن. پاڪستان پنهنجي اصل مفادن کي فقط ان طرح محفوظ رکي سگهي ٿو، ته هو هندستان سان ان وقت تائين مقابلو قائم رکي، جيستائين سڀ تنازعا منصفانه طور حل نه ٿي وڃن. هيءَ ڳالهه پاڪستانين لاءِ عقيدي جو هڪ جز آهي ته اهو ڏينهن ايندو، جڏهن جمون ۽ ڪشمير جو عوام پنهنجي تقدير پاڪستان سان وابسته ڪندو ۽ اهو ڏينهن پڻ ايندو، جڏهن هندستان سان پاڪستان جي باقي بنيادي تڪرارن جو، جيڪي ان جي ايرندي علائقي کي متاثر ڪن ٿا، منصفانه حل نڪري ايندو. پاڪستاني عوام هندستان سان اهڙا تعلقات رکڻ چاهين ٿا، جيڪي مونجهارن کان

پاڪ هجن. تقابل ڪي، جنهن جو مطلب نہ جنگ آهي ۽ نہ امن، بچاءَ جي هڪ تدبير طور جاري رکڻ ان وقت تائين ضروري آهي، جيستائين هندستان پاڪستان سان سڀني اهم تڪرارن کي طئي شده بين الاقوامي حقائق ۽ مساوات جي جذبي سان حل ڪرڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪري. هندستان هڪ عظيم طاقت ناهي. ان جا پاڪستان سان علاقائي ۽ ٻيا جهڳڙا آهن، ۽ اهو پاڪستان کي ختم ڪرڻ جي پنيان پيل آهي، پر چين جي گهيراءَ جو هو خواهان ناهي- يعني جيستائين اها ڳالهہ سندس پنهنجن مطالبن جي موافق نہ هجي-ان ڪري هندستان جي خلاف محاذ آرائي لازمي ۽ اٽٽر آهي ۽ في الحال هندي پاڪستاني جهڳڙن جي نبيري جي سوال جو فقط اهوئي جواب آهي، جهڙو هاڻي نندي کنڊ جي ٻنهي ملڪن جي درميان جٽادار امن جو پڻ اهوئي واحد ذريعو آهي. هيءَ غير مساوي طاقتن جي درميان جدوجهد ناهي، جو ڪنهن عظيم يا عالمي طاقت سان تقابل جي صورت ۾ هجي ها. بيشڪ ڪنهن حد تائين بساط ۾ فرق آهي، پر اهو فرق مطلق ناهي. ان کان علاوه انهيءَ اضافي فرق جو علاج هنن اسبابن مان ٿي وڃي ٿو: پاڪستان جي مقصد جو انصاف، پاڪستان عوام جو جذبو، جمون ۽ ڪشمير جي ماڻهن جو اشتراڪ ِ عمل، جيڪي سندن زر زمين تي هندستاني قبضي کان سخت ناخوش آهن ۽ جيڪي پاڪستان جي وڏي برابريءَ ۾ شموليت جي خواهش رکن ٿا ۽ اها بي حد ۽ بي انتها حمايت جيڪا پاڪستان کي عوامي جمهوريہ چين سميت ٻين ملڪن کان ملي آهي. پاڪستان ۽ هندستان جي باهمي محاذ آرائيءَ جون پاڙون اسان جي تاريخ ۾ پري پري تائين هيٺ پهتل آهن ۽ ان جي مخالفت ڪي، چاهي اها ڪيتري بہ ڀاري هجي، ان وقت تائين جاري رهڻو پوندو، جيستائين انصاف جي تقاضا پوري نہ ٿي ٿئي. اهو امن، جنهن کان نندي کنڊ جا سٺ ڪروڙ انسان صدين کان محروم آهن، انهيءَ صورت ۾ دوباره حاصل ٿي سگهي ٿو، جڏهن جهڳڙن جو نبيرو ٿي وڃي. اهو امن، جيڪو غربت، جهالت ۽ بيماريءَ جي خاتمي لاءِ بيحد ضروري آهي، پنهنجي جائز حقن کان دستبردار ٿيڻ سان نہ، بلڪ انهن حقن کي حاصل ڪرڻ سان ئي ميسر اچي سگهندو. محاذ آرائي جي حڪمت عملي جنگبازي نہ آهي، بلڪ حقيقت ۾ اڪثر وقتن تي ان جي اثر کان مادي جنگ جي روڪٿام ٿي ويندي آهي. اهو واحد ڄاتل سڃاتل ذريعو، جنهن سان ڪائي قوم فوجي ٽڪراءَ کان پهلو بچائي سگهي ٿي، مڪمل تياريءَ جو آهي، ۽ نہ فقط فوجي تياريءَ جو.

ايشيا، جيئن تہ هڪ وڏي انقلاب جي لپيٽ ۾ آهي، انڪري مقامي هيجانن ۾ ڦيرن گهيرن جي توقع رکي سگهجي ٿي. ايشيائي ملڪن جي رهنمائن کي انقلاب سان زندگي بسر ڪرڻ جو سليقو سکڻ گهرجي ۽ اهو ڄاڻڻ کپي تہ هاڻي حالتون پنئين طرف نہ موٽي سگهنديون ۽ نہ انهن کي ڪنهن بہ قيمت تي جيئن جو تيئن قائم رکي سگهبو. جيڪڏهن اهي انقلاب جي طوفان کي سهڻ جي لائق نہ آهن تہ انهن کي رهنمائيءَ جو ڪو بہ حق نہ ٿي پهچي. ٿي سگهي ٿو تہ فقط متضاد مفادن جي ٽڪراءَ کان ئي ايشيا ۾ آخري نبيري واري صورت اپري ۽ ڪنهن طرح جو امن ميسر اچي

وجي. باهمي تقابل کان باهمي تعاون تائين هڪ مشڪل ۽ ڏکو رستو طئي ڪرڻو پوندو.

ننڍين قومن هميشہ پنهنجي آزاديءَ لاءِ زياده طاقتور قومن جي خلاف جدوجهد ڪئي آهي. انسانيت جي سڄي تاريخ استحصال ۽ تسلط جي خلاف، مغلوب جي جدوجهد داستان آهي. پاڪستان جي هلندڙ دؤر جي تاريخ بہ انهيءَ قسم جي جدوجهد جي هڪ مثال کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي. آزاديءَ کان اڳ واري جدوجهد هڪ اجنبي نسلي تسلط جي خلاف هئي. اڄ اها جدوجهد آزاديءَ جي تحفظ لاءِ آهي. زماني جي گردش اسان کي وري انهيءَ پراڻي خطري سان دوچار ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اسان ڪا محڪوم قوم ناهيون. اسان جي اندر هڪ خود مختار قوم جون خصوصيتون ۽ آزاد رهڻ جو عزم موجود آهي. جيتوڻيڪ امن اسان جو نصب العين آهي، پر پنهنجي حقن جو بچاءُ اسان پاڪستانين جو بدستور وڏي کان وڏو مقصد ۽ وڏي ۾ وڏي مدعا رهندي.

---

(1) جناب ڀٽو صاحب مٿئين پئرا ۾ جيڪي 1969ع ۾ اڳڪٿيون ڪيون هيون، سي سڀ هڪ ٻن سالن اندر ئي حرف بحرف صحيح ثابت ٿيون. (مترجم)